لوک کھاٹیون - ۲

(بادشاهن، وزیرن ۽ سوداگرن جون ڳالهیون)

لوڪ ادب سلسلي جو ٻاويهون ڪتاب

لوڪ ڪهاڻيون ـ ٢

(بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون)

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊئريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ



سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد، سنڌ

2000ع

چاپو پهريون	فيبروري ۱۹۶۳ع	ڪاپيون هڪ هزار
چاپو ٻيو	ڊسمبر ۱۹۷۷ع	ڪاپيون چار هزار
چاپو ٽيون	آگسٽ ۱۹۸۷ع	ڪاپيون ٻه هزار
چاپو چوٿون	آگسٽ ۲۰۰۰ع	ڪاپيون پنج سؤ

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: هڪ سؤ ويهه روپيا

[Price Rs: 120 - 00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،

تلڪ چارهي، حيدرآباد ، سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس جامشورو سنڌ ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه چپيو ۽ غلام رباني آگري، ميمبر/اعزازي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' کي سميٽڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنہ ۱۹۵۵ع ۾، 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سامهون رکي وئي، جا ۱۹۵۶ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ۱۹۵۷ع کان لوڪ ادب سميٽڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ ڏنل هدايتن موجب، پهراڻيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، تہ مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي پاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻہ سال، ۱۹۵۷ع ۽ ۱۹۵۸ع، لوڪ ادب جي مواد، سميٽڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڳي جو گشت ڪري، سڃاڻ سگهڻ سان ڪڇريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري اينرو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو ان جي آڏار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڳي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ۱۹۵۹ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻہ ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين پهراريءَ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري

ڀر سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٽيهه اکريون، کافيون وغيره؛ مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين هڪراريءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينه، 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگيءَ ۽ تمدن جو، يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃان تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي، جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سميڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڃو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ ۾ اٽاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البته جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئينده ڪوششن لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي سنه ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو؛ ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڃاڻ سڳهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سڳهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان

وڃان مدد ڪئي.

'لوڪ ادب تجويز' هيٺ 'لوڪ ڪهاڻين' جا هيٺيان ست ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪرائڻا آهن: (۱) بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون، (۲) بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون، (۳) پرين، ديون، جادوگرن ۽ ڏائٽين جون ڳالهيون، (۴) بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، نڱن ۽ پين جون ڳالهيون، (۵) ٻاراڻيون آکاڻيون، (٦) جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون ۽ (۷) ڳاهن سان ڳالهيون. جيئن ته هن سلسلي جي پهرئين ڪتاب جي مقدمه ۾ لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت ۽ ابتدا، اهم ڪردارن جي نوعيت، تاريخي پس منظر ۽ اندروني ستاءِ وغيره جي مڪمل پهلوئن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي، تنهنڪري هتي فقط هن ڪتاب ۾ شامل آکاڻين جي اندروني ستاءِ تي بحث ڪيو ويو آهي.

مجموعي طور هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو ٻاويهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ۱۹۵۸ع تائين گڏ ٿيو؛ سڄي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي، ڊسمبر ۱۹۵۹ع ۾ ڪتاب جو مسوده تيار ڪيو ويو؛ ۽ مارچ ۱۹٦۲ع ۾ مسوده جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي پين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد کي اتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم شيخ محمد اسماعيل ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ مسوده تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري ستاءِ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

مئنيجر ڪوآپريٽو پرنٽنگ پريس، ۽ سندس ساٿين ڪتاب کي جلد ۽ سهڻي نموني سان ڇاپڻ ۾ مدد ڪئي. ولي محمد طاهرزادي ان جا پروف پڙهيا.

خادم العلم

نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي،

حيدرآباد سنڌ

۳- فيبروري ۱۹٦۳ع

ام للانسان ماتمنيٰ ٥ فللّٰه الاخرة والاولیٰ

مقدمه

'سنڌي لوڪ ڪهاڻين' جي سلسلي جو هيءُ ٻيو ڪتاب آهي. عام لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت ۽ ابتداء، انهن جي اوسر ۽ ارتقاء، مخصوصي ڪردارن ۽ ستاءِ، توڙي خاص سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي خصوص اجزاء، روايت ۽ صحت تي، هن سلسلي جي پهرئين ڪتاب جي مقدمي ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻين کي مرڪزي خيال جي لحاظ سان هيٺين طور تي ورڇي سگهجي ٿو:

- همتون ۽ ڪشالا: ڪهاڻي نمبر ١، ٢، ١٢، ١٤، ٢٧، ٣٠، ٣١.
- تڪڙ ڪم شيطان جو: ڪهاڻي نمبر ٣، ٤.
- وعدي خلافي جي سزا: ڪهاڻي نمبر٥.
- ڏند ڪٿا: ڪهاڻي نمبر ٦.
- نصيحت: ڪهاڻي نمبر ٧، ١١، ٢٦، ٣٤، ٣٨.
- مرد جو عقل: ڪهاڻي نمبر ١٠، ١٧، ١٩، ٢٠، ٢٢، ٢٨، ٣٣، ٣٧.
- عورت جو عقل: ڪهاڻي نمبر ٨، ١٨، ٢٥، ٣٢.
- پاڻ ۽ نياڻ: ڪهاڻي نمبر ٩، ٢٩.
- خيرات جي برڪت : ڪهاڻي نمبر ١٣.
- دوستيءَ جو ننگ: ڪهاڻي نمبر ١٥، ١٦، ٢١.
- عشق ۽ محبت : ڪهاڻي نمبر ٢٣، ٢٤.
- بيوقوفي: ڪهاڻي نمبر ٣٥، ٣٦.

انهن ڪهاڻين جي ستاءِ، مجموعي طور هن سلسلي جي پهرئين جلد ۾ شامل ڪهاڻين جهڙي آهي. انساني ڪردارن ۾ بادشاهه، شهزادا، شهزادیون، امير، وزير، سوداگر ۽ عام ماڻهو شامل آهن؛

غيبي ڪردارن ۾ ديوَ، جنّ، ۽ پريون اچي وڃن ٿا. ازانسواءِ جادوگرياٽيون ۽ راکاس پڻ ڪن ڪهاڻين جا ڪردار آهن. جتي غيبي ڪردار پنهنجن ڪمن ۾ مصروف آهن، اُتي سندن مقابلي ۾ انساني طاقتون پڻ پنهنجي پوري قوت سان نظر اچن ٿيون. ٻنهي مان فتح انهن جي ٿئي ٿي، جيڪي حق تي آهن. نيڪي ۽ بَديءَ جي اها جنگ تڏهن کان هلندڙ آهي، جڏهن کان انسان ۾ غور ۽ ويچار جو مادو پيدا ٿيو.

ڪهاڻين جا ڪردار :

هن جلد جي ڪهاڻين ۾ غيبي ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون لڳ ڀڳ ساڳيون آهن، جيڪي هن کان اڳ پهرئين جلد جي ڪهاڻين ۾ نروار ٿيل آهن.

ديوَ : ديو، انسان تي مهربان آهي؛ هو شهزادي گل منير جي نئين جواني تي رحم کائي، سندس مدد ڪري ٿو(۱). ساڳئي وقت ديو انسان جو دشمن به آهي؛ هو شهزادي جي روح تي قبضو ڪري ٿو، جنهن ڪري شهزادو روز مري ۽ جيئي ٿو؛ ڪيس جيڪي ماڻهو ڪانڈي ٿي قبرستان ڪٽي وڃن ٿا، تن کي ديو کائي ڪپائي ڇڏي ٿو(۲) ديو، صورتون پڻ بدلائين ٿا. مثلاً ديو، سوداگر جي زال تي عاشق ٿئي ٿو، ۽ پوءِ فقير جو ويس ڌاري، خيرات ونڻ جي بهاني سان سوداگر جي زال کٽي اُڏامي وڃي ٿو(۳). ديو پڻ ڪرشمو ڪري ٿو، يعني ته سوداگر ۽ سندس ياءَ کي شوڪارو هٽي پنڌپهٽ ڪري ٿو(۴). پڻ ديو جي سسيءَ مان ڪرندڙ رت جا ڦڙا جڏهن هيٺ ڪرن ٿا، تڏهن هيرن موتين ۾ بدلجي وڃن ٿا(۵).

پريون : پري، جادوگرياٽي جي پٽ سان گڏ اڌ رات جو چوپڙ راند

---

(۱) ڪهاڻي نمبر۱، ص ۳. (۲) ڪهاڻي نمبر ۱۲، ص ص ۷۵. (۳) ڪهاڻي نمبر ۳، ص ۱۹۲. (۴) ايضاً، ص ۱۹۳. (۵) ڪهاڻي نمبر ۱۲، ص ۶۹.

کيڏڻ لاءِ اچي ٿي. هوءَ ايڏي طاقتور آهي جو انسان کي ماري به سگهي ٿي(۱). پرين جي ملڪ جو بادشاهه پڪي جهلڻ تي اچي ٿو ۽ وري پڪي جهلڻ تي موٽي وڃي ٿو. اهڙا ڪردار، پنهنجي سونهن ۾ ڪو ثاني نٿا رکن. انسان، انهن غيبي ڪردارن جو اهو رخ ڏسي مٿن عاشق ٿيندا ٿا(۲).

جنّ جنن وٽ انسان کي ستائڻ جا جدا طريقا آهن. هو چنڊ جي چوڏهين رات انسان ۾ واسو ڪن ٿا. ٻيءَ ڪنهن طاقت کان نٿا ڊڄن، پر راڳ تي مست ٿي وڃن ٿا، ۽ مستيءَ ۾ اچي نچن ٿا. هو ويران ۽ سُڃين جاين يا وڻن ۾ رهن ٿا. ماڻهن سان مقابلو ڪن ٿا، ۽ جنهن ماڻهوءَ ۾ واسو ڪن ٿا، اُن جي کيترين خدمتن چاڪرين گان پوءِ به پنهنجي مرضيءَ سان جند ڇڏين ٿا(۳).

راکاس: راکاس جو ڪردار ئي ڪُڏو آهي. جنّ ۽ ديو مان اجان به ڪا مدد پڄي سگهي ٿي، پر راکاس هميشه طمع خاطر ڪيس ڪن ٿا. مثلاً، راکاس مهيني ۾ هڪڙو دفعو شهر ۾ اچي ٿو، هڪڙي گاڏي اَنّ جي ۽ هڪڙو ماڻهو کائي ٿو؛ ان کي به پوءِ ماڻهو ماري ٿو (۴).

انساني معاشري جا کي ڪردار، جادوگرن جي حيثيت ۾ غيبي ڪردارن جهڙا ڪم ڪن ٿا، ٽيهين کاني ۾ سامي فقيرن جا ڪردار ملن ٿا، جي قدري 'ديو' جي ڪردار سان مشابهه آهن، اهي سامي فقير ڇهه مهينا سمهن ٿا ۽ ڇهه مهينا جاڳن ٿا. پنهنجا گهر گهاٽ سرسبز باغن ۾ ناهين ٿا، جيڪي پوءِ سندن سمهڻ ڪري ويران ٿي وڃن ٿا. سندن عمريون تمام وڏيون آهن، ۽ اهي اڪثر جهور پوڙها آهن. جيئن ته هو انسان آهن، انهيءَ ڪري رحمدل ۽ انسانن جا دوست آهن، جيڪو انسان سندن خدمت ڪري ٿو، ان جي مدد ڪن ٿا (۵).

---

(۱) کهاڻي نمبر۲، ص ۲۲. (۲) کهاڻي نمبر۱۴، ص ص ۸۱-۸۹.
(۳) کهاڻي نمبر۳۴، ص ص ۲۱۱-۲۲۴. (۴) کهاڻي نمبر۲۶، ص ص ۱۷۱-۱۷۳. (۵) کهاڻي نمبر۱۸، ص ص ۱۱۸-۱۲۱.

انساني گروهه ۾ ڪي اهڙا جبرا ۽ طاقتور بادشاهه آهن، جن جو انسانن کان سواءِ جنن پوتن، پکي پکڙ تي حڪم هلي ٿو (۱). سوداگرزادو روزانو هڪڙو موتي اوڳاري ٿو (۲). ڪهاڻي نمبر پهرين ۾ گل منير جي بانهي حقيقت ۾ جادوگرياڻي آهي، جنهن وٽ اها طاقت آهي جو هوڪا صورت وٺي سگهي ٿي. هو پهرين گل منير کي سڳو پڌي طوطو ڪري ٿي، ۽ پوءِ ان جي پنيان باز بنجي اڏامي ٿي (۳). جادوگرياڻي کي هر ڳالهه جو علم آهي. ڪهاڻي نمبر ٻيءَ ۾ جادوگرياڻي کي خبر آهي ته شهزاديءَ جو لکيو گهوڙي سان آهي، ۽ شهزادي وٽ ڪرامتي مُندي آهي، انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هوءَ پنهنجي پٽ کي گهوڙي جي صورت ۾ آڻي ٿي ۽ مندي حاصل ڪرڻ بعد پٽ کي اڏائي ڪٽي وڃي ٿي. جادوگرياڻيءَ جي پٽ جي هٿن ۾ ديو آهن، جيڪي سندس حڪم مڃن ٿا (۴). ٻارهين ڪهاڻيءَ ۾ ڏائڻ جو ڪردار شامل آهي، ڏائڻ ماڻهن جو هاڻو ڪائي ٿي ۽ ڪيس وڏي طاقت حاصل آهي (۵).

لوڪ ڪهاڻيءَ جي ابتدا، اڪثر ڪنهن اهڙي واقعي سان ٿئي ٿي، جنهن جو اڳتي هلي، ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڳالهه سان ڪو خاص تعلق نٿو رهي. هن مجموعي ۾ ٻي (ص ۲۳)، پنجين (ص ۴۲)، ستاويهين (ص ۱۹۲) ۽ اناويهين (ص ۲۰۱) ڪهاڻيءَ جي مُنڊ واري ڳالهه، اولاد جي سک سان شروع ٿئي ٿي. ستين (ص ۵۰) ۽ انين (ص ۵۳) ڪهاڻيءَ جي شروعات شڪار تي وڃڻ ۽ راهه وڃائڻ سان ٿئي ٿي.

---

(۱) ڪهاڻي نمبر ۶، ص ص ۳۹ - ۴۲. (۲) ڪهاڻي نمبر۳۱، ص ص ۲۰۰.
(۳) ڪهاڻي نمبر ۱، ص ۱۴. (۴) ڪهاڻي نمبر ۲، ص ص ۲۰ - ۲۴.
(۵) ڪهاڻي نمبر۱۲، ص ص ۲۵.

چوڏهين (ص ۹۳) کهاڻيءَ جي شروعات، پيءُ جي اجائي خوشامد ڪرڻ سان ٿئي ٿي.

عام طرح کهاڻيءَ جو مانجهي يا سورمو شروعاتي مذڪور کان پوءِ جدا طور نروار ٿئي ٿو. کهاڻين جي مانجهين کي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن ٻين چگڻين طاقتن کان کي اهڙيون شيون ملن ٿيون، جيڪي سندن هر تڪليف ۾ مددگار ٿين ٿيون. ديوَ، بادشاهه کي لٺ ۽ مُندي ڏئي ٿو(۱)؛ ڏائڻ، ٽکي وزير کي اُڏام ڪٽولي ڏئي ٿي، ۽ ديو کيس ۾ جادوئي ڏاڙنکا ڏئي ٿو، جن جي وڃائڻ سان ديوَ اچن ٿا (۲)؛ چٽيهه لکٽي چوڪري کي مُندي ملي ٿي، جنهن جي وسيلي هن کي ستن بادشاهن جو خزانو ملي ٿو (۳)؛ سوداگرزادي کي هڪڙو تختي ملي ٿي(۴)؛ هنس پکي سوداگر کي کٽي گهر رسائي ٿو(۵).

جيئن ته هن مجموعي ۾ بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون کهاڻيون شامل آهن، تنهنڪري بنيادي طور هتي اهو مواد شامل ڪيو ويو آهي، جن جو واسطو سنئون سڌو انساني معاشري سان آهي. عشق ۽ محبت انسان جي زندگيءَ جو هڪ لازمي جُز آهي. قديم زماني کان وٺي عشقيه قصا ۽ داستان رائج آهن، جي پڙ لوڪ کهاڻين تي اثر انداز ٿيا. هن مجموعي ۾ پڙ اهڙيون کهاڻيون شامل آهن، جن جو مرڪزي نُڪتو يا خيال محض "عشق ۽ محبت" آهي. سچو عشق، پنهنجي پرينءَ تي حرف نه آڻڻ، وفاداري ۽ سچائي، عشقيه کهاڻين جا خاص نڪتا آهن. کهاڻي نمبر ٽيويهين سڌ ۾ هلندڙ مشهور عشقيه داستان "خدا

---

(۱) کهاڻي نمبر۲، ص ۲۰.
(۲) کهاڻي نمبر۱۲، ص ۷۳.
(۳) کهاڻي نمبر۲۵، ص ۱۶۲.
(۴) کهاڻي نمبر۲۶، ص ۱۶۹.
(۵) کهاڻي نمبر۳۱، ص ۱۹۹

دوست" تان ورتل آهي، جيڪو مشهور بادشاهه محمود غزنوي جي عهدِ حڪومت سان منسوب آهي(١). ڪهاڻي نمبر چوويهين به ساڳئي ئي مقصد تي ٻڌل آهي. عاشق کي فقط محبوب جو ديدار ڪرڻو آهي؛ هن جو واسطو محبوب سان آهي، محبوب جي ڏن دولت سان نه آهي. سچ چيو اٿن ته "سڪ کي پنڌ اُهي ئي ڪونہ" (٢).

سترهين ڪهاڻين جا ڪردار نهايت سچار، عقلمند ۽ ساڳئي وقت سادا آهن. هرڪو پنهنجي جاءِ تي گفتار جو غازي آهي؛ هر لفظ چپي چٽي ڪيڻ ٿا، متان ڪو اولو گفتو نڪري وڃي ۽ پوءِ پڇتائڻو پوي. بادشاهه جو صحيح تصور هن ڪهاڻيءَ ۾ ملي ٿو ته هو رعيت جي لڄ ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ وارو آهي، هن کي بدراهه اختيار ڪرڻي ناهي، چگي ۽ مدي جي سڃاڻ رکي ٿو، ۽ محل تي ڳالهه صاف ڪري، وزير جي دل جو دليل دور ڪرڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي نٿو سمجهي. ڪهاڻيءَ ۾ موقعي جي مناسبت سان ڳاهون به آيل آهن، جن ۾ مام رکيل آهي (٣).

هن مجموعي ۾ شامل ٣٧ ڪهاڻيون، سواءِ نوابشاهه جي، ٻين اٺن ضلعن مان هينئين طور مليون آهن. تفصيل مان معلوم ٿيندو ته ڪي ساڳيون ڪهاڻيون اُتر ، وچولي توڙي لاڙ ۾ ساڳئي نموني ۾ رائج آهن. مثلاً، ٽيويهين ڪهاڻي "سوداگر ۽ وزير زادي" جون ٽي روايتون لاڙڪاڻي، شهداد پور ۽ ٺٽي مان مليون.

---

(١) ص ص ١٤٨-١٥٤. ۽ پڙ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو اوٽيهون ڪتاب، مشهور سنڌي قصا-١ "ٻاهريان قصا ۽ عشقيہ داستان"، ص ص: ٥٠-٥٠٨.

(٢) ص ص ١٥٥- ١٥٩.

(٣) ص ص ١١٦- ١٣٢ ۽ پاڻ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ستاويهون ڪتاب "ڳاهن سان ڳالهيون."

ضلعو سکر
اُباوڙو: ۲۱، ۳۶
میرپور ماٿيلو: ۲
روهڙي: ۱۳، ۲۹، ۳۱
ضلعو خير پور
فيض گنج: ۳۵
ضلعو لاڙڪاڻو
لاڙڪاڻو: ۳، ۳۳
قنبر: ۱۵
وارهه: ۲۲
ضلعو دادو
ڪڪڙ: ۱۳، ۱۸، ۳۲
ضلعو سانگهڙ
شهدادپور: ۷، ۱۰، ۱۱، ۲۰، ۲۳، ۲۴، ۲۵، ۲۶، ۲۸
سنجهورو: ۵، ۶
ضلعو ٺٽو
ٺٽو: ۴، ۹، ۲۳، ۲۶، ۳۰
ضلعو حيدرآباد
حيدرآباد: ۱، ۸، ۱۲، ۱۴، ۱۹، ۳۵
ٽنڈوالهيار: ۸، ۲۷، ۳۳.
ٽنڈو باگو: ۱۶، ۳۲، ۲۴.
بدين: ۸
هالا: ۸، ۱۲، ۱۷
ضلعو ٿرپارڪر
چاچرو: ۸

هن سلسلي جي پهرئين جلد ۾ اُوٽيتاليهه (۳۹) ڪهاڻيون شامل آهن ۽ هن ٻئي جلد سميت جملي چاهٽر (۷۶) ڪهاڻيون تصحيح ۽ ترتيب سان، پرهندڙ جي آڏو اچي ويندیون.

ن. ب

●●●

عنوانن جي فهرست

	ڳالهه جو نالو			صفحو
١-	شهزادو گل منير	...	...	١
٢-	شهزادي ۽ جادو جي منڊي	...	...	٢٠
٣-	ڪوڙهيو بادشاهه ۽ وفادار طوطو	...	....	٢٥
۴-	بادشاهه ۽ غلام	...	...	٣٢
٥-	بادشاهه ۽ فقير	...	...	٣٦
٦-	بادشاهه ۽ ترڙ ڪانءُ	...	...	٣٩
٧-	جَهان شاهه بادشاهه	...	...	۴٣
٨-	سُرمو پاتائين، پائي نه جاتائين	...	...	۴٥
٩-	ياڳ ۽ نياڳ	...	...	٥٠
١٠-	رب جي رضا	...	...	٥٥
١١-	بانصيب	...	...	٥٩
١٢-	ٽَکو وزير	...	...	٦٣
١٣-	ڪانيو بادشاهه	...	...	٧٦
١۴-	صبر شهزادو	...	...	٨١
١٥-	شهزادو، وزيرزادو، لوهر ۽ ڪتي	...	...	٩٠
١٦-	لعل به ليي، پريت به رهجي اچي	...	...	٩٥

١٧- ٽالهي، گدرو ۽ ڪاتي ١٠٢

١٨- عقلمند ڇوڪري ١١٨

١٩- ٽڪي ۾ عشق ١٢٢

٢٠- وزيرزادو ۽ سوداگرياڻي ١٣٠

٢١- دوستني زال جي يا مرد جي؟ ١٣٦

٢٢- سچ ڇوڪرو ١٤١

٢٣- سوداگر ۽ وزيرزادي ١٤٨

٢٤- سڪ کي پنڌ آهي ئي ڪونہ ١٥٥

٢٥- سوداگرزادو ۽ ڇٽيهہ لکڻي ڇوڪري ١٦٠

٢٦- جاڳڻ ڪم جوان جو ١٦٩

٢٧- اَملهہ ماڻڪ سوداگر ١٧٤

٢٨- پڳ ڪنهن جي؟ ١٨٢

٢٩- سؤ گهوڙن وارو سوداگر ١٨٧

٣٠- سامون سوداگر ١٩٠

٣١- سوداگر ۽ هنس پکي ١٩٧

٣٢- سوداگر جي سُڃاڻ زال ٢٠٤

٣٣- سياڻو سوداگر ٢٠٨

٣٤- چڱي جي چڱائي، مدي جي مدائي ٢١١

٣٥- چَريٽ سوداگرزادو ٢٢٥

٣٦- گُڇمُڇ راجا ۽ چَڇمِڇ وزير ٢٣٠

٣٧- دولت جو نشو ٢٣٤

متن

بادشاهن، وزیرن و سوداگرن جون گالهیون

١ - شهزادو گل منير *

هڪڙو هو بادشاهہ - بادشاهن جو بادشاهہ تہ ڏٹي تعاليٰ پاڻ آهي، پر هو زماني جو بادشاهہ هو. سندس راج ۾ شينهن ٻکري گڏ پاڻي پيئندا هئا. هن کي ٻہ پٽ هئا، تنهن کان سواءِ خدا جو ڏنو گهٽئي کي هئس، سو هر وقت ڏٹيءُ جا شڪرانا مڃي پيو حڪومت هلائيندو هو. خدا جي قدرت سان بادشاهہ کي ٽيون پٽ ٻہ ڄائو، جو ٻين ٻنهي پٽن کان وڌيڪ سهٽو هو. بادشاهہ تمام خوش ٿيو ۽ پٽ جي خوشيءَ ۾ خزانن جا در کولي ڇڏيائين. ماٹهن ايترومال لٹايو، جو ملڪ جا سڀ غريب امير ٿي ويا. آخر چالیهن ڏينهن جي خوشين کان پوءِ بادشاهہ، شهزادي جي بخت ڏسڻ لاءِ نجومين کي گهرايو. نجومين حساب ڪري بادشاهہ کي ٻڌايو تہ: شهزادي جو بخت بالا آهي، مگر نَون ورهين جي عمر کان وٺي سخت تڪليفون ڏسندو، ۽ مائٹن کان وڇڙندو، آخر جوانيءَ ۾ سڪ ڏسندو ۽ وڏي بادشاهيءَ جو مالڪ ٿيندو. بادشاهہ اهو احوال ٻڌي نجومين کي انعام ڏئي روانو ڪيو.

شهزادي جو نالو "گل منير" رکيائون. اُن جي نپائڻ لاءِ خاص دايون مقرر ٿيون، جن کيس لاڏن کوڏن سان پئي نپايو. جڏهن ڇهن ورهين جي ڄمار جو ٿيو، تڏهن کيس استاد جي حوالي ڪيائون. ٿوريئي وقت ۾ شهزادو پڙهي قابل ٿيو. شهزادو جڏهن نَون ورهين جي ڄمار جو ٿيو، تڏهن بادشاهہ هن فاني دنيا مان چالاٹو ڪيو. ٿيئي شهزادا اجان ننڍا هئا، تنهنکري وڏي وزير کي اڇي بي ايماني ٿي، تنهن

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان ملي.

هڪدم بادشاهيءَ تي قبضو ڪري، ٽنهي شهزادن کي ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏي.

ٽيئي شهزادا وزير جي ڊپ ڪان شهر ڇڏي، فقيراٽو ويس ڪري اُٽي هليا. هلندي هلندي نيٺ ٽڪجي پيا ۽ هڪڙو بڙ ڏسي، اُن جي هينان ويهي رهيا. بادشاهي ٻار، جن کڏهن به ايتري تڪليف نه سَني هئي، سي ڳالهيون ڪندي ڪندي انهيءَ بڙ هيٺ سمهي رهيا. جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيا، تڏهن وڏي ڀاءُ ننڍن کي چيو ته: ادا! مون خواب لڏو آهي، جنهن ۾ ڏسان ٿو ته مونکي ماهيي کير جو وٽو ۽ ڪڪ جي مانيُ ملي آهي، کائي ڏؤ ڪيو اٿم. ان تي وچٽ چيو ته: ادا! مون پڻ خواب ۾ ڏٺو آهي ته الله سائين مونکي مڇي ماني ڏياري آهي. باقي رهيو شهزادو گل منير، تنهن کڻي مات ڪئي. تڏهن ڀائرن چيس ته: ادا! تون به ٻڌاءِ، ته تو ڪو خواب لڏو يا نه؟ ان تي گل منير چيو ته: مون جيڪي خواب ۾ ڏٺو آهي، سو جي اوهان کي ٻڌائيندس ته ڪاوڙجي پوندئو، تنهنڪري اها ڳالهه ئي ڪٽي ڇڏيو. ان تي ڀائرن چيس ته: اسين تنهنجا دشمن ٿورو ئي آهيون، جيڪي ڏٺو اٿئي سو چئي ڏي. تڏهن گل منير چيو ته: ادا! خواب ۾ ڏسان ٿو ته الله سائين مون تي راضي ٿيو آهي جو بادشاهي ملي اٿم ۽ چار راڻيون پرٽيو آهيان. هندوري ۾ ستو پيو آهيان، ساڄي پاسي هڪڙي پلنگ ٽي به راڻيون ويٺيون آهن ۽ کاپي پاسي ٻئي پلنگ ٽي ٻيون به راڻيون ويٺيون آهن. انهن مان واري واري سان هر هڪ منهنجي هندوري کي لوڏي به پيئي ۽ منهنجي وات ۾ پتاشو به پئي وجهي. ڀائرن گل منير جي واتان اها خبر ٻڌي کيس به چماٽون هٽي چيو ته: اهڙو جي سياڳو هجين ها ته بابي جي بادشاهي به کين وڃائين ها. گل منير کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ زاروزار روئڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڀائرن کيس اُٽي هلڻ لاءِ چيو، مگر هن اڳتي هلڻ کان نابري واري؛ تڏهن هو کيس اتيئي ڇڏي اڳتي روانا ٿي ويا.

پائرن جي وڃڻ کان پوءِ گل منير اُٺي پنڌ پيو. هلندي هلندي سج لهي ويس، سو هڪڙو وڻ ڏسي ان جي هيٺان رات جا چار پهر گذارڻ لاءِ سمهي پيو. قدرت خدا جي، انهيءَ وڻ ۾ هڪڙو ديو رهندو هو، تنهن جو ڏنو ته هڪڙو آدمزادو وڻ هيٺ ستو پيو آهي، سو سندس وات پاٽي پاٽي ٿيڻ لڳو ۽ ان کي کائڻ جي خيال سان هيٺ لهي آيو. جڏهن گل منير تي نظر پيس، تڏهن هن جي سهٽي صورت ۽ ننڍي وهي ڏسي مٿس رحم اچي ويس، سو کائڻ جو خيال لاهي، کيس ننڊ جي حالت ۾ ڪٽي، هڪڙي شهر کان ٻورو پرپرو چڏي ويندو رهيو. گل منير جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيو، تڏهن چا ڏسي ته کنهن شهر جي ٻاهران پيو آهي! ڏاڍو حيران ٿيو، پر ڏٺيءَ جو راز سمجهي، اتان اٿي شهر ڏانهن رخ رکيائين. شهزادي کي بک ٻ اچي تپايو، سو ٻي کا واهه نه ڏسي، هڪڙي مسجد ۾ وڃي ويهي رهيو. ماڻهن مسافر سمجهي کاڌو آڻي ڏنس، سو کائي آرام کيائين. مسجد جو ملان، گل منير جي سهٽي صورت ڏسي حيران ٿي ويو ۽ کانئس حال احوال پڇيائين. گل منير کيس ٻڌايو ته: آءٌ مسافر آهيان، بک ڪري مسجد ۾ لنگهي آيس، گهڙي پهر آرام ڪري اڳتي روانو ٿيندس. ملان کي گل منير جي گفتگو ٻ وٹي، تنهنڪري کيس چيائين ته: مونکي اولاد ڪونهي، جي تون مون وٽ رهندين ته توکي پنهنجن ٻچن وانگر خوش رکندس. گل منير ٻ خيال کيو ته ڪٽي پيو رلندس ۽ ڏکا کائيندس! جيڪڏهن خدا کي نوازڻو هوندو ته اتيئي ڏيندو. پوءِ ملان جي ڳالهه قبول ڪري اتي مسجد ۾ رهڻ لڳو.

انهيءَ ملان وٽ جيڪي ٻار پڙهندا هئا، تن ۾ بادشاهه جي ڏيءَ ۽ وزير جو پٽ ٻ هئا. ملان، گل منير کي خليفو ڪري ڪٽي مڪتب ۾ ويهاريو. جيتوڻيڪ گل منير هر علم ۽ هنر کان واقف هو، پر اتي پاڻ کي اڻ پڙهيل سڏايائين. شهزادي ۽ وزير زادو هڪٻئي تي اهڙا عاشق هئا، جو هڪٻئي کان گهڙي ٻ جدا نه ٿيندا هئا. شهزادي جڏهن پڙهي

قابل ٿي، تڏهن سندس محلات مان نڪرڻ بند ٿيو. فقط جمعي جي ڏينهن دؤر ڪرڻ جي بهاني مڪتب ۾ ايندي هئي، جتي پري کان وزيرزادي کي ڏسي دل خوش ڪندي هئي، چاڪاڻ ته بادشاهي حڪم موجب سندن ڳالهائڻ بولهائڻ بند هو.

جڏهن هنن کي گهٽا ڏينهن گذري ويا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ بولهائڻ نه ٿين، تڏهن شهزاديءَ چا ڪيو جو گل منير کي اڻ پڙهيل سمجهي، ڪيس هڪڙو خط لکي ڏنائين ته وزيرزادي کي پهچائي ڏي. جنهن ۾ لکيل هو ته : فلاڻي رات، فلاڻي هنڌ لوڪ لقاءَ جي سمهڻ کان پوءِ اڇج ته هيءُ ملڪ چڏي هليا هلون. ٻيو سڀ بندوبست آءٌ پاڻ ڪنديس. گل منير خط ڪٽي وزيرزادي کي ڏيڻ لاءِ هليو. اوچتو خيال آيس، ڏسان ته شهزاديءَ خط ۾ چا لکيو آهي! سو هڪڙيءَ ڪنڌ ۾ بيهي خط پڙهيائين. سمورو احوال معلوم ڪري چيائين ته: آءٌ وري ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ گهٽ آهيان! پوءِ وزيرزادي کي خط ڏيڻ بدران پاڻ ويهي ان جو جواب لکي آڻي شهزاديءَ کي ڏنائين، جا پڙهي خوش ٿي ۽ پنهنجي هڪڙي حال محرم ٻانهيءَ سان سڄي حقيقت ڪري ڪيس تيار ٿيڻ لاءِ چيائين. انجام واري رات تي ٻانهي ٻه ٻلا گهوڙا ۽ ٻه خرزينون ناڻي سان پري شهر جي ٻاهران هڪڙي وڻ جي هيٺان اچي بيٺي. شهزادي ٻه اڌ رات جو لکندي لکندي انهيءَ وڻ وٽ آئي. ڏنائين ته ٻانهي تيار بيٺي آهي، پر وزيرزادي جو ڪو پتو ڪونهي. سو ٻانهيءَ کان پڇا ڪيائين. ٻانهيءَ جواب ڏنس ته: مونکي پاڻ آئي گهڻي دير ٿي آهي، هو الاجي ڇو نه آيو. وزيرزادي کي ته ان ڳالهه جي خبر ئي ڪانه هئي، تنهن ته پئي ننڊ ۾ ڦوڪون ڏنيون. هيڏانهن هي ٻئي ڇٽيون، شهزادي ۽ ٻانهي هن جي فڪر ۾ وڻ هيٺ ويٺيون رهيون. ايتري ۾ شهزادو گل منير ٻه ڏهي سنيري، جهُنڊ هٿي اچي مقرر وڻ وٽ پهتو. اونداهي هجڻ سبب گل منير جي شڪل چگڻيءَ طرح ڏسجڻ ۾ نٿي آئي؛ شهزاديءَ جي ليکي ته وزيرزادو آهي، سو نه

ڪيائين هم نہ تہ، تپ ڏيئي گهوڙي تي چڙهي وينو، گل منير کي ۽ اشارو ڪيائين، جيڪو ساٹس ٻيلهہ گهوڙي تي چڙهي وينو. ٻانهي ۽ تپ ڏيئي چڙهي ٻئي گهوڙي تي، پوءِ اُٿي پنڌ پيا.

شهزادي گل منير کي وزيرزادو سمجهي هر هر پيئي پاکر وجهي ڳالهائڻ لاءِ چوي، پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پت؛ رڳو 'هُون هان' ڪيو پئي جند ڇڏايائين. آخر ساري رات جي مسافريءَ کان پوءِ وجي ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ گهڙيا، جتي کين صبح ٿي ويو. آرام ڪرڻ جي خيال سان گهوڙن تان لهي پيا. اتي شهزادي جان ڪٽي ڏسي تہ مار! وزيرزادو الائي ڪٽي رهيو، هيءُ تہ اهوئي ملان وارو خليفو آهي! سا اندر ۾ ڪامي ويئي، گل منير کي پٽي پاراتا ڏيئي ڇوڙ لڳي تہ: هڪدم گهوڙن کي پوئتي وراءِ! ائين چئي ٻانهيءَ کي ٻہ ٽي بيد واهي ڪيايائين. ٻانهيءَ ڊپ وچان ڏکندي چيو تہ: سائين! انهيءَ ۾ منهنجو تہ ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي، خبر نہ آهي تہ ڪيئن وزيرزادو رهجي ويو ۽ هي خليفو نصيب ۾ لڳوسين. هاڻي پوئتي هلبو تہ ٻہ خوار ٿيندا سين، چو تہ اها ڳالهہ هُلي ويئي هوندي تہ شهزادي ڇڄي ويئي آهي. هاڻي ڇگو ائين آهي تہ جهڙو آهي، تهڙو ڪٽي قبول ڪر. شڪل صورت ۾ وزيرزادي کان ٻہ سهڻو آهي. اتي گل منير، شهزاديءَ کي چيو تہ: اي شهزادي! تون جي بادشاهزادي آهين تہ آءٌ ٻہ بادشاهزادو آهيان.... منهنجو نالو گل منير آهي، قسمت الائي ڪيئن ڪٽي ڪشالن ۾ وڌو آهي. هاڻي جي لکئي ڪٽي پاڻ کي ملايو آهي تہ توکي قضا جي ڪم تي صبر ڪرڻ گهرجي. الله ۾ اميد آهي تہ آءٌ توسان بيوفائي نہ ڪندس ۽ توکي پنهنجي ساهہ کان وڌيڪ پائيندس. ائين چئي گل منير پاند ڳچيءَ ۾ پائي پرچائڻ لڳس، پر شهزاديءَ جي اها پئي پوي تہ: آءٌ هتي گهڙي ٻہ نہ گهاريندیس، مون کي وزيرزادي کان سواءِ ٻيو ڪي ٻہ نہ ڪپي، تنهنڪري اتي هلي ڇڏيوم، نہ تہ آءٌ پاڻ ماري ڇڏيندیس. ائين چئي شهزادي ويهي روئڻ

لڳي. ٻانهيءَ اهو حال ڏسي ڪيس دلداري ڏيئي پرچايو، چئي: شهزادي! ڏڏو ڪير وري ٽٽين ڪونہ پوندو، هيءُ بہ شهزادو آهي، وزيرزادي کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ڪونهي. باقي اهو ڏسجي تہ اسان کي سنپالي سگهندو يا نہ، تنهن لاءِ سندس پرک وٺي ڏسجي؛ جي عقل وارو هوندو تہ پنهنجي لاءِ هر طرح جو بندوبست ڪندو، جي عقل نہ هوندس تہ وري پاڻ تائين پهچندو ئي ڪونہ ۽ پوءِ پاڻ پاڻهي وزيرزادي کي ڳولي لهنديونسين. انهيءَ تي شهزاديءَ جي دل کي ڪجهہ آٿت آيو ۽ ٻانهيءَ جي اها ڳالهہ قبول ڪيائين.

ٻانهيءَ چا ڪيو جو خرزين مان هڪ لعل ڪڍي گل منير کي ڏيئي چيائين تہ: شهر ۾ وڃي ڪا رهڻ لاءِ جاءِ هٽ ڪر ۽ ان ۾ ضرورت جون سڀ شيون موجود ڪري پوءِ اڇ تہ اتي هلي رهون. گل منير لعل کڻي شهر ۾ ويو، جتي هڪڙي صراف کي لعل ڏيکاري ان جي قيمت پڇيائين. صراف ڏٺو تہ هيءُ آهي ڇوڪرو، تنهن کي ڪهڙي خبر تہ لعل جو ملهہ ڇا هوندو، سو چيائينس تہ: هيءَ لعل پوري آهي، تنهنڪري ايتري گهٽي قيمت ڪانہ لهي جو توکي ٻڌايان، باقي هي بہ ٽي سؤ رپيا کٽي وڃ. ان تي گل منير چيس تہ: هي لعل پوري نہ آهي پر نهري آهي. هڪڙي ڳالهہ تي صراف تہ ٻيءَ تي گل منير. نيٺ گل منير چيس تہ: جي لعل پوري ٽي تہ تنهنجي، جي نهري ٽي تہ جيڪي مال ملڪيت اٿئي سا منهنجي. صراف اها ڳالهہ قبول ڪئي. بہ شاهد بيهاري لعل پڇي ڏنائون تہ نهري نڪتي. ان تي گل منير چيس تہ: تو پنهنجي شرط هارائي. هاڻي تنهنجي سڄي ملڪيت جو وارث آءٌ آهيان. صراف جي مُنهن جو پنو ئي لهي ويو. گل منير کي مٿس قياس اچي ويو، تڏهن چيائينس تہ: چگو، شرط تو هارائي، پر مون کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهرجي، فقط رهڻ لاءِ هڪ عاليشان جاءِ گهرجي، جنهن ۾ شاهاڻي قسم جو سامان ۽ ضرورت جي هر ڪا شيءِ موجود هجي. صراف جي خدا ٻڌي، جو ٿوري مان ٽي جند

چٽيس. سو 'حاضر حاضر' چئي هڪڙي عاليشان محلات ۾ وڃي آيس، جنهن ۾ ضرورت جي هر ڪا شيءِ موجود ڪري، چاڀيون هن جي حوالي ڪيائين. گل منير سڄو بندوبست ڪري، ساڳي لعل ڪٽي شهزادي ۽ بانهيءَ وٽ پهتو. بانهيءَ کي لعل هٿ ۾ ڏيئي، ساري ڳالهه ٻڌائي کين هلڻ لاءِ چيائين. شهزاديءَ پهريائين ته انڪار ڪيو، پر پوءِ بانهيءَ جي منٿن ۽ سمجهائڻ تي اڇي انهيءَ جاءِ ۾ پهتي. بانهيءَ جهٽ پٽ طعام تيار ڪيو جو ڪائي آرام ڪيائون. اهڙيءَ طرح ٻ-ڻي ڏينهن گذري ويا، مگر شهزادي، گل منير سان نه ڳالهايو ۽ نه ڏانهس ڏٺائين. رات ڏينهن و: رزادي کي ياد ڪري وڻي تڏا شوڪارا پريندي هئي.

انهيءَ شهر ۾ رهندي کين ڇڇ ڏينهن گذري ويا. بانهيءَ کي گل منير جي حالت ڏسي ڏاڍو قياس ايندو هو، جو ويچارو ويڳاڻو وينو هوندو هو. شهزاديءَ کي گهٽئي سمجهائيندي هئي، پر هوءَ اهائي وزيرزادي جي ويچار ۾ وئي هوندي هئي. آخر هڪڙي ڏينهن گل منير کي سمجهايائين ته: ڪاڏي ڪوهه ٻ ڪٽي ويندا، تنهنڪري تون هن ملڪ جي بادشاهه جي دربار ۾ وڃ، من ڪجهه ڪو بلو پيٽي ٽي پوي. گل منير انهيءَ محل ئي سهي سنيري دربار ۾ ويو ۽ بادشاهه جو سلام ڪيائين. بادشاهه هن جي سونهن ڏسي بي اختيار ٽي ڪانئس حال احوال پڇيو. گل منير ٻڌايو ته: آءٌ سوداگر آهيان، منهنجو ڪو هڪڙو ملڪ نه آهي، جتي واپار جو سَنو لڳو، اتيئي ڪجهه وقت رهبو آهي. بادشاهه کي گل منير جي گفتگو پسند آئي ۽ ڪيس پنهنجي دربار ۾ روزانو حاضر رهڻ لاءِ چيائين. وڃڻ محل ڪيس ڇڇ انعام ڏيئي ۽ قيمتي پوشاڪ پهرائي روانو ڪيائين. ان کان پوءِ گل منير روزانو بادشاهه جي دربار ۾ ايندو هو ۽ موڪلائڻ وقت ڪجهه نه ڪجهه انعام وڃي ويندو هو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه، گل منير کان پڇيو ته: توسان ٻيا ٻ ڪي ماڻهو آهن يا اڪيلو آهين؟ گل منير وراڻيو ته: مون سان منهنجي زال ۽

هڪڙي ٻانهي آهي. ائين چئي بادشاهه کان موڪلائي پنهنجي گهر آيو ۽ اچي ٻانهيءَ سان سڄي حقيقت ڪري ڪانئس صلاح ورتائين. ٻانهيءَ چيس ته: تون ڪوبه اُلڪو نه ڪر، پلي روزانو بادشاهه وٽ حاضري پريندو رهه؛ آءٌ شهزاديءَ کي پاڻيهي مجائيندیس. پوءِ گل منير روز صبح جو دربار هليو ويندو هو، جتان رات جو موٽي اچي پنهنجو منهن وٽي سمهي پوندو هو.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهنجي ٻانهيءَ کي حڪم ڏنو ته: اڄ کان وٽي روز صبح جو گل منير جي جاءِ تي وڃي، گل ۽ پان ڏيئي ايندي ڪر. ٻانهي حڪم جي بندي، سا ٻئي ڏينهن گل منير جي جاءِ تي پان ۽ گل ڪٽي ويئي. انهيءَ زماني ۾ وڏن ماڻهن ۾ بادشاهن وٽ اهو رواج هو ته جيڪا ٻانهي پان ۽ گل ڪٽي ايندي هئي، تنهن کان پان ۽ گل وٽي، ان جي عوض اَن جو ٽالهه پري ڏيندا هئا. سو جڏهن ٻانهي، شهزاديءَ وٽ گل ۽ پان ڪٽي آئي، تڏهن شهزاديءَ انهن جي وٽڻ کان انڪار ڪيو، ۽ نه ئي وري ڪو ٻانهيءَ کي اَن سان ٽالهه پري ڏنائين. ٻانهي ڏاڍي حيران ٿي. اهڙيءَ طرح جڏهن ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا، تڏهن ٻانهيءَ وڃي وزير کي ٻڌايو ته: گل منير جي گهر نڪو پان ٽڪا وٽڻ ۽ نڪي گل، سندس زال جو سدائين مُنهن مُنهن تي چڙهيو پيو آهي؛ ٻيو ته ڏهيو پر مون ڪيس ڪڏهن گل منير سان ڳالهائيندي به نه ڏٺو آهي. مون کي شڪ ٿو پوي ته هيءَ گل منير جي زال ئي ڪانهي، شايد ڀڃائي وٽي آيو آهي. وزير ته اڳيئي گل منير تي سڑيو ويٺو هو، جو بادشاهه جو هن تي گهٽو راز هو، ۽ ڪيس گمان هو ته متان ڪڏهن ڪيس وزيريءَ تان لاهي، گل منير کي وزير مقرر نه ڪري؛ تنهن کي وجهه ملي ويو، سو يڪدم بادشاهه کي وڃي چيائين ته: مون ٻڌو آهي ته گل منير جيڪا زال آندي آهي، سا سندس نڪاح ٻڌي زال نه آهي، پر ڪٽان ڀڃائي آيو آهي. بادشاهه چيو ته: اهو ڪوڙ آهي، ائين ڪونه هوندو. هڪڙيءَ تي بادشاهه، ٻيءَ تي

وزير. نيٺ وزير کي چيائين تہ: ڀلا انهيءَ ڳالهہ جي کهڙي ريت آزمائش ونجي؟ وزير چيو تہ: آزمودو ونڊ سولو آهي. توهين کنهن ڏينهن شام جو مجلس مان اٿڻ وقت گل منير ۽ مون کي دعوت ڏيئي محلات ۾ وڃي هلجو ۽ پنهنجي راڻيءَ کي سمجهائي ڇڏجو تہ پنهنجي هٿن سان اسان کي هنڊ وڃائي ڏي، هٿ ڏئاري ۽ ماني وغيره تيار ڪري پاڻ کارائي؛ ۽ ساري رات اسان سان ويهي ڳالهيون ڪري، پوءِ صبح ٽپٽ تي سيکو پنهنجي ڪم سان وڃي لڳي. ٻيءَ رات وري آءٌ توهان کي ۽ گل منير کي پنهنجي گهر وڃي هلندس ۽ هنهنجي زال پنهنجي هٿن سان ماني ٽِڪي ڪارائيندي پياريندي. ٽئين ڏينهن، جي گل منير جي پنهنجي نڪاح پڌي زال هوندي تہ اسان کي بہ دعوت ڏيندو ۽ سندس زال اسان جي زالن وانگر پنهنجي هٿن سان ماني ٽڪي کارائيندي، پر جي ڪا پرائي ڀڃائي آيو هوندو تہ اسان کي دعوت ئي ڪونہ ڏيندو. بادشاهہ کي وزير جي اها ڳالهہ پسند آئي.

شام جو ڇڏهن مجلس ٿي، تڏهن بادشاهہ، گل منير ۽ وزير کي چيو تہ: اڄ اوهان کي اسان ڪجي دعوت آهي. اسان سان محلات ۾ هلو. بادشاهہ جي چوڻ تي هنن دعوت قبول ڪئي. ٻئي بادشاهہ سان گڏجي محل ۾ آيا. بادشاهہ پنهنجي راڻيءَ کي اڳيئي سمجهائي ڇڏيو هو، سو راڻي هنن کي پنهنجن هٿن سان هنڊ وڃائي ڏنو ۽ ٻنهي جڻن کي پلنگن تي آڻي ويهاريو. پوءِ پنهنجن هٿن سان ماني پڃائي کين کارايائين ۽ سڄي رات ساڻن ڳالهيون ٻولهيون ڪيائين. صبح جو هر ڪو پنهنجو پنهنجو رستو وڃي هليو ويو. ٻئي ڏينهن شام جو دربار مان اٿڻ وقت وزير، بادشاهہ ۽ گل منير کي دعوت ڏني، سي ٻئي جڻا گڏجي وزير جي محلات ڏانهن ويا. وزير جي زال پنهنجي جڙ جو چگو آڏرياڻ ڪيو ۽ کين پنهنجن هٿن سان ماني ٽڪي کارائي، پوءِ ويهي ساڻن ڪچهري ڪيائين. اهڙيءَ ريت ساري رات ڳالهيون ٻولهيون ڪري هر ڪو پنهنجي گهر روانو

ٿيو.

شهزادو گل منير وزير جي دعوت ڪائي، جڏهن گهر پئي آيو تہ وات تي اچي خيال ٿيس تہ بادشاهہ ۽ وزير تہ چگي سٽي آهي، هنن جي تہ دعوت ڪاڏم، پر هاڻي آڻڻ چا ڪريان، ڪيئن هنن کي دعوت ڏيان! اهي پور پچائيندو اچي گهر پيڙو ٿيو ۽ هڪڙي ٽٽل منجي ڏسي انهيءَ تي ليٽي پيو. ٻانهيءَ جو گل منير جي اها حالت ڏني، سا رڙهي اچي پاسي ۾ وينس، چي: شهزادا! ڪر خبر ڪهڙي ڳڻتي اٿئي؟ گل منير پهرين تہ گهٽو ئي نٽايو، پر پوءِ ٻانهيءَ جي زور پرڻ تي، بادشاهہ ۽ وزير جي دعوتن جو سارو ذڪر ٻڌائي ڇيو تہ: اڄ جيڪڏهن مون ڪين دعوت نہ ڏني تہ هو الائجي چا سمجهندا؛ پر جي دعوت ڏجي بہ ڪٽي تہ وري شهزاديءَ جي حالت توکان ڳجهي ڪانهي، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ چا ڪريان؟ تڏهن ٻانهيءَ چيس تہ: شهزادا! ڳالهہ بہ ايتري، هاڻي ڪنهن بہ قسم جو خيال نہ ڪر، آڻڻ شهزاديءَ کي پاٽيهي پير تي بيهاريندیس، تون پلي بادشاهہ ۽ وزير کي دعوت ڏي، پر پهرين هيئن ڪر جو ڪجهہ مهرون ڪٽي وڃي هڪڙي نٽ ونڻي آڻي ڏي. شهزادي بازار مان هڪڙي نٽ ونڻي آڻي ٻانهيءَ کي ڏني. ٻانهيءَ چا ڪيو جو گل منير کي بادشاهہ ڏانهن روانو ڪري، پاڻ نٽ ڪٽي اچي شهزاديءَ جي پر ۾ وينو، چي: شهزادي! اڄ اسان جي آزمائش آهي، جي اسين انهيءَ ۾ ناڪام ٿياسين تہ پوءِ خبر ناهي تہ بادشاهہ پاڻ سان ڪهڙي هلت ڪري، تنهن ڪري چگو ڇاٽين تہ هيءَ نٽ ڪٽي پاءِ، اڃوڪي رات جي ڳالهہ آهي، خير سان گذري ويندي؛ بيءَ صورت ۾ گل منير سان گڏ ناحق مارجي ويندیسين. انهيءَ تي شهزاديءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هن کي ڏڪو ڏيئي، گهٽ وڌ ڳالهائي پري ڪيائين. پر ٻانهي بہ مڙڻ واري ڪانہ هئي، تنهن وري بہ شهزاديءَ کي منٽ ميڙ ڪئي ۽ بادشاهہ ۽ وزير جي دعوت جو سڄو قصو ٻڌائي ڪيس سمجهايو. انهيءَ سمجهائڻ تي شهزاديءَ جي ڪاوڙ

ڊري تي ۽ نٽ کٽي وڏائين. پوءِ ٻانهيءَ سمجهائي چڏيس ته: جڏهن بادشاهه ۽ وزير اچن، تڏهن کين ڪيڪاري، پنهنجن هٿن سان هنڌ وڇائي ويهارجئين، ۽ پنهنجن هٿن سان ماني کارائي، ساڻن ساري رات رهاڻ ڪجئين؛ ائين نه ٿئي جو هوڪا گهٽتائي ڏسي شڪجي پون ۽ پوءِ پاڻ کي سور سهٽا پون. ائين چئي ٻانهي، شهزاديءَ کي هار سينگار ڪرائي، پاڻ وڃي طعام تيار ڪرڻ لڳي.

جڏهن سانجهيءَ مهل بادشاهه جي ڪچهري ختم ٿي، تڏهن گل منير، بادشاهه ۽ وزير کي دعوت ڏيئي گهر وٺي آيو. شهزاديءَ مرندي کسندي هنن کي ڪيڪاري اڇي پلنگن تي ويهاريو ۽ طعام تيار ڪري پنهنجن هٿن سان کين کارايو. طعام کائي جڏهن هٿن ڌوئڻ لاءِ اٿيا، تڏهن بادشاهه ۽ وزير جا پهريائين هٿ ڏاري، پوءِ گل منير جا هٿ ڏاريائين. گل منير هٿ ڌوئي گوڙي ڪري کٽي شهزاديءَ ڏانهن اڇلائي جا سندس ڪپڙن تي وڃي لڳي. انهيءَ تي شهزادي ٿورو مشڪي ۽ پوءِ اڇي هنن سان ڪچهري ڪرڻ ويٺي. ساري رات رهاڻ ڪري صبح جو گل منير کان موڪلائي بادشاهه ۽ وزير اتي هليا. واٽ تي بادشاهه وزير کي چيو ته: ڏٺئي وزير! پنهنجي زال کان سواءِ بيءَ سان ايتري حجت ڪري نٿي سگهجي. پڪ هيءَ سندس نڪاح ٻڌي زال آهي. تنهن تي وزير چيو ته: بادشاهه سلامت! ائين برابر آهي ته گل منير جي زال اسان جي تمام گهٽي خدمت ڪئي، پر مون پئي ڏٺو ته هن گل منير کان پئي پاسو ڪيو. تنهنڪري اڄان به ڳالهه ۾ رولو پيو سمجهان. تڏهن بادشاهه چيس ته: پلا ٻيو ڪهڙو بلو ڪريون؟ ان تي وزير چيو ته: بادشاهه سلامت! شڪار جو ڪو بهانو ڪري هتان نڪري ٻاهر هلجي، زالون به پاڻ سان کڻجن ۽ هر هڪ جو طنبوءَ جدا جدا هجي. ان کان پوءِ رات جي وقت پاڻ ٽيئي ڇٽا طنبن جي ٻاهران ويهي ڪچهري ڪريون. پوءِ جنهن کي پنهنجيءَ زال جو سڏ ٽيندو، سو طنبو ۾ هليو ويندو. گل منير جي

نڪاح ٻڌي ڏال هوندي ته ڪيس سڏيندي، جي ڏاري هوندي ته سمهي رهندي ۽ گل منير به ٻاهرئي ڀيو هوندو. بادشاهه کي وزير جي اها صلاح وٹي؛ سو ٻئي ڏينهن شڪار جو ٻهانو ڪري گل منير کي به باقبيلي تيار ٿيڻ لاءِ چيائين. گل منير اها ڳالهه ٻڌي ويچار ۾ پئجي ويو ۽ گهر اچي وري به منهن ويڙهي چنل منجيءَ تي سمهي رهيو. ٻانهيءَ جو ڏٺو، تنهن سهي ڪيو ته هن کي ڪا ڳڻتي آهي، تنهن اچي ڪانئس حقيقت پڇي. گل منير شڪار واري حقيقت ٻڌائي چيس ته: هاڻي شهزادي الائجي کهڙا پير ڪٹندي! جي ڪين کو شڪ ڀيو ته شهزادي ڦري وڃندا ۽ مون کي تڙي ڪيي ڇڏيندا. انهيءَ تي ٻانهيءَ چيس ته: شهزادا! تون ڪنهن به قسم جي ڳڻتي نه ڪر، خدا مڙيئي سولي ڪندو. اڄي ماني ٽکر کاءُ! اتي گل منير کي پيٽ ۾ ساهه ڀيو ۽ ماني ٽکي کائي آرام ڪيائين. ٻانهي وڃي شهزاديءَ کي ڳالهه ٻڌائي سمجهايو. جنهن آخرڪار ٻانهيءَ جو اهو چوڻ به قبول ڪيو.

ٻئي ڏينهن بادشاهه شڪار لاءِ تيار ٿيو. گل منير به گهر ۾ پوري تياري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. بادشاهه جي نوڪرن هن کي اُٺ آڻي ڏنو، جنهن تي شهزادي ۽ ٻانهيءَ کي سوار ڪيائين ۽ پاڻ گهوڙي تي سوار ٿي اڳي بادشاهه ۽ وزير سان گڏيو، جن هن کي ڏسي پنهنجن زالن کي اُٺن تي سوار ڪيو، ۽ پاڻ گهوڙن تي سوار ٿي روانا ٿيا. هي ٽيئي جڻا شڪار ڪندا هلندا رهيا. آخر شام جو هڪڙي هنڌ خيما کوڙيائون. هر هڪ پنهنجي پنهنجي طنبوءَ ۾ داخل ٿيو. جڏهن رات ٿي ۽ ماني ٽکي کائي واندا ٿيا، تڏهن طنبن جي اڳيان هڪڙي ميدان تي ٽيئي جڻا ڪچهري ڪرڻ لڳا. لهوارين اوپارين خبرن چارن کان پوءِ بادشاهه چيو ته: هاڻي ڪا راڳ جي محفل ٿئي. پهرين بادشاهه راڳ ٻڌايو، راڳ ختم ٿيو ته بادشاهه کي راڻيءَ جو سڏ ٿيو. وري وزير راڳ شروع ڪيو. راڳ جي ختم ٿيڻ تي وزير جي زال هن کي سڏ ڪيو. هاڻي گل منير جو

وارو هو، هن کي هڪڙو وطن ڇڏڻ جو ڏک، پيو پائرن جي جدائي. ٽيون وري شهزادي ۽ جي بيوفائي، سڀ سور اچي جاڳيس، سو ڏاڍي ڏک وچان ڳائڻ لڳو. ٻانهي شهزادي ۽ کي منٿون ميڙون ڪيون تہ: من گل منير کي سڏ ڪري، مگر هن صفا انڪار ڪيو. نيٺ ٻانهي ۽ چالاکي ڪري گل منير کي سڏ ڪيا. هوڏانهن گل منير جي دل مان جيڪي درد جون دانهون نڪري رهيون هيون، سي ٻڌي بادشاهہ ۽ وزير حيران ٿي ويا، ۽ راڳ مان اهڙو تہ رس آيو جو اٿڻ جي وائي نہ واريائون. شهزادي ۽ جڏهن اهو ڏکارو راڳ ٻڌو، تڏهن نند ئي حرام ٿي ويس ۽ ٻانهي ۽ کان پڇيائين تہ: اهو ڪير پيو ڳائي؟ ٻانهي ۽ ٻڌايس تہ: اهڙو راڳ گل منير کان سواءِ ٻيو ڪير ڳائيندو. انهي ۽ تي شهزادي ۽ جي دل ۾ گل منير جي چڪ ۽ سڪ ٿي، سو ٻانهي ۽ کي گل منير کي سڏڻ لاءِ چيائين. ٻانهي ۽ چيس تہ: مون تہ گهٽائي سڏ ڪيا آهن، هاڻي تون ڪٽي سڏ ڪرينس. انهي ۽ تي شهزادي ۽ ڪٽ تان اٿي ۽ طنبو ۽ جي دروازي تي بيهي، گل منير کي سڏڻ لڳي تہ: گل منير! هاڻي ڪافي رات گذري چڪي آهي، اڃ تہ ڪجهہ وقت آرام ڪريون. پر جيئن تہ بادشاهہ ۽ وزير اٿڻ جي ڪانہ ٿي ڪئي، تنهنڪري گل منير چيس تہ: بادشاهہ سلامت جي موجودگي ۽ ۾ آءٌ ڪچهري ۽ مان اٿي اچان، اها ڳالهہ چگي تہ ڪانهي. شهزادي ۽ اهو ٻڌي ڪٽي صبر ڪيو. گل منير وري بہ ڳائڻ ۽ ڏوهيڙا ڏيڻ لڳو. ڪجهہ دير کان پوءِ شهزادي اهڙو درد وارو ڳائڻ ٻڌڻ سهي نہ سگهي، سا اُٿي وري گل منير کي سڏ ڪرڻ لڳي، جنهنڪري بادشاهہ لاڇار مجلس پوري ڪئي ۽ گل منير کي اجازت ڏنائين. گل منير اجا طنبو ۽ ۾ گهڙيو ئي مس تہ شهزادي ۽ ڪٽي پاڪر پاتس، گل منير هجي جو خوشي ۽ وچان ڪپڑن ئي ۾ نہ پيو ماپي، خدا جو شڪرانو ادا ڪري شهزادي ۽ ساڻ رهاڻ ۾ ويهي رهيو، ۽ باقي رات رهاٽيون ڪندي گذاريائون. صبح ٿيڻ تي بادشاهہ، وزير ۽ گل منير واپس پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آيا. گهر

پهچي شهزادي ڏسي ته سندس هار، جو طنبوءَ ۾، ڪٽ جي پائي ۾ لاهي رکيو هئائين، سو اتي ئي رهجي ويو هو، سو ڪومائجي ويهي رهي. گل منير شهزادي‌ءَ جي اها حالت ڏسي کانئس انهيءَ جو سبب پڇيو. جنهن تي هن هار رهجي وڃڻ جي حقيقت ٻڌايس، گل منير يڪدم هار ڪٽي اڇڻ لاءِ سنيريو. شهزادي‌ءَ گهٽو جهليس ته: هار ويو ته گهوريو، پر تون نه وڃ؛ مگر هو جلد اڇڻ جو چئي هار ڪٽڻ لاءِ روانو ٿيو.

گل منير گهوڙي تي سوار ٿي، تکڙو تکڙو اچي طنبن وٽ پهتو، ڏسي ته بادشاهه جي ٻانهي طنبن جي صفائي پئي ڪري. ان کان هار جو پڇيائين. ڇا ٻانهي، ڇا هار! هن کي ته هو خدا ڏياريو، سو وري واپس ڪيئن ڪري! سا گل منير کان نٽائڻ لڳي، ۽ صاف جواب ڏنائين ته: هار ته مون ڏٺو ئي ڪونهي. گل منير کي پڪ ٿي ته هار ٻانهيءَ وٽ آهي، تنهن ڏڙڪا دهمان ڪيس. ٻانهي کا جادوگرياڻي هئي، تنهن ڇا ڪيو جو هڪڙو سڳو پڙهي ڪٽي گل منير جي ڳچيءَ ۾ وڌو ته هو يڪدم طوطو بنجي پيو. ٻانهي ڪيس جهلڻ لاءِ وڌي ته هو پڙڪو ڏيئي اُڏاٽو. ٻانهيءَ جو ڏٺو ته شڪار هٿن مان ٽو وڃي، سا هڪدم باز ٿي پويان لڳس. اڳيان طوطو پويان باز، آخر وڃي ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتا. طوطو ٽڪجي اڏامڻ کان ڇُور ٿي پيو هو، سو ڪاهي پيو شهر ۾، ۽ گهٽون ڏيندو وڃي شهزادي‌ءَ جي محلات جي هڪڙي جاري ۾ وينو. باز دريءَ وٽ لاماريا ڏيڻ لڳو. طوطو ويچارو خوف کان پڙڪو ڏيئي وڃي شهزادي‌ءَ جي ڪپڙن ۾ لڪو. جنهن ڪٽي پنهنجي هنج ۾ ڪيس ۽ ويهي هٿڙا گهمائڻ لڳيس. هٿن گهمائيندي ڪيس، طوطي جي ڳچيءَ ۾ سڳو نظر آيو. سو يڪدم چوڙيائين ته شهزادو گل منير وري به ماڻهو ٿي پيو. شهزادي‌ءَ جو گل منير جي سهٽي صورت ڏٺي، سا ڏسڻ شرط مٿس موهت ٿي پيئي ۽ هن کان حال احوال پڇيائين. گل منير سربستو احوال ٻڌايس. شهزادي‌ءَ کي پڪ ٿي ته آهي ته شهزادو، پوءِ هاٿي لِکيون لڳن.

پوءِ شهزادیءَ گل منير سان دل جي ڳالهه ڪئي ۽ هن بہ شهزادیءَ جو راضپو ڏسي، ساڻس شاديءَ ڪرڻ جو انجام ڪيو. البت بادشاهه جو خوف ظاهر ڪيائين. ان تي شهزادیءَ چيس تہ: بابي جو مون سان وعدو آهي تہ آءٌ پنهنجي پسنديءَ تي مڙس ڪنديس: تون کوبہ خيال نہ ڪر، آءٌ بابي کي هتي ئي ٽي گهرايان. ائين چئي بانهيءَ کي پيءُ ڏانهن موڪليائين. بانهيءَ بادشاهه کي وڃي آئي؛ جو پنهنجي ڌيءَ جي خاص محل ۾ ڪنهن اوڦتو ماڻهوءَ کي ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ يڪدم ڌيءَ کان گل منير بابت پڇيائين. شهزادیءَ ساڻس سڄي حقيقت ڪئي ۽ پوءِ چيائين تہ: مون هن جي بدن ڪي هٿ لاتو آهي، تنهن کان سواءِ هي بہ شهزادو آهي ۽ سوڀيا وارو آهي، تنهنکري آءٌ پنهنجي پسنديءَ تي هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، وڌيڪ لاءِ توهين مرضي وارا آهيو. بادشاهه کي گل منير جي صورت ۽ گفتگو پسند آئي ۽ ڪيس شهزادیءَ جو سڳ ڏنائين. پوءِ دربار ۾ وڃي آيس جتي اميرن وزيرن کي بہ گل منير جي گفتگو پسند آئي ۽ انهيءَ جوڙي جي شاديءَ ۾ سرها ٿيا. ڏينهن ٻن اندر گل منير جي شادي ٿي ۽ ٻئي زال مڙس پاڻ ۾ خوش گذارڻ لڳا.

هڪڙي ڏينهن گل منير پنهنجيءَ راڻيءَ کي چيو تہ: جيتوڻيڪ هت هر طرح سان خوش پيو گذاريان، مگر هاڻي پوئتي پنهنجي عزيزن قريبن جي بہ خبرچار لهڻي آهي، هو بہ پريشان هوندا، تنهنکري منهنجي مرضي آهي تہ تون مونکي بادشاهه سلامت کان موڪل وڃي ڏي تہ مائٽن وٽان گهمي ڦري کين منهن ڏيکاري اچان. انهيءَ تي شهزادیءَ چيس تہ: شهزادا! آءٌ بہ توسان گڏ هلنديس. توکان سواءِ هتي مونکي ڪٽي ٿو سڳ اچي؟ ائين چئي هوءَ پنهنجي پيءُ وٽ ويئي ۽ چيائينس تہ: گل منير کي مائٽن جي يادگيري ٿي پيئي آهي، تنهنکري هاڻي اسان کي موڪل ڏي تہ پنهنجي وطن وڃون. جيتوڻيڪ بادشاهه جي مرضي کانہ هئي،

پر شهزاديءَ جو راضپو ڏسي خوشيءَ سان موڪل ڏنائين ۽ کين گهٽو سامان ۽ لشڪر ڏيئي روانو ڪيائين.

گل منير لاءِ لشڪر سميت منزلن تي منزلون ڪندو، آخر هڪڙي ڏينهن ڪنهن بادشاهه جي شهر ۾ هڪڙي باغ ۾ لٿو. قدرت خدا جي اهو باغ بادشاهه جو خاص باغ هو، منجهس هر قسم جا ميوا موجود هئا. گل منير طنبو ڪوڙائي اتي رهي پيو. بادشاهه جي ماڻهن جو گل منير جو لشڪر ڏٺو ۽ سو به وري باغ ۾، سي وڃي بادشاهه ڏانهن پڳا ۽ ڪيس وڃي ٻڌايائون ته: پنهنجي شهر تي ڪو غنيم چڙهي ڪري آيو آهي ۽ توهان جي باغ ۾ لشڪر سميت لهي پيو آهي. بادشاهه اها خبر ٻڌي، وزير کي سڏ سماءَ لهڻ لاءِ موڪليو. وزير هڪلي باغ ۾ آيو، ۽ لشڪر ڏسي دهلجي ويو. نيٺ دل جهلي شهزادي گل منير جي طنبوءَ وٽ آيو ۽ شهزادي کي سلام ڪيائين. گل منير، وزير کان خبر چار پڇي. وزير سياڻو هو، تنهن چيس ته: توهان جي اچڻ جي خبر ٻڌي بادشاهه سلامت پيغام موڪليو آهي ته: جي مهمان جي حيثيت سان آيا آهيو ته اسان جا مهمان آهيو، جي جنگ جو خيال هجي ته اسين به تياري ڪريون. انهيءَ تي گل منير ٿورو مشڪي وزير کي چيو ته: اي عقل جا ويرا! اسين مهمان آهيون، ڪجهه وقت آرام ڪري پنهنجي ملڪ ويندا سين، جنگ نه ڪندا سين. ائين چئي وزير کي پوشاڪ پهرائي، بادشاهه ڏانهن ڪجهه تحفا ۽ سلام ڏيئي ڪيس روانو ڪيائين. وزير گل منير کان موڪلائي بادشاهه وٽ آيو ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائينس؛ پر شهزادي جي سهڻي صورت ۽ عقل جي ايتري ته تعريف ڪيائين جو بادشاهه ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ وزير کي چيائين ته: جي شهزادو واقعي اهڙو حسين ۽ عقلمند آهي ته منهنجي مرضي آهي ته پنهنجي شهزاديءَ جو سگ ڪيس ڪٽي ڏيان. وزير انهيءَ ڳالهه ۾ راضي ٿيو ۽ بادشاهه جي چوڻ تي اچي شهزادي سان مليو. سلام ڪري ڪيس بادشاهه جو پيغام ٻڌايائين. شهزادي گل

منير بادشاهه جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ قبول ڪئي ۽ وزير کي پوشاڪ پهرائي جلد تياري ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين. وزير، بادشاهه وٽ آيو ۽ ڪيس اڇي مبارڪ ڏنائين.

آخر شاديءَ جي ٽياري ٿي؛ هفتي کن اندر گل منير ۽ بادشاهه جي ڏيءَ جي وڏي ڌام ڌوم سان شادي ٿي گذري. ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ شهزادي، بادشاهه کان موڪل ورتي؛ جنهن گهٽو ڏاج ڏيون ڏيئي، شهزادي کي خوشيءَ سان موڪل ڏني. سو هڪلي اڇي انهيءَ بادشاهه جي شهر جي باهران لٿو، جتي سندس پهرين راڻي، بانهيءَ سميت رهيل هئي.

شهزادي گل منير کي شهزاديءَ کان جدا ٿئي بارهن مهينا گذري چڪا هئا. شهزادو گل منير جڏهن کان موڪلائي هار ڪٽ ويو ۽ واپس نه وريو، تڏهن کان هن جي حالت پوئتي پوڻ لڳي، ايتري قدر جو اکين مان ڳوڙها پيا وهندا هئس. هار سينگار کي ته ويجهي به ڪين ويندي هئي، فقط هڪ رات جي ملاقات کي ساريو پيئي ڳرندي هئي. هوڏانهن بادشاهه کي به گل منير جي نه اچڻ جو خيال ٿيو ۽ خبر چار ونڻ لاءِ پنهنجي بانهيءَ کي گل منير جي گهر موڪليائين. شهزادي، بانهيءَ کي ايندو ڏسي مات ڪري سياڻي ٿي وبهي رهي ۽ هن کان خبرون چارون پڇيائين. بانهيءَ ٻڌايس ته: بادشاهه، گل منير جي خبرچار لاءِ موڪليو آهي، جو ڪيترن ڏينهن کان وڻي دربار ۾ ڪونه ٿو اچي. شهزاديءَ چيو ته: شهزادو پنهنجي ڳوٺ ويو آهي. اميد ته هاڻي جلد موٽي ايندو. اها ورندي وڻي بانهي بادشاهه وٽ آئي ۽ ڪيس حقيقت ٻڌايائين، بادشاهه ڪٽي مات ڪئي.

شهزادو گل منير، جو لشڪر سميت شهر جي باهران اڇي لٿو هو، سو ڪن ماڻهن ڏٺو، جن ڊوڙي وڃي بادشاهه کي ٻڌايو ته: پنهنجي شهر تي ڪو غنيم چڙهي ڪري آيو آهي ۽ سندس لشڪر شهر جي

ٻاهران اچي لٿو آهي. بادشاهہ پنهنجي وزير کي موڪليو تہ تون وڃي ڏس تہ ڪير آهي ۽ سندس مرضي ڪهڙي آهي. وزير اڃي هليو، ۽ اچي شهزادي سان مليو. شهزادي کي ڏسندي ئي سڃاتائين تہ هي اهوئي گل منير آهي، جنهن کي مئو ڄاتو هئوسين. سو حيرت ۾ پئجي ويو تہ هيءَ ڪٿان اچي پيدا ٿيو. نيٺ هڪڙي سان مليا ۽ گڏجي بادشاهہ وٽ آيا، جو شهزادي کي ڏسي خوش ٿيو ۽ حال احوال پڇيائينس. گل منير سربستي ڳالهہ اول کان آخر تائين ڪيس ٻڌائي، جا ٻڌي بادشاهہ خوش ٿيو. پوءِ بادشاهہ کان موڪلائي گل منير لشکر ۾ آيو، جتان پنهنجون ٻئي راڻيون ساڻ ڪري اچي گهر ۾ پهتو ۽ پهرين راڻيءَ سان مليو. هوءَ بہ ٻارهن مهينن ڪان پوءِ گل منير کي ڏسي سرهي ٿي ۽ سپ ڏک سور لهي ويس.

هڪڙي ڏينهن بادشاهہ، وزير سان صلاح ڪئي تہ گل منير جو شان ۽ رتبو اعليٰ آهي، جو بن وڏن بادشاهن جون ڏيئرون پرٽيو آهي، منهنجو خيال آهي تہ پنهنجي وڏور ڏيءَ بہ ڪٽي ڪيس ڏيان. وزير هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ: ڏيءَ اٽارڻ فرض آهي، منهنجو پڻ اهوئي خيال آهي، وڌيڪ توهين مرضيءَ جا مالڪ آهيو. بادشاهہ، وزير کي شاديءَ جو پيغام ڏيئي گل منير ڏانهن موڪليو. شهزادي بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ هائوڪار ڪئي. آخر ٿوري گهٽي ڏينهن گل منير جو چوٽين راڻيءَ سان بہ نڪاح ٿيو.

بادشاهہ هاڻي پيرسن ٿي ويو هو، تنهن پنهنجي جيئري بادشاهي ڪٽي گل منير جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ وڃي خدا جي عبادت ڪرڻ لڳو. شهزادي گل منير ڏنو تہ چار راڻيون بہ مليون ۽ بادشاهي بہ ملي، منهنجو خواب سچو ثابت ٿيو، تڏهن پائرن جي يادگيري ٿيس. ڪيس يقين ٿي ويو تہ منهنجي پائرن جا خواب بہ سچا ٿيا هوندا، سو ماڻهو ڳولا لاءِ چڏيائين. ڪين پار پتا ڏيئي ٻڌايائين تہ: هڪڙو ڪنهن ميمار وٽ

هوندو ۽ ٻيو ڪنهن مهاڻي وٽ هوندو. ماڻهو ڳولينداً رهيا، نيٺ ٻنهي کي وڃي هٿ ڪيائون. هڪڙو وڏو ٻاڻُ ميهار وٽ هو ۽ اُن جي ڏيءَ سان شادي ڪئي هئائين. ٻيو ٻاڻُ وري مهاڻي وٽ هو. جڏهن ٻئي اڇي حاضر ٿيا، تڏهن گل منير حڪم ڏنو ته ٻنهي کي وهنجاري سهنجاري نوان ڪپڑا ڏيڪائي، محلات ۾ وڃي اڇو. نوڪر حڪم جا بندا، تن سڀ ڪم پورو ڪري ٻنهي ٻائرن کي محلات ۾ آندو. محلات ۾ شهزادي گل منير چا ڪيو جو پاڻ هندوري ۾ ستو، ٻه راڻيون سڄي پاسي هڪڙي پلنگ تي ويهاريائين ۽ ٻه راڻيون ڪاپي پاسي ويهاريائين؛ جن واري سان لوڏو ٻه پئي ڏنو ۽ وات ۾ پتاشو ٻه پئي وڌس. ٻائرن وينِي سڄو تماشو ڏٺو. تن ٻه سڃاتو ته هيءُ اسان جو ننڍو ٻاڻُ آهي، جنهن جو الله سائين ايڏو مرتبو ڪيو آهي. انهيءَ کان پوءِ شهزادي ٻه پاڻ سڃاڻايو. اهڙيءَ ريت ٽيئي ٻائر پاڻ ۾ملي خوش ٿيا. پوءِ شهزادي، پنهنجي ٻنهي ٻائرن جي مرضيءَ سان هڪڙي کي مينهون وٺي ڏنيون، ٻئي کي مهاڻن جو سردار بنايائين. جهڙيءَ ريت تنهي ٻائرن جي دلي مراد پوري ٿي، تهڙيءَ طرح الله سائين ڪل جهان جون مرادون پوريون ڪري. آمين!





٢- شهزادي ۽ جادوءَ جي منڊي *

هڪڙو هو بادشاهہ- جنهن کي اولاد ٿيندو ئي کونہ هو. نيٺ هڪڙي ڏينهن ويس بدلائي، کارا ڪپڙا پائي، شهر جي باهران رستي تي اونڌي منجي وجهي سمهي رهيو. رستي تان ڪٿين ماڻهو پئي آيا ويا ۽ هن کان پئي حال احوال پڇيائون، پر هن ڪنهن سان بہ پنهنجي دل جو حال نہ ڪيو. ٻورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ، هڪ پيري جڏهن رات ٿي ۽ لوڪ لقاءُ سمهي رهيو، تڏهن وٽس هڪڙو ديو آيو؛ جنهن کانئس پڇيو تہ: اي آدم جا ٻچڙا! هيترن ڏينهن کان هتن حالن ۾ تون هتي ڪيئن وينو آهين؟ بادشاهہ هن سان سموري حقيقت بيان ڪئي. ديو چيس تہ: هيءُ لَڻ اٽئي، ۽ اُٽي هن ٻير جي وڻ ۾ هڻ؛ پوءِ جيڪڏهن ٻير سَڄو تہ پُٽ ملندئي، پر جي پَن ڪريو تہ ڏيءَ ڇمندئي؛ پر ياد رک تہ جي ڏيءَ جائي تہ انهيءَ جو لکيو اٽئي گهوڙي سان؛ ۽ هي منڊي اٽئي، جا ڏيءَ کي ڇيڇ ۾ پارائي ڇڏج، جو هُوءَ جتي بہ منڊيءَ کي چوندي تہ کيس اُڏائي اُتي وڃي ڇڏيندي. ديو ايترو چئي بادشاهہ کي لڻ ۽ منڊي ڏيئي غائب ٿي ويو. بادشاهہ جيئن اُها لڻ وڻ ۾ هنئي، تہ ڏٺيءَ جي قدرت سان فقط هڪ پَنُ ڪريو. بادشاهہ اُهو ڪٽي، ڏوئي رڌي راٽيءَ کي کارايو. ٻورن ئي ڏينهن ۾ راٽيءَ کي پيٽ ٿيو، ۽ مُدت پوري ٿيڻ تي کيس ڏيءَ ڄائي. بادشاهہ ڏاڍا شادمانا ۽ شڪرانا ڪيا، ۽ شهزادي اڄ ننڍي سڀان وڏي، نيٺ اڇي جوان ٿي.

---

* هيءَ ڳالهہ اُتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان محمد عالم "شور" خانپوري کان ملي.

هڪڙي ڏينهن، بادشاهه پنهنجي وزير کي چيو تہ: تون سفر جو سامان ساڻ ڪري، ڪنهن نہ ڪنهن بادشاهيءَ ۾ وڃي، شهزاديءَ لاءِ شهزادو ڳولي سَگُ ڪري اَچ. هر مون کي پُٽ آهي ڪونہ سو شهزادو اهڙو هجي، جو هتي اسان وٽ رهي ۽ پس پيش هي راج پاڳ سنڀالي. بادشاهه جي حڪم تي وزير ولايتون ووڙهندو، نيٺ وڃي هڪڙي بادشاهيءَ ۾ پهتو. مجاڻ اُتي جي شهزادي جي ماءُ هئي جادوگرڻ - جنهن کي شهزاديءَ جي پيدائش، گهوڙي سان لکئي، ۽ ديو واري منڊيءَ جي ڪا اڳيئي خبر هئي - تنهن اُها منڊي هٿ ڪرڻ لاءِ پٽ کي ڪو اهڙو جنتر سيکاري ڇڏيو، جو پڙهي هو هڪدم گهوڙي جي پوش ۾ اچي ويندو هو. خير- وزير، شهزاديءَ جي ڳالهه اتي پڪي ڪري موٽي آيو، ۽ اچي بادشاهه سان سمورو احوال ڪيائين، ۽ ٻڌايائينس تہ: شهزادو، گهوڙي جي پوشاڪ ۾ ڏيکيندو آهي. اهو ٻڌي بادشاهه کي ديو واري ڳالهه دل سان لڳي آئي. آخر شهزاديءَ کي پرٽاڻي، ٻنهي زال مڙس کي پاڻ وٽ جدا جاءِ جوڙائي، اُن ۾ رهائي ڇڏيائين؛ جتي ڏينهن رات ٻانهيون هٿ ٻڌيو، هنن جي خدمت ۾ بيٺيون هوندیون هيون، ۽ سڀ ڪاڌا پيتا ۽ ساز سامان وينو وينو کين اُتي پيا ملندا هئا.

شاديءَ کان پوءِ ۾ شهزادي جو اهوئي دستور رهيو، تہ جڏهن دل ٿيندي هيس، تڏهن گهوڙي جو پوش ڏکي بيهي رهندو هو. شهزاديءَ جي ماءُ کي انهيءَ ڳالهه جو ڏاڍو ارمان رهندو هو، ۽ ڏيءَ جي قسمت تي پيئي دل ئي دل ۾ ڪڙهندي هئي. نيٺ سهي سهي هڪڙي ڏينهن ٻانهيءَ کي چيائين تہ : جڏهن شهزادو رات جو پنهنجي پوشاڪ لاهي رکي، تڏهن تون وڃهه ونيو، چپ چاپ اُها کڻي کيڏانهن گم ڪري ڇڏ. هڪڙيءَ رات جڏهن شهزادو ۽ شهزادي ستا پيا هئا، تڏهن ٻانهيءَ وڃهه ڏسي، شهزادي جي اُها پوشاڪ چورائي کڻي وڃي ساڙي ڇڏي. شهزادي کي جڏهن خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس، ۽ اچي ڊپ ورتس تہ هاڻي ماڻس الائي ڇا ڪري ڇڏيندي! آخر لاچار ٿي ڪم ڪار لاءِ هو

اندر باهر نڪرڻ لڳو. هوڏانهن ماڻس کي جڏهن اهو اطلاع پهتو، تڏهن دل ۾ چيائين ته، هاڻ منهنجي پٽ جو خير ڪونهي، جو منهنجي سڳي ڏاڪي کان نڪري ويو آهي. سو واڪ واڪ ڪندي هڪڙي ڏينهن اچي پُٽ وٽ نڪاءُ ڪيائين. نُنهن جي ڪرامتي مندي هٿ ڪرڻ جي ته اڳيئي لوڙهه لڳل هيس، سو اچڻ سان نُنهن تي اهڙو وڻي لبيس وارو هٿ ڦيرايائين، جو شهزادي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ هن کي بنهه پنهنجي ماءُ سمجهي ڪٽي اکين ۾ جايون ڏنائين. هڪڙي ڏينهن شهزادي وهجندي، ديو واري اُها مندي غسلخاني ۾ وساري آئي. سَسٽس کي جو لڳو وڃهه، سو مندي ڪٽي ڪيائين سوگهي، ۽ وجهندي پٽ کي ٻانهن ۾ هٿ، وڻي اڏاٽي ۽ گهڙيءَ ۾ اچي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ لٿي. شهزاديءَ کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو پڇتايائين، ۽ روئي روئي ساٿي ٿي پيئي. آخر پيءُ کان اجازت وٺي، هڪ ٻانهي ۽ ٻه گهوڙا تيار ڪرائي، مردانو ويس ڪري، اُٿي مڙس جي ٻڌيان پنڌ پيئي.

هلندي هلندي ٿوري گهٽي ڏينهن، شهزادي ٻانهي سميت اچي مڙس جي ملڪ ۾ پهتي. شهر جي ٻاهران جهنگ ۾ رات پئجي وين. هڪڙيون ويچاريون اڪيليون زالون، ٻيو پرديس ۽ جهنگ، سو رات هئڻ سبب گهوڙن کي هڪ پاسي ڪري، مٿي وڻ تي چڙهي ويهي رهيون. اڌ رات گذارڻ کان پوءِ، ڏٺيءَ جي قدرت سان شهزاديءَ جو مڙس هڪ پريءَ سان گڏ انهيءَ وڻ جي هيٺان اچي چوپڙ راند ڪرڻ ويٺو. شهزاديءَ جڏهن هيءَ حالت ڏٺي تڏهن سندس اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا، جي اتفاق سان وڃي سند ۽ مڙس جي مٿان ڪريا. تنهن تي شهزادي مٿي نهاريو ۽ ڪيس سجاڻي اشاري سان چيائين ته: بس ڪر، متان پَري توکي ماري نه ڇڏي. اشاري ملڻ تي شهزاديءَ کٽي مات کئي. آخر صبح ٽيڻ تي پَري، شهزادي کان موڪلائي اُڏامي ويئي. پوءِ شهزادي هن کي هيٺ لهي اچڻ لاءِ چيو. هوءِ وڻ ٽان هيٺ لٿي. پوءِ ٻئي جڻا پاڻ ۾ ملي حالي احوالي ٿيا، ۽ ڏاڍ سُور اوريائون. شهزادي چيس ته: منهنجي ماءُ آهي

جادوگرڻ، سو توکي اُتي پاڻ وٽ کيئن رهايان؟ پر هڪڙي صلاح آهي تہ تون وڃ پاڻهي ٽي هلي بيهہ. انهيءَ بهاني سان گڏ رهي سگهندا سين. تڏهن شهزاديءَ چيس تہ: توکان سواء منهنجي زندگي زهر آهي. تون کهڙي بہ نموني مون کي پاڻ کان جدا نہ ڪر، جيئن تون چوندين، تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

نيٺ شهزادي هن کي وٺي اچي ماءُ سان ملايو، ۽ ايلاز منٿون ڪري، کيس پاڻهيءَ جي بهاني پاڻ وٽ رهايائين. ماٽس هئي ظالم روح، سان هن ويچاريءَ کان سخت ڪم وٺڻ لڳي. هڪ ڏينهن سرنهن ۽ واڙيءَ جون بہ ڳوٽيون پاڻ ۾ گڏائي، شهزاديءَ کي چيائين تہ: هن ڊير مان سرنهن جدا ڪري ڳوٺ پري رک نہ تہ تنهنجو خير ڪونهي. اهو حڪم ٻڌي شهزادي ڳٽتيءَ ۾ پئجي ويئي. جڏهن سندس مڙس آيو، تڏهن هن سان اها حقيقت ڪيائين. شهزادو هو جادوگرڻ ماءُ جو پٽ، سو هن کي بہ ڪي گُر ايندا هئا، تنهن ڇا ڪيو جو هڪدم ديون کي حڪم ڪيائين تہ: اهو ڪم هڪڙي پل ۾ ڪري ڏيو. حڪم جي دير هئي، اک ڇنڀ ۾ ڪم ٿي ويو. ماٽس جڏهن هيءُ حال ڏٺو، تڏهن سمجهي ويئي تہ اهو ڪم منهنجي پٽ جو آهي. ٻئي ڏينهن وري وڏيءَ گپ ۾ گهٽا ڪندا ۽ ڪاڻيون ملائي چيائين تہ: انهيءَ مان گارو ناهي پٽ جوڙي، ان جي مٽان گاري جو ليپو ڏيئي ڇڏ. شهزاديءَ اها ڳالهہ بہ وڃي مڙس سان ڪئي، جنهن وري بہ ديون کي حڪم ڪيو، جن گهڙيءَ ۾ پٽ جوڙي، لنبي ناهي تيار ڪري ڇڏي. جادوگرياڻيءَ جڏهن اهو لقاءَ ڏٺو، تڏهن پڪ ٿيس تہ منهنجو پٽ هن پاڻهيءَ تي عاشق آهي، ۽ وري بہ ڪيڏانهن هليو نہ وڃي. وري جادوءَ جي زور تي ڪٽي ڏسي تہ هيءَ پاڻهي اُها ساڳي شهزادي آهي، جنهن سان منهنجي پٽ جي شادي ٿيل آهي. هيڪاري ڳٽتيءَ ۾ پئجي ويئي تہ هاڻي منهنجي پٽ جو خير ڪونهي، اها شهزادي ڪڏهن نہ ڪڏهن منهنجي پٽ کي ضرور وڃي ويندي، تنهنڪري کيس چونہ اٽڪل سان مارائي ڇڏجي. آخر خيال ڪري هڪڙي ڏينهن چنبي لکي ڏنائينس ۽ چيائينس تہ: منهنجيءَ پيٽ وٽ ڪٽي وڃ. شهزادي اها

چني ڪٽي هلي ته وات تي سندس مڙس مليس، جنهن سان اهو احوال ڪيائين. شهزادو جان ڪٽي چني پڙهي ته لکيو پيو هو ته: هيءَ منهنجي پٽ جي دشمن آهي، تو وٽ پهچي ته ڪيس ماري گپائي ختم ڪري ڇڏج. هن اها چني ڦاڙي، پي لکي ڏنيس ته: هيءَ منهنجي ننهن سدوري ۽ سلڇٽي آهي، تون هن کي پيار ۽ محبت سان پاڻ وٽ رهائج.

شهزادي جي ماسي ڪَن ڪان ڪُري، اک ڪان ڪاڻي، هٿ ڪان ٽُنڊي ۽ ٽنگ ڪان منڊي هئي. شهزاديءَ کي هلڻ وقت سندس مڙس اها ڳالهه ٻڌائي چيو ته: تون جڏهن دهل جو آواز ٻڌين، تڏهن ڪنهن بهاني سان باهران اچي بيهجانءِ تہ پوءِ پاڻ گڏجي هي ملڪ ڇڏي ڪنهن پاسي هليا هلنداسين. ماسي توکي گهٽو ئي روڪيندي، پر هوءَ اجان اُڻي ئي نه، ته وڻي زور سان ڏکو ڏُجئينس، جيئن وڃي ڪنهن آڙاهه ۾ ڪري. شهزاديءَ جي وڃڻ کان پوءِ جادوگرياڻي کي پڪ ٿي ته هوءَ هاڻي مري کپي ويئي هوندي، سو چا ڪيائين جو پيڻ جي ڳوٺ مان پٽ کي پرٽائڻ لاءِ ڇڄ وڻي اڻي نڪتي. وات تي شهزادو ضد ڪري ويهي رهيو، چي: اها ڪرامتي منڊي ڏي ته اڳتي هلان، نه ته ڪونه هلندس. آخر گهٽي ڇڪتاڻ کان پوءِ ماڻس کيس منڊي ڏني، جا شهزادي وڻي ڪٽي سوگهي ڪئي. ڇڄ به هلندي هلندي نيٺ اچي انهيءَ ڳوٺ ۾ شهزاديءَ جي رهڻ واريءَ جاءِ جي باهران ٻيڻي. اتي شهزاديءَ جي ڪَن تي جو دهل جو آواز پيو، تڏهن سهي ڪيائين ته شهزادو اچي ويو.... سو منڊي ٽُنڊي ماسيءَ کي مات مات ڪري وڻي جو ٽيلهو ڏنائين ته وڃي اونڌي منهن ڪري، ۽ پاڻ پڙڪو ڪائي، هڪدم اچي پنهنجي مڙس سان ملي ۽ پوءِ پئي گڏجي وڻي اُڏاڻا ۽ اک ڇنپ ۾ اچي پنهنجيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتا. شهزاديءَ جي پيءُ ۽ ماءُ جڏهن هنن کي ڏٺو، تڏهن ڏاڍا خوش ٿيا ۽ خير خيراتون ڪري خوشيون ڪيائون. پنيان شهزادي جي جادوگرڻ ماءُ جڏهن ڏٺو ته پُٽ جو وڃڻو هو سو هٿان ويو، تڏهن روئي روئي منهن مٿو پٽي ڇڄ سميت واپس هلي ويئي. هوڏانهن شهزادو ۽ شهزادي پاڻ ۾ همیشہ لاءِ گڏ گذارڻ لڳا ۽ سڄي عمر ڏاڍي مزي ۾ گذاريائون.

جهڙو ميلو انهن جو ٽيو، تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي.

٣ ـ ڪوڙهيو بادشاهه ۽ وفادار طوطو *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي ڪوڙهه جي بيماريءَ اهڙو اچي ورايو، جو سڄو بدن ونجي ويس؛ اها جاءِ نه هجيس جنهن تي آگر رکي سگهجي. سڄو بت ڦٽن ڦرڙين سان لنبجي ويس، جنهن مان بدبوءِ پئي ايندي هئي؛ جنهنکري کوبه ماڻهو هن جي ويجهو ڪونه ويندو هو. ويچارا نوڪر چاڪر به لاچار مُنهن تي ڪپڙو رکي ٿهل ٿڪور لاءِ وٽس ويندا هئا، پر گهڙي به گهڙيون ترسي، بيني ئي وٺائس موٽي ايندا هئا.

بادشاهه ويچاري علاج ڪرائڻ کان کين گهٽايو. لَکَ لُٽائي ڇڏيائين، پر قدرت اهڙي، جو ڪک جيترو به ڦائدو ڪونه ٿيس.... ۽ ٿيندي ٿيندي مٿان وار به اچي اڇا ٿيس. آخرڪار سيني پاسن کان ناااميد ٿي، ملڪ راڄ جا معاملا وزير جي حوالي ڪري، ڪارا ڪپڙا پائي، شاهي محلات جي اڳيان چؤواٽي تي اونڌي منجي ڪري وڃي ويهي رهيو. انهيءَ چؤواٽي تان هر روز ڪيترائي ديس پرديس جا فقير ۽ درويش پيا لنگهندا هئا، ۽ بادشاهه به سيني کان علاج لاءِ ڏس پتا پيو پچندو هو؛ پر کنهن به هن کي کو اهڙو ڏس ڪونه ٻڌايو، جنهن مان هو چگو ٿيو. هڪڙي ڏينهن کنهن ڏورانهين ولايت جو هڪڙو جهور پوڙهو سيلاني فقير اچي لنگهيو- جنهن جي ڪنن جون پاپڙيون به پئي ڏُڌيون- تنهن بادشاهه کي ڏس ڏِنو ته: پورا چاليهه ڏينهن لاڳيتا طوطي جي رت سان تَڙُ ڪريو، اميد ته ڪوڙهه جو چٽو به نه رهندو ۽ گلاب جي گُل جهڙا ٿي پوندئو.

سيلاني فقير ته بادشاهه کي اهو ڏس ڏيئي، پنهنجي واٽ وٺي

---

* هيءَ ڳالهه اُتر (تعلقي لاڙڪاڻي) مان غلام نبي کان ملي.

ويندو رهيو، پر بادشاهه کي اچي فڪر ورايو ته ايترا طوطا اچن ڪٿان، جو روز انهن جي رت سان تڙ ڪري سگهجي! نيٺ بادشاهه چؤ واڻي تان اڻي پنهنجي محلات ۾ آيو، ۽ اچڻ سان نوڪرن کي حڪم ڏنائين ته: هڪدم شهر ۾ پڙهو گهمايو ته: اڄ کان ونڊي چاليهن ڏينهن تائين، جيڪو به ماڻهو جيترا به طوطا بادشاهه وٽ آڻيندو، تنهن کي اوترو انعام ملندو. سڄي شهر ۾ پڙهو گهمي ويو. جنهن به اها ڳالهه ٻڌي، سو عجب ۾ پئجي ٽي ويو؛ پوءِ انعام جي لالچ ۾ هرڪو ماڻهو طوطن هٽ ڪرڻ لاءِ تير ڪمان هٽ ۾ ڪٽي جهنگ ۾ ڪاهي پيو. خدا جي قدرت اهڙي ٿي، جو اڃان ماڻهو طوطن ڳولڻ لاءِ شهر مان نڪري، جهنگ ۾ گهڙيائي مس ته سخت طوفان سان گڏ مينهن اچي ونو ۽ سڀ ماڻهو انهيءَ ڏينهن جيئن خالي هٿين ويا هئا، تيئن پوئين پيرين موڻي آيا.

انهيءَ شهر ۾ هڪڙو غريب ڪانير رهندو هو، جنهن ويچاري وٽ گهر ۾ سڄو ڏکر به ڪونه هوندو هو، ۽ ڏيهاڙي جڏهن جهنگ مان ڪاڪيون ڪري ايندو هو، تڏهن اهي وڪٽي، اٽي لڻ ونڊي وجي پنهنجي ٻچن جو گذران ڪندو هو. ان ڏينهن جو مينهن ونو ۽ طوفان لڳو، تنهنڪري هيءُ ويچارو منجهي پيو ته هاڻي ڇا ڪجي! خيال ڪيائين ته اڄ پُسيل ڪاڪيون مون غريب کان ڪير ونندو؟ پر وري به پنهنجن ٻچن جو ويچار ڪري، ڪهاڙو ڪلهي تي رکي، انهيءَ ئي مينهن واءُ ۾ اٽي جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. جهنگ ۾ گهمندي گهمندي هڪڙي وڏي وڻ جي وٽ تي وڃي نظر پيس، جنهن جي تڙ جو هڪڙو پاسو سڪو ٿوٻ ٿيو ٻينو هو، ۽ مينهن جي ڪٽي به مٽس ڪانه پئي هئي. ڪانير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ لاهيندي ڪلهي تان ڪهاڙو ، اچي تڙ ڪي ورتائين. اڃان به چار ڏڪ مس هنيائين ته تڙ مان هڪڙو طوطو نڪري آيو، جنهن هن کي چيو ته: ادا ڪانيرا! خدا جي واسطي هن تڙ کي ٻيو ڏڪ نه هڻجاءِ، جو

منهنجا ٻچا مينهن ۾ پسي مري ويندا! ڪانير جواب ڏنس ته: آءٌ غريب ماڻهو آهيان، منهنجو ۽ منهنجي ٻچن جو پيٽ گذر هنن ڪانين تي آهي. هن مينهن واءَ ۾ هيڏي رولڙي ڪان پوءِ، مس مس هيءُ سڪل ٽڙ هٿ آيو اٿم؛ سو هيءُ نہ وڃيان ته ڪانيون ڪٽان ڪندس ۽ رات پنهنجن ٻچن جي تؤڙ ڪيئن پوري ڪندس؟ طوطو ڏاڍو ششدر ٿيو ۽ ٻي ڪا واهه نہ ڏسي، ڪانير کي چيائين ته: مونکي ڪٽي هلي بازار ۾ وڪڻ، توکي چگا ٻئسا ملندا؛ پر مهرباني ڪري هن ٽڙ کي نہ وڃ! ڪانير، طوطي جي اها گالهه قبول ڪئي ۽ طوطو ڪٽي شهر ڏانهن روانو ٿيو.

ڪانير جڏهن شهر ۾ آيو، تڏهن بادشاهه جا نوڪر هن جي هٿ ۾ طوطو ڏسي، هن ڏانهن ڊوڙي آيا ۽ ڪيس بادشاهه وٽ وٺي ويا. بادشاهه طوطي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪانير کي چيائين ته: اي شخص! توکي جَس هجي، جو هڏي مينهن ۽ طوفان ۾ منهنجي لاءِ طوطو ڪٽي آيو آهين؛ هاڻي جيڪي گهرٽو هجيئي، سو گهر! ڪانير چيو: جيئندا قبلا! آءٌ هڪ غريب ڪانير آهيان، مونکي ڇا مجال جو اوهان کان ڪجهه گهران! ڏيندا ته به اوهان جو احسان، نہ ڏيندا ته به اوهان جو احسان... سائينجن کي دعائون ڪندو هليو ويندس. اتي طوطي، بادشاهه کي چيو ته: جيئندا قبلا! هن غريب کي چاليهه مهرون انعام ڏيو ته اوهان کي دعائون ڪندو وڃي! بادشاهه طوطي کي ڳالهائيندو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ هڪدم ان جي چوڻ تي ڪانير کي چاليهه مهرون انعام ڏنائين. ڪانير مهرون وٺي، دعائون ڪندو وڃي پنهنجي ٻارن ٻچن سان خوش ٿيو.

بادشاهه، پوءِ نوڪرن کي حڪم ڏنو ته: ڇُري ڪٽي اچو ته طوطو ڪُهي، ان جي رت سان تڙ ڪريان، ته هن موذي مرض مان ڪو چوٽڪارو مليم. بادشاهه جو اهو حڪم ٻڌي طوطو ڏڪي ويو ۽ ڏاڍي آزيءَ نيازيءَ سان بادشاهه کي عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! مون

هڪڙي طوطي جي رت مان اوهين هڪڙو تڙ ٻه ڪري ڪين سگهندا، اوهان کي هن موذي مرض کان ڇٽڻ لاءِ گهٽئي طوطا گهرجن؛ تنهنڪري ٻين طوطن جي جان بخشي ڪري، رڳو مون هڪڙي جي ڪنين کي پٽي، انهن کي پاڻيءَ ۾ ڪاڍهي، ان سان فقط هڪڙو پيرو تڙ ڪريو، ته خدا جي حڪم سان اوهان جي بدن تي ڪوڙهه جو هڪ ٽڪو ٻه ڪونه رهندو. بادشاهه کي طوطي جي ڳالهه تي ويساهه اچي ويو، پوءِ ان جي ڇوڙ موجب طوطي جا سيئي ڪنب پٽارائي پاڻيءَ ۾ ٽهڪائڙ جو حڪم ڏنائين. نوڪرن هن جا سيئي ڪنب پٽي، پاڻيءَ ۾ ٽهڪائي، بادشاهه کي اچي اطلاع ڏنو، ۽ طوطي کي گهوڙن جي ڪڙهه ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيائون.

بادشاهه حمام خاني ۾ وڃي ڪپڙا لاتا، ۽ پنهنجي بدن تي پاڻي اوتڻ لڳو.... جيئن جيئن مٽان پاڻي وجهندو ويو، تيئن تيئن ڪوڙهه جا ڦٽ ويا لهندا، ۽ جڏهن سڀ پاڻي ختم ٿي ويو، تڏهن سڄي بدن جي چمڙي گلاب جي گل جهڙي نرم ٿي پيس. بادشاهه اهو حال ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ الله‌تعاليٰ جو شڪر ڪيائين. انهيءَ خوشيءَ ۾ ڪيترا ڏينهن خير خيراتون ڪيائين، ۽ آئي وئي غريب غربي کي بي حساب کارايائين پهرايائين. ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه خوش چگو پلو ٿي موٽي اچي تخت تي ويٺو، ۽ وزير کان ملڪ جو ڪاروبار وڻي پنهنجي هٿ ڪري، سڄو ڪم ڪار پاڻ سنياليڻ لڳو.

انهيءَ وچ ۾ طوطي ٻه گهوڙن جي ڪڙهه ۾ ڏڪا ڪائي ڪائي نيٺ نوڙان پَر ڪيڊيا، ۽ اچي اُڏامڻ جهڙو ٿيو. اتي طوطي خيال ڪيو ته بادشاهه کي وڃي سندس چگيلائيءَ جون مبارڪون ٻه ڏيان ۽ عرض ٻه ڪريانس ته هاڻي مون کي موڪل ڏي ته وڃي ٻچن پيڙو ٿيان. اهو خيال ڪري طوطو اڏامي بادشاهه وٽ ويو، ۽ سندس سامهون پَٽ تي ويهي ڪيس مبارڪون ڏنائين. انهيءَ تي بادشاهه طوطي کي ڪٽي پنهنجي جهوليءَ ۾ ويهاريو، ۽ اکين مان ڳوڙها ڪري پيس. تنهن تي طوطي

بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! اوهان کي باقي ڪهڙو غم آهي جو ايترو غمگين پيا ڏسجو؟ تڏهن بادشاهه چيو ته: ڏک اٿم ته پنهنجيءَ پيريءَ جو.... سڄي جواني ڪوڙهه ۾ ڪٽجي ويئي، مٿان اچي پيريءَ ورايو آهي.... ڪوڙهه مان ڇٽس ته به ڪهڙو ڇٽس! اتي طوطي چيو ته: بادشاهه سلامت! جي موڪل ملي ته اوهان جي پيريءَ جو به علاج ڪريان. بادشاهه مرڪي جواب ڏنس ته: ميان منُو! منهنجي پيريءَ جو ڀلا ڪهڙو علاج ڪندين؟ طوطي عرض ڪيو ته: سائين! مون ڪي هڪڙيءَ ولايت جي خبر آهي، جتي هڪ اهڙو ميوو آهي، جنهن کي جيڪڏهن ڪو پوڙهو کائي ته جوان ٿي پوي. بادشاهه کي ڏاڍو عجب لڳو، سو طوطي کي چيائين ته: آءٌ توکي موڪل ته ڪٽي ڏيان، پر تون الائجي موٽي اچين يا نه؟ طوطي چيو ته: سائين! آءٌ اوهان جو خريد کيل ٻانهو آهيان، ۽ جيستائين اوهان موڪل نه ڏيندا، تيستائين آءٌ کيڏانهن نه ڪونه ويندس. بادشاهه کي طوطي جي ڳالهه تي وري به ويساهه آيو ۽ هن کي انهيءَ ميوي آڻڻ لاءِ موڪل ڏنائين.

طوطو، بادشاهه کان موڪلائي روانو ٿيو. اڏامندي اڏامندي منزلون ڪندي، ساهيون پٽيندي، ٿوري گهٽي ڏينهن، نيٺ اچي انهيءَ ملڪ ۾ پهتو، جتي اهو ميوو هو. اتي جي پڪين هن ٻئي ملڪ جي طوطي کي ڏسي، اچي هن سان جهيڙو ڪيو، پر سندس ذات جي طوطن هن جو پاسو ورتو، ۽ هن کي ڇڏائي پاڻ وٽ وٺي آيا، ۽ ڏاڍي ٿهل ٽڪور ڪيائونس. اُنهن طوطن هن کان اُتي اچڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي هن سڄو حال ڪري ٻُڌايو ۽ چيائين ته: مون هيتري تڪليف رڳو انهيءَ ميوي کي هٿ ڪرڻ لاءِ سَٺي آهي، تنهنڪري مهرباني ڪري مون کي اهو ميوو آڻي ڏيو ته موٽي وڃان. انهيءَ تي به-ٽي طوطا اُتان وٽي اُڏاٽا ۽ ٿوري وقت ۾ اهو ميوو آڻي هن کي ڏنائون.

طوطو، ميوو وٽي هنن کان موڪلائي روانو ٿيو، ۽ اڏامندي

اڏامندي، ڪن ڏينهن ڪان پوءِ وري به اچي بادشاهه وٽ حاضر ٿيو. بادشاهه ميوو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ڪٽي ٽي ڪاڏائين، پر وزير اُٺي ادب سان عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! اهو هڪڙو ميوو آهي، جيڪو رڳو اوهان ڪي جوان ڪندو؛ تنهن ڪري چو نه انهيءَ کي پوکايون، جيئن رعيت جو هر گهر جائو شخص ان کي کائي جوان ٿئي! بادشاهه کي وزير جي صلاح ڏاڍي وڻي، سو پنهنجي مالهيءَ کي گهرائي. ميوو ڏيئي چيائينس ته: هن ميوي ڪي چگيءَ طرح پوک ۽ ان جي اهڙي خبرداري رک جو سال اندر ميوي جو وڻ تيار ٿي پوي. مالهي ميوو وٺي اچي باغ ۾ پوکيو. ٿورن گهٽن ڏينهن ڪان پوءِ انهيءَ ميوي جو سلو ظاهر ٿيو، جيڪو آهستي آهستي وڌي وڻ ٿيو، ۽ سال ئي ڪين گذريو ته ڦر جهليائين. هڪڙيءَ رات ڏاڍي زور سان هوا لڳي. هوا جي جهوٽي تي هڪڙو ميوو وڻ مان ڇڄي اچي پٽ تي ڪريو. اتفاق سان هڪڙو ڪاريهر نانگ اچي اُتان لنگهيو، جو ميوي ٽي زهر هاري هليو ويو. صبح جو مالهي اچي ڏسي ته وڻ هيٺ ميوو ڪريو پيو آهي. هن اهو ميوو ڪٽي اچي بادشاهه کي ڏنو. بادشاهه ميوو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کي کائڻ تي هو ته وزير وري به اڳي بيهي ادب سان عرض ڪيو ته: سائين! ملڪ ۾ دوهه به ٿيندا آهن؛ تنهنڪري منهنجي صلاح اها آهي ته پهرين ان ميوي جو هڪ ٽڪر ڪنهن ڪراڙي ڪتي کي کارائي ڏسو ته هيءُ ڪتو به جوان ٿئي ٿو يا نه! بادشاهه هن جي صلاح تي ميوي جو ٽڪر ڪٽي ڪتي ڏانهن اُڇلايو. ڪتي اڃان ميوو کاڌو ئي مس ته اچي ڦٽڪڻ لڳو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ اتي جو اتي ڇڙيون هٽي هٽي مري ويو.

بادشاهه اهو حال ڏسي کاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ طوطي کي پجري مان ڪڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين. پوءِ مالهيءَ کي حڪم ڪيائين ته: انهيءَ زهريلي وڻ جي چوڌاري ڊنگرن جو وڏو لوڙهو ڏيئي ڇڏ، ته جيئن ڪوبه ماڻهو اهو ميوو نه کائي سگهي. مالهي حڪم ملڻ سان ئي باغ ۾ آيو ۽ وڻ جي چوڌاري وڏو لوڙهو ڏيئي ڇڏيائين.

انهيءَ شهر ۾ ٻه ڪُراڙا زال مڙس رهندا هئا، جيڪي روزانو پاڻ ۾ پيا جهيڙو جهتو ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪُراڙي زال اهڙو ته اچي ڪڪ ٿي، جو پاڻ کي مارڻ لاءِ گهران نڪتي، ۽ سڌي بادشاهه جي باغ ۾ اچي، زهريلي وڻ مان ميوو پٽي کائڻ لڳي..... پر هن جو مرڻ ته پري رهيو، اتلندو هوءَ گهڙي ۾ جوان ٿي پيئي. ڪراڙيءَ پنهنجو اهو حال ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ وڻ مان ٻه ٽي ميوا پٽي، پاڻ سان کڻي آئي ۽ اچي مڙس کي چيائين ته: اڙي ڪُراڙا! خوش ته آهين؟ انهيءَ تي ڪراڙي جواب ڏنس ته: مائي! مڙيوئي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرٽا آهن. ڪراڙيءَ چيس ته: ماريا، آءٌ تنهنجي زال آهيان. پاڻ مارڻ لاءِ مون وڃي زهريلي وڻ جو ميوو کاڌو ته جوان ٿي پيئي آهيان... اجهو هيءُ ڏس، تنهنجي لاءِ ٻه ميوو کڻي آئي آهيان. تون ٻه کاءُ ته جوان ٿين! ڪُراڙي ميوو ونڊي کاڌو ته اهو ٻه جوان ٿي ٿيو. پئي زال مڙس هڪٻئي کي جوان ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ انهيءَ خوشي ۾ سڌا بادشاهه وٽ ويا، ۽ عرض کيائون ته: بادشاهه سلامت! اسين اوهان جي رعيت آهيون. اسين پئي زال مڙس ڪُراڙا هئاسون. حياتيءَ مان ڪڪ ٿي اوهان جي باغ جو زهريلو ميوو کاڌوسين ته جوان ٿي پيا آهيون!

بادشاهه هنن جي اها ڳالهه ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ هڪدم مالهيءَ کي ان ميوي آٽڻ لاءِ حڪم کيائين. جڏهن ميوو آيو، تڏهن بادشاهه هڪڙو ميوو پنهنجي پوڙهي گهوڙي کي کارايو، جيڪو کائڻ شرط جوان ٿي پيو، ۽ دڙها هٽڻ لڳو. اتي بادشاهه کي ٻه اعتبار آيو ۽ اهو ميوو پاڻ ٻه کاڌائين، جنهن ڪري هو پوڙهي مان جوان ٿي پيو. پوءِ بادشاهه کي طوطو ياد آيو ۽ پڇتائڻ لڳو ته ناحق ان وفادار طوطي کي ماريم. پر ڏڏو ڪير وري ٽٽن ۾ ڪونه پوندو! تنهنڪري بادشاهه پنهنجي جوانيءَ کي ڏسي، خداتعاليٰ جو شڪرانو بجا آندو ۽ ڏاڍيون خيرخيراتون ڪيائين.

●●●



۴- بادشاھ ۽ غلام *

ھڪڙو ھو بادشاھ، جنھن وٽ ھڪڙو غلام ھو، جو عقل ۽ علم ۾ پَڙ سمجھيو ويندو ھو. ھڪڙي ڏينھن بادشاھ کي خيال ٿيو تہ ھن جو امتحان ونجي تہ کيتري پاڻيءَ ۾ آھي. تنھنکري غلام کي حڪم ڪيائين تہ: سفر جو سانباھو ڪر. پوءِ ٿورو ساز سامان ۽ لشکر ساڻ ڪري، ٻئي سفر تي روانا ٿيا.

ھلندي ھلندي ھنن کي ست ڏينھن گذري ويا، تڏھن بادشاھ ھڪڙي ھنڌ منزل ھنئي، ۽ ان غلام کي حڪم ڪيائين تہ: اڄ جو اڄ مون کي راڻي ۽ ٻانھي آڻي ڏي، نہ تہ تنھنجون اکيون ڪڍائي ڇڏيندس! بادشاھ جو حڪم ٻڌي غلام ڏکي ويو، پر عقل کان ڪم ورتي، نوڪرن کي حڪم ڏنائين تہ: مٿي ۽ کانيون آڻي ڏيو. جڏھن اھي شيون اچي ويون، تڏھن ھن انھن مان راڻي ۽ ٻانھيءَ جا بوتا ناھي تيار ڪيا ۽ بادشاھ کي عرض ڪيائين تہ: بادشاھ سلامت! راڻي ٻانھيءَ سميت حاضر آھي. بادشاھ رات جو راڻيءَ سان سمھي ننڊ ڪئي. جڏھن صبح

* ھيءَ ڳالھ لاڙ (تعلقي ٽنڈي) مان عبدالله گندري کان ملي.

ٿيو، تڏھن ٻانھيءَ کي حڪم ڏنائين تہ: راڻيءَ کي تڙ پاڻي ڪراءِ؟ ٻانھيءَ حڪم موجب جھڙو راڻيءَ جي مٿان پاڻي وڌو، تھڙو ھوءَ ڪري پيئي ۽ مٿي ۽ ڪانيون ظاھر ٿي پيون. ٿوريءَ دير کان پوءِ بادشاھ، راڻيءَ کي سڏ ڪيو، پر ڪوبہ جواب نہ ٻڌي، اچي ڏسي تہ راڻي ڪھي ئي ڪانہ! انھيءَ ٻانھيءَ کان پڇيائين تہ: راڻي ڪٿي آھي؟ ٻانھيءَ جواب ڏنس تہ: جيئندا قبلا! منھنجي مٿان پاڻي ھاريو تہ خبر پَويوَ تہ راڻي ڪٿي آھي. بادشاھ پاڻي ڪٿي ٻانھيءَ جي مٿان وڌو، تہ ھوءَ بہ ڪک ڪانيون ٿي ڪري پيئي. اھا حالت ڏسي، بادشاھ ڪاوڙ ۾ ڳاڙھو ٿي ويو ۽ غلام کي گھرائي ھن جون اکيون ڪيارائي ڇڏيائين.

انڌي ٿيڻ کان پوءِ اھو غلام حياتيءَ جا ڏينھن ڏکيا سکيا مڙيئي پيو گذاريندو ھو. انھن ڏينھن ۾ اتفاق اھڙو ٿيو، جو ملڪ ۾ ھڪڙو ساموندي گھوڙو ڪاھي آيو ۽ سڄيءَ خلق ۾ تاکوڙو وڇي ڏنائين. گھوڙو ڪنھن جي بہ قابوءَ ۾ نہ پئي آيو. بادشاھ گھٽئي حيلا ھلايا، پر ڪجھ بہ ڪين ورير. آخر بادشاھ انھيءَ نابين غلام کي گھرائي چيو تہ: تون گھوڙو جھلي ڏي. غلام انھيءَ تي جواب ڏنو تہ: بادشاھ سلامت! آءٌ اکين کان معذور، ڪيئن گھوڙو جھلي سگھندس؟ بادشاھ چيس تہ: جيڪڏھن تو گھوڙو نہ جھلي ڏنو، تہ توکي مارائي ڇڏبو. بادشاھ جو اھو حڪم ٻڌي، غلام ڏاڍو اچي لاچار ٿيو. مجبور ٿي بادشاھ کي عرض ڪيائين تہ: جيئندا قبلا! پلا مون کي ٻڌايو تہ گھوڙو ڪنھن جاءِ تي لھي بہ ٿو يا نہ؟ انھيءَ تي بادشاھ جواب ڏنس تہ: ھائو، گھوڙو ھر جمعي رات فلاڻي ھنڌ لھندو آھي. تڏھن غلام چيو تہ: مون کي انھيءَ ھنڌ وڃي ھلو.

بادشاھ جو حڪم ٿي ويو. نابين غلام ڪيترن ئي ماڻھن سان گڏجي انھيءَ ھنڌ ويو، ۽ ميدان ٻابت خبرچار وڃي، بادشاھ کي صلاح ڏنائين تہ: انھيءَ ھنڌ تي ھڪڙو تلاءُ ٿمرايو وڃي. ھفتي اندر ئي تلاءُ تيار

ٿي ويو. آخرڪار جمعي رات بہ اچي ويئي. تڏهن بادشاهہ ان غلام ۽ بيءَ خلق سميت اچي تلاءُ جي ويجهو وينو. ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ گهوڙو اچي تلاءُ ۾ ڪريو.... پر اڪ چنپ ۾ گهوڙو گم ٿي ويو، ۽ رڳو ڪاڻيون پئي تريون. ماڻهن اهي ڪاڻيون کڻي اچي بادشاهہ جي اڳيان رکيون. انهن ڪاڻين ۾ هڪ سونو پترو لڳل هو، جنهن تي اهڙا لفظ لکيل هئا، جن کي ڪوبہ پڙهي نہ پئي سگهيو. بادشاهہ خود بہ حيران ٿيو، پر پوءِ وري بہ غلام کي چيائين تہ: ٻڌاءِ تہ انهيءَ پتري تي ڇا لکيل آهي؟ غلام ڪابہ واهہ نہ ڏسي عرض ڪيو تہ: پٽرو مون کي هٿن ۾ ڏيو. جڏهن پترو هن کي ڏنو ويو، تڏهن ان کي ائين ئي هيٺ مٿي، هيڏانهن هوڏانهن هٿ لائي، گهٽي گهٽي تائين سوچي ويچاري، پوءِ چيائين تہ: هن ۾ لکيل آهي تہ جيڪو شخص هي گهوڙو روڪيندو ۽ مون وٽ ايندو، آءٌ ان سان شادي ڪنديس. بادشاهہ جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو غلام کي چيائين تہ: جلدي ٻڌاءِ تہ اهو گهوڙو ڪيئن روڪبو ۽ انهيءَ شهزاديءَ سان ڪيئن ملي سگهبو؟ غلام جواب ڏنو تہ: بادشاهہ سلامت! گهوڙو تہ ڪڏهوڪو هتي هن اوهان جي تلاءُ ۾ جهلجي ويو آهي، هاڻي اوهان جي بادشاهيءَ ۾ هو ڪڏهن بہ ڪو نقصان ڪونہ ڪندو.... باقي رهي شهزادي، سو جيڪڏهن ڪو غوراب تيار ٿئي تہ ان ۾ چڙهي، ان کي بہ هلي ڪٽان هٿ ڪري سگهبو.... سامونڊي گهوڙي واري شهزادي ضرور ڪنهن درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري سان رهيل هوندي. انهيءَ تي بادشاهي حڪم ٿي ويو ۽ هڪڙو وڏو غوراب نهي تيار ٿيو، جنهن ۾ بادشاهہ، لشڪر ۽ ان غلام سميت چڙهي سفر تي روانو ٿيو.

بادشاهہ کي هي سفر ۾ گهٽئي ڏينهن گذري ويا، پر گهوڙي يا شهزاديءَ جي ڪابہ خبر ڪانہ پيئي. آخر هڪڙي ڏينهن بادشاهہ کي غلام ٻڌايو تہ: بادشاهہ سلامت! شهزادي هن ئي شهر ۾ آهي. بادشاهہ اهو ٻڌي غوراب کي لنگر هٽائڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن غوراب بيٺو،

تڏهن بادشاهہ، وزير امير سانڀ ڪري شهر ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ وچ ۾ شهزاديءَ کي خبر پهتي تہ ڪنهن ڏوراهين ڏيهہ جي غوراب اچي لنگر هنيو آهي، سو ويس بدلائي جهاز تي آڻي، ۽ سڄي خبر چار ورتائين. جڏهن شهزاديءَ کي ساري حقيقت معلوم ٿي ويئي، تڏهن ان غلام کي پاڻ سان محلات ۾ وٺي ويئي. شهزاديءَ وٽ هڪ قيمتي سرمو هو، جنهن مان سرائي ۾ اکين ۾ پاتائين تہ ٿوريءَ دير کان پوءِ هن جي ٻنهي اکين ۾ نور اچي ويو. ان بعد شهزاديءَ پيءُ کي نياپو موڪيو تہ: بابا سائين! مون پنهنجو گهوٽ ڳولي لڌو آهي. پٽس انهيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ هنن ٻنهي ڌاڙي ڌام ڌوم سان شادي ڪئي.

بادشاهہ کي جڏهن اهو حال معلوم ٿيو، تڏهن ڏاڍو اچي پَسريو. شهزاديءَ وٽ دانهن ڪٽي ويو، پر هن ڪيس ڏاڍو شرمايو ۽ چيائينس تہ: اي بادشاهہ! تون اکين هوندي بہ انڌو هئين، توکي ايترو بہ عقل ڪونہ آيو تہ ستن ڏينهن جي مفاصلي تي اک چنبي ۾ راڻي ۽ ٻانهي ڪيئن پهچي ٿي سگهيون؟ وري ڪاڻين ۽ ڪڪن جي راڻيءَ نهٺ تي، غلام جي عقل ۽ هنر تي آفرين چوڻ بدران توکي ايڏي خار آئي، جو تو پنهنجي وفادار غلام جون اکيون ڪڍائي ڇڏيون! هاڻي جنهن رستي ڪان آيو آهين، انهيءَ رستي کان ئي واپس وڃ. بادشاهہ، شهزاديءَ جو اهو جواب ٻڌي مانڙي ڪري پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿي ويو.

ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ شهزاديءَ جو پيءُ بہ سڄي حڪومت جون واڳون پنهنجي ڏيءَ جي حوالي ڪري، وڃي عبادت ڪرڻ لڳو ۽ شهزادي پنهنجي مرڻ سان حياتيءَ جا باقي ڏينهن سک سانت ۾ گذاريا.

•••

۵- بادشاهه ۽ فقير *

هڪڙو هو بادشاهه- ڪيس الله جو ڏنو سڀڪجهه هو، پر رڳو اولاد جو بکيو هو. اولاد نه هجڻ ڪري هو ڏاڍو غمگين گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهنجي شهر مان نڪري، ڪنهن ٽواٽي تي منجو اونڌو ڪري وڃي سمهي رهيو. جيڪو به اتان لنگهيو ٿي، سو ڪيس مٿان لتاڙيندو پئي ويو. آخرڪار هڪ الله لوڪ فقير اچي وٽانئس لنگهيو؛ جنهن هن کي ائين ستل ڏسي پڇيو ته: ميان! توسان خير ته آهي، جو ٽواٽي تي منجو اونڌو ڪيو ستو پيو آهين؟ بادشاهه جواب ڏنس ته: خدا جا بندا! تون انهيءَ ڳالهه کي ڇا ڪندين؟ جيئن بي مخلوق منهنجي مٿان لنگهي ويئي آهي، تيئن تون به لنگهي وڃ! فقير چيو ته: مان پنهنجي ساري عمر ۾ ڪڏهن ڪُنُلي به ڪانه لتاڙي آهي، سو تو انسان جي مٿان ڪيئن لنگهي وڃان؟ جيڪڏهن ڪا مشڪلات اٽيئي ته ڪٽي ٻڌاءِ.... من ان لاءِ ڪو تدارڪ ڪري سگهجي!


آخرڪار بادشاهه روئي پنهنجي دل جو احوال بيان ڪيو ته: آءٌ فلاڻي ملڪ جو بادشاهه آهيان. الله جو ڏنو سڀڪي اٿم، صرف اولاد جو گهورو آهيان. فقير، بادشاهه کي چيو ته: جمعي جي ڏينهن وهنجي سهنجي، تيل ڦليل ڪري، گڙڪمان ڪٽي فلاڻي باغ ۾ ڪنهن ميويدار وڻ ۾ وڃي تير هٽج.... جيترا ميوا ڪريا اوترا پُٽ ۽ جيترا پن ڪريا اوتريون ڏيئرون ٿيندئي. تون رڳو اهي وڃي راٽيءَ کي کارائج. ڪندو الله ته اولاد جهجهوئي ٿي پوندئي.

بادشاهه، جمعي جي ڏينهن فقير جي چوڻ موجب تيار ٿي، باغ

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي سنجهوري) مان علي اڪبر لغاري کان ملي.

ڀر وڃي هڪڙي انب جي وڻ ڀر تير هنيو: قدرت سان هڪ انب بن پنن سميت اڇي پٽ تي ڪريو. بادشاهه اهو انب ۽ ٻه پن کڻي پنهنجي گهر آيو. انب ته پنهنجي راڻيءَ کي ڪارايائين، باقي بن پنن مان هڪڙو پنهنجي ڪتيءَ کي ۽ ٻيو پنهنجي گهوڙيءَ کي کارائي ڇڏيائين. قدرت قادر جي سڃان راڻيءَ کي پوري مهيني پٽ ڄائو. هوڏانهن وري ڪتيءَ کي مادي گلر ۽ گهوڙيءَ کي وڇيري ڄائي. ٿوري گهٽي ڏينهن ساڳيو فقير بادشاهه وٽ آيو ۽ پڇيائينس ته: بادشاهه! ڪهڙو اولاد ٿيو اٿئي؟ بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن فقير کي ٻڌائيندس ته پٽ ٿيو آهي ته پڇندو ته ڏيئرون ڪونه ٿيئي ڇا؟ ۽ ٻئي پٽ جي دعا ڪونه ڪندم، سو فقير کي چيائين ته: ٻه ڏيئرون ڄايون اٿم. هاڻ ڪا پٽ جي دعا ڪريوم! فقير چيو ته: بادشاهه! ڇو ٻه ڏيئرون ڪافي نه اٿئي؟ مون ٻڌو آهي ته توکي پٽ ٻه ٿيو آهي! ائين ڇئي فقير جتان آيو هو، اوڏانهن پنهنجو رستو وٺي ويندو رهيو؛ پر بادشاهه کي البت خيال ٿي ٻيٺو ته فقير جي انهن گفتن جو الاجي ڪهڙو مطلب هو!

هوڏانهن شهزادو اڃ ننڍو سيان وڏو، نيٺ اڇي جوان ٿيو. ان سان گڏ وڇيري ۽ گلر ٻه وڏي وڏي اڇي ڀاڻ وهيٽا ٿيا. هڪڙي ڏينهن شهزادي کي اڇي شڪار ڪرڻ جو شوق ٿيو؛ سو وڇيريءَ تي سنج وڇهي، گُلر ساڻ ڪري، گزگمان کڻي، جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي هڪڙي هنڌ شهزادي ڏٺو ته هڪ شاهي قلعو آهي، جنهن جو دروازو ڪليو پيو آهي؛ قلعي جي ٻاهران ٽمام گهٽي خلق اڇي گڏ ٿي آهي. دروازي بند ڪرڻ لاءِ ڏاڍا زور پيا لائين، ته ٻه دروازو بند ئي نه پيو ٿئي! شهزادو عجب ۾ پئجي ويو ته هي ڇا ماجرا آهي! نيٺ وڏي ماڻهن کان پڇيائين ته: اوهان سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو ٻاهران بيهي قلعي جي دروازي بند ڪرڻ لاءِ ايڏو زور پيا لايو؟ ماڻهن چيس ته: تون پنهنجي جوانيءَ تي قياس ڪر، هتان پاسو ڪري جتان جو آهين اوڏانهن هليو



وڃ..هن دروازي جي چانئٽ ٽپي جيڪو اندر ٽيو، سو وڃڻ کي ويو! اتي شهزادي کي ڪجهہ من ۾ آيو، سو ماڻهن کي چيائين تہ: اوهين سڀ هٿي پري ٽي بيهو، دروازي کي آءٌ پاڻهي ٽو بند ڪريان. سڀ ماڻهو لاچار هٿي پري ٽي بيهي رهيا. شهزادو وڃيريءَ ۽ گلر کي پري ٻڌي، دروازي تي زور آزمائڻ بيهي رهيو. گهٽئي اڇلون ڏنائين پر دروازو بنهہ چُري ئي نہ. اوچتو شهزادي جو پير کسڪي ويو، ۽ وڃي چانئٽ پٽيان قلعي ۾ اندر ڪريو، پٽيان يڪدم دروازو بند ٿي ويو. شهزادو جيئن ٽاپڙجي قلعي جي اندر ٽيو ۽ سامهون نهاريائين تہ ڇا ڏسي تہ اهو ساڳيو فقير ستو پيو آهي. فقير شهزادي کي آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ کيس ڪڍهن بہ قلعي کان ٻاهر نہ ڪيڏيائين.

•••

٦- بادشاهه ۽ ٽرڙ ڪانءُ*

هڪڙو هو بادشاهه- بادشاهه پاڻ خدا آهي، پر هيءُ زماني جو بادشاهه هو. هن جو حڪم ماڻهن کان سواءِ پکي پکڙ، جيت جٽئي، ديون پرين ۽ جنن پوتن تي پڻ هلندو هو. هڪ دفعي هن جي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. اَنّ جي اڻ هوند سبب غريب ماڻهو پاڻ پيٽ کي پٽيون ٻڌيو پيا گهمندا هئا، پر پنهنجن ٻارڙن کي به سڪل مانيءَ ڳيو هٿ ۾ ڏيئي ڀريائي ڀرائي راند تي موڪلي ڇڏيندا هئا. مٿان اچي ملڪ ۾ ڪانوَ ساماڻا، سي لامارا ڏيئي، ٻارڙن کان اهو مانيءَ ڳيو به کسي هليا ويندا هئا.

ٽورن گهٽن ڏينهن بعد اها خبر وڃي بادشاهه تائين پهتي ته ڪانوَن اصل پينگ ڪري ڇڏي آهي. ننڍڙا ٻارڙا اڃان مانيءَ ٽڪر هٿ ۾ کٽي نڪرن ئي مس ٿا، ته ڪانوَ اچيو انهن کان اهو ڦريو وڃن. سو بادشاهه حڪم ڪيو ته: سڀئي ڪانوَ اچي مون وٽ حاضر ٿين. جڏهن سڀ ڪانوَ اچي حاضر ٿيا، تڏهن بادشاهه انهن کي چيو ته: اوهان هيءُ ڪهڙو ظلم ٻاري ڏنو آهي؟ ڪانون جواب ڏنو ته: جيئڙدا قبلا! اسين جيڪي به ڪانو آهيون، سي ٻارن کان مانيءَ ٽڪر ڦُري وڃي پنهنجي جهوني ڪانءُ کي ڏيندا آهيون، جيڪو اسان سڀني جو سردار آهي. اهو تمام پوڙهو آهي ۽ کو وقت سنيري. بادشاهه حڪم ڪيو ته: انهيءَ ڪانءُ کي مون وٽ حاضر ڪيو وڃي! ڪانوَ ويا ۽ ان پوڙهي ڪانءَ کي کٽي آيا. بادشاهه ڪانءُ کان پڇيو ته: ڪيترو وقت سنيرين؟ هن جواب ڏنو ته: بادشاهه سلامت! تنهنجي نانيءَ جي نانِي، تنهن جي نانِي جي

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي سنجهوري) مان علي اڪبر لغاري کان ملي.

نانيءَ ۽ اُن جي يار فقير وارو وقت سنيپران. بادشاهه چيو: ڳالهه ڪر. ڪانءُ چيو تہ: تنهنجي نانيءَ جو نانو، تنهن جي نانيءَ جو نانو هوندو هو. ان جي بادشاهيءَ ۾ هڪڙو فقير پنڻ آيو ۽ اڇي سنڊس محلات جي در تي سين هنيائين. بانهي خيرات ڪٽي آئي، پر فقير ونڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چئي: مون کي خود راڻي اڇي خيرات ڏيئي وڃي. فقير جو اهو ضد ڏسي، آخرڪار راڻي پاڻ خيرات ڪٽي آئي. پوءِ تہ ٻنهي جون اکيون اٽڪي ويون ۽ ٻئي اتيئي جمي بيهي رهيا. ڪو پهر اڌ تہ ائين ئي گذري وين. آخر اُتان جڏهن ڪو ماڻهو اچي لنگهيو، تڏهن راڻيءَ فقير کي چيو تہ: تون فلاڻي هنڌ وڻ هيٺان هلي ويهہ، تہ آءٌ بہ اتي اچان ٿي.

فقير ان هنڌ هڪ وڻ هيٺان وڃي وينو. گهڙي کن کان پوءِ راڻي بہ اچي اتي پهتي، وري جو هڪبئي سان اکيون ملين، تہ رات لنگهي ويئي ۽ مڻان اچي ڏينهن ٿيو! هوڏانهن جڏهن بادشاهه کي خبر پيئي تہ راڻي پڄي ويئي آهي، تڏهن ملڪ ۾ هُلاڻي ڇڏيائين تہ راڻي مري وئي آهي.

ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ، ان ملڪ جو وزير اُنهيءَ وڻ هيٺان لنگهيو. چا ڏسي تہ راڻي ۽ فقير ٻئي اتي وينا آهن. وزير انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪٽي ڪپڙو ڏنو، تہ راڻي سڃاڻ ٿي ۽ فقير کي چيائين تہ: فقير ساهه سڌير! هاڻي بادشاهه جي اڇڻ جي مهل ٿي آهي، تنهنڪري آءٌ محلات ڏي ٿي هلان. وزير وري جو ڪٽي اهو ڪپڙو پري ڪيو تہ انهن جو اهوئي ساڻيو حال.

وزير وڃي ساري حقيقت بادشاهه کي ٻڌائي. بادشاهه اچي ڏٺو تہ اهي ٻئي برابر ائين ئي وينا هئا. بادشاهه کي جو لڳي خار، سو چا ڪيائين جو انهن ٻنهي جيئرن جاڳندن مڻان هڪڙو چوگرد بند قبو جوڙائي ڇڏيائين، جو اڄان ٻينو آهي.

بادشاهه پوڙهي ڪانءُ کي چيو تہ: تون اهو قبو مون کي




آخر ڪار راڻي پاڻ خيرات ڪٽي آئي. پوءِ تہ ٻنھي جون اکيون اٽڪي
وڃون ۽ ٻئي اتي جمي ويھي رھيا.....

ڏيڪاريندين؟ ڪانو چيو تہ: هائو سائين! پر مون ۾ اُڏامڻ جي طاقت ڪانهي. مون کي محافي ۾ وجهائي ڪٽائي هلين تہ پوءِ مان اهو قبو هلي توکي اکين سان ڏيڪاريائين. اهو ٻڌي بادشاهہ پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڪيو تہ: اوهين ڪاڻُ کي ڪٽو ۽ جيڏانهن هلڻ لاءِ چئي، اوڏانهن ونڻي هلوس.

آخر اهي سڀ اچي هڪڙي قبي وٽ پهتا، پر قبو هو چوڏاري بند، سو بادشاهہ حڪم ڏنو تہ: قبي ۾ سوراخ ڪيو وڃي. جڏهن ڪاڻُ اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن اچي ڏڪٽيءَ ورتس. نيٺ قبي ۾ سوراخ ڪيو ويو، پر ان ۾ اندر تہ ڪِي بہ ڪين هو. تڏهن بادشاهہ حڪم ڪيو تہ: هن ٽُرڻ ڪاڻُ کي جهلي، سوراخ مان اندر اڇلائي، ورائي قبو لنبي ڇڏيو. هيءُ رڳو پراوا ٽڪر ڳائي جاڻي ۽ کوڙ گهڙيو، ٻتاکون ٻڌايو، سيني کي ڇمايو وينو آهي. ٻين ڪانون جو پنهنجي سردار جو هيءُ حال ڏنو، سو زوريءَ ٻارن کان ٽڪر ڦرڻ جي اڳتي لاءِ توبهہ ڪيائون. هاڻي ڪاڻُ رڳو پري کان ويهي ٻارن جا ٽڪر تڪيندا آهن. سو بہ تڏهن، جڏهن ٻار بيخيالا هوندا آهن، نہ تہ ٿوروئي کو دهمان ڪرين تہ ڪوهين پيا پڇن!

ڏٽيءَ جي قدرت اهڙي تي جو ڪانون کان جو اتان جي ماڻهن جي هيئن جند ڇُٽي، سو چوڏاري ملڪ ۾ سڪار ٿي ويا، ۽ سڀ ماڻهو پنهنجي بادشاهہ کي ڏينهن رات دعائون ڪرڻ لڳا.

•••



۷- جهان شاهه بادشاهه *

جهان شاهه نالي هڪ بادشاهه هو، جو ڏاڍو ظالم هو. امير غريب سڀ هن کان ناراض هئا. نئين ڏينهن نئون ظلم ڪندو هو. جنهن ٿي ڀڙڪ ٻاهر ڪيي، تنهن کي ڦاسيءَ تي ٿي ٽنگ يائين. هڪ ڏينهن هيءُ ظالم بادشاهه، وڏي اٽالي سان سهي سنيري شڪار تي نڪتو. سارو ڏينهن جهنگ ۾ ماٺهن سميت پٽڪندو رهيو، پر شڪار نه ملٽو، سو نه مليس. مڃاڻ ان جهنگل ۾ هڪ ڪيهر شينهن رهندو هو، جو وري سڄ لهڻ مهل شڪار تي چڙهندو هو. هيڏانهن هن کي به اچي شام ٿي ۽ هوڏانهن شينهن به گجگوڙ ڪري اُٿيو ۽ سڏو منهن ڪيائين بادشاهه جي اٽالي ڏانهن. بادشاهه جا ماڻهو ته هونئن ئي هن مان ڪڪ هئا ۽ ٻيو وري هر ڪنهن کي جان جو خوف، سو هو شينهن جي پهرين ئي گجگوڙ ٻڌي ڀڄي ويا.... ۽ باقي وڃي بادشاهه اڪيلو ڇڏيو. هن به ڀڄڻ جي وات ڳولي، پر ايتري ۾ شينهن به اچي مٿانئس پيو. اتي بادشاهه دل ۾

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي شهدادپور) مان "ظفر" بلوچ کان ملي.

خيال ڪيو ته مرڻو ته هڪ ڏينهن آهي.... اڄ نه ته سڀاڻي، سو ڇو نه مقابلو ڪري مڙس ٿي مرجي! اهو ويچار ڪري، تلوار ڪڍي بيهي رهيو. قدرت خدا جي سان، شينهن سان وڙهندي وڙهندي هن جي تلوار وڄي شينهن جي پيٽ ۾ لڳي، ۽ اُتي جو اُتي مري ويو. اِتي اوندهه ٻه ڪجهه وڌي ويئي، سو جهان شاهه ٻه پنهنجي ملڪ موٽڻ لاءِ گهوڙي جي وک وڌائي.

هلندي هلندي ڇا ٿو ڏسي ته هڪڙي بلي آهي، جا هڪڙي ڪئي ڪي ڇهلڻ لاءِ اُن جي پٺيان پيئي دوڙي. ايتري ۾ اوچتو هڪڙي لومڙي آئي، تنهن بليءَ کي جهلي گهائي ڇڏيو. لومڙي ٻه اڃان اڌتي ڪين ويئي هئي ته هڪڙو شڪاري ڪتو الاجي ڪتان اڇي سهڙيو، تنهن وري لومڙيءَ کي ڪٽي قابو ڪيو ۽ ڏاڍي مزي سان ان کي چڪ ۾ جهلي لوڏيندو اڌي اڌتي هلڻ لڳو. پريان هڪڙو ماڻهو گهوڙي تي چڙهيو پئي آيو. اُن ڇو ڪتي کي ڏٺو، سو الاجي ڪهڙو پُور پيس.... بس ڪيڏيئي ڪهاڙي ڪيائين موت جي حوالي. اڃان مڙس ٻه قدم اڌتي ئي ڪين ٽيو ته سندس گهوڙو ٺاهو ڪائي ڪري ڀيو.... ۽ پاڻ اڇلجي اُن جي اڳيان ڏُوڪجي ڳاڻي پر سَٽيو، ۽ گهڙيءَ ۾ سجو بت رتوڇاڻ ٿي ويس.

جهان شاهه اهو سمورو لقاءُ ڏسي، اچرج ۾ پئجي ويو- ته مار! ڏسو خدا جي قدرت.... هر ڪنهن جي مٿان ڪو آهي! مون ٻه ڏاڍيون برايون ڪيون آهن، سو ڪٿي نه ڪٿي آڻ ٻه ضرور لوڙيندس. انهيءَ ويچار ايندي ئي اڇي مڙس کي ڊپ ورايو؛ جهڙو هو تهڙو رات اُتي جهنگ ۾ رهي ڀيو، ۽ سڄي رات انهيءَ ويچار ۾ ويني ويني مٿان اڇي، ڏينهن ٽيس. پوءِ اُٿي، ڪنڌ هيٺ ڪري، گهوڙي جي واڳ ونئي، آهستي آهستي پيرين پٺ هلندي هلندي، ڏينهن لڙئي اڇيَ پنهنجي محلات ۾ پهتو. ان کان پوءِ بادشاهي، اميرن وزيرن مان چئن چگن جي حوالي ڪري، پاڻ گوشائتو ويهي پنهنجن گناهن کي بخشائڻ لاءِ رات ڏينهن عبادت ڪرڻ لڳو.

●●●

٨- سرمون پاتائين، پائي نہ جاتائين *

هڪ ڏينهن، ڪو بادشاهہ شڪارچي خيال سان تيرڪمان ڪڻي، جهنگل ڏانهن اُتي هليو. جهنگ ۾ شڪار ڪندي ڪندي بادشاهہ کي اچي اُج لڳي، سو پاڻيءَ جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ ۽ گهوڙو ڊوڙائڻ لڳو. هلندي هلندي پري کان ڪن عورتن کي ڏٺائين، جن هڪڙي ڪوهہ تان پاڻي پئي پريو. بادشاهہ اهو ڏسي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ گهوڙو ڊوڙائي انهيءَ گهڙيءَ اچي ڪوهہ وٽ پهتو. ڏسي ڪٽي تہ مار! ڪوهہ جي پر ۾ هڪ مائيءَ جو لاش پيو آهي، جنهن جي سسي ليپائي ڪانہ! ۽ چار چوڪريون عمر جون ننڍيون نيٽيون ۽ شڪل صورت جون سهٽيون، ان سسيءَ وڇيل لاش جي چوڌاري بيٺيون آهن ۽ پاڻ ۾ گفتگو پيون ڪن. بادشاهہ هڪڙي وڃ جي اوٽ ۾ لڪي سندن گالهيون ٻڌڻ لڳو. هڪڙي چوڪريءَ چيو تہ: هن زال کي وارن سان ڏاڍي ڪا پريت هئي! وري بيءَ چيو تہ: ڏندن سان بہ ڏاڍي ڪا دل هيس. تنهن تي ٽئين چيو تہ: سرمي سان ڏاڍو شوق هوس. آخر ۾ چوٿين چوڪري - جا ٻين کان شڪل شبيهہ ۾ وڌيڪ موچاري ۽ عقل ۾ اڳري پئي نظر آئي، تنهن چيو تہ: ادي سرمون تہ پاتائين پر پائي نہ جاتائين!

چوڪرين جون اهي گالهيون ٻڌي، بادشاهہ سخت حيرت ۾ پئجي ويو. دل ۾ چوڻ لڳو تہ جڏهن عورت جي سسي بہ غائب آهي، تڏهن هي چوڪريون ڪيئن پيون اهي گالهيون ڪن! نيٺ بادشاهہ وڃ

* هن گالهہ جو مدار وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل، (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ۽ (تعلقي هالا) مان قاضي نور محمد کان؛ ٽريارڪر (تعلقي چاچري) مان رائچند ۽ لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان مليل روايتن تي آهي.

جي اوت مان نڪري، اچي چوڪرين کان پاڻي گهريو. چوڪرين بادشاهه کي وڏيءَ خوشيءَ سان پاڻي پياريو. بادشاهه پاڻي پي وڃي وڻ جي ڇانو هيٺان ويهي رهيو ۽ چوڪرين کي سڏي پڇيائين ته: هن مئل زال بابت اوهان پاڻ ۾ جيڪي ٻه ڳالهيون پئي ڪيون، سي اوهان ڪيئن سمجهيون؟ تنهن ٽي پهرينءَ چوڪري جواب ڏنو ته جيڪي زالون وارن جون شوقين هونديون آهن، سي هر هر وارن کي تيل مکيندين ۽ ڦٽي ڏيندين آهن، جنهنڪري سندن پڻيءَ تي البت تيل لڳي ويندو آهي. هن زال کي ٻه پڻيءَ تي تيل لڳل ڏٺم، تڏهن سمجهيم ته هيءَ زال وارن جي ڏاڍي ڪا شوقين هئي! بي چوڪري چوڻ لڳي ته: ڏٺئن جون شوقين زالون، ڏٺئن کي تمام گهٽو مساڳ هٽندين آهن، جنهنڪري هٿن جي ڪُنهن جون پاڙون ٻه مساڳ هٽندي هٽندي ڳاڙهيون ٿي ويندين اٿن. هن جا ٻه ڪنهن ڳاڙها ڏٺم، تڏهن سمجهيم ته هن کي پنهنجن ڏٺئن سان ڏاڍي ڪا دل هئي! اتي ٽيئن چوڪريءَ چيو ته: جيڪي گهٽو سرمون پائيندين آهن ٽڪا ڪيندين آهن، سي ان جا لِينگها وري پنهنجي چولي جي داوَن سان اُگهي چڏيندين آهن. مون هن مئل زال جي چولي تي ٻه اهڙي قسم جا لينگها ڏٺا. تڏهن سمجهيم ته هن عورت کي سرمي سان ٻه گهٽي پوندي هئي! پڇاڙيءَ ۾ بادشاهه چوٿينءَ چوڪريءَ کي چيو ته: هاڻي تون ٻڌاءِ ته ڪيئن هن مئل زال سرمون پاتو پر پائي نه ڇاتو؟ چوڪريءَ جواب ڏنو ته: بادشاهه سلامت! جان جي اَمان ملي ته اوهان کي هڪ ڳالهه چوان! بادشاهه طرفان جڏهن ڪيس جان جي اَمان ملي، تڏهن چيائين ته: بادشاهه سلامت! هن ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ اوهان کي مون سان شادي ڪرڻي پوندي! بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته هيءَ چوڪري کا وڏي عقل واري ۽ سياڻي ٽي ڏسجي، جو بين چوڪرين ته کي اُهجاڻ سجاڻي پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي، پر هن چوڪريءَ کو وڏو راز پروڙيو آهي ... ان راز کي سمجهڻ لاءِ مونکي هيءَ شادي ضرور

ڪرٽي پوندي. ائين سوچيندو ويچاريندو، بادشاھ نيٺ اتان اُٽي، موتي پنھنجي محلات ۾ آيو.

اھا عقلمند ڇوڪري ھڪ سوداگر جي ڏيءَ ھئي، جو ملڪ جو وڏي ۾ وڏو سوداگر ھو. ھوءَ سرداگر جي سڪيلڌي ڏيءَ ھئي. اھو سوداگر درياءَ جي ڪناري تي پنھنجي ھڪڙي عاليشان محلات ۾ رھندو ھو. ٻئي ڏينھن بادشاھ، اُن سوداگر ڏانھن پنھنجي وزير جي ھٿان شاديءَ جو پيغام موڪلي ڏنو، جو ٻڌي ھو پنھنجي سر ڏاڍو خوش ٿيو.... پر ڏيءَ ھيس سڪيلڌي، سو پھريائين ھن کان پڇڻ ضرور ڇاتائين. سوداگر پوءِ بادشاھ جو پيغام اچي ڏيءَ کي ٻڌايو، جنھن بادشاھ سان شادي ڪرڻ جو اقرار نہ ڪيو، پر ھي شرط وڌائين تہ شاديءَ کان اڳ سندس پيءُ جي محلات جي پرسان ھڪ ٻيو وڏو محلات تيار ڪرايو وڃي. بادشاھ اھو شرط بہ يڪدم منظور ڪيو. آخر بادشاھ جي حڪم سان، درياءَ جي ڪپ تي، ھڪ سھڻو محلات جڙي راس ٿيو، ۽ بن ڇئن ڏينھن ۾، بادشاھ گھٽن دھلن دمامن ۽ وڏي ڌام ڌوم سان ھن جي ڏيءَ سان شادي رچائي، ۽ ٻئي اچي ان نئين عاليشان محلات ۾ خوش گذارڻ لڳا.

نئين شاديءَ جي خوشيءَ ۾ بادشاھ کان اھا ڳالھہ ئي وسري ويئي تہ ھن ڇوڪريءَ سان ڪھڙي شرط تي شادي ڪئي ھئائين. ڇوڪريءَ البت پنھنجي پيءُ کي سڃي ڳالھہ ويھي پيرائتي ڪري ٻڌائي، جنھن ھن کي ھر طرح جي مدد ڪرڻ جو آسرو ڏنو. تنھن تي ڇوڪريءَ پيءُ کي چيو تہ: لڪ ڇپ ۾ ھن محلات کان وڃي، پنھنجي محلات ٺائين ھڪ سرنگھہ تيار ڪرائي ڏيوم. ٿوري گھڻي ڏينھن جڏھن اھا سرنگھہ بلڪل تيار ٿي ويئي، تڏھن ھڪ ڏينھن سوداگر، بادشاھ کي دعوت ڏيئي، پنھنجي محلات ۾ وڃي آيو. بادشاھ جڏھن پنھنجي محلات جو دروازو ٻاھر لنگھيو، تڏھن ڇوڪريءَ ڇا ڪيو، جو يڪدم ھار سينگار

ڪري، نؤلکو هار پائي، بادشاهه کان اڳ ۾ ئي پنهنجي پيءُ جي محلات ۾ پهچي، هڪ پلنگ تي ڏهي ڏکي ويهي رهي. بادشاهه جڏهن سوداگر جي محلات اندر پهتو، ۽ اتي هڪ پلنگ تي پنهنجيءَ زال کي وينل ڏٺائين، تڏهن حيرت ۾ پئجي اُتي ڪڙو ٿيو. تنهن تي سوداگر چيس ته: سائين! اُتي چو بينا آهيو؟ بادشاهه چيس ته: هڪڙو قيمتي رومال محلات ۾ وساري آيو آهيان، اهو ڪٽڻ ٿو وڃان. بادشاهه جيستائين پنهنجي محلات ۾ پهچي، تنهن کان اڳي، چوڪري سرنگهه مان لنگهي، جتي بادشاهه اڳ ۾ ڪيس ستل ڇڏي ويو هو، اُتي اچي سمهي رهي. بادشاهه اچي گهر ڏسي، ته سندس زال ته اُتي ئي ستي پيئي آهي! هو وري سوداگر جي محلات ڏانهن اڻي هليو ته چوڪري وري به سرنگهه رستي، ساڳيءَ پوشاڪ سان وڃي پنهنجي پيءُ جي گهر ڪم ڪار ۾ لڳي. بادشاهه ڏسي پريشان ٿي ويو ته آخر ماجرا ڪهڙي آهي! هن کي وري به پڪ نه ٿي، سو گهڙي ڪن اتي ويهي، پوءِ سوداگر کي چوڻ لڳو ته: افسوس جو آءٌ وري به پنهنجي قيمتي منڊي گهر ڇڏي آيس- اها ڪئي ٿو اچان. ائين چئي وري اتي هو پنهنجي محلات ڏانهن هليو. چوڪري وري به سرنگهه رستي اچي ساڳئي پلنگ تي سمهي پيئي. بادشاهه اچي ڏسي ته مار! هيءُ ته هاڻي به هتي ستي پيئي آهي! اتي هو صفا منجهي پيو؛ نيٺ پنهنجي زال کي اُڌاري ڪانئس پڇڻ لڳو ته: تنهنجي پيءُ جي محلات ۾ تو جهڙي ۽ ساڳيءَ پوشاڪ واري، بلڪ هُو بهو تو جهڙي بي ڪا عورت وينل آهي.... مان ته هن کي ڏسي پاڇي ٿو پوان، ڇڻ ته اها بنهه تون آهين؟ مون کي ٻڌاءِ ته اهو ڪهڙو اسرار آهي؟ ان تي چوڪريءَ چيو ته: بادشاهه سلامت! اوهان ته مون کي هٿ سان هتي پلنگ تي سمهاري ويا هئا... ٻاهر ٻانهيون گوليون ڪم ڪار پيون ڪن ۽ ننڊ مان به مون کي اوهان پنهنجي هٿن سان اڇي اُڌاريو آهي! اها آءٌ ڪيئن هوندیس؟ شايد اوهان ٻليا آهيو. ماڻهو ماڻهن جهڙا، هزارين پوشاڪون هڪجهڙيون، اجايو چو وينا ويچار ڪريو؟ بادشاهه چيو ته:

ها، هاڻي مون کي پڪ ٿي ته اها کا تو جهڙي بي عورت آهي، ائين چئي بادشاهہ، سوداگر جي محلات ۾ وري موٽي آيو. سوداگر، جو ڏيءَ سان اڳي ئي صلاحي هو، تنهن انهيءَ وچ ۾ پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڏيئي چڏيو هو ته هڪڙو غوراب ائين تيار ڪري بيهاريو، جو رڳو پَڳهہ ڪٽڻ جي دير هجي. جڏهن ڪچهري پوري ڪري بادشاهہ اٿڻ لڳو، تڏهن سوداگر چيس: بادشاهہ سلامت! هاڻي مان پنهنجا پار ٻچا ونڻي سوداگريءَ لاءِ هڪڙيءَ ڏوراهيءَ ولايت ڏانهن ٿو وڃان، اڳو پوءِ ٿورو ترسي، اسان کان موڪلائي، پوءِ وڃو. بادشاهہ اهو ٻڌي اتي ئي ترسي پيو:

هوڏانهن ڇوڪريءَ چا ڪيو جو بادشاهہ جو الهہ تلهہ ٻُهاري، هيرا جواهر ۽ ٻي ملڪيت ڪٽي، سرنگهہ رستي اچي پنهنجي پيءُ جي محلات ۾ پهتي. سوداگر پوءِ بادشاهہ جي اها ملڪيت ۽ پنهنجو سمورو مال متاع ڪٽائي وڃي غوراب ۾ رکايو. پوءِ سڀ ماڻهو بادشاهہ کان موڪلائي توڪلائي اچي غوراب ۾ وينا، ۽ غوراب کي ڪٽي هاکاريائون. غوراب اڃان هلڻ مس شروع ڪيو، ته سوداگر جي ڏيءَ، اتان بادشاهہ کي جيڪو ڪائنس موڪلائڻ لاءِ اڃان تائين ڪناري ڏي ٻيڙو هو، سڏ ڪري چيو ته: بادشاهہ سلامت! هن مئل زال ٻہ هيئن پنهنجي مڙس کي سرمون پاتو هو، پر تڪڙ ڪيائين، جنهن ڪري مارجي ويئي.... "سرمون ته پاتائين، پر پائي نہ جاتائين." پر آءٌ اوهان کي اجهو هيئن سرمون پايو پيئي وڃان! مون پنهنجو شرط پورو ڪيو- هاڻي خداحافظ! اهو ٻڌي، بادشاهہ گي مئل زال جي لاش وارو واقعو ياد پيو، ۽ جڏهن سموري ڳالهہ سمجهيائين، تڏهن ڏاڍو پريشان ٿيو. آخر هو پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو، ۽ ٽپڙ جو اچي جاچيائين ته هيڪاري ڏندين آگريون اچي ويس. زال ته اڳ ۾ ئي وڃائي وينو هو، پر سڃيءَ ملڪيت تان ٻہ هٿ ڏوئڻا پيس! لاچار ويچارو مانڙي ڪري ويهي رهيو.

●●●

۹- پاڳ ۽ نياڳ*

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي ست ڏيئرون هيون. انهن مان ڇهن جي ته شادي ڪرائي هئائين، باقي هڪڙي اڇان ڪنواري هئي. انهيءَ سان بادشاهه جي دل به تمام گهٽي هئي. شهزادي جڏهن لائق ٿي، تڏهن اُن جي اُتارڻ جو خيال ڪري، پنهنجي وزير کي سڏ اُٺ ڪٺوريءَ جا پرائي ڏنائين ۽ چيائينس ته: تون ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي ڪو بادشاهي گهر جانچ ۽ بادشاهه کي هيءَ ڪٺوري ڏيئي، ان جي عيوض ڪانئس ڪنهن به هڪ جنس جا اُٺ پرائي اڇ - پر اهو خيال رکج، متان ڪٺوري ڪنهن کي اڌ موڙيءَ ۾ ڏيئي اچين! جيڪو تو کي اُن جو پورو عيوضو ڪنهن هڪ جنس ۾ ڏيئي سگهي ۽ جنهن مان اُٺ به سپ پرجي وڃن، پوءِ اُنهيءَ سان شهزاديءَ جي ڳالهه پڪي ڪري، شاديءَ جي تِٿ ٻڌي اچ.

وزير ڪٺوريءَ جا اُٺ پرائي پنڌ پيو. ڪيترن بادشاهن سان مليو، پر ڪٺوريءَ جي قيمت هڪ جنس ۾ ڪير به ڏيئي ڪونه سگهيس. جي هڪ جنس مان سڏ اُٺ لڌن، ته يا قيمت ڪٽيو پوي يا وڌيو وڃي، جي ڪُٽي ته وزير نه قبولي ۽ جي وڌي ته ڪنهن کان اها ڏيڻ نه پڄي. آخر هڪڙيءَ ولايت جو ڏس مليس ته اُتان جي بادشاهه جي مرڻ کان پوءِ سندس چوڏهن ورهين جي عمر جو شهزادو تازو تخت نشين ٿيو آهي، اُهو ڪم ڪندو ۽ ان جي شادي به ڪيل ڪانه آهي. وزير اهو ٻڌي اوڏانهن رخ رکيو. هلندي هلندي ٿوري گهٽي ڏينهن وڃي اتي پهتو. جا ڏسي ته شهزادو پنهنجو محل پيو نهرائي. وزير شهزادي سان ملي ان کي

* هي ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽنڈي) مان عبدالله گندري کان ملي.

سمورو احوال ڏنو. شهزادي چيس ته: آءٌ تو کي سيئي اُن هڪ ئي جنس مان برابر پري ڏيندس. ائين چئي حڪم ڪيائين ته: اها سموري ڪٿوري لاهي گاري ۾ گڏائي ڇڏيو ۽ ان سان محلات جي لِنب ڪريو! گهڙيءَ ۾ حڪم جي تعميل ٿي ويئي. وزير جڏهن اهو ڏٺو، تڏهن اچي ڳٽتيءَ ورتس ته هاٿي الاجي ڪٿوريءَ لاءِ پوري هڪ جنس ملندي ٻه، يا نه؟ شهزادي سندس رخ مان سمجي ڪري ورتو ته وزير جي دل ۾ اچي شڪ وينو آهي، سو هن کي وٺي وڃي خزاني جي ستن ڪوٺين تي بيهاريائين ۽ چيائينس ته: تو کي جهڙي به هڪ جنس وٺي، تنهن مان بلاشڪ پنهنجا سؤ اُٺ پرائي وڃ! وزير اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شاهي سوکڙيون پاکڙيون هن جي سامهون رکي، پنهنجي بادشاهه جو پيغام ڏنائينس. شهزادي ها ڳالهه ٻڌي يڪدم هائو ڪئي ۽ چيائينس ته: آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر جهه ٻارنهن مهينا رکي پوءِ پاٽيهي اوهان جي بادشاهيءَ ۾ ايندس، ۽ اچي شهزاديءَ سان شادي ڪندس.

وزير سؤ اُنن جو موتين سان ڀرائي، ٻيون به ڪئين سوکڙيون پاکڙيون ڪٽي پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. ٿوري گهٽي ڏينهن اچي پنهنجي بادشاهه کي خوشخبري ٻڌايائين ۽ سڄو مال به آٽي آڏو رکيائينس. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ويهي شهزادي جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر انتظار ڪندي ڪندي جڏهن پورا ٻارنهن مهينا گذريا، ۽ شهزادي مُنهن ئي ڪين ڪيو، تڏهن بادشاهه پنهنجي وزير کي گهرائي چيو ته: وزير! تنهنجو اهو شهزادو ته پيدا ئي ڪونه ٿيو! وزير عرض ڪيو ته: بادشاهه سلامت! جا حقيقت هئي، اُها مون عرض رکي، وڌيڪ منهنجي وس کان ڳالهه ٻاهر آهي. بادشاهه، وزير جو اِهو جواب ٻڌي، پاڻ پنهنجي سر گهوڙي تي سوار ٿي، انهيءَ شهزادي ڏانهن روانو ٿيو.

بادشاهه هلندي هلندي نيٺ وڃي ان شهزادي جي بادشاهيءَ ۾ پهتو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته شهزادي تخت تي ويهڻ سان پنهنجو سڀ مال اسباب، واريءَ وانگر هٿن جي وِڇين مان وهائي ڇڏيو، ۽

بادشاهي وڃائي، هاڻي تغاري مٿي تي ڪٽي مزوري پيو ڪري، اهڙيءَ طرح 'ٽڪو ڪمائي، ٽڪو کائي' پيو پنهنجو پيٽ پالي. اهو ٻڌي بادشاهه حيرت ۾ پئجي ويو، ۽ پڇائي پڇائي وڃي شهزادي سان مليو. ڏٺائين ته شهزادو برابر گپ ۾ لٽو، بينو تغاري ڏوئي. بادشاهه بيهي ڪانئس حال احوال ورتو، پر شهزادو شرم ڪان ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. بادشاهه پڇيس: ڪيتري مزوري ملندي اٿئي؟ شهزادي جواب ڏنو ته : بس، ائين ئي ٽڪو ڪمايان ٽڪو کان ... مڙيئي وقت خير جو پيو گذري. بادشاهه چيس: اهو ٽڪو آڻ تو توکي ڏيان، تون مون سان گڏجي هل. شهزادي وراڻيو ته: اوهين اڄ ڏيندا، سڀ ئي ڪير ڏيندو؟ بادشاهه چيس ته: توکي مزوريءَ سان ڪم، سو اُن وگهي توکي آڻ ڪونه ڇڏيندس. شهزاديءَ اهو ٻڌي ڪٽي تغاري ڦٽي ڪئي، ۽ هن سان هلڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيو. اتي بادشاهه کانئس پڇيو ته: تنهنجا هيترا سارا خزانا ڪيڏانهن ويا، جو هڻا حال ڪيا اٿئي؟ هن وراڻيو ته: سائين! هيءَ دنيا سمنڊ جي ويرِ جيان آهي، هن ٿي پروسو ئي ڪونهي. بادشاهه اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيس ڇيائين ته: فڪر نه آهي. آڻ تنهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان. ۽ وعدي موجب تنهنجي شادي به ڪرائيندس. پوءِ اوهان بنهي زال مڙس لاءِ خاص محلات ٺهرائي، نوڪر چاڪر مقرر ڪري اوهان کي ڏيندس، جتي اوهين تمام سڪي زندگي گذاري سگهندا. شهزادي چيس ته: سائين! اوهان جون لک مهربانيون ۽ احسان، پر مون ۾ جو ٿيڻ ڪ جانيل آهي، سو ائين نه ٿئي جو ان جو اثر اوهان تي به پوي.

آخر گهڻيءَ رد بدل ڪان پوءِ بادشاهه ڪيس پنهنجي ملڪ وڃي ويو، ۽ شهزاديءَ سان سندس شادي ڏام ڌوم سان ڪري، کين هڪڙي محلات ۾ ڪٽي رهايائين، جنهن ۾ لکي باغ به شامل هو. کين ڏڏ پلين مينهُن جو به ڏنائين، جو مان هڪڙي هڪڙي اڏ مڙ ڪير محل تي ڏيندي هئي - ۽ ٻيو مال متاع تنهن کان سواءِ کين ڏنائين. مطلب ته شهزادو ۽

شهزادي پوءِ ڏاڍو مزي ۾ زندگي گذارڻ لڳا.

قدرت قادر جي، جو توري گهٽي ڏينهن، هڪ هڪ ٿي سڀ مينهون وهڪي ويون، ۽ باغ کي به ڪا اهڙي بيماري لڳي، جو سڪي ڪاڦيون ٿي ويو. پلا جنهن شيءِ جي ٿهل ٽڪور نه ٿيندي، ان جو ٻيو ڪهڙو حال ٿيندو! امير اُمراءُ ۽ غريب فقير، شهزادي جي هيءَ حالت ڏسي، ڪيس نياڳو سڏڻ لڳا ۽ هن کي نهايت گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. نيٺ ملڪ ۾ اهي ڳالهيون مهاڙيون ٻڌي، شهزادو ڏاڍو دکي ٿيو. آخر هڪڙي ڏينهن زال کي چيائين ته: منهنجي لاءِ هاٿي ٻڌڻ پلو آهي، آءٌ وڌيڪ ٿڪو سهي سگهان ... تنهنڪري مونکي موڪل ڏي ته جيڏانهن وٽيم اوڏانهن هليو وڃان. زال چيس ته: ائين وري ڪيئن ٿيندو! جيڪڏهن اها صلاح آهي ته آءٌ به توسان گڏ هلنديس - جتي تون، اُتي آءٌ. هي احوال انهيءَ گفتگو ۾ هئا ته خبر ملين ته بادشاهه، پنهنجي ٻين ڇهن نائين مان هر هڪ کي هڪ جهاز اناج جي جنس جو پرائي، ڪنهن ڏيسا‌ور تي روانو ڪرڻ وارو آهي. اهو ٻڌي شهزادو، بادشاهه وٽ ويو ۽ ڪيس چيائين ته : جيئندا قبلا! اوهان ڇهن ئي نائين کي هڪ هڪ جهاز جنس جو پرائي ڏنو، مگر آءٌ شايد ڏاريون آهيان، جو مونکي توهان وساري ڇڏيو! بادشاهه چيس ته: نه ٻچا! تون به مونکي انهن جهڙوئي پيارو آهين، تنهنجي رڳو چوڻ جي دير آهي. شهزادي چيو ته: ته پوءِ مونکي ست جهاز اناج جا پرائي ڏي ته وڃي قسمت آزمايان. پهر ڪن ۾ ستئي جهاز اناج جا پرجي، شهزادي جي حوالي ٿيا. بادشاهه پين نائين کي حڪم ڪيو ته هن شهزادي کان اڳ ڪوبه پنهنجو جهاز نه هاڪاري.

قصو ڪوتاهه ... شهزادو پنهنجا جهاز جوڙائي اُتي هليو، سندس پويان ٻين شهزادن به جهاز هاڪاريا. هلندي هلندي نيٺ اڇي هڪ هنڌ لنگر ڪيائون. ڇا ڏسن ته نموني نموني جا بيشمار پکي آهن، جي درياءَ جي ڪناري وارن وڻن تي وينا آهن. انهن جي اڇ وڃ جي ڪري هوا اهڙي وٽندڙ ۽ ٺڏي پيئي لڳي، جو بيني ننڊ ونيو وڃي. شهزادي کي

پکين جي اڇ وڇ ۾ آبهوا ڏاڍي وٽي، سو ٻين شهزادن کي ڇيائين ته : جيڪڏهن وجو ته اوهان کي موڪل آهي ... آءٌ ڪجهه ڏينهن هتي ترسي، پوءِ پنهنجا جهاز هاڪارائيندس. اهو ٻڌي هو خوش ٿيا ۽ دل ۾ ڇيائون ته خدا ڪٽي هن نياڳي مان جند ڇڏائي! ائين چئي پنهنجا جهاز هاڪاري اُٽي هليا ۽ ڏسندي اکين ڪان گم ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو، شهزادو جهاز تان ڪناري تي سير ڪرڻ ويو. اُتي ڪيس پکين جا بيشمار پيرا ڏسڻ ۾ آيا، جنهن مان سمجهيائين ته هي ويچارا پکي، چوڳي جي ڳولا ۾ ڏينهن جا ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ٻئي ڊوڙيا آهن. اهو ڏسي ڪيس ڏاڍي ڪهل آئي، سو نوڪرن ڪي حڪم ڪيائين ته: جهاز جو اناج هن ميدان ۾ هاري ڇڏيو ته پل پکي کائي ڏؤ ڪن. بس حڪم جي دير هئي - بيني بيني هڪ جهاز جو اناج هاري ڇڏيائون. ٻئي ڏينهن جان شهزادو اتي وڃي، ته ڇا ڏسي ته مار! ميدان ۾ اَنّ جو هڪڙو داڻو به ڪونهي، پر سڄو ميدان موتين سان پريو پيو آهي. پکين درياءَ مان موتي چُٽِي آڻي ڪناري تي ڇڏيا هئا. اهو ڏسي ڏاڍيءَ جا شڪرانا ڪيائين. پوءِ باقي ڇهه جهاز به اُتي هارائي ستئي جهاز موتين سان پرائي، موتي اچي بادشاهه وٽ پهتو، ۽ بادشاهه کي سموري حقيقت ٻڌايائين. بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته: ٻچا! ياڳ نياڳ جي ڳالهه آهي - مڙس ياڳ جو گهوريو ته ياڳ مليس. هٿ سان نياڳ کي سڏيندو ته اهو به در ڪونه ڇڏيندس. تنهنجو هاٿي ياڳ وريو آهي، ان کي رکڻ ۽ لوڏڻ هاٿي تنهنجي وس آهي. پوءِ شهزادي ستئي جهاز موتين جا لهرائي پنهنجي محلات ۾ آڻي رکايا، ۽ شهزاديءَ سان ملي ڏاڍي موج ۾ گذارڻ لڳو. پوءِ سندس باغ باغيچا ۽ مال وٽاڻ ڀري ساڳي طرح آباد ٿي ويا. ٻه چار سال ائين اُتي رهي، شهزادو، بادشاهه ڪان موڪلائي، شهزاديءَ سميت پنهنجي ملڪ موتي ويو، ۽ ويل تخت هٿ ڪري، ڏاڍي شان مان سان حڪومت هلائڻ لڳو.

●●●

۱۰- ربّ جي رضا *

هڪڙو هو بادشاهہ، جيڪو نهايت رحمدل ۽ انصاف پسند هو. هڪ پيري اچي سخت بيمار ٿيو. اهڙو بيمار ٿيوجو کاڏو پيتو حرام ٿي ويس.. نہ اُٺي سگهي، نہ هلي سگهي، مطلب تہ اچي حياتيءَ مان ڪک ٿيو. گهٽائي ويچ طبيب اچي مڙيا، پر بادشاهہ چاق نہ ٿيٽو هو، سو نہ ٿيو. هڪڙي ڏينهن ڪو طبيب انهيءَ بادشاهي ۾ آيو، تنهن جو ماڻهن جي واتان بادشاهہ جي بيماريءَ جو ٻڌو، سو چيائين تہ: مونکي بادشاهہ وٽ وڃي هلو تہ آءٌ ٿو سندس علاج ڪريان. طبيب کي هڪدم محلات ۾ پهچايو ويو، جتي هن بادشاهہ کي ڏسي چيو تہ: بادشاهہ جو علاج ٿي سگهي ٿو، پر هڪ دواجي گهرج آهي، جي اها ملي سگهي تہ بادشاهہ چاق ٿي ويندو. وزير چيو تہ : ٻڌاءِ، اها ڪهڙي دوا آهي؟ اسين هينئر ئي تا ان جو بندوبست ڪريون. طبيب چيو تہ: مونکي چوڏهن سالن جي ڪنهن چوکري جو رت گهرجي، بادشاهہ چيو تہ: چوکري جو رت اسان کي ڪٿان ملي سگهندو؟ ڪير هوندو جو پنهنجو ٻچو جيئرو ڪيڏي ڏيندو تہ وڃي ڪُسي! انهيءَ تي اميرن وزيرن بادشاهہ کي چيو تہ: جيئندا قبلا! ناٽي سان هر شيءِ ملي سگهي ٿي، توهين اجازت ڏيو تہ اسين ڪو چوکرو خريد ڪري اچون. بادشاهہ چيو تہ: وزير! جي توهان کي ڪو ماڻهو خوشيءَ سان پنهنجو اولاد ڏئي تہ پوءِ وڃي اچو، ٻہ تہ ڪنهن تي زور زبردستي نہ ڪجو.

وزير اها ڳالهہ ٻڌي، اچي ڳاڙهي جون خرزينون پري اڇي روانو ٿيو. ڪيترائي ڏينهن هن کي رلندي گذري ويا، جنهن کي چئي تہ:

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي شهدادپور) مان "ظفر" بلوچ کان ملي.

چوڪرو ڏيو تہ اُن جي رت مان بادشاهہ لاءِ دوا ٺهرايون؛ سو روئي چويس تہ: پنهنجو اولاد ڪين اٿئي چا؟ ويچارو وزير اچي پريشان ٿيو، ڪري سو ڪري چا؟ جي هٿين خالي ٿو وڃي، تہ بدنامي ٿي ٿئيس؛ جي ڪري ٿو زبردستي تہ بادشاهہ ٿو مارائيس. انهيءَ ڳٽتيءَ ۾ شهرن پٽيان شهر لتاڙي ڇڏيائين پر وريس ڪي بہ ڪين.

هڪ ڏينهن هڪڙي شهر جي ٻاهران اچي نڪتو، جتي ڏسي تہ هڪڙي جهوپڙي آهي، جنهن جي سامهون ميرن قاتلن ڪپڙن سان ولر چوڪرن جو آهي، جي ڏاڍي مزي سان بيٺا راند ڪن. وزير ڪَهي ويو چوڪرن وٽ، ۽ پڇيائين تہ: اوهين ڪير آهيو ۽ ڪٽي ٿا رهو؟ چوڪرن جواب ڏنو تہ اسين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيون، سامهين جهوپڙيءَ ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڪَڏ رهندا آهيون. وزير اڳتي وڌي گهر جي ٻاهران بيهي سڏ ڪيو. چوڪرن جو پيءُ نڪري آيو. وزير ڪيسر پنهنجي حال کان واقف ڪيو. چوڪرن جو پيءُ ٻڏ تر ۾ پئجي ويو. وزير چيو تہ: تون غريب آهين، هي سمورو ناٽو توکي ڏيندس، پر تون مونکي رضا خوشيءَ سان پنهنجو پٽ ڏي! غريب خيال ڪيو تہ سڄو ڏينهن ٽا ڪمايون، تڏهن بہ پاندي پوري ڪانهي، انگ تہ چا، پر پيٽ بہ پورو ڪونہ ٿو ٿئي - بک پيا مرون ... جيڪڏهن هڪڙو چوڪرو ڪٽي ڪَڙو ڪيوسين تہ پيا تہ سڪيا رهندا. اهو پهہ پڇائي ويو زال وٽ؛ جنهن کيس چيو تہ: ميان! تنهنجي مرضي ... آءُ ڪيئن پنهنجو ٻچو ڪهائڻ لاءِ ڏيندس! باقي جي تنهنجي مرضي آهي تہ ڏٽي آهين، جيئن وٺئي تيئن وڃي ڪر، پر جيڪو ڏين تنهن جو نالو مونکي نہ ٻڌائج. غريب مڙس وزير کي چيو تہ: وزير! هو بيٺا اٿئي، جيڪو انهن مان وٺيئي سو ونڃ وڃ. وزير هن کي ناٽو ڏنو ۽ خوش ٿي سيني کان وڌي چوڪري کي ونڃي پنهنجي ملڪ ڏي راهي ٿيو.

وزير جڏهن پنهنجي ملڪ پهتو، تڏهن سڌو بادشاهہ وٽ ويو، چوڪرو پيش ڪري چيائين تہ : هي چوڪرو مائٽن خوشيءَ سان ڏنو


آهي تہ پلي بادشاهہ تان قربان ٿئي. بادشاهہ خود چوڪري کان پڇيو، جنهن چيو تہ: هائو، بادشاهہ سلامت! مونکي مائٽن رضا خوشيءَ سان هن وزير وٽ وڪيو آهي. تنهن تي بادشاهہ چيو تہ: پوءِ چگو، هن چوڪري کي کهي، سندس رت کٽي اچي حڪيم کي ڏيو.

وزير ان چوڪري کي جلاد جي حوالي ڪيو. جنهن چوڪري کي ويهاري، اڃان کات اُلاريو مس تہ چوڪري کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو؛ جنهن تي جلاد هٿ جهلي، هن کان ڪلڻ جو سبب پڇيو. تڏهن چوڪري چيس تہ: انهيءَ ڳالهہ جو جواب آءٌ بادشاهہ جي اڳيان هلي ڏيندس -



مون کي بادشاهہ وٽ وڃي هلو. جلاد چوڪري کي بادشاهہ وٽ وڃي ويو، ۽ سموري حقيقت بڌايائينس. بادشاهہ پڇيس تہ: چوڪر!! تو موت جي منهن ۾ ڪيئن ٽهڪ ڏنو ۽ ٻڌاءِ ڇا ڳالهہ آهي؟ چوڪري چيو تہ: بادشاهہ سلامت! نندڙو ٻار هوندو آهي، اُن کي ڪو تڪليف ڏيندو يا ڏکوئيندو آهي تہ يڪدم ڊوڙي وڃي مائٽن کي دانهن ڏيندو آهي، ۽ اهي وري جي مارڻ واري سان پڇي نہ سگهندا آهن تہ پڇي بادشاهہ وٽ

ڏاڍن ڪٽي ويندا آهن. پر مون سان تہ ڳالهہ ئي ابتڙ ٿي آهي. ماءُ پيءُ مونکي خوشيءَ سان وکيو ۽ بادشاهہ وٽ ڪسجان ٿو؛ تنهنکري ڏاڍو ويچار ٿيم تہ ٻيگناهہ ٿو ڪسجان، هاڻي ڪنهن کي دانهن ڏيان! انهيءَ ويچار ۾ مٿنجون اکيون وڃي آسمان ۾ ڪتيون ، اُن مهل آسمان مان آواز ٻڌم تہ: چوڪرا! آءٌ بادشاهن جو بادشاهہ آهيان - جنهن کي وٺيم ماريان، جنهن کي وٺيم جياريان - تو مون مان بہ اُميد لاهي ڇڏي آهي! اها ڳالهہ ٻڌي مونکي برابر کل اچي ويئي. چوڪري جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي بادشاهہ ربّ پاڪ جي ڀڀ کان ڏڪڻ لڳو ۽ چيائين تہ: بيشڪ اُهو بادشاهن جو بادشاهہ آهي، جنهن هن معصوم کي بچايو آهي، اهوئي ڏٺي ٺعاليٰ مون کي بہ هن مرض مان بچائيندو. ڇا! وڃ، تون وڃي مائٽن سان مل! پوءِ چوڪري کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي موڪي وڃڻ جي موڪل ڏنائين. قدرت جي ڳالهہ اهڙي جو ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهہ کي بہ ڏٺيءَ سڳوري صحت ڏني ۽ هو وڏي شان مان سان وري ويهي حڪومت ڪرڻ لڳو.



۱۱- يا نصيب*

هڪڙو بادشاهه هو، جنهن کي ڏين دنيا ۾ هڪڙو پٽ هو. شهزادو اڃ ننڍو سيان وڏو، آخر اچي لائق ٿيو. بادشاهه، شهزادي کي پڙهڻ لاءِ شهر جي هڪڙي مکتب ۾ هوشيار اُستاد وٽ ويهاريو، جنهن کي هن جي تعليم ۽ تربيت جو گهٽو تاکيد کيائين. اتان شهزادي چگو علم حاصل کيو، ۽ هر فن ۾ قابل ٿي ويو. آخر هن جي دل پڙهڻ کان بيزار ٿي پيئي، سو هڪ ڏينهن پيءُ کي چيائين تہ: بابا! هاڻي آءٌ گهٽو ئي پڙهيو آهيان، تنهنڪري اُستاد کي اجازت ڏيو. پٽس چيس تہ: اَبا! يا نصيب. شهزادو پيءُ جو اهو جواب ٻڌي وري ٻہ پڙهڻ کي لڳي ويو، پر جڏهن ٻہ اهڙيءَ طرح بادشاهه سان پنهنجي علم جي ڳالهه کندو هو، تہ بادشاهه اهوئي چوندو هوس تہ: ابا! يا نصيب.

شهزادي دل ۾ خيال کيو تہ آءٌ پڙهيو تہ تمام گهٽو آهيان، مگر بابي کي الاجي دل ۾ ڪهڙو خيال آهي، جو نہ منهنجي شاديءَ جو ذکر، نہ ئي کا دنيا جي ڳالهه ٻولهه ٿو ڪري، هر وقت اهائي ڳالهه تہ: ابا! يا نصيب. آخر شهزادو تنگ ٿي ڏيو. هڪڙي ڏينهن خيال کيائين تہ، هتي هاڻي وڌيڪ رهڻ مناسب نہ آهي، چگو آهي تہ وڃي ڪنهن ٻئي ملڪ جو سير ڪجي ۽ دنيا کي گهمي ڏسجي، باقي هتي تہ هر ڳالهه لاءِ 'يا نصيب' ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻہ ڪونهي. تنهنڪري اتان نڪري وڃڻ جو پڪو ارادو ڪري پنهنجي پيءُ جي سئيس کي گهرائي چيائين تہ: جيڪو سيني گهوڙن ۾ پلو گهوڙو هجي، اهو سنجي ٽاهي مونکي آڻي ڏي تہ چڙهي ڏسان. پوءِ تيار ٿي پاڻيءَ جي ڪَلِي پاڻ سان کڻي،

---

* هي ڳالهه وچولي (تعلقي شهدادپور) مان مير حسن "سڪايل" کان ملي.

سئيس کان گهوڙو ونڻي، لانگ ورائي هڪڙي طرف کڻي رخ رکيائين. هلندي هلندي پنهنجي شهر کان تمام پري نڪري ويو، پر کابه وسڻُ ڏسجڻ ۾ نه آيس، اُس به تيز ٽيندي وئي، ڪري سو ڪري ڇا! آخر ڳچ پنڌ کان پوءِ هڪڙو وڻ نظر آيس، گهوڙو ڪاهي اُتي وڃي پهتو. ڏسي ته هڪڙو وڏو جهونو وڻ آهي، پر سندس ٽُڙ لسوئي لسو. جيستائين هٿ پيو پڃيس، اوستائين ان ۾ ڪوبه انگهو يا ڪُٽ ڪانه هئي، جنهن ۾ ڪٽي گهوڙو بڌي يا ڪَلِي ٽنگي سگهي. خيال ڪيائين ته خنجر وڻ ۾ هٽي، ان ۾ ڪٽي ڪَلِي ٽنگيان. سو جهڙو زور سان خنجر وڻ ۾ هڻيائين ... ٿهڙو هڪڙي وڏي طاقي وڻ مان نڪري وڃي هيٺ ڪري ۽ وڻ ۾ هڪڙو دروازو ٿي پيو. هن انهيءَ دروازي مان نظر ڪئي، ڏسي ته مار! هتي ته ڪو عجيب لقاءُ لڳو پيو آهي.

شهزادو پوءِ اُن دروازي مان اندر گهڙي ويو. ڇا ڏسي ته هڪڙو عالينشان محلات ٺهيل آهي، اُن ۾ هڪڙي خالي ڪٽ سنيگاريل ٺهيل رکي آهي. هي به هو تمام گهٽو ٽڪل، سو لت کوڙي انهيءَ ڪٽ تي سمهي پيو ۽ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويو. گهٽي وقت کان پوءِ جڏهن سجاڳ ٿيو، تڏهن ڏسي ته هڪڙي تمام حسين شهزادي آهي، جا پريان، پانهيءَ سان گڏ پئي اچي. شهزادي هن کي ڏسي حيران ٿي ويئي. تنهن تي پانهيءَ چيس ته: شهزادي! تنهنجو مڙس اهوئي آهي، جيڪو تنهنجي سيج تي ستو پيو آهي؛ باقي هاٿي پڃڻ ڪرڻ نامناسب آهي. اتي شهزادي وڏي اچي ڪٽ تي وينِي. شهزادي ۽ هن پاڻ ۾ دل جا حال احوال کيا ۽ شاديءَ جو به عهد ڪري ڏينهن مقرر ڪيائون. شهزادیءَ چيس ته: ستن ڏينهن کان پوءِ آءٌ تنهنجي حوالي آهيان، جيڏانهن کپئي تيڏانهن وڃي هلجانءِ. اهي ست ڏينهن صبر ڪر، جو انهن ستن ڏينهن ۾ آءٌ توکي نه ملي سگهنديس - پر رات جو وري به موٽي اچي توکي ڏسيو ويندیس. انهيءَ وچ ۾ تون هن باغ ۽ محلات جو سير پيو ڪج، پر هي

سامهون جيڪي چارڪونيون آهن، انهن کي کولي اندر نہ وڃج - اها ڳالهہ ياد رکج! شهزادي اها ڳالهہ قبول ڪئي. پوءِ شهزادي ٻانهيءَ سميت اُتي هلي ۽ نظر کان غائب ٿي ويئي؛ باقي شهزادو اتي ئي محلات ۾ رهڻ لڳو.

شهزادي کي اتي رهندي ٿي ڏينهن گذري ويا. چوٿين ڏينهن دل ۾ خيال ڪيائين تہ انهن کوڻين ۾ الاجي ڇا آهي، ڇو نہ اهو ڏسجي. اهو خيال ڪري انهن چئني کوڻين مان هڪڙي کوليائين. ڇا ڏسي تہ هڪڙو مهري اُٺ بينو آهي. جنهن هن کي ڏسي چيو تہ: جيڪڏهن مون تي چڙهين، تہ ڏاڍو سير ڪرائيين. شهزادو بہ ٽپ ڏيئي اُن تي چڙهي وينو. اُٺ هن کي گهمائي ڦيرائي اهڙي هنڌ اڇي ڪڍيو، جتي اها ساڳي شهزادي ٻانهيءَ سميت منائي ورهائي رهي هئي. هن کي بہ منائي ڏيٺ لاءِ هو اڳتي وڌيون، پر شهزادي دل ۾ خيال ڪيو تہ متان سڃاڻي وڃن، سو اُٺان ڪسڪي پوئتي وريو، ۽ اڇي محلات ۾ چپ ڪري ويهي رهيو. اهڙيءَ طرح ٻئي ڏينهن وري ٻيءَ ڪوڻيءَ کي کولي ڏٺائين تہ اُتي هاٿي بينل ڏسجڻ ۾ آيس، جنهن چيس تہ: مون تي سوار ٿين تہ ڏاڍو سير ڪرائيين! هيءُ ٽپ ڏيئي هاٿيءَ تي چڙهي وينو، ۽ هاٿي بہ هن کي ساڳيءَ ڪچهريءَ ۾ ڪٽي ويو. شهزادو سڀ ڪجهہ ڏسي وري بہ واپس وريو، ۽ اڇي محلات ۾ پهتو. ٽئين ڏينهن وري ٽئين ڪوڻيءَ جو خيال آيس. در کوليائين تہ هڪڙو گهوڙو بينل ڏٺائين، جنهن بہ ساڳي ڳالهہ چيس. شهزادو ان تي بہ لانگ ورائي چڙهي وينو، جنهن بہ ڪٽي وڃي ساڳي ڪچهري ڏيکاريس. ستين ڏينهن آخر شهزادو چوٿينءَ ڪوڻيءَ ۾ ويو، جتي ڏٺائين تہ هڪڙو گڏهہ بينو آهي، جهن هن کي ڏسي چيو تہ: جي مون تي چڙهين تہ ڏاڍا مزا ڏيکاريئين! شهزادو جو اڳئي هريل هو، سو ٽپ ڏيئي گڏهہ تي چڙهي وينو. گڏهہ بہ ڇا ڪيو جو شهزادي کي ڦيرائي ڦيرائي هڪڙي هنڌ اهڙو زور سا ڪٽي پَٽ تي هنيو، جو شهزادي

جي ٽپڻ وڃي زمين سان لڳي ۽ بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن ڏٺائين ته سندس گهوڙي جي زبان اُڃ ۽ بک کان باهر پيئي لڙڪي، ۽ پاڻ انهيءَ ساڳئي وڻ جي پاڙ ۾ ڪريو پيو آهي. شهزادو اُٿي بيهي وڻ کي خنجر هڻڻ لڳو، مگر طاقي وري ڪانه ڪلي. اتي هو ڏاڍو حيران ٿيو. پي ڪا واهه نه ڏسي اُٿي سڏو پنهنجي شهر واپس آيو، ۽ اچي پيءُ سان مليو. پيءُ هن کي ڏسندي ئي چيو ته: اَبا! يا نصيب. اتي شهزادي پيءُ کي چيو ته: بابا! انهيءَ يا نصيب جو مطلب مون کي سمجهايو! تنهن تي بادشاهه چيس ته: ابا! تون جو اُٺ تي، هاٿيءَ تي ۽ گهوڙي تي ساندهه ٿي ڏينهن چڙهي شهزاديءَ جي ڪچهريءَ ۾ وئين ... ۽ منائي نه ورتئي، سو چو؟ تڏهن ته آڻ چوندو آهيان ته "ابا! يا نصيب."



۱۲- ٹَکو وزير *

هڪڙو غريب ڪاڻيار هو، جو روزانو جهنگ مان ڪاڻيون ڪري اچي پر واري شهر ۾ وڪڻندو هو، جنهن مان هن کي ٽَکو ملندو هو، ۽ ويچارو انهيءَ ٽکي مان پيو پنهنجو ڏکيو سُکيو گذر سفر ڪندو هو. هڪ ڏينهن جيئن هو شهر مان ڪاڻيون وڪٽي گهر پئي آيو، تيئن هڪڙي چاکيءَ سڏ ڪري چيس تہ: اي شخص! تون ڏسڻ ۾ تمام مسڪين ٿو اچين. مون کي ماڻهوءَ جي ضرورت آهي؛ جي مون وٽ پگهار تي بيهين تہ هوند ڏاڍو خوش رهين! ڪاڻيار دل ۾ خيال ڪيو تہ پنهنجو ڪم ٽکي روز سان، سو جهڙو چور وٽ تهڙو چاکيءَ وٽ - پيا وَهنداسين. سو چاکيءَ کي چيائين تہ: هائو ادا! آءٌ بيهندس. چاکيءَ پڇيس تہ: پگهار چا ونندين؟ ڪاڻيار جواب ڏنس تہ: ٽکو روز. چاکيءَ ڏنو تہ هيءُ شخص تہ بنهہ ڪو ٻالو پولو ٿو ڏسجي، سو ٽکي روز تي ڪٽي پاڻ وٽ بيهاريائينس. ڪاڻيار، جو اڳيئي محنت تي هِريل هو، سو ڏينهن رات چاکيءَ وٽ دل لائي محنت ڪرڻ لڳو. هونءَ جو چاکيءَ جي گهاٽي ۾ ڪڙ جون ٻہ چار نَريون مس لهنديون هيون، سو ڪاڻيار جي اچڻ کان پوءِ هن جون ٻيٽيون ٽيٽيون نريون لهڻ لڳيون - ۽ ٽيندي ٽيندي چاکي شاهوڪار ٿي ويو. پر ڪاڻيار جو اهوئي ٽکو روز ... ۽ ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا.

اُن ملڪ جي بادشاهہ جو دستور هوندو هو تہ روزانو رات جو چمڙا پوش ڪري، رعيت جو ڏک سک ۽ ملڪ جو واءُ سڻاءُ لهڻ

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي مان برادري کيڙي (تعلقو هالا) ۽ قاضي نور محمد (تعلقو حيدرآباد) کان ملي.

نڪرندو هو. پهريائين جڏهن بادشاهه اُنهيءَ چاڪيءَ جي گهر وٽان لڳهندو هو تہ چاڪيءَ جو گهر ڪائون ڏسندو هو ۽ هن جو گهاٽو ڪڏهن وهندو پيو هو تہ ڪڏهن بيٺو هوندو هو. ٽورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه، چاڪيءَ جي ڪائين جهوپڙيءَ بدران اُتي هڪ عالبشان پَکَسري جڳهه ڏٺي، ۽ گهاٽو وهندو ڏٺو. نيٺ بادشاهه کان رهيو نہ ٿيو، سو لنگهي اندر ڏنائين تہ چاڪي سُتو پيو آهي، ۽ هڪ شخص آهي جو گهاٽي کي لڳو پيو آهي. بادشاهه سلام ورائي اُن کان پڇيو تہ: اي شخص! تون هن گهاٽي جو مالڪ آهين؟ ڪاڌر جواب ڏنو تہ: نہ سائين! هن گهاٽي جو مالڪ سُتو پيو آهي، ۽ آءٌ هن وٽ پگهار تي آهيان. بادشاهه پڇيس تہ: هيءُ ٽوڪي گهٽو پگهار ڏيندو آهي؟ ڪاڌر چيو تہ: سائين! ٽڪو روز. بادشاهه اهو ٻڌي وائڙو ٿي ويو، چيائين تہ هيتري ساري محنت ۽ صرف ٽڪو روز! ڪاڌر جواب ڏنو تہ: سائين مالڪ خوش تہ آءٌ خوش، آءٌ هن ٽڪي ۾ ئي خوش آهيان. اهو ٻڌي بادشاهه دل ۾ چيو تہ هيءُ تہ ڪو نيڪ انسان ٿو ڏسجي؛ سو ڪاڌر کي چمائين ۽: هون وٽ نوڪري ڪندين؟ ڪاڌر جواب ڏنو تہ: سائين! مون لاءِ تہ ڳالهه ساڳي آهي، پر مالڪ کان اجازت ونو. بادشاهه اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي، ۽ چاڪيءَ کي اُتاري ڪانئس ڪاڌر جي اجازت ورتائين. پلا چاڪي بادشاهه کان ڪٽي ٿو ڪنڌ ڪيائي سگهي، سو هٿ ٻڌي سيهي رهيو ۽ ڪاڌر کي خوشيءَ سان اجازت ڏنائين. جڏهن بادشاهه، ڪاڌر کي وٺي اُتي هليو، تڏهن هن کان پڇيائين تہ: پگهار ڇا ونندين؟ ڪاڌر جواب ڏنو تہ: سائين! ٽڪو روز. تڏهن بادشاهه ڪِلي ڪاڌر کي چيو تہ: ڇڳو ميان! اڄ کا تنهنجو نالو ئي ميان ٽڪو آهي، ۽ تنهنجو ڪم صرف اهو آهي، جو رات جو محلات تي پهرو ڏيندين. ڪاڌر اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ هر روز ڏينهن جو آرام ڪندو هو ۽ رات جو محلات تي پهرو ڏيندو هو.

ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. هڪڙيءَ رات اڌرات اچي واقعو بنيو، جو جيئن هي پهرو ڏيئي رهيو هو، تيئن پري کان رڙين جو آواز ٻڌائين. ڪانڀر رڙين جي آواز تي ڪَن ڦرڙايا ۽ پنهنجو ڏنبو سنڀالي، جتان رڙين جو آواز پئي آيو، اوڏانهن روانو ٿيو. اڳيرو ٿي ڏسي تہ رڙين جو آواز محلات جي پاسي واري قاسي گهاٽ مان پيو اچي. هيءُ بہ اندر قاسي گهاٽ ۾ لنگهي ويو. ڏسي تہ هڪ وڻ آهي، جنهن تي هڪڙو ڇوڪرو پيو لڙڪي ۽ هينان هڪڙي زال بيني رڙيون ڪري. هيءُ اچي زال وٽ پهتو ۽ پڇيائينس تہ: مائي! ڇو ٿي رڙيون ڪرين؟ مائيءَ جواب ڏنو تہ: هيءُ منهنجو پٽ آهي، جنهن کي بادشاهہ اڄ قاسي ڏني آهي، هاڻي آءٌ منهن ڏسڻ آئي آهيانس، پر هي تہ تمام مٿي آهي، آءٌ تہ پهچي نٿي سگهان، هاڻي منهنجي ڪا مدد ڪر. ميان ٽَکي چيس تہ: چڱو مائي! تون منهنجي ڪلهن تي چڙهي ڇوڪري ڪي ڪٽي لاهي وڃ. پوءِ هن مائيءَ کي ڪلهن تي چاڙهيو ۽ سڌو ٿي اتي بينو. مائيءَ ڇا ڪيو جو ڇوڪري کي قابو جهلي، اُتي جو اُتي اُن جو هيانءُ ڪڍي ورتائين. جڏهن هيٺ ميان ٽکي تي ڇوڪري جي رت جا ڦڙا ڪريا؛ تڏهن ڪنڌ مٿي ڪي ڏسي تہ مار! هن ڏائڻ تہ ڇوڪري جو هيانءُ ڪڍي ورتو! پر تيستائين ڏائڻ هن جي ڪُلهن تان لهي وڃي پڳي. ميان ٽَکي بہ يڪدم ڏنبو ڪٽي نڪاءُ ڪرايو ڏائڻ کي؛ جو وڃي هن جي ٻانهن ۾ لڳو، ۽ سندس ٻانهن پڄي پيئي ڏڪ لڳڻ سا ڏنبو بہ گنديءَ ۾ وڃڻي پيو، جنهنڪري گندي ڏنڊي ۾ ويڙهجي اتي ڪري پيئي ۽ ڏائڻ وڃي پڳي. ميان ٽکي کي ڏائڻ جي پڄي وڃڻ جو ڏاڍو خيال ٿي بينو؛ پر ڪري ڪجهہ بہ نہ سگهيو. لاچار مان ڪري اها گندي ڪٽي واپس پنهنجي ماڳ تي آيو. صبح جو هن گندي ڪٽي آڻي بادشاهہ کي ڏني ۽ رات واري سڄي حقيقت بہ ٻڌايائينس. بادشاهہ اها گندي ڪٽي پنهنجي محلات ۾ ويو. اُن بادشاهہ کي ست راڻيون هيون، ٽن جڏهن هڻڙي خوبصورت گندي ڏٺي، تڏهن

هرڪا چوي تہ:اها گندي آڻ پايان. نيٺ بادشاهہ بہ منجهي پيو تہ آخر گندي هڪڙي سا ڪنهن کي ڏجي؟ لاچار راڻين کي چڏي، گندي ڪٽي سڏو آيو تڪي وٽ ۽ چيائينس تہ: ميان ٽڪا! ههڙيون ٻيون بہ ڇهہ گنديون آٿي ڏي، ۽ آڻيون بہ ضرور اٿئي! اهو ٻڌي ويچارو ٽڪو حيران ٿي ويو تہ هاڻي اهڙيون گنديون اچن سي اچن ڪٿان؟ لاچار اها گندي ڪٽي، سمهي سيري بادشاهہ کان موڪلائي، اُٿي سفر تي روانو ٿيو.

ڪن ڏينهن جي سفر بعد، هو هڪڙي اهڙي ملڪ ۾ اچي نڪتو، جنهن جي بادشاهہ کي هڪ ڏيءَ ۽ هڪ پٽ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. قدرت وري اهڙي جو سندس پٽ کي اهڙو ڪو مرض هو، جو لُڇي لُڇي جيئن ڪو ماڻهو صفا مري ويندو آهي، تيئن مري ويندو هو؛ پر جڏهن اُن جو لاش ڪٽي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ ويندا هئا، تہ ڪانڌين مان تہ ڪوبہ واپس ڪونہ ايندو هو، باقي شهزادي جو لاش جيئرو جاڳندو وري محلات ۾ ايندو هو- ۽ رات ٽيندي هئي تہ وري ان جي ساڳي حالت - ۽ جي قبرستان نہ نيندا هئس تہ اهو ئي لاش جو لاش ٻنيو گهر ۾ پيو هوندوهو. انهيءَ ڪري بادشاهہ جو حڪم هو تہ: جيڪي بہ پرديسي شهر ۾ اچن، هر رات انهن مان ٻن ڪي لاش سان ڪانڌي ڪيو وڃي. حڪم موجب ڇيڪو بہ باهريون ماڻهو شهر ۾ پيو ايندو هو، اُن کي پڪڙي بادشاهہ وٽ آڻي پيش ڪندا هئا، جڏهن ميان ٽڪو ان شهر ۾ پهتو، تڏهن اُن کي بہ دستور موجب سپاهين پڪڙي اڇي بادشاهہ وٽ پيش ڪيو. بادشاهہ حڪم ڏنو تہ: جيستائين ٻيو ڪو ماڻهو هٽ اڇي، تيستائين هن کي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ چڏي اڇو. پوءِ سپاهين هن کي وٺي وڃي شهزادي جي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ چڏيو ۽ باهران ڪلف ڏيئي چڏيائون. هيءُ ويچارو حيران تہ هيءَ مون سان ڪهڙي ماجرا ٿي! پر آخر ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟ مان ڪري لاش جي پاسي ۾ هڪ اونداهيءَ ڪنڊ ۾، ڏنبو پاسي کان رکي ويهي رهيو.

ٽوريءَ دير کان پوءِ ڏسي ته جاءِ جي دريءَ مان هڪڙو ديو اندر گهڙي آيو، ۽ ايندي شرط پَٽ تي ويهي، بغل مان چوپڙ ڪڍي ڪٽي اڳيان رکيائين. پوءِ اُن چوپڙ کي ڪٽي سنئون ڪيائين ته شهزادو جيئرو ٿي اُٿي ويهي رهيو. پوءِ گهٽيءَ دير تائين، ديو ويهي شهزادي سان چوپڙ راند ڪئي ۽ وڃڻ وقت وري به ڪٽي چوپڙ اوندي ڪيائين ته شهزادو لاش جو لاش ٿي ڪري پيو. ديو جيئن پنهنجي چوپڙ وڙهڻ لڳو، تيئن ميان ٽڪي ڪيس بيخيالو ڏسي، خدا کي ياد ڪري، پنهنجو ڏندو سنياري پر ڪري ڪٽي مٿي ۾ ٽڪاءَ ڪرايس. ديو هي اوچتي آفت ڏسي اهڙو ته دهلجي ويو، جو چوپڙ به اُتي ئي وسري ويس ۽ ائين وٺي پڳو جوپتو ئي ڪونہ پيو. ميان ٽڪي اها ديو واري چوپڙ ڪٽي پاڻ وٽ قابو ڪئي. انهيءَ وچ ۾ بادشاهه جي سپاهين کي ڪو پيو مسافر ملي ڪونہ سگهيو، سو ميان ٽڪي کي شهزادي جي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ ويٺي ويٺي ساري رات گذري ويئي.

جڏهن صبح ٿيو تڏهن بادشاهه جو وزير مُلي کي وٺي ميان ٽڪي جي ڪفن دفن لاءِ اچي ڪوٺيءَ جي ٻاهران بيٺو. ڇو ته انهن کي پڪ هئي ته رات وچ ۾ هو ختم ٿي ويو هوندو. هي ڪوٺي جو در لاهي جهڙو اندر ٿي گهڙيا، تهڙو ميان ٽڪو ڏندو ڪٽي پٽيان کاهي پيين. مُلو ۽ وزير ڊپ ۾ اُٿي پڳا ۽ سڏو اچي بادشاهه اڳيان بيٺا. بادشاهه جڏهن کانئن حقيقت پڇي، تڏهن ٻڌايائون ته: بادشاهه سلامت! راتوڪو مسافر ته جيئرو جاڳندو اندر ويٺو آهي، اسين وياسين ته مرڳو ڏندو ڪٽي اسان جي پويان کاهي پيو. بادشاهه پاڻ اها ڳالهه ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ چيائين ته: چڱو، هلو ته آءٌ ٿو هلي ڏسان. پوءِ بادشاهه، وزير سان گڏجي سڏو اُن شهزادي واري ڪوٺيءَ تي آيو. ميان ٽڪي جو بادشاهه کي ايندو ڏٺو، تنهن يڪدم اچي ڪيس ادب سان سلام ڪيو، ۽ هٿ ٻڌي چيائين ته: بادشاهه سلامت! مون سڄي رات شهزادي جي علاج

جو ويچار ڪيو آهي ... هاڻي جيڪڏهن آءٌ شهزادي کي ا ي بيماري کان صفا چڏائي چڏيان ٿو؟ بادشاهه چيس ٿو: اي مسافر! مون هن لاءِ اڳيئي اعلان ڪري چڏيو آهي ته جيڪو به ماڻهو شهزادي کي ان مرض مان آڇو ڪندو، ان کي اڌ راڄ جو ڏيندس ۽ پنهنجي ڌيءَ به ان کي پرٽائيندس. ميان ٽکي چيو ٿو: چگو بادشاهه سلامت! هاڻي مون سان گڏجي اندر ڪوٺيءَ ۾ اچو. جڏهن هي سڀ اندر شهزادي جي لاش وٽ پهتا، تڏهن ميان ٽکي چوپڙ ڪيڊي زمين تي رکي، پوءِ جو ڪٽي سنئون ڪيائينس ته شهزادو جيئرو جاڳندو اُٽي ڪڙو ٿيو، ۽ پنهنجي پيءُ کي سڃاڻي، يڪدم پاڪر پائي چنبڙي پيو. شهزادي کي چگو پلو ڏسي، بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم سڄي شهر ۾ جشن ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. پوءِ ميان ٽکي اها چوپڙ ساڻي چڏي. تن ڏينهن جي جشن بعد، بادشاهه ڏاڍي ڌام ڌوم سان سندس شادي شهزاديءَ سان ڪرائي، ۽ پنهنجو اڌ راڄ به کين ڏاج ۾ ڏنائين.

ڪجهه ڏينهن جي عيش آرام ڪانپوءِ ميان ٽکي گنديءَ واري حقيقت بادشاهه ۽ شهزاديءَ سان ڪئي ۽ ڪانئن اجازت ونئي، اُٽي مسافريءَ تي نڪتو. ڪن ڏينهنْ جي مسافريءَ بعد هڪڙي برپٽ ۾ اچي پهتو. اُٽي هن کي پري ڪان گنبذ جي نموني هڪڙي عاليشان جڳهه ڏسڻ ۾ آئي. هن خيال ڪيو ته ڪجهه دير انهيءَ جڳهه ۾ آرام ڪجي ۽ پوءِ اڳتي هلجي. سو وڃي اچي اُن جڳهه وٽ پهتو. ڇا ڏسي ته جڳهه جي پاسي کان هڪڙي ڪسي هيرن جواهرن جي پيئي وهي. اهڙي ڪسي ڏسي هو عجب ۾ پئجي ويو ۽ ڪيتري دير اُٽي ئي بينو رهيو، آخر ٿوريءَ دير کان پوءِ هو دروازي ڳولڻ لاءِ جڳهه کي چوڌاري ڦرڻ لڳو، پر هن کي ڪوبه دروازو هٿ نه آيو. نيٺ مانڙي ڪري هڪڙي پاسي اهو خيال ڪري لڪي ويهي رهيو، ته ڏسان ته هن جڳهه ۾ ڪهڙو اسرار آهي، جو نه اٽس در نه دروازو: اچان ويرم ئي کانه گذري ته ڏسي ته اهو

ساڳيو ديوُ، جنهن کي مٿي ۾ ڏنبو هنيو هٽائين، سو سڏيندو مينهن واڇ ڪندو، انهيءَ جڳهه ڏي پيو اچي. جڏهن ديوُ ان جڳهه کي ويجهو آيو، تڏهن پٽ تي هڪڙي هٿ هنيائين ته دروازو ظاهر ٿي پيو ۽ هو اندر هليو ويو. ميان ٽڪي اهو دروازي وارو هٿ ڏسي چڏيو، پوءِ مان کري سمهي پيو. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ڏٺائين ته ديوُ ساڳئي هنڌان باهر نڪري جهنگل ڏي هليو ويو. هي يار به اُن دروازي مان لنگهي ٿيو اندر ۽ هلندو هلندو اچي هڪڙي ڪوٺيءَ وٽ پهتو. ڪوٺيءَ ۾ اندر وڃي ڏسي ته هڪ نازنين آهي جا پلنگ تي تمام گهَريءَ نند ۾ گندي تاٽي سُتي پئي آهي. ٽڪي جو سندس منهن تان گندي لاٽي ته ان جي سِسي ڏڙ کان ڌار ٽيل ڏٺائين ۽ ان مان جيڪي رت جا ٽيپا کرياٽي، سي وري کٽ هيٺان پاٽي ۾ وهندڙ کسي ۾ پئجي هيرا موتي ٿي پيا ٿي. هي عجب ۾ پئجي وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. اوچتو نازنين جي سيراندیءَ واري پاسي، جاري ٿي هڪ اونڌي تختي رکيل ڏٺائين، جنهن تي هڪ نقش پڙ اُکريل هو. هن اها تختي سنئين کري نازنين جي منهن تائين آندي ته هوءَ سجاڳ ٿي اُٿي ويهي رهي، ۽ جڏهن ميان ٽڪي تي نظر پيس ته اُن کي ڏمکائڻ لڳي ۽ پڇيائينس ته: تون ڪير آهين ۽ هت ڪيئن آيو آهين؟ هن جواب ڏنس ته: اي نازنين! تون ڪاوڙج نه - آءٌ هڪ مسافر آهيان ۽ رلندي رلندي اچي هتي نڪتو آهيان. تڏهن نازنين چيس ته: اي نوجوان! تون چگو ماڻهو ٿو ڏسجين، تنهنکري بهتر ٿيندو ته تون هينئر ئي هتان هليو وڃ، نه تہ جيکر منهنجي پيءُ توکي هتي ڏسي ورتو ته اُڌڙ ماري چڏيندءِ. اتي ميان ٽڪي وري چيس ته: اي نازنين! اهڙو ظلم ته نه کر، هينئر آءٌ کيڏانهن وڃان؟ هتي ته بي کا اهڙي وسنئُن به کانهي، جتي وڃي پاڻ لکايان. هن جي انهن ڳالهين تي نازنين کي مٿس رحم اچي ويو، سو چيائين ته: چگو ڀلا، تون هن وڏي پيتيءَ ۾ لکي ويهه، پوءِ بابو ايندو ته آءٌ پاڻهي ان سان

سمجهنديس. اهو ٻڌي ميان ٽڪو ڪجهه سرَهو ٿيو ۽ ان نازنين کي چيائين ته: چگو، آءٌ هن پيتيءَ ۾ لڪي ٿو ويهان، پر جڏهن تنهنجو پيءُ اچي، ته اُن کان پڇج ته هو ڪنهن کا ڏڇندو به آهي يا نه؟ نازنين اها ڳالهه قبول ڪئي، پوءِ هيءُ وڃي پيٽيءَ ۾ لڪي ويهي رهيو. ڪا مهل ٿي ته ديو به "آدم بوءِ، آدم بوءِ" ڪندو اچي نڪتو. ڏيءَ چيس ته: بابا! آدمزاد جي ڪهڙي مجال جو هتي اچي سگهي! اهو ٻڌي ديو ڪٽي مات ڪئي ۽ پنهنجي ڏيءُ سان ويهي رهاڻ ڪرڻ لڳو. رهاڻ ڪندي، ڪجهه دير کان پوءِ ڏيءَ پڇيس ته: بابا! تون ڪهڙي شيءِ کان ڏڇندو آهين؟ تڏهن ديو چيس ته: ڏيءَ! آءٌ فقط ميان ٽڪي کا ڏڇندو آهيان، جنهن مونکي اهڙو ڏنڊو هنيو هو، جو اڃا مٿي ۾ ڦٽ بينو آهي. اتي ميان ٽڪو به پيتيءَ مان ٻاهر نڪري، ڏنڊو ڪٽي اڇي ديو جي سامهون بيهي رهيو، ۽ چيائينس ته: اڃان ڳالهه ڪٽي آهي؟ جهل مٿو، ٻيو ڏنڊو ٿو اچيئي! ديوَ جو ميان ٽڪي کي ۽ اُن جي هٿ ۾ ڏنڊو ڏنو، سو اڇي ڦڙڪٽي ٽيس ۽ يڪدم هٿ ٻڌي اتي بيهي رهيو ۽ ميان ٽڪي کي چيائين ته: ٻيلي، نالو اٽئي الله جو، ٻيو ڏڪ نه هڻج، مونکي جيئدان ڏي، آءٌ پنهنجي ڏيءَ جي شادي به توسان ٿو ڪرايان. اتي ميان ٽڪو به ڪجهه ڊرو ٿيو. پوءِ ٻئي ڏينهن ديوَ پنهنجي ڏيءَ جي شادي ميان ٽڪي سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪئي. ميان ٽڪي اُتي به ٻه ٽي ڏينهن عيش آرام سان گذاريا. پوءِ گندين جي ڳولا واري ڪم جي ڳالهه ٻڌائي، اُتان موڪلايائين ۽ اُتي پنڌ پيو.

ڪيترن ڏينهن جي مسافريءَ بعد هن کي پري کان هڪڙو قلعو نظر آيو، جو سڄو سفيد پٿر جو نهيل هو، ۽ پري کان ئي چلڪيو. جڏهن قلعي جي ويجهو آيو، تڏهن ڏٺائين ته اُن قلعي کي فقط هڪڙو دروازو هو. پوءِ هن گهٽئي در کڙڪايو ۽ سڏ ڪيائين، پر کو بني بشر هن جي سڏن تي ٻاهر کونه نڪتو. لاچار هيءُ آهستي آهستي ڪري

دروازو کولي اندر قلعي ۾ گھڙي ويو. اندر هن کي هڪڙو تلاءُ ڏسجڻ ۾ آيو، جنهن جي چئني پاسن کان هڪ هڪ سون جو نهيل هاٿي بينل هو، جن مان پاڻيءَ جا ڦوهارا نڪري رهيا هئا. تلاءُ جي ڪپ تي هڪ ڪوٺي نهيل هئي، جنهن جو در بيڪڙيل هو. هي آهستي آهستي دروازو کولي اندر گھڙي ويو. ڪوٺيءَ ۾ گھڙڻ سان سندس نظر پلنگ تي وينل هڪ خوبصورت چوڪريءَ تي وڃي پيئي، چوڪريءَ جو هن کي ڏنو، سا يڪدم اُٿي بيني ۽ هن کي ٻانهن مان جهلي ادب سان اچي ڪٽ تي ويهاريائين. ميان ٺکي، ان کان پڇيو تہ: تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن اچي ڦاٿي آهين؟ تڏهن چوڪريءَ ٻڌايس تہ: آءٌ هتي پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ رهندي آهيان - توجهڙي شهزادي جوان کي ڏسي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي؛ پر ڇا ڪجي جو تون خود هن طلسمي چڪر ۾ اچي ڦاٿو آهين. هاٿي هتان تنهنجو بچڻ مشڪل آهي. تڏهن ميان ٺکي پڇيس: سو وري ڪيئن؟ چوڪريءَ ٻڌايس تہ: منهنجي ماءُ ڏائڻ آهي، جا توکي ماري چڏيندي. اِتي هن کي شڪ پيو تہ متان اُها ساڳي ڏائڻ نہ هجي، جنهن ان رات چوڪري جو هيانءُ ڪڍيو هو، جنهن جي گندي بہ مون وٽ آهي، سو چوڪريءَ کي چيائين تہ: تون گھبراءِ نہ، آءٌ لکي ٿو وڃان، پر تون رڳو ايترو ڪج، جو جڏهن تنهنجي ماءُ اچي، تڏهن تون ڳالھ ڪندي، ان کان صرف ايتو پڇج ٿہ: تون ڪنهن کان ڊڄين بہ ٿي يا نہ؟ چوڪريءَ اها ڳالھ قبول ڪئي. پوءِ هن کي دروازي جي اوٽ ۾ لڪائي ويهاريائين. ڪا مهل ٿي تہ ڏائڻ بہ اچي اتي نڪتي. ميان ٺکي ڏسڻ سان سڃاڻي ورتس تہ هيءَ اها ساڳي ڏائڻ آهي. ڏائڻ سڌو اچي پلنگ تي وينيءَ ڏيءَ سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳي. ڪوريءَ دير کان پوءِ چوڪريءَ ماءُ کان پڇيو تہ: امڙ تون ڪنهن کان ڊڄين بہ ٿي يا نہ؟ تڏهن ماڻس چيس تہ: ڏيءَ! عمر ۾ رڳو ميان ٺکي کان مس مس جند ڇڏائي سگھي هيس، جنهن ڏڏي سان هٿي منهنجي ٻانهن ئي پڇي وڏي

هئي: باقي ٻئي ڪنهن کان ٻه ڪونہ ٿي ڏڃان. اهو ٻڌي ميان ٽکو ٻه ڏنڊو سنيرائي، دروازي جي اوٽ مان نڪري ظاهر ٿيو ۽ ڏاڙهٽ ڪي هڪل ڪري چوڻ لڳو: هاڻي جهل ٻي ٻانهن، اڇئي ٿو ڏنڊو! اتي ڏاڙهٽ جا حواس ئي خطا ٿي ويا ۽ دانهن ڪري چيائين: ميان ٽکا! خدا جي واسطي مون کي جيئدان ڏي - آءٌ پنهنجي ڏيءَ جو سڳ توکي ٿي ڏيان ۽ ٻيو ٻه جيئن چوندين تيئن ڪنديس. اهو ٻڌي ميان ٽکو ڏاڍو خوش ٿيو. ٻئي ڏينهن ڏاڙهٽ جي ڏيءَ سان شادي ڪري، اُتي عيش آرام سان رهڻ لڳو.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد، هڪڙي ڏينهن ميان ٽکي ڳندي ڪيڊي پنهنجيءَ سَسُ ڏاڙهٽ کي ڏيکاري، ۽ چيائينس تہ: درحقيقت آءٌ انهن گندين جي ڳولا ۾ نڪتو آهيان. تڏهن ڏاڙهٽ چيس تہ : اهڙين گندين جي تہ مون وٽ ڪمي ڪانهي، سو جڏهن تون وڃين تڏهن جيتريون گنديون گهرجنئي اوتريون ڪٽي وڃج. ٿورن ڏينهن بعد ميان ٽکي ڏاڙهٽ کان موڪلايو، جنهن ڪيس خوشيءَ سا احازت ڏني، هڪڙي ڀَري گندين جي ۽ هڪڙي اُڏام ڪٽولي ٻه ڏ ئينس ۽ چيائينس تہ: هن اُڏام ڪٽوليءَ کي جتي ٻه چوندين اُتي هلي توهان کي لاهيندي. پوءِ هيءُ پنهنجي زال ۽ گندين جي ڀريءَ سميت اُڏام ڪٽوليءَ تي چڙهي ويٺو ۽ سڏو اچي ديوَ جي محلات تي لٿو. ديوَ جي ڏيءَ هنن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. ميان ٽکي ٻه ٿي ڏينهن اتي رهي ديو کان واپس وطن ورڻ جي اجازت گهري. ديو کين خوشيءَ سان اجازت ڏني ۽ هلندي مهل هڪ جوڙي جادوئي ڏونڪا ڏيئي چيائينس تہ: جنهن وقت ٻه ڪا اوکي پويئي تڏهن هنن ڏونڪن کي وڄائجئين تہ اسين سڀ اچي تو وٽ پهچنداسين. ميان ٽکي اهي ڏونڪا ونيِ پاڻ وٽ قابو ڪيا، پوءِ ٻنهي زالن سميت اُڏام ڪٽوليءَ تي چڙهي وطن ڏانهن روانو ٿيو. وات تي اُن بادشاهہ وٽان ٻه ٽيندو آيو، جنهن جي پٽ کي جيئرو ڪيو هئائين، ۽ اُتان پنهنجي ٽئين زال شهزاديءَ

کي ب پاڻ سان کنيائين. رستي ۾ ديو جي ڏيءَ چيس ته: جنهن وقت پنهنجي وطن کان هڪ ميل ڪن اورتي پهچين، تڏهن مونکي ٻڌائج. جڏهن ميان ٽکو پنهنجي ملڪ کان ميل ڪن اورتي هو، تڏهن ديوَ جي ڏيءَ کي ٻڌايائين ته: هاڻي پنهنجي ملڪ جي حد ۾ داخل ٿيا آهيون. ديو جي ڏيءَ کيس هڪدم اُتي لهڻ جي صلاح ڏني، جنهنڪري هو اُتيئي لهي پيا. پوءِ ديوَ جي ڏي، پٽس کان مليل ڏونڪا ونی زور سان وڃايا ته ڪن پل ۾ ديوَ ديوَ جي ذات اڇي اُتي مڙي. پوءِ هن انهن کي حڪم ڏنو ته: هتي هڪ عاليشان محل تيار ڪريو. بس، حڪم جي دير هئي، يڪدم محل تيار ٿي ويو ۽ ميان ٽکو ٽنهي راڻين سميت ان ۾ رهڻ لڳو. ٻئي ڏينهن هن بادشاهه کي نياپو موڪليو، جنهن گندين کٽڻ لاءِ پنهنجي وزير کي وٽس موڪليو. وزير گندين کٽڻ لاءِ ٽکي جي محلات ۾ آيو ۽ اتي ٽنهي راڻين کي ڏسي حيران ٿي ويو. آخر هو گنديون کٽي بادشاهه وٽ حاضر ٿيو ۽ کيس آٽي ڏنائين. بادشاهه گنديون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پنهنجي وزير کان ويهي ميان ٽکي جون خبرون چارون پڇڻ لڳو. وزير بادشاهه کي چيو ته: سائين! ميان ٽکو ته اهڙيون راڻيون پرڻجي آيو آهي، جو اوهان جون راڻيون انهن اڳيان ٻانهيون سونهن، اهي راڻيون کهن پَر هٽ ڪرڻ گهرجن. انهيءَ لاءِ صلاح ب سولي آهي ته اوهين سپاٽي هُن جي پاڻ وٽ دعوت ڪريو، پوءِ ماني کائڻ بعد کيس ونی وڃي پنهنجو باغ گهمايو. جڏهن پنهنجي باغ واري کوهه تي پهچو، تڏهن کنهن اٽکل سان ڇلو ان کوهه ۾ ڪيرائي ڇڏيو ۽ پوءِ ميان ٽکي کي چئجو ته کوهه مان اهو ڇلو کڄي ڏي، نه ته قاهيءَ تي ڇاڙهيو ويندين، پوءِ نکو ميان ٽکو ڇلو کڄي سگهي نکي بچي! بادشاهه وزير جي ڳالهه ٻڌي کٽي چپ ڪئي.

ٻئي ڏينهن وزير، بادشاهه طرفان ميان ٽکي کي دعوت ڏياري موڪلي. دعوت کائڻ کان پوءِ گهمندي گهمندي اچي باغ ۾ کوهه وٽ

پهتا. اتي وزير يڪدم دانهن ڪري چيو تہ: بادشاهہ سلامت! اوهان جيڪو چلو مونکي جهلڻ لاءِ ڏنو، سو ڪوهہ ۾ ڪري پيو. هاڻي تہ ميان ٽکو اهو چلو ڪيڏي سگهندو، باقي ٻئي جي جاءِ نہ آهي. تڏهن بادشاهہ لاچار ميان ٽکي کي چلي ڪيڻ لاءِ چيو. ميان ٽکو سمجهي ويو تہ وزير اڇي منهنجي پنيان پيو آهي، پر دل جي ڳالهہ دل ۾ رکيائين ۽ بادشاهہ کي چيائين تہ: حاضر سائين، سياڻي صبح جو اهو چلو مون کان ونجو. وزير ڏنو تہ نڪي ميان ٽکو کوهہ مان چلو ڪيڏي سگهي ۽ نہ وري بادشاهہ وٽ پنهنجو قول پاڙي سگهندو، سو خوشيءَ ۾ بغل ٻوکيندو وڃي پنهنجي محل ۾ آرامي ٿيو.

شام جو ميان ٽکي جادوئي ڏونڪا ڪٽي وڻي جو زور سان وڃايا تہ ديوَ ديوَ جي ڏات اڇي حاضر ٿي. هن اُنهن مان ٻن زور وارن ديوَن کي چونڊي، کين سڄي حقيقت ٻڌائي. ديوَ تہ حڪم جا بندا هئا، سي انهيءَ مهل ئي وڃي ڪوهہ کي لڳا. هڪڙي ديوَ ٻيني ٻيني پاڻي پي ڪوهہ سُڪائي ڇڏيو، ۽ ٻئي پٽيندي ڇڪ کي، جيئن جو ٽيئن ڪٽي ٻاهر اڇلايو ۽ چلو ڪيڏي وڃي ميان ٽکي کي ڏنائون. ٻئي ڏينهن ميان ٽکي اهو چلو ڪٽي، پريءَ دربار ۾ آڻي بادشاهہ کي ڏنو. وزير تہ چلو ڏسي سڙي ويو پر ڪٽي في الحال چپ ڪيائين، ڇو جو ڪري ٻہ ڪجهہ نٿي سگهيو. گهڙي ڪن ڪان پوءِ باغ جي مالهي، بادشاهہ ڪي اچي فرياد ڏنو تہ: سائين! رات وچ ۾ باغ واري ڪوهہ جو پاڻي تہ سُڪي ويو، پر ڪنهن اُن جو ڇڪُ ٻہ ڪيڏي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو آهي. رات جو وري وزير، بادشاهہ ڪي چيو تہ: بادشاهہ سلامت! ميان ٽکي کي چئو تہ جي تون اهڙو بهادر آهين، تہ اسان جي پهلوانن سان مقابلو ڪر. پوءِ ڪنهن ڪيڏ سان ڪيس ختم ڪرائي ميدان صاف ڪري ڇڏبو ۽ ٽيئي راڻيون پنهنجي قبضي ڪبيون. بادشاهہ بنا سوچ ويچار جي، ٽکي کي گهرائي مقابلي لاءِ چيو. اتي ٽکي کي پڪ ٿي تہ هيءَ حرڪت سڀ وزير جي آهي، سو

بادشاهه سان مقابلي جو ڏينهن مقرر ڪري گهر آيو ۽ راڻين سان ساري حقيقت ڪيائين.

مقابلي واري ڏينهن ميان ٽڪي، ديوَ جي ڏوٽڪن ڪي ڪٽي زورسان وڃايو ته ديو ديو جي ذات اچي حاضر ٿي ۽ ڪانئس گهرائڻ جو سبب پڇيائون. ٽڪي ساري حقيقت ٻڌائي ڪين چيو ته: تاڙي وڃائڻ ٿي، بادشاهه جي پهلوانن کي ختم ڪري، پڇاڙيءَ ۾ وزير جي سسي بادشاهه جي روبرو لاهي پوءِ پلي هليا وڃجو. آخر مقرر وقت تي ميان ٽڪو سهي سنهري گهوڙي تي سوار ٿي ميدان ۾ آيو. هن طرف بادشاهه جا پهلوان به هٿيارن سان اچي ميدان ۾ بيٺا. ايتري ۾ بادشاهه جو حڪم ٿيو ۽ پهلوانن ميان ٽڪي تي جلهه ڪئي. هن فقط ٽاڙي وڃائي ته ديون جو ڪٽڪ اچي ميدان ۾ پيو، ۽ سيني پهلوانن کي ختم ڪري ڇڏيائون، سڀ تماشائي وڻي ٻڌا. بادشاهه ۽ وزير - جي پٽ هاٿين تي سوار ٿي مقابلو ڏسي رهيا هئا - سي به ديون جي دهشت جهلي نه سگهيا ۽ هاٿين کي پوئتي موٽائي پڇڻ لڳا. ايتري ۾ هڪڙي ديو اچي وزير کي ڪنڌ ڪان جهليو ۽ بادشاهه جي اڳيان سندس سسي مروڙي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن ٽي بادشاهه، ميان ٽڪي کي باعزت گهرائي پنهنجي وڏوَر ڏيءَ سان شادي ڪرائي، ڪيس پنهنجو وزير مقرر ڪيو. ان کان پوءِ ٽڪو وزير پنهنجي چئني راڻين سان، باقي حياتيءَ جا ڏينهن عيش ۽ آرام سان گذارڻ لڳو.

•••

۱۳- کانير بادشاھ *

ھڪڙو غريب کانير ھو،جوکانيون ڪري پنھنجو ۽ ٻچن جو گذران ڪندو ھو. ھڪڙي ڏينھن جيئن ڪانيون شھر ۾ڪپائڻ آيو، تيئن منھن ۾ بادشاھ جو خاص بورچي مليس. ھن جون ڪانيون ۽ ھيون موچاريون، سو بورچيءَ چيس تہ: اھي ڪانيون شاھي بورچيخاني تي ھلي لاھ.ڪانير بورچيءَ سان گڏجي ويو ۽ وڃي ڪانيون بورچيخاني تي لاٽائين. بورچيءَ ھن کي قيمت ۽ سڻي ڏني ۽ چيائينس تہ: روزانو ڪانيون ڏيندو ڪر. بورچيءَ وٽ انھيءَ وقت شاھي لقمي مان ڪجھ بچيل ھو، اھو ۽ ھن کي ڏنائين. ڪانير ويچاري جو بادشاھي کاڌو چکيو، سو حيرت ۾ پئجي ويو، ۽ بورچيءَ کي چيائين تہ: ھيءُ تہ واھ جو طعام آھي، ھن تي خرچ ۾ تہ ڏاڍو ٿيندو ھوندو؟ بورچيءَ چيس تہ: ھي ڪڏو خاص بادشاھ کائيندو آھي. جيڪڏھن توکي اھڙو کاڌو ڏيءُ تي ڪائڻو آھي، تہ اوترا پئسا ڏي تہ طعام تيار ڪري ڏيانءِ. ڪانير چيو تہ: رڳو آءٌ کان ۽ منھنجا ٻڍڙا نہ کائين، اھا ڳالھہ سڻي نہ آھي، تنھنڪري ليکو ڪري ٻڌاءِ تہ ڪيترا پئسا لڳندا، جو اسان سڀئي ھڪ ڀيرو ھيءُ طعام ڏؤ ڪري کائون، ٻيو تہ مون وٽ ڪي ۽ ڪينھي،باقي روزانو ۽ ڀريون کانيون جون آڻيندس .... ھڪ ڀريءَ جو ملھہ تو وٽ تيسين امانت رکي، باقي ھڪ ڀريءَ جو ملھہ وني، ٻچن جو پيٽ قوت ڪندو رھندس. پوءِ جڏھن اھي پئسا پورا ٿين، تڏھن تون اسان کي اھو کاڌو تيار ڪري ڏج، تہ ھڪ ڀيرو مان ۽ منھنجا ٻچا اھو کائي ڏؤ ڪريون. بورچيءَ ھن

---

* ھن ڳالھہ جون ۽ روايتون اتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان ۽ (تعلقي روھڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان مليون.

کي چيو تہ: چگو، تون پورا ٻارهن مهينا روزانو هڪڙي پري امانت رکندو وڃ، ٻارهن مهينن کان پوءِ تنهنجا ايترا پئسا مون وٽ ٿي ويندا، جو توکي هڪڙو ديگڙو انهيءَ طعام جو تيار ڪري ڏيندس.

ڪاڪير اها ڳالهه ٻڌي سڏو پنهنجي گهر آيو، ۽ گهر جي ماڻهن سان اچي ڳالهه ڪيائين تہ: اڄ مون بادشاهي طعام جا ٻہ - ٽي گراهه کاڌا آهن، پر انهن جي کهڙي خبر ڪريان! شاهي بورچيءَ سان صلاح ڪري آيو آهيان، تہ هڪ دفعو اسين سيئي اهو طعام ڏؤ ڪري کائون.. پر ان لاءِ توهان سيني کي ٻارهن مهينا مون سان گڏ ڪاڪيون ڪرٽيون پوندیون. ڪاڪير جي ماڻهن ٻہ اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ تہ روزانو گهر جا سيئي ماڻي ڏاڍي شوق سان ڪاڪيون ڪرڻ لڳا ۽ ڏينهن ڳڻڻ لڳا تہ خير جا ٻارهن مهينا گذرن تہ کو بادشاهي کاڌي جو مزو وٺون. چوندا آهن تہ 'جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو.' آخر هلندي هلندي ٻارهن مهينا ٻہ ائين اچي پورا ٿيا ۽ بورچيءَ ٻہ بادشاهي طعام جو ديگڙو تيار ڪري کڻي ڪاڪير کي هٿ ۾ ڏنو. هو ديگڙو کڻي گهر ڏانهن راهي ٿيو. هوڏانهن ڪاڪير جي گهر جا سيئي ماڻي ٻہ انتظار ۾ وينا هئا تہ اجهو ٿو بادشاهي طعام اچي، ۽ کائي تا ڏؤ ڪريون!

ڪاڪير گهر ڏانهن ايندي اڃان ٿورڙوئي پنڌ مس ڪيو، تہ واٽ ۾ هڪڙو فقير گڏيس؛ جنهن چيس تہ: بک اٿم ....خدا ڪارڻ ڏؤ ڪراءِ! ڪاڪير کي ٻہ الله ڏنو ايمان، سو دَميل ديگڙو ئي کڻي فقير جي اڳيان لاهي رکيائين. هڪڙو فقير هو بکايل، پيو طعام هو بادشاهي، سو نہ بچيو ديگڙي ۾ کو ڪٽو ۽ ڪاڪير جي ڏسندي ڏسندي سڄو ديگڙو خالي ٿي ويو. ڪاڪير پوءِ خالي ديگڙو کڻي ٿيو گهر راهي. سندس ماڻي جن سڄا سارا ٻارهن مهينا ڪاڪيون ڏويون هيون، سي سندس واٽ واجهائي رهيا هئا ۽ هن کي پري کان ئي ديگڙو مٿي تي ڏسي، گد گد ٿيڻ لڳا. ننڍڙا ٻار ٽہ ڊوڙي اچي هن کي چنبڙيا. آخر



ڪاڻيار اچي گهر پهتو ۽ خالي ديگڙو اچي گهر وارن جي اڳيان لاهي رکيائين. سيئي پاتي حيرت ۾ پئجي ويا ته هي وري ڇا ٿيو؟ ڪاڻيار چين ته: غم نه ڪريو. هي ديگڙو ستن ڏينهن جي هڪڙي بکئي فقير کي خيرات ڪري آيو آهيان. پاڻ وري ڪاڻيون ڪري ٻيو ديگڙو تيار ڪرائي ونندا سين.

ٿورا گهٽا ڏينهن گذريا ته ان ملڪ جو بادشاهه گذاري ويو. بادشاهه کي اولاد هوئي ڪونه، سو مرڻ مهل وصيت ڪري ويو ته صبح جو سوير منهنجو جنازو ڪٽجو، ۽ جيڪو پهريون ماڻهو مُنهن چڙهيو، تنهن کي منهنجي جاءِ تي ٻنهنجو بادشاهه ڪجو'. ڪاڻيار به هميشه وانگر ڏکيءَ جو اڻي ويو هو ڪاڻيون ميڙڻ، سو جيئن صبح سنئون ڪاڻين جي ٻري مٿي تي رکي شهر جي دروازي وٽ پهتو، تيئن ماڻهن ونيو وڃي وهنجاري سهنجاري، شاهي ويس وڳا پهرائي، تخت تي

ويهاريس. پوءِ سندس گهر جي پاتين کي به ماٺهو وڻي آيا، جي پهريائين ته ڏاڍا ڏنا، پر پوءِ ڳالهه بڌڻ تي خوش ٿي اچي شاهي محل ۾ داخل ٿيا. بادشاهي بيپرواهي! غريبن جا لحظي ۾ ئي غم لهي ويا.

كائير بادشاهه ڏاڍي سهٽي نموني سان حكومت هلائڻ لڳو، پر سندس راٽيءَ اچي انگل كرڻ شروع كيا ۽ وچ درياءَ ۾ محلات نهرائي ويهي رهي. هك پيري درياءَ كي هجي چاڙهه، سو هن به محلات مان بيني درياءَ جو ديدار كيو. درياءَ ۾ هكڙو جهاز كٽي كو ڏكجي پيو هو، ان جو هكڙو ماٺهو لڙهندو ٽُڙگندو، لهرين جون لپيٽيون جهليندو اچي راٽيءَ جي محلات وٽان چڙهيو. راٽيءَ هن شخص كي ائين لڙهندي غوطا كائيندي ۽ هٿ پير هٽندي ڏٺو، سو كيس اهو "تماشو" ٿي آيو ۽ بادشاهه كي چيائين ته: روز هكڙو ماٺهو فلاٽي هنڌان درياءَ ۾ ڦٽو كيو وڃي؛ جو ائين ترندو تڙگندو هت اچي پهچي ته مان بيهي مزو ڏسان. ويچاري كائير بادشاهه انهيءَ كم كان ڏاڍو نٽايو ۽ هيناهيون



مٽاهيون ورتائين تہ اهو ظلم جو ڪم آهي، من راڻي انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃي ... پر راڻي پنهنجي هٺ تان نہ لٿي. آخر بادشاهہ اهو حڪم جاري ڪيو. پوءِ روزانو هڪڙو ماڻهو درياءَ ۾ اڇلايو ويندو هو... ڪي تہ تري اچي راڻيءَ جي محلات کان چڙهندا هئا، پر گهٽا ويچارا ائين ئي وچ درياءَ ۾ ٻڏي ويندا هئا. ماڻهن جو هيءُ حال ڏٺو، سو منجهن اچي ناراضگي پيدا ٿي ۽ چوطرف بادشاهہ لاءِ بد دعائون شروع ٿي ويون.

هڪ دفعي سڄي ملڪ جا ماڻهو گڏجي بادشاهہ وٽ لنگهي ويا، ۽ عرض ڪيائونس تہ: وڏيڪ هيءُ ظلم ملڪ کان سَنو ڪونہ ٿيندو، تنهن لاءِ ڪو تدارڪ ٿئي، نہ تہ ملڪ ۾ بغاوت ٿي پوندي! ٻئي ڏينهن ڪائير بادشاهہ پڙهو گهمايو تہ اڄ اسان جو وڏو شهزادو، درياءَ ۾ گهڙندو، ٻئي ڏينهن ٻيو شهزادو، ٽئين ڏينهن ٽيون - ۽ اهڙيءَ طرح جيستائين اسان جا شهزادا سلامت آهن تيستائين اهي ئي راڻيءَ کي اهو تماشو ڏيکارينداا! راڻيءَ کي جڏهن بادشاهہ جي هن حڪم جي خبر پيئي، تڏهن زار زار روئي اچي هن جي پيرن تي ڪري ۽ عرض ڪيائين تہ: هاڻي اهو حڪم رد ٿئي تہ اڳتي کوبہ ماڻهو درياءَ ۾ نہ اڇلايو وڃي، جيڪي ماڻهو درياءَ ۾ مئا آهن، انهن جو خون ٻها منهنجن هيرن جواهرن ۽ زر زيورن کي کپائي ادا ڪيو وڃي - آئندي مرڻ گهڙيءَ تائين کوبہ زر زيور نہ پائيندیس! ڪائير بادشاهہ پوءِ راڻيءَ جو چوڻ ونئي پنهنجو حڪم رد ڪيو، ۽ رعيت سان اهڙي عدل انصاف سان هليو، جو سڄي عمر سپڪو ڪيس دعائون ڪندو رهيو.

•••

۱۴- صبر شهزادو *

هڪڙو هو بادشاهه - بادشاهن جو بادشاهه ته پاڻ ڏٺي تعاليٰ آهي، پر هيءُ ڪوڙي دنيا جو بادشاهه هو. ڏٺيءَ جو ڏنو سيوڪجهه هوس. ڪيس ست سدا ملوڪ شهزادیون هيون، جي سونهن ۽ عقل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون، پر ننڍي شهزادي سيني کان سرس هئي، جنهنڪري ٻيون شهزادیون ساٿس سڙندیون هيون. بادشاهه جو دستور هو ته روزانو سج لٽي مهل شهزادين وٽ ايندو هو، ۽ ستن ئي کي ويهاري، واري واري سان کائن پچندو هو ته: امان! آءٌ توهان کي ڪيترو منو آهيان؟ تنهن تي ڪا چوندي هئي ته 'تون مونکي پتاشي جهڙو منو ٿو لڳين' ، ڪا وري چوندي هئي ته 'تون مونکي مصريءَ جهڙو منو ٿو لڳين' . مطلب ته چهه شهزادیون ته ڪنهن نه ڪنهن مني شيءَ جو نالو وٺي بادشاهه کي خوش ڪيون ڪنديون هيون، باقي ستين ۽ سيني کان ننڍي شهزادي ڪنڌ هيٺ ڪري، مٽيءَ دل سان چوندي هئي ته: 'تون مون کي ڪنڌ جهڙو منو ٿو لڳين' . ڇو جو ننڍي شهزادیءَ کي پنهنجي پيءُ جي اها ڳالهه ڪانه وڻندي هئي.

هڪڙي ڏينهن - دستور موجب بادشاهه، شهزادين کان اهو پڇڻ آيو ته - ٻين ته سيني منائي ۽ مصريءَ جهڙو منو چيس، پر ننڍي شهزادیءَ، جا ائين چئي چئي ڪ ٽي پيئي هئي، تنهن چيس ته: بابا سائين! تون ته مونکي لوڻ جهڙو ٿو وٽين. اهو ٻڌي بادشاهه ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويو، چي: ڪائين پين منهنجو، تڏهن به مونکي لوڻ جهڙو ٿي پائئين! تنهن تي شهزادیءَ وراڻيس ته: بابا سائين! روز رزاق تي آهي،

* هيءَ ڳالهه حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي..

بندي جي وس ناهي، آڻ ته پنهنجو نصيب ٿي کان. انهيءَ تي بادشاهه کي وڏيڪ ڪاوڙ لڳي، سو چيائين ته: جي تون پنهنجو نصيب ٿي ڪائين، ته آڻ بہ ڏسان ڪيترا ڏينهن ٿي جئين. پوءِ يڪدم پنهنجي ٻانهن کي حڪم ڏنائين ته: هيئر جو هينئر، شهزاديءَ کي انهيءَ حال ۾ ئي وڃي جهنگ ۾ ڇڏي اچو ته وڃي پنهنجو نصيب کائي. شهزاديءَ چيس ته: جي توهان جي اها مرضي آهي ته پوءِ يا بسم الله، پر هڪڙي ڏينهن توهان کي ضرور پشيمان ٿيڻو پوندو. ائين چئي شهزادي اُٿي ڪڙي ٿي. ٻانهن ويچارا حڪم جا بندا، سي هن کي گهوڙي تي چاڙهي جهنگ ۾ ڇڏي آيا.

شهزادي ويچاري لاڏ ڪوڏ سان پليل، جنهن ڪڏهن محلات مان پير ٻاهر نہ ڪڍيو هو، سا جهنگ ۾ اچي ڏني، ۽ ڏاڍي حيران ٿي. آخرڪار ڏٺيءَ کي ياد ڪري، اُٿي هڪڙي پاسي هلي. سڏ پنڌ مس ڪيائين ته هڪڙي جهوپڙي نظر آيس. اتي مڙئي شهزاديءَ کي پيٽ ۾ ساهه پيو. اندر وڃي ڏسي ته جهوپڙي خالي پيئي آهي. شهزادي بہ الله تي پروسو رکي ويهي رهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته، هن جهوپڙيءَ جو مالڪ الاجي ڪير آهي، ۽ ان جي اچڻ کان پوءِ الاجي مران يا بچان، تنهنڪري ڇو نہ ايترو وقت ويهي ڏٺيءَ جي عبادت ڪريان! سو ڪنڊ ۾ رکيل پاٽيءَ جي دلي مان ڇل پري، وضو ساري ويهي نماز پڙهڻ لڳي.

حقيقت ۾ اها جهوپڙي هڪڙي فقير جي هئي، جو روز صبح جو گدائي تي هليو ويندو هو ۽ شام جو موتي ايندو هو. اهو جڏهن آيو، تڏهن پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ ڇوڪريِ ويٺل ڏسي حيران ٿي ويو، وري جو ڏنائين ته نماز پيئي پڙهي، تنهنڪري مانڙي ڪري هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو.

شهزاديءَ جڏهن نماز پڙهي بس ڪئي، تڏهن فقير پڇيس ته: ڏيءُ! تون ڪير آهين۽ هن جهنگ ۾ ڪيئن آئي آهين؟ تنهن تي شهزاديءَ سڄي حقيقت ڪري ٻڌايس. ڳالهه ٻڌي فقير چيو ته: امان! بيشڪ روز

رازق تي آهي. هرکو پنهنجو نصيب ٿو کائي. هاڻي تون منهنجي نياڻي آهين؛ هيءَ جهوپڙي تنهنجي پنهنجي آهي ... آءٌ روز گدائيءَ تي ويندس، جيڪي ملندم سو وٺي کائيندا سين. اهو ٻڌي شهزادي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ فقير جيڪا ماني پِنِي آندي هئي، سا کائي ڏٺيءَ جا شڪرانا ٻجا آڻي سمهي رهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو فقير گدائي تي هليو ويو ۽ شهزادي جهوپڙيءَ کي ٻهاري سُهاري ڏيئي، پر واري کوهه تان پاڻي پري، بالم ٿي ويهي رهي. شام جو فقير گدائي کري آيو، ٻنهي جڻن ماني کائي ڏٺيءَ جا شڪرانا کيا. ائين کنڊي کيترا ڏينهن گذري ويا. هڪڙيءَ رات شهزادي خواب ڏٺو ته کو شخص آهي، جو کيس چيڇ کان وٺي، جهوپڙيءَ کان ٻاهر پيو وڃي، ۽ هڪڙي هنڌ ٻيهاري چيائين ته: شهزادي! هن هنڌ ستن بادشاهن جو خزانو پوريل آهي. ائين چئي اهو شخص گم ٿي ويو. شهزادي‌ءَ جي اک کلي ويئي. دل ۾ ويچاريائين ته خواب تي کڙو ويسا ها! پر تڏهن به اهو هنڌ گوٽي ڏسندس ضرور. اها ڳالهه دل ۾ رکي، يڪدم فقير کي اُٺاري کيس خواب ٻڌايائين. فقير چيس ته: ڌيءَ! تنهنجو ڀاڳ سٺائو هوندو ته خواب کوڙو کونه ٿيندو. پوءِ انهيءَ مهل ئي ٻئي جڻا اُٺي انهيءَ هنڌ ويا، ۽ هڏن سان زمين کوٽڻ لڳا. اڃان ٿورو کوٽيائون مس ته هڪڙي پيتي نڪري آئي. کولي کڻي ڏسن ته سڄي هيرن جواهرن سان پري پيئي آهي. اتي هو ٻئي جڻا ڏاڍا خوش ٿيا. شهزادي‌ءَ فقير کي چيو ته: بابا! هن هان کجهه هيرا کڌي وڃي بازار ۾ وڪڻ، ۽ کي کاسبي ۽ رازا وٺي اچ ته جاءِ نهرايون ...پوءِ آهستي آهستي باقي خزانو کڌنداسين. فقير کي به اها ڳالهه وڻي. تنهن کجهه هيرا کٽي باقي خزانو لَٽي ڇڏيو. اڃان صبح ٿيو ئي مس ته فقير روانو ٿيو. هيرا وڪٽي، رازا ۽ کاسبي وٺي آيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ جهوپڙيءَ جي جاءِ تي هڪڙو محلات جڙي راس ٿيو. هاڻي فقير به گدائي تي کونه

ويندو هو. محلات نهڻ بعد شهزاديءَ فقير گڏجي باقي خزانو ڪيي محفوظ جاءِ تي ڪري رکيو. انهي هنڌ ست پيتيون پوريل هيون، جن مان ڇهه خزاني سان ٽُب پريل هيون، پر ستين پيتيءَ مان سوني ڳن سان موتين جڙيل هڪڙي وڇڻي نڪتي، اها شهزاديءَ پاڻ ڪنئين.

هڪڙي ڏينهن شهزادي اها وڇڻي ڪٽي ڏسڻ لڳي. ڏسندي ڏسندي واءُ هٽڻ لاءِ وڇڻيءَ کي جهڙو ساڄي پاسي ڦيرو ڏنائين، تهڙو هڪڙو سدا ملوڪ چند جهڙو شهزادو اچي اڳيان بينس. شهزادي پهرين ته ڏاڍي ڊني، پر پوءِ دل جهلي پڇيائينس ته : اي شخص! تون ڪير آهين هتي ڪيئن آيو آهين؟ ان شخص وراٽيو ته : اي شهزادي! آءٌ 'صبر شهزادو' آهيان، ۽ پرين جي ملڪ ۾ رهندو آهيان. تو پکو جهلي مونکي سڏيو آهي، تڏهن اچي حاضر ٿيو آهيان. اتي شهزاديءَ سمجهيو ته مڙئي هن پکي ۾ ڪا ڳالهه آهي. سو وري کانئس پڇيائين ته: تون پکي جي سڏ تي آيو آهين؟ صبر شهزادي وراٽيو ته: ها، هن کي سڄي پاسي جهليندينءَ ته ايندس، جي ڪنهي پاسي جهليندينءَ ته هليو ويندس. شهزادي پوءِ ته ڏاڍي خوش ٿي ۽ گڏجي ويهي رهاڻ ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح روزانو رات جو شهزادي پکو جهلي 'صبر شهزادي' کي گهرائي ساٿس ويهي رهاڻ ڪندي هئي، ۽ صبح ٿيڻ ٽي شهزادو هليو ويندو هو. هنن ننهي جڙن پاڻ ۾ شادي ڪئي، پر دستور موجب هو رات جو ايندو هو ۽ صبح جو هليو ويندو هو. ائين ڪافي وقت گذري ويو، نه شهزاديءَ هن کان پڇيو ته ڏينهن جو ڪيڏانهن ٿو وڃين، ۽ نه وري صبر شهزادي ئي کيس انهيءَ بابت ٻڌايو.

هڪڙي ڏينهن شهزاديءَ فقير سان صلاح ڪئي ته: هاڻي ڏٽيءَ جو ڏنو سيوڪجهه اٽڻون، منهنجي مرضي آهي ته آءٌ پنهنجي پيءُ ۽ پينرن جي مهماني ڪريان، ۽ بابي کي ٻڌايان ته برابر روز رازق تي آهي يا نه! تنهنڪري تون وڃي کين دعوت ڏيئي اچ. فقير سندس اها ڳالهه قبول

کئي. جڏهن اها حقيقت صبر شهزاي سان کيائين، تنهن چيس تہ: تون پلي پنهنجي مائٽن جي دعوت ڪر، پر مون بابت ڪنهن سان هڪڙو گفتو بہ نہ ڪيج، نہ تہ پس پيش توکي نقصان رسندو. شهزادیءَ ساڻس انهيءَ ڳالهہ جو انجام ڪيو. ٻئي ڏينهن فقير ويو سو وڃي بادشاهہ کي اهل عيال سميت خدا ڪارڻ دعوت ڏيئي آيو. بادشاهہ بہ خيال ڪيو تہ ٻاهر جو واءُ سئاءُ ونجي، تنهنڪري هڪدم ڪٽي دعوت قبوليائين، ۽ فقير کي ڏينهن مقرر ڪري ڏنائين تہ فلاڻي ڏينهن اسين پنهنجي لشڪر سميت تنهنجا مهمان آهيون. فقير سڃي ڳالهہ اچي شهزادیءَ کي ٻڌائي. مقرر ڏينهن تي ڪيترائي راڄارا اچي سهڙيا، جن ڪٽي ديگين جون قطارون چاڙهيون. بادشاهہ بہ اچي پهتو، ساڻس چهہ شهزادیون بہ هيون. شهزادیءَ چا ڪيو جو مردانو ويس ڪٽي پاڻو ۽ فقير کي چيائين تہ: بادشاهہ جي ماني آڻ پاڻ رڌيندیس، باقي بين ماڻهن جو بندوبست تون وڃي ڪر. مانيءَ جي مهل شهزادیءَ چا ڪيو جو پنهنجي پيءُ ۽ ڇهن پينرن جي اڳيان رڳو مناڻ رکيو. پهرين تہ گجهہ ڪاڏائون، پر بن چئن گرهن کان پوءِ هرڪو پيو لوٽا هٽي تہ ڪٽان ٿو ڇهرو مال اچي! آخر جڏهن مناڻ مان مُنهن ڀڳن ۽ ڇهرو طعام بہ ڪونہ آيو، تڏهين بادشاهہ کان رهيو ڪونہ ٿيو ۽ شهزادي، جيڪا انهيءَ مهل مرداني ويس ۾ هئي، تنهن کي چيائين تہ: ميان! هتي ڇهرو طعام ڪونہ رڌجي ڇا؟ تنهن تي شهزادیءَ چيس تہ: بادشاهہ سلامت! ٻڌو هئوسين تہ توهان کي مناڻ گهٽو وٽندو آهي، جو توهان لوڻ جي نالي تي پنهنجي ڏيءَ کي بہ گهران ڪيي چڏيو هو. تنهنڪري لاچار رڳو منو رڌو اٽئون. اهو ٻڌي بادشاهہ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو ۽ شرمسار ٿي چوڻ لڳو تہ: ميان! انهيءَ ڳالهہ جو مونکي ايڏو افسوس آهي، جو شايد سڃي عمر ڪونہ لهندو. اڄ ويچاري منهنجي ڏيءَ الاجي ڪهڙين تڪليفن ۾ هوندي! ائين چئي اچي روئڻ ۾ ڇنڪيو. تنهن تي شهزادیءَ چيس تہ: جي اوهان کي پنهنجي ڏيءَ ملي تہ پوءِ توهين ان کي هينئر سڃاڻندئو؟ بادشاهہ چيو تہ: ڇو نہ سڃاڻندس.

تنهن تي شهزادي‌ءَ مردانو ويس لاهي ڪٽي زنانو ويس پاتو. بادشاهه ڪيس ڏسڻ سان سڃاتو. پوءِ ته وڃڻيل ملي ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ شهزادي‌ءَ، بادشاهه کي چيو ته: بابا! هتي دعوت ڏيئي توهان کي گهرائڻ مان منهنجو اهو مطلب هو ته توهان کي ٻن ڳالهين جا جواب ڏيان، جن تان ڪاوڙجي توهان مون کي شهر نيڪالي ڏني هئي. هڪڙي ڳالهه اها ته مون چيو هو ته توهين مونکي لوڻ جيترو ٿا وٽو. هاڻي ڏسو ته لوڻ وارو ڪاڏو اوهان کي نه ملیو ته ڪيئن دانهن ڪَيَوَ. ڪنهن به طعام ۾ لوڻ نه پوندو ته اهو نه وٽندو، تڏهن چيم توهين مون کي لوڻ جيترو وٽو ٿا. ٻي ڳالهه ته توهان کي چيو هئم ته روز رازق تي آهي. سو توهان ته انهيءَ نيّت سان مونکي ڪڍيو هو ته بکن ۾ مري ويندیس، پر خدا تعالیٰ رازق آهي، تنهن مونکي جهنگ ۾ به کونه ڇڏيو. هتي به مونکي اهائي بادشاهي نصيب ڪيائين. آخرڪار بادشاهه هن کي چيو ته: ڏيءَ! تنهنجي ڳالهه سچي نڪتي، مون هارايو تو کٽيو. هاڻي مناسب ائين آهي ته تون هي جهنگ ڇڏي وري هلي مون وٽ رهه. تنهن تي شهزادي‌ءَ وراڻيو ته: بابا سائين! آءٌ پنهنجو نصيب هتي ئي وينی کان، توهين شال پنهنجن محلن ۾ خوش هجو. بادشاهه ۽ پينرن شهزادي‌ءَ کي گهٽوئي چيو، پر شهزادي بنهه نابري واري وينی. تنهن تي لاچار هو شهزادي‌ءَ کان موڪلائي واپس ورڻا.

شهزادي‌ءَ جي ڇهن پينرن کي پنهنجي ننڍي‌ءَ ڀيڻ جو اهو نَڻُ کونه وٽيو، دل ئي دل ۾ ڏاڍيون پڇريون، پر ڪري ڪجهه به نٿي سگهيون. نيٺ ڇهن ئي پينرن گڏجي صلاح ڪئي ته ڪنهن حيلي سان اها خبر لهجي ته هن کي ايتري مايا ڪٿان ملي آهي. اهڙو ويچار ڪري ڇهئي شهزادیون پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ وٽ اچڻ وڃڻ لڳيون.

هڪڙي ڏينهن ڇهئي ڀيڻيون پاڻ ۾ صلاح ڪري رات اتي ٽڪي پيون. جڏهن رات ٿي تڏهن لڪي وڃي پنهنجيءَ ڀيڻ جي جاءِ ۾ ويهي رهيون. ننڍي شهزادي‌ءَ جڏهن ڏٺو ته هَئُو مَئُو ٿريو آهي، تڏهن وڃٽو

کٹي سڄي پاسي جهليائين تہ صبر شهزادو اچي سهڙيو. پوءِ تہ ويهي رهاٹيون ڪيائون. سندس ڇهہ ڀينرون اهو لقاءُ ڏسي سڙي ويون، پڪ ٿين تہ شهزاديءَ انهيءَ سان شادي ڪئي آهي، ۽ هيءَ دولت ۽ ان جي ڏنل اٽس. پوءِ تہ جيئن تيئن ڪري رات گذاريائون. صبح جو جڏهن صبر شهزادو هليو ويو، تڏهن هي ٻہ ڇهہ ئي جڻيون لڪي مانڙي ڪري اچي ويهي رهيون، ۽ صلاحون پڇائڻ لڳيون تہ ڪهڙيءَ طرح ننڍي شهزاديءَ کان صبر شهزادو ڇڏائجي. نيٺ هڪڙي جڻيءَ صلاح ڏني تہ : پريزادن جو جسم تمام نازڪ هوندو آهي، هاٿي ڇا ڪريون جو بلور ڪٽي سنهون ٻورو ڪري، صبر شهزادي جي ڪٽ تي هاري ڇڏيون، پوءِ پاٿهي خبر پوندي. اها صلاح سڀني کي وڻي سو يڪدم بلور ڪٽي اٽو ڪري، لکائي ننڍي ٻيڙ وٽ آيون، چي ادي! اسين هتي ويهي ڪڪ ٿي پيون آهيون، نڪو ڪم نڪو ڪار، تنهنڪري اڄ تنهنجي رهڻ واري جاءِ اسين صفا ڪنديونسين. ننڍيءَ ٻيڙ کين گهٽوئي روڪيو پر هنن سندس ڳالهہ ئي ڪانہ مڃي. شهزادين جهت ڪري سندس جاءِ ۾ وڃي چند ڦوڪ ڪرڻ لڳيون. جڏهن ڏنائون تہ کين ڪوبہ ڏسڻ وارو ڪونهي، تڏهن وڏي شهزاديءَ ڪُٽيل شيشن جي پڙي ڪڍي صبر شهزادي جي هنڌ ٿي هاري ڇڏي.

قصو ڪوتاهہ - رات جو ننڍي شهزاديءَ، صبر شهزادي کي گهرايو. هو ويچارو شهزاديءَ سان رهاڻ ڪري پنهنجي هنڌ تي اچان ليٽيو ئي مس تہ سنهان شيشا سندس نازڪ جسم ۾ پيهي ويا. هن کان رڙ نڪري ويئي ۽ يڪدم ڪاوڙ مان شهزاديءَ کي چيائين تہ: وڃٽي جهل تہ آءٌ وڃان! شهزادي ڏاڍي حيران ٿي، پر صبر شهزادي جو چوڻ ڪونہ موٽائي سگهي، يڪدم وڃٽي ڪٻي پاسي جهليائين تہ هو گهر ٿي ويو. پر ويندي ايترو چئي ويو تہ: تو مون سان چگهائي ڪانہ ڪئي آهي، پر جي مون سان ملٹو اٽئي تہ هاٿي ڳولي لهج. شهزادي ويچاري ڏاڍي حيران ٿي. وري جو ڪٽي ڏسي تہ صبر شهزادي جي هنڌ تي شيشا

هاريا پيا آهن. اتي پڪ ٿيس ته پينرن ڏوهه ڪيو آهي. پوءِ شهزادي ويهي روئڻ ۽ پڇتائڻ لڳي ته ناحق پينرن کي رهايم ،هاڻي صبر شهزادي کي هٿان وجايم. الاجي ڪهڙيءَ ولايت ۾ هوندو، ۽ آءٌ زال ماڻهو ڪيس ڪٽي ڳولي لهنديس! ائين پنهنجي قسمت کي ڏوهه ڏينديِ، شهزادي کي ڳولي لهڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. پوءِ انهيءَ محل ئي بادشاهي ويس وڳا لاهي، گيڙو رتا ڪپڙا پهري جوڳڻ ٿي، فقير کان موڪلائي توڪلائي هڪڙي پاسي اٽي هلي.

هلندي هلندي هڪڙي ٻيلي ۾ اچي رات پيس، رات گذارڻ لاءِ هڪڙي وڻ هيٺان ويهي رهي. اڃان کا گهڙي مس گذري ته انهيءَ وڻ تي به پکي اچي وينا ، جي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هڪڙي پکي ٻئي کي چيو ته: يار! خدا جي قدرت آهي، جو ڪنهن نه ڪنهن شيءِ ۾ ڪاڻ کا حڪمت مڙيئي رکيل آهي. ٻئي پکيءَ چيس ته: سو وري ڪيئن؟ تنهن تي هن چيس ته: هن وڻ جي چوڌڻ ۾ اهڙي خاصيت آهي، جو جيڪڏهن اهي پاٽيءَ ۾ ٽهڪائي، ڪنهن بيمار کي ان سان وهنجارجي ته سڀ بيماريون چڏي وڃنس. وري ٻئي پکي چيو ته: ادا! برابر، تنهنجي ڳالهه سچي آهي... منهنجي وٽين ۾ به اهڙي خاصيت آهي جو ڪهڙي به نه ڇنڊڻ ڦٽ تي هٽجن ته يڪدم ڇٽي وجي. شهزادیءَ کي اهي ڳالهيون ٻڌندي ٻُڌندي ننڊ اچي ويئي. صبح جو سويل اٽي ان وڻ جا ڪجهه چوڌا لاٽائين، ۽ ڪجهه وٽين ميڙي بگريءَ ۾ وجهي اُٽي رواني ٿي.

شهزادیءَ کي پنڌ ڪندي، ڏاڪڙا ڏسندي ڇهه مهينا گذري ويا. انهيءُ وچ ۾ ڪئين اهڙيون تڪليفون آيس، جن مان بچڻ مشڪل هو. پر هيءَ ويچاري خدا تي توڪل رکيو هلندي رهي. آخرڪار هڪڙي ڏينهن هڪڙي ڪوهه ٽي اچي پهتي، جتي سؤ چوڪرين پاڻي پئي پريو. شهزادیءَ هڪڙيءَ کان پڇيو ته: ادي! توهين هيترو پاڻي ڇا جي لاءِ ٽيون پريو؟ هنن ٻڌايس ته: اسان جو صبر شهزادو ڪنهن آدمزادیءَ سان وڃي پرٽيو هو، پر انهيءَ زال ڏوهه ڪري کيس ڦٽي وڏو آهي، ڇهه مهينا ٿيا

آهن جو ڦٽ ڇڻن ئي ڪونہ ٿا. هاڻي سندس علاج پيو هلي، جنهن لاءِ پيون پاڻي پريون. اها ڳالهہ ٻڌي شهزاديءَ ان ڇوڪريءَ کي ڇيو تہ: آءٌ بہ حڪمت جو ڏندو ڄاڻان ٿي، جي مونکي صبر شهزادي وٽ وڃي هلو تہ هونڊ آءٌ ڪيس ڇگو پلو ڪريان. ڇوڪريءَ جواب ڏنس تہ: هتي ڪيترائي حڪيم طبيب موڪي ويا، تون ڇا ڪري سگهندينءَ؟ پر شهزادي ضد ٻڌي بيهي رهي. تڏهن لاچار ڇوڪري ڪيس پاڻ سان وڃي ويئي. شهزاديءَ جو ويس متيل هو، جنهنڪري صبر شهزادو ڪيس سڃاڻي نہ سگهيو. شهزاديءَ ڪيس ڏسي وائسي ڇيو تہ: پاڻي ٿهڪايو. ڇوڙ جي دير هئي، يڪدم پاڻي گرم ٿي ويو. شهزاديءَ ڇا ڪيو جو ان ۾ ڇوڙا وجهي حڪم ڪيو تہ: صبر شهزادي کي هن پاڻيءَ سان وهنجاريو وڃي. خدا جي قدرت جو ٿوريءَ دير ۾ شهزادي جي طبيعت بدلجي وئي. مٿان وري شهزاديءَ پکيءَ جون وڻيون گهوڙي ان مان ملم ڪاهي صبر شهزادي جي ڇڻن تي رکيو، جنهنڪري هو جلدي ئي تندرست ٿي ويو.

بن ڇئن ڏينهن کان پوءِ صبر شهزادي، شهزاديءَ کي پاڻ وٽ گهرائي ڇيو تہ: گهر، جيڪي گهرٽو اٿئي. شهزاديءَ ڇيس تہ: پهرين انجام ڏي. صبر شهزادي انجام ڏنس. اتي شهزاديءَ ڇيس تہ: مون سان گڏجي هل. صبر شهزادو ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو ۽ ڇيائينس ٿہ: انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃ، منهنجي اڳي ئي شادي ٿيل آهي، جنهنڪري آءٌ توسان نہ هلندس. انهيءَ تي شهزاديءَ ڇيس تہ: شهزادا! اُها آءٌ ئي آهيان جنهن کي چئي آيو هئين تہ مون کي ڳولي لهج، هاڻي مون توکي ڳولي لڌو آهي. ائين چئي ڳيڙو رتا ڪپڑا لاهي، پنهنجا ڪپڑا پهريائين، تڏهن صبر شهزادي سڃاتس. پوءِ شهزاديءَ کيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي تہ ڪهڙيءَ طرح سندس پينرن ساٽس دولاب ڪيو هو. اتي صبر شهزادو بہ تمام خوش ٿيو. نيٺ سيئي ڳالهيون وساري خوش گذارڻ لڳا.

•••

۱۵ ـ شهزادو، وزيرزادو، لوهر ۽ ڪٽي *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي هڪڙو سڪيلڙو شهزادو هوندو هو. شهزادي جي وري وڏيرزادي، لوهر ۽ ڪٽي سان دوستي هوندي هئي. ڇئني دوستن جي پاڻ ۾ ايتريقدر پريت هوندي هئي، جو جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به هڪ تي ڪا مصيبت ايندي هئي، تہ هرهڪ دوست ڪوشش ڪندو هو تہ اها مصيبت منهنجي ٻئي ڪنهن دوست تي نہ اچي، مگر مون تي اچي. هڪڙي ڏينهن هڪڙو ٻيو ماڻهو به انهن جي سنگت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيو. هنن جي مرضي ڪانہ هئي تہ ڪو ڏاريو ماڻهو هنن جي سنگت ۾ اچي، چاڪاڻ تہ ڪيتريون ئي ڳجهيون ڳالهيون هو پاڻ ۾ ڪندا هئا، ۽ ڪنهن کي به پنهنجي دل جو ائٽ نہ ڏيندا هئا. پر لاچار هن پنجين ماڻهوءَ کي به شهزادي جي چوڻ تي ڪٽي پنهنجيءَ سنگت ۾ شامل ڪيائون.

هڪڙي ڏينهن وزيرزادي، شهزادي کي چيو تہ: هن ڏارئي ماڻهوءَ کي سنگت مان ڪيڏ گهرجي، چاڪاڻ تہ اسان جون پاڻ ۾ ڪيتريون ئي ڳجهيون ڳالهيون آهن. متان ڪنهن دشمن هن کي اسان جي مٿان جاسوس ڪري مقرر ڪيو هجي، ۽ اسان جو راز ڪٽي ظاهر نہ ڪري وجهي؛ تنهنڪري هن اوقتو ماڻهوءَ کان پاڻ ڳي گوشو ڪرڻ کپي. تنهن تي شهزادي چيس تہ: ادا اها اسان جي وڏي ڀل ڇئبي جو هڪڙي غريب ۽ اشراف ماڻهوءَ کي پنهنجي مجلس مان ڪيڏي ڇڏيون. هيءُ غريب تہ اسان جو دوست ٿي رهڻ گهري ٿو ۽ تمام چگو ماڻهو نظر ٿو اچي. مونکي اميد آهي تہ هن ماڻهوءَ مان اسان کي ڪو ڏڪ ڪونہ پهچندو، ۽

* هيءَ ڳالهہ اتر (تعلقي قنبر) کان غلام نبي کان ملي..

هو اسان سان وفادار ٿي رهندو، توکي اجايو شڪ پوڻ نہ گهرجي. ان ڏينهن کان وٺي هي چئن جي بدران سچ پچ پنج دوست ٿي پيا. پوءِ هنن پنجن ئي دوستن جون پاڻ ۾ راز جون ڳالهيون هلڻ لڳيون، ۽ قرب محبت سان گذارڻ لڳا. بادشاهه کي هنن پنجني جٿن جي سنگت جي خبر هئي. هن شهزادي کي گهٽوئي سمجهايو ته اهي دولت جا بکيا دوست آهن، جي مصيبت جي مهل پڄي پاسو ڪندا، تنهنڪري انهن جي سنگت کي ڇڏ. پر شهزادي کنهن به طرح پنهنجن دوستن کي نہ ڇڏيو. اهو حال ڏسي بادشاهه وڃهه پيو ڳولينڊو هو تہ کنهن طرح انهن تي مصيبت اچي تہ پوءِ دوستيءَ جي پاٺهي خبر پوندي.

هڪڙي ڏينهن رستي تان ايندي، ان پنجين سنگتيءَ جو کنهن ماڻهوءَ سان تکرار ٿي پيو. هن ڪيندڙ ترار ان شخص کي اُڻت ماري وڌو. سپاهي، غريب دوست کي پڪڙي بادشاهه وٽ وٺي آيا. بادشاهه کانئس پڇيو تہ: خون تو ڪيو آهي؟ هن جواب ڏنو تہ: هائو جيئندا ڦيلا! اهو ڏوهه مون کان ٿيو آهي. شهزادي جي دوستن مان هڪڙي کي قاتل ڏسي بادشاهه خوش ٿيو ۽ خيال ڪيائين تہ هاڻي بين دوستن جي خبر پوندي ... سو يڪدم حڪم ڏنائين تہ: هن شخص کي سپاٽي صبح جو ڦاسي چاڙهيو وڃي، اڄوڪي رات قيد ۾ رکيو وڃي.

بادشاهه فيصلو ڪيو اڄان دربار ۾ ئي وينو هو تہ شهزادي اچي سلام ڪيو، ۽ بادشاهه کي هٿ ٻڌي چيائين: بابا سائين! اهو خون مون کان ٿيو آهي، توهان بيگناهه هن ويچاري کي ڪٽي قيد ۾ رکيو آهي ... بادشاهه اهو ٻڌي، پهرئين سنگتيءَ کي قيد مان ڪڍي شهزادي کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اجان اتي ئي هئا تہ مٿان وزيرزادي اچي نڪاءُ ڪيو، ۽ بادشاهه کي جهڪي سلام ڪري عرض ڪيائين تہ: بادشاهه سلامت! توهان شهزادي کي بيگناهه قيد ۾ رکيو آهي...اهو ڏوهه مون کان ٿيو آهي، نہ شهزادي کان؛ تنهنڪري هن کي آزاد ڪري سزا مونکي

ڏني وڃي. اتي بادشاهه ڪجهه حيران ٿيو، پر هن کي ته دوستن جي دوستي پرکڻي هئي، تنهنڪري حڪم ڏنائين ته: شهزادي جي بدران وزيرزادي کي قيد ۾ وجهو. اڃان انهن ئي ڳالهين ۾ هئا ته مٿان لوهر دوست به اچي دربار ۾ پهتو، ۽ يڪدم بادشاهه کي چيائين ته: واهه سائين واهه! واهه جو انصاف ٿا ڪريو! ڏوهه ڪري هڪڙو، سزا پوڳي ٻيو. اصل ۾ خون مون ڪيو آهي، وزيرزادي کي ته اصل ڳالهه جي خبر به ڪانهي، تنهنڪري سزا مونکي ڏيو. هن لاچار ٿي وزيرزادي کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏيئي، ڪٽي لوهر کي ٻڌايو. اڃان گهڙي به ڪانه گذري ته پنجون سنگتي ڪٽي، ڪپڙو ڳچيءَ ۾ وجهي ڏکندو ڏکندو اچي دربار ۾ ڪري پيو. بادشاهه کانئس پڇا ڪئي، تڏهن هٿ ٻڌي چيائين ته: جيئندا قبلا! اصل ڏوهاري آءٌ آهيان، پر هنن دوستن منهنجي جان بچائڻ لاءِ پاڻ تي ڏوهه آندو آهي. اها شرم جهڙي ڳالهه آهي جو آءٌ ڏوهه ڪري لکي وڃان، وڃان ٻيو ڪو بيگناهه دوست قاسيءَ چڙهي. تنهنڪري آءٌ اچي حاضر ٿيو آهيان. هاڻي هنن چئني دوستن کي ڇڏي مونکي سزا ڏيو.

بادشاهه هنن جي دوستيءَ جو اهو مثال ڏسي حڪم ڏنو ته: هي پنجئي ڇٽا ڏوهه جا ڏوهاري آهن، تنهنڪري جيستائين اها خبر پوي ته خون ڪنهن ڪيو آهي، تيستائين فيصلو نه ٿي سگهندو. هاڻي سپاٽي انهيءَ بابت وڌيڪ جانچ ڪئي ويندي. اڄ هڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي ٽانيڪو ٽئي. رات ٿي ته بادشاهه خيال ڪيو ته هي پنجئي دوست اڄ رات ضرور پاڻ ۾ ملندا ۽ خون بابت خبر چار ڪندا، تنهنڪري ڇو نه لکي لکي سندس ڳالهيون ٻڌجن: جيئن هڪڙي پاسي اها خبر پوي ته هنن ۾ سچو ڏوهاري ڪير آهي، ٻيو ته اها به خبر پوندي ته اڳتي لاءِ ڪهڙي صلاح ٿا ٻيهارين.

بادشاهه چمڙا پوش ڪري، اڌ رات جو اچي انهيءَ جاءِ ۾ لکي

وينو، جتي هي دوست اچي گڏيا هئاءِ رهاڻ ڪندا هئا. چا ٿو ٻڌي ته شهزادو پنهنجي دوستيءَ کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ دوستن کي پيو چٽي ٿ: جڏهن بادشاهه اسان مان ڪنهن کي به ڦاسيءَ جو حڪم ڏيندو ته آءٌ ڪيس خنجر سان ماري وجهندس. ان ڪان پوءِ بادشاهي ضرور مونکي ملندي، پوءِ ڪنهن کي به طاقت نه آهي جو منهنجي دوستن جي وار جو نالو وٺي! وزيرزادو چوڻ لڳو ته: جيڪڏهن اسان مان ڪنهن به هڪڙي دوست کي مارائيندو ته آءٌ ورِ اَنّ ۾ زهر ملاڻائي ڇڏيندس. بادشاهه ڳائڻ سان ختم ٿي ويندو. پوءِ شهزادا تون بادشاهه ته آءٌ وزير: هنن دوستن مان هڪڙو سپه سالار، هڪڙو خزانچي ۽ هڪڙو ڪوتوال بنائيندا سون. اتي لوهر به پنهنجي راءِ پيش ڪئي. چيو: بادشاهه جي ڪچهريءَ واري سڄي عمارت هڪڙي لوهي ڪَل ٿي بيٺل آهي. آءٌ ان کي ڏک هٽي سڄي جاءِ ڪيرائي ميدان ڪري ڇڏيندس. پوءِ جيڪي به انهيءَ جاءِ ۾ هوندا، سي سڀ بادشاهه سميت ختم ٿي ويندا. ان بعد ڪَٽي چوڻ لڳو ته: بادشاهه جڏهن دربار ۾ ويندو تڏهن ضرور ڪپڙا بدلائيندو. آءٌ انهن ڪپڙن کي اهڙي زهريلي دوا لائي ڇڏيندس، جو هو ڪپڙو پائڻ سان مري ويندو.

بادشاهه هنن جي اها سموري گفتگو ٻڌي وڏي فڪر ۾ پئجي ويو. صبح ٿيو ته دستور موجب ڪَٽي ڪپڙا کڻي آيو، پر بادشاهه چيس ته: اڄ ساڳيون ڪپڙن سان دربار ۾ ويندس. وري ماني آئي ته بادشاهه پاڻ ته اها نه کاڌي، پر ٻين کي به کائڻ کان منع ڪيائين. بادشاهه نيراڻو دربار ۾ آيو ته شهزادي ۽ فريادي ۾ کي دربار ۾ حاضر ڏنائين. اتي فريادي ۾ کي چيائين ته: تون جيڪڏهن منهنجي سر ۽ بادشاهيءَ جو خير گهرين ته پوءِ خون جو عيوض اسان کان وٺ. ان لاءِ تون ڪيترو به ناٽو چوندين، ته اسين پري ڏيندا سين. جيڪڏهن نه، ته آءٌ ۽ هيءَ ساري حڪومت تباهه ٿي ويندي.

آخرڪار بادشاهه جي چوڻ تي فريادي خون جي قصاص وٺڻ کان هٿيو ۽ بادشاهه کي چيائين تہ: جيئندا قبلا! اوهين ڪو فڪر نہ ڪريو، هيءُ تہ هڪڙو سر هئو، پر هزار سرَ هجن، تہ بہ اوهان جي مٿان قربان ڪجن. مون خون بخش ڪيو. اهو ٻڌي بادشاهه هن کي مالا مال ڪري ڇڏيو. بادشاهه پوءِ شهزادي کي ويجهو اچڻ جو اشارو ڪري، سپاهين کي حڪم ڏنو تہ هن جي تلاشي وٺو. تلاشي وٺڻ تي هن وٽان هڪڙو خنجر نڪتو. وري دربار کي حڪم ڪيائين تہ: ڪچهري واري فلاڻي جاءِ تي کو ماڻهو بينل هجي، تہ ان کي جهلي اڇ. دربان وڃي ڏسي تہ اتي هڪڙو ماڻهو آهي جو وَڏاڻ رکيو وينو آهي ۽ ذري گهٽ ٽي ڪچهريءَ جو خاتمو ڪيائين، پر دربان اڇي پڪڙي وڌس. وري کاڏو گهرائي ڏسن تہ سڄو سائو ٽيو پيو آهي. ڪُتي کي گرهہ ڪٽي وڌائون تہ چَڙهي بہ کانہ هنيائين. وري ڪپڙا گهرائين ڏنائون تہ زهر لڳڻ سبب خاڪ ٽيا پيا آهن. پوءِ بادشاهه چيو تہ: رات مون هنن دوستن جي گفتگو ٻڌي هئي. جيڪڏهن آءٌ جوابدار کي ڦاهيءَ جو حڪم ڏيان ها تہ اسين سڀ مري وڃون ها. پُٽ مون کي خنجر سان ماري ها، وزيرزادي مانيءَ ۾ زهر ملايو هو ۽ ڪتي ڪپڙن جي رستي، ۽ لوهر اسان سڀني جي مٿان جاءِ ڪيرائي ناس ڪري ڇڏي ها.

بادشاهه پوءِ شهزادي ۽ ان جي چئن يارن کي وڏا وڏا انعام ڏيئي چيو تہ: دوستي بيشڪ توهان جي سچي چئبي. توهين بيشڪ هڪبئي سان وفادار آهيو.

●●●

١٦ـ لعل به لِپي، پريت به رهجي اچي *

ڪنهن ملڪ جي بادشاهه کي هڪڙو پُٽ هو، جنهن جي اهڙي عادت اچي ٿي، جو جڏهن شهر جون زالون ڪوهه مان دلا پري ڪٽنديون هيون، تڏهن هو گُليل سان پتر هٽي، دلا پڇي ڇڏيندو هون. ڪجهه وقت ته شهر جي ماڻهن اها جُٺ صبر سان پئي سَني، پر نيٺ اچي آتا ٿيا. هڪڙي ڏينهن لاچار بادشاهه کي وڃي دانهن ڏنائون ته: بادشاهه سلامت! شهزادي شهر ۾ هڪڙو دلو به سلامت ڪونه ڇڏيو آهي. جنهن به زال جي مٽي تي دِلو ڏسي ٿو، تنهن کي گليل سان پڇيو ڇڏي. شهر جي ڪُٽنِرن جون آويون چٽ ٿي ويون آهن. هاڻي ته پاڻي ڦڙي لاءِ به آزار ۾ اچي ويا آهيون. بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي، کين چيو ته: فڪر نه ڪريو، اسين اوهان کي تامي جون گهاگهريون نهرائي ڏيون. اهو ٻڌي ماڻهو خوش ٿيندا موٽي ويا.

بادشاهه پنهنجي قول موجب انهن کي تامي جون گهاگهريون مفت ۾ نهرائي ڏنيون. شهر جون زالون هاڻي مٽيءَ جي دلن جي بدران تامي جي گهاگهرين ۾ پاڻي پرڻ لڳيون. شهزادي جڏهن اهي گهاگهريون ڏنيون، تڏهن وري رُڪ جا روڙا نهرائي گليل سان گهاگهرين کي ڏُنگ ڪرڻ شروع ڪيائين. آخر اها ڳالهه به وڃي بادشاهه جي ڪَن تائين پهتي. هن شهزادي کي گهٽوئي کي سمجهايو، پر شهزادي جي اهائي عادت. نيٺ بادشاهه بيزار ٿي خيال ڪيو ته بادشاهي به رعيت سان آهي ... شهزادي جا هينئر ئي اهڙا پار آهن، سو منهنجي مرڻ کان پوءِ رعيت سان ڪهڙي ڇڪائي ڪندو! اهو خيال ڪري ٻانهيءَ کي حڪم

---

* هيءَ ڳالهه (تعلقي تندي باگي) مان مائي زيب النساء لوهار کان ملي..

ڪيائين تہ: جڏهن شهزادو ماني ڪائڻ اچي، تڏهن هن جي جُتيءَ جا پادر اُونڌا ڪري ڇڏجئين، ۽ ڪيس ڪائڻ لاءِ رڳو رُکي ماني ڏجئين. شهزادو جڏهن ماني ڪائڻ آيو، تڏهن ٻانهيءَ حڪم موجب رُکي ماني آڻي ڏنيس ۽ سندس جُتيءَ جا ٻئي پادر اُونڌا ڪري ڇڏيائين. شهزادو رُکي ماني ڏسي ڪجهہ ويچار ۾ پئجي ويو، ۽ وري جو پادر بہ اونڌا ٿيل ڏنائين، تڏهن پک ٿيس تہ اهو سندس شهر نيڪاليءَ جو حڪم آهي.

شهزادو ماني اُتي ئي ڇڏي، جُتي پائي، هٿين خالي اٿي محلات مان روانو ٿي. شهر جي دروازي تائين پهتو، تڏهن خيال آيس تہ اڳو پوءِ پنهنجي دوست وزيرزادي کان موڪلايو وڃان. سو سڏو وزيرزادي وٽ آيو ۽ چيائينس: ادا! مونکي تہ ملي آهي شهر نيڪالي، تنهنڪري توکان موڪلائڻ آيو آهيان. وزيرزادو اها ڳالهہ ٻڌندي ئي ٽپ ڏيئي اُٿيو ۽ شهزادي کي چيائين تہ: دوست! تو کان سواءِ هتي رهي ڇا ڪبو! ترس تہ آءٌ بہ توسان گڏجي ٿو هلان؛ پر ٻيلي قاضيءَ جو پٽ آهي منهنجو دوست، سو هل تہ ان کان موڪلائي پوءِ هليا هلون. ٻئي گڏجي قاضيءَ جي پُٽ کان موڪلائڻ آيا. سموري ڳالهہ ٻڌي هن پٽ چيو تہ: ادا! آءٌ اوهان کان سواءِ هتي ڪونہ رهندس ... باقي ڪوتوال جي پُٽ سان يارانو اٿم، تنهنڪري جي هلو تہ انهيءَ کان موڪلائي پوءِ هلون. ڪوتوال جي پٽ کي بہ جڏهن اها خبر پئي، تڏهن هن بہ هنن سان گڏجي هلڻ جو خيال ڏيکاريو. پوءِ تہ چارئي ڇڻا شهر ڇڏي، ٻئي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا.

هلندي هلندي هڪڙي رڻ پٽ ۾ اچي رات پيئن. صلاح ڪيائون تہ هڪڙيءَ سج ۾ سيني جو سمهي پوڻ چگو نہ آهي، تنهنڪري هرڪو واري سان پهرو بہ ڏئي ۽ نند بہ ڪري. نيٺ صلاح بيني تہ پهرين پهر شهزادو، ٻئي پهر وزيرزادو، ٽئين پهر قاضيءَ جو پٽ ۽ چوٿين پهر ڪوتوال جو پٽ پهرو ڏئي. انهيءَ رٽ موجب ٻيا ٽيئي همراهہ سمهي

رهيا، باقي شهزادو بيهي پهرو ڏيڻ لڳو. اڃان گهڻا ساعت هس گذري ته شهزادي کي پري کان چمڪات ڏسڻ ۾ آيو. خيال ٿيس ته ضرور کا آفت آهي؛ سو اڳتي وڌي ويو. چا ڏسي ته هڪڙو واسينگ نانگ چمڪندڙ لعل سان پيو راند ڪري. شهزادي هڪدم ترار ڪڍي وار ڪيو، پر نانگ ڏک لڳڻ کان اڳ ۾ ئي لعل اتي ڇڏي، اک ڇنپ ۾ غائب ٿي ويو. شهزادي جهٽ ڪري لعل کڻي پنهنجي پٽڪي ۾ ور ۾ لڪائي ڇڏي، ۽ موٽي اچي پهرو ڏيڻ لڳو. پهرئين پهر پوري ٿيڻ تي شهزادو، وزيرزادي کي پهري ڏيڻ لاءِ اُٺاري پاڻ سمهي رهيو. وزيرزادي کي ۽ پهرو ڏيندي اڃان ڪجهه وقت مس گذريو ته هن کي ۽ پري کان چمڪات ڏسڻ ۾ آيو. ويجهو وڃي ڏسي ته هڪڙو واسينگ نانگ لعل سان پيو کيڏي. وزير جي پٽ ۽ ترار سان نانگ کي مارڻ چاهيو ٿي، پر نانگ ور ڏيئي لعل اتي ئي ڇڏي، زمين ۾ گهڙي ويو. وزيرزادي جهٽ ڪري لعل کڻي پنهنجي پٽڪي جي ور ۾ هٽي ڇڏي، ۽ موٽي اچي پهري تي ٻيٺو. ٽئين پهر ۾ جڏهن قاضيءَ جي پٽ پئي پهرو ڏنو، تڏهن هن کي ۽ اهڙيءَ طرح لعل هٿ آئي، جيڪا هن ۽ پٽڪي جي ور ۾ لڪائي ڇڏي. چوٽين پهر ڪوتوال جي پٽ کي ۽ ساڳيءَ طرح لعل ملي، پر هن خيال ڪيو ته ڏسان ته ٻين کي ۽ اهڙيون لعلون هٿ آيون آهن يا رڳو مونکي آهي ملي! اهو ويچار ڪري هن يارن جا پٽڪا ڦولهيا ته انهن مان لعلون لِپي پيون. پوءِ اهي چارئي لعلون کڻي ۾ ويڙهي، پنهنجيءَ چيلهه ۾ ٻڌي ڇڏيائين. صبح جڏهن سيئي اُٺيا، تڏهن هرکو پنهنجي منهن پٽڪو جاچڻ لڳو ته لعل سوگهي آهي يا نه؟ پر لعل هجي ته ڪين هٿ اچي! سمجهي ويا ته لعلون آهن ڪنهن يار وٽ، پر هاڻي ڪنهن کي ڏوهه ڏجي. يارن مان جيڪو ۽ چور ثابت ٿئي، ان سان ياري ڦٽائڻي پوندي. تنهنڪري دل جو سور دل ۾ سانڍي پنڌ پيا.


آخرڪار ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ اچي نڪتا، ۽ اتي رهڻ لڳا.

هڪڙي پيري ڳالهيون ڪندي اها ڳالهه اچي نڪتي ... ٽنهي دوستن سان گڏ ڪوٽوال جي پٽ به چيو ته: لعل ته مونکي به هٽ آئي هئي، پر صبح جو پٽڪي ۾ هئي کانه. نيٺ سيئي صلاح ڪري اتي جي بادشاهه وٽ ويا، ۽ ڪيس سمورو احوال ٻڌائي عرض ڪيائون ته: اسان کي لعلون ليڻي ڏي؛ پر اهڙيءَ طرح جو ڇٽني دوستن جي پريت رهجي اچي. بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيو. آخر گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ جواب ڏنائين ته: هڪ ڳالهه ٿيندي ... يا لعلون لهندیون يا پريت رهندي. انهيءَ تي شهزادي چيو ته: جيڪڏهن اوهان کان هڪڙو خسيس فيصلو ٻه ڀي نٿو سگهي، ته پوءِ هيڏي ساري بادشاهي ڪيئن هلائيندا هوندئو؟ بادشاهه کي انهيءَ طعني ماري ڇڏيو. تنهنکري ڇٽني يارن کي پاڻ وٽ ترسائي ڇڏيائين، ۽ وزير کي گهرائي، سڄي ڳالهه ٻڌائي حڪم ڪيائين ته: يا لعلون ليڻي ڏي يا موت قبول ڪر!

وزير ويچاري ڪي اچي ساهه سڪان لڳي، سو بادشاهه کان مهلت ونی گهر آيو، ۽ اچي منجي اونڌي ڪري غم ۾ ويهي رهيو. گهر جا سيئي پاتي ڏاڍا حيران پريشان ٿيا. آخر هن کان خبرچار پڇيائون، پر هن ڪنهن کي به جواب ڪونه ڏنو. نيٺ وڏيءَ ڏيءَ زور رکيس، تڏهن لاچار ٿي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. ڏيٽس اها ڳالهه ٻڌي چيس ته: بابا! ڳالهه به ايتري! هاڻي تون دل نه لاهه. انهن ڇٽني يارن کي ونی اچي اوطاق ۾ رهاءِ، پوءِ آءٌ پاڻهي لعلون هٽ ڪري ڏيندیس. وزير اتي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڇٽني يارن کي آڻي پنهنجي اوطاق ۾ مهمان ڪري رهايائين.

جڏهن رات جو سيئي ماني ٽکي کائي وڃي آرامي ٿيا، تڏهن وزير زادیءَ پهرين شهزادي کي پاڻ وٽ ڳهرايو. پر اهڙيءَ طرح جيئن بين ٽنهي دوستن کي خبر نه پئي. شهزادو ماڙيءَ تي آيو. بانهي هن کي پلنگ تي ويهاري پاڻ هلي ويئي. انهيءَ وچ ۾ وزيرزادي به هارسينگار


ڪري ڏاڍي نازنخري سان هلندي اچي پهتي، شهزادو هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ٻئي جڻا رهاڻ ڪرڻ ويٺا، پر اوچتو ڏيو وسامي ويو. وزيرزادي ۽ بانهي ۽ کي سڏي گهٽ وڌ ڳالهايو، ۽ چيائينس ته: ٻيو ٽيل ڪٿي اڇ. بانهي ۽ چيو ته: سائين! اڄ توشاخاني مان تيل آڻڻ وسري ويم، هينئر اڌ رات اچي ٿي آهي، سو ڪٿان تيل آڻيندس! تڏهن وزيرزادي ۽ چيس ته: چڱو، کي لعلون ڪٽي اڇ ته انهن جي روشنائي ۾ ويهي ڪچهري ڪريون. بانهي ۽ جواب ڏنو ته: سائين! اهي به رهيون توشاخاني ۾، هينئر بيگاهه وقت ڪنهن کي جاڳائڻ سٺو ڪونهي. وزيرزادي اهو ٻڌي چپ ٿي ويئي. شهزادو به ماڻ ڪيو وينو هو. آخر ڪجهه دير کان پوءِ وزيرزادي ۽ کي سڻ ۾ بانهي ۽ کي چيو ته: هن کي سندس ڪوٺي ۽ ۾ ڇڏي وزيرزادي کي وٺي اڇ. گهڙي ۽ کن کان پوءِ وزيرزادو آيو، ان سان به وزيرزادي ساڳي طرح نازنخري سان ملي. وري به ڏيو اجهامي ويو. ان تي هٿن ٻنهي ڇٽين ساڳي گفتگو ڪئي. آخر وزيرزادي مات کري ويهي ڏسڻ لڳي ته من هو ڪجهه ڪُچي، پر ٻيو ٽيو خير ... اصل پٽ ٻنيو ويٺو رهيو. اهو حال ڏسي وري به بانهي ۽ کي چيائين ته: هن ڪي به ڏڪا ڏيئي هيٺ ڇڏي، قاضي ۽ ڇي پٽ ڪي وٺي اڇ! قاضي ۽ جي پٽ سان به اهائي ڪار ٿي. پر اٽان به ڪڙ تيل ڪونه نڪتو. پچاڙي ۽ ڪوتوال جو پٽ آيو. وزيرزادي ۽ بانهي ۽ جي وچ ۾ ساڳي گفتگو ٿي، جڏهن بانهي ۽ جواب ڏنو ته: سائين! لعلون رهيون توشاخاني ۾؛ تڏهن ڪوتوال جي پٽ ڪان رهيو ڪوٺ ٽيو، ۽ جهت چئي ڏنائين ته: وزيرزادي! چار لعلون مون وٽ به آهن، اوهين چئو ته پوءِ ڪٽي حال انهن جوٽي سوجهرو ڪريون؟ وزيرزادي اهو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ چيائين ته: پلي، لعلون ڪڍي ڪري ٻاهر ته في الحال سوجهرو ٿئي. جيئن ئي ڪوتوال جي پٽ پنهنجي چيلهه مان لعلون چوڙي ٻاهر رکيون، تيئن وزيرزادي ۽ جهٽ هٿي لعلون ڪٽي سوگهيون ڪيون ۽ بانهي ۽ کي حڪم



... ڪوتوال جي پٽ چيو ته: وزيرزادي! چار لعلون مون وٽ، ۽
آهن، اوهين چئو ته پوءِ ڪٽي حال انهن جوئي سوجهرو ڪريون.....

ڪيائين تہ: هن ڪي ۽ ڏکا ڏيئي هيٺ ڇڏي اڇ! پوءِ وزيرزاديءَ چارئي لعلون وڃي پنهنجي پيءُ ڪي ڏنيون.

صبح جو وزير چارئي لعلون آڻي بادشاهہ ڪي ڏنيون جنهن وري انهن ڇئني يارن ڪي هڪ هڪ ڪري ورهائي ڏنيون. ڇئني دوستن مان ڪنهن ڪي ۽ سُڌ ڪانہ پيئي تہ اهي لعلون ڪهڙي يار وٽ لڪل هيون. اهڙيءَ طرح هنن ڇئن يارن جون 'لعلون ۽ لڏيون ۽ پريت ۽ رهجي آئي.'



۱۷ـ ٹالهي، گدرو ۽ ڪاتي *

بادشاهه ته پاڻ ڏٺي آهي، پر هن ڪوڙي دنيا جو ڪو بادشاهه هو. ڪچهريءَ هلندي اُن بادشاهه پنهنجي وزير کان پڇيو ته: وزير! هيڻان ٹالهي، تنهن تي گدرو، اُن ٽي ڪاتي ــ ٻڌاءِ ته گدرو وڍبو يا نه وڍبو؟ وزير هن اوچتي سوال تي تبيءَ ۾ پئجي ويو، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪجهه وقت سهي، بادشاهه کي عرض ڪيائين ته: جهان پناهه! ڪجهه وقت مهلت ڏيو ته جواب آڻي ڏيانو. بادشاهه پڇيو ته: ڪيترو وقت مهلت گهرجئي؟ وزير عرض ڪيو ته: ٽي مهينا. بادشاهه چيس ته: وزير! توکي ٽي مهينا مهلت آهي، پر جيڪڏهن ميعاد اندر پورو جواب نه ڏيندين ته ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندين. ڪچهريءَ مان اُٺي وزير پنهنجي محلات ۾ آيو، ۽ فڪر ۽ ڳڻتيءَ ۾ اچي پلنگ تي پئجي رهيو. نه کائي نه پيئي. سڄي محلات ۾ جڙ راکاس گهمي ويو. وزير جي زال حال معلوم ڪرڻ لاءِ گهٽئي جتن ڪيا، پر وزير ائين چئي پئي مان ڪرايس ته: هي معاملو منهنجي سرَ سان آهي.

وزيرزادي تمام ڏاهي هئي، سا لنگهي پيءُ وٽ آئي، ۽ پيار سان پيءُ کي ڳراڙي پائي چيائين ته: بابا سائين! ڳالهه ڳالهه سان ڇُٽندي ۽ فڪر، فڪر جي راهه صفا ڪندو. باقي اوهان جو کائڻ پيڻ ۽ ڳالهائڻ بولهائڻ ڇڏي ڏنو آهي، سو ان رستي کان به ڳالهه حل نه ٿيندي. شهزادي منهنجي ساهيڙي آهي، جا مون کان به ڏاهي آهي. جي اوهان کي ڪا ڏکي ڳالهه هجي، ته مونکي ٻڌايو ٿا آءٌ ان کان وڃي پڇي اچان ـ اهڙيءَ طرح جو ڪنهن کي به خبر ڪانه پوندي. وزير کي پنهنجي نياڻيءَ

* هيءَ ڳالهه وڇولي (تعلقي هالا) مان قاضي نور محمد کان ملي.

جي صلاح وٺي، ۽ سندس ملول من کي کجهه آٿت آيو. پوءِ ڏيءُ کي سچي حقيقت کري ٻڌايائين، ۽ هلندي مهل پارت کيائينس ته: شهزادي‌ءَ کان جواب اهڙيءَ طرح هٿ ڪج، جو کيس کل به نه پوي ته کو بادشاهه، وزير کان هيءُ سوال کيو آهي. وزيرزادي‌ءَ پيءُ کي ڏڻو ڏنو ته: بابا! ڏڻيءَ گهريو آهي ته آءٌ اهڙيءَ طرح سان جواب هٿ ڪنديس، جو خود شهزادي‌ءَ کي به خبر نه پوندي.

ڏينهن لڙيو ته وزيرزادي به سهي سنبهي، شهزادي‌ءَ ڏانهن رواني ٿي. پئي سهيليون هڪٻئي سان ملي خوش ٿيون. اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندي، ائين ئي شهزادي‌ءَ ڳالهه ڪئي ته: بابي سائين‌ءَ جي حڪومت ۾ پنهنجي شهر کان اوپر طرف هڪڙو ڳوٺ آهي، جتي ننڍا وڏا سڀ داناء ۽ ڏاها آهن. هنن جو ڳالهائڻ بولهائڻ، اٺڻ ويهڻ، ڏينءُ وٽڻ، سڀ ڏاهپ سان آهي. وزير زادي‌ءَ دل ۾ خيال ڪيو ته چو نه بابي کي به وڃي ڏس ڏيان ته هو اُنهن ڏاهن وٽ وڃي، ۽ اٽان ۾ ڀهرو جواب وٺي اچي. اها ڳالهه ڪٽي وزير زادي گهر آئي، ۽ پيءُ کي ڏاهن جو اچي ڏس ڏنائين. وزير ٻڌي ڏينهن سهي سنبهي خزين خزاني جي پوري گهوڙي تي رکي، ڏاهن جي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. پُڇائيندو پُڇائيندو بن پهرن جو اچي اتي پهتو. ان مهل ڳوٺ جا مرد ماڻهو سڀ ڪمن ڪارين ٻنڌيان ويل هئا. اوچتو هڪڙو چوڪرو ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو، جنهن کان وزير، وڏيري جي نالي ۽ سندس گهر جو ڏس پڇي، اچي وڏيري جي در تي هٿ هنيو. ان وقت وڏيرو گهر ۾ ڪونه هو، ٽوري وقت بعد اندران آواز آيو ته: ڪير آهين؟ جواب ڏنائين ته: آءٌ بادشاهه جو وزير آهيان. پوءِ پڇيائين ته: وڏيرو ڪيڏانهن ويو آهي؟ اندران جواب آيو ته: بابو ويو آهي مٽيءَ ۾ مٽي گڏڻ. وزير سمجهيو ته هيءَ ڳالهائڻ واري وڏيري جي نياڻي آهي. وري پڇيائينس ته: يلا، تنهنجي ماءُ ڪيڏانهن ويئي آهي؟ اندران جواب ملیس ته: اها ويئي آهي مٽيءَ مان

متي جدا ڪرڻ. وزير انهن ئي جوابن ۾ مُنڊو ٻينو هو تہ اندران آواز آيو: اسان جي اوطاق اُتر طرف آهي توهين اُن ۾ هلي ويهو، ڪا پهر هوندي تہ توهان وٽ ايندي. وڏيري جي نياڻيءَ پاڙي ۾ وَلو ڏنو تہ هڪ پاڙيسري ڳڏيس. ان کي چيائين تہ: اوطاق تي بادشاهہ جو وزير وينو آهي، وڃي ان ڪان گهوڙو وٺ ۽ گهڙي پل وٽس بيهہ جيستائين بابو اچي.

وزير اوطاق تي اچان پهتو ئي مس تہ ماڻهو بہ اچي نڪتو، جنهن هن ڪان گهوڙو ونڊي ٻڌو ۽ ڪٽ تي وڃاٽوڪري ڪيس اُن تي ويهاريائين. وزير دل ۾ چيو تہ: هائو ٻيلي، جهڙا عقل وارا ٻڌم تهڙائي آهن. وڏيري جي نياڻي تہ عقل واري ٿي ڏسجي، منهنجي سوال جو جواب بہ اُن ڪان ئي ملندو. هاڻ وڏيرو اچي تہ ماڳهين ڪٽي سگ گهرانس. سج لٿي مهل وڏيرو آيو، ڏيءَ ٻڌايس تہ: اوطاق تي بادشاهہ جو وزير وينو آهي. هن پڪدم اوطاق تي اچي وزير جو سلام ڪيو ۽ پاڻ ۾ حالي احوالي ٿيا. وزير خبرون ٻڌائيندي سگ جي گُهر ڪيس. وڏيري حيلا بهانا ڪري وزير کي انهيءَ ڳالهہ تان لاهڻ جي ڪئي، پر هو بہ مَڃڻ ٿي لڳو ۽ وڏيري سان هيناهيون مٺاهيون ڳالهيون ڪرڻ ويهي رهيو. وڏيري کا ڳالهہ ڳٽي، وزير کي چيو تہ: آءٌ پنهنجي گهر ۽ راڄ سان صلاح ڪريان، پوءِ اوهان کي جواب ڏيندس. ائين چئي وزير کان اُٺي پنهنجي گهر آيو، ۽ سيني راڄ وارن کي ڪوٺ ڏيئي آيو.

رات جو سيئي راڄ وارا ننڊا وڌا اچي گڏ ٿيا. اتي وڏيري سيني کي چيو تہ: ياڙو! جڏهن توهين سيئي مونکي عزت ڏيو ٿا، تڏهن ٻيا بہ مونکي عزت ٿا ڏين. پائيچاريءَ جي حساب ۾ جيڪي منهنجو آهي سو توهان جو آهي، ۽ جيڪي توهان جو آهي سو منهنجو آهي. ڳالهہ هيءَ آهي جو بادشاهہ جو وزير مون وٽ سگ لاءِ آيو آهي ــ هاڻي توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ منهنجي عزت سا توهان جي عزت، ۽ توهان جي عزت سان منهنجي عزت. منهنجي نياڻي توهان جي بہ نياڻي آهي. توهين ياڙ

ان ڳالهه لاءِ جيڪو فيصلو ڪندا، سو مونکي قبول آهي. راڄ وارن مان ڪن ننڍن نڍن پڍن جواب ڏنو ته: جو نه ڏنو نه ٻڏو، جنهن سان اڳي نه سگهه نه سياپو، نه اڄ نه وڃ، انهيءَ کي سگهه ڏيڻ ـ اسان کي اها ڳالهه نٿي وڻي ... وزير کي جواب ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن بادشاهه ڪاوڙجي پوي ته پلي ڪاوڙجي، جي بادشاهه تنگ ڪيو ته پوءِ لڏي هلي ٻيءَ بادشاهي ۾ ويهنداسين. پر راڄ مان ڪن وڏڻ صلاح ڏني ته: سگهه سياپو لکئي جو انگ آهي. مگيا نه پرٽجن پر لکيا پرٽجن. غيب جي ڄاڻ غيبدان کي. وزير جو هلي آيو آهي، ان کي عزت ڏيڻ گهرجي ـ هڪ ته بادشاهه ٽائين به رسائي ٿيندي، ٻيو ته ڳوٺ راڄ جي به عزت ٿيندي. ان بعد وڏيري وري پنهنجيءَ زال ڏي نهاريو، ۽ چيائينس ته: مرد بادشاهه ۽ زال ان جي وزير آهي ـ هاڻي تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ زال جواب ڏنو ته: گهر سنو آهي، ڏک سک لکئي جي آچار آهي، پر ظاهري ڏسجي ٿو ته چوڪري ڏکي ڪانه ٿيندي؛ تنهنکري منهنجي صلاح آهي ته وزير کي سگهه ڏجي. جي سگهه نه ڏنو ته بادشاهه ڪاوڙجي پوندو، پوءِ ڏاڍي سان ڪهڙو زور لائبو؟ لاچار ملڪ ڇڏي ٻيءَ بادشاهي ۾ هلي ويهبو. بادشاهه بادشاهن جا پائر آهن ـ ڪهڙي خبر ته هيءُ بادشاهه ان ملڪ جي بادشاهه ڏانهن چڙي ڪري ته هن ماڻهن کي اڪ ۾ رکجو، هي هڙا ڪي هڙا آهن، پوءِ پاڻ چا ڪري سگهنداسين! مٿي لڪائڻ لاءِ به آرام سان جاءِ ڪانه ملندي؛ تنهنکري منهنجي صلاح آهي ته وزير کي مبارکي ڏجي، نياڻيءَ جا ڪٽن پاڳ. وڏيريءَ جي ڳالهه کي سڀني پسند ڪيو. پوءِ چار وڏڙا گڏجي، وزير کي مبارکي ڏيڻ لاءِ روانا ٿيا.

وزير کي مبارکون مليون، مٺائي ورهائي ويئي. وزير چيو ته: مون خزاني جو ڳهوڙو آندو آهي ـ مونکي يڪدم شادي ڪري ڏيو. خزانو موجود هجي ته پوءِ چا نٿو ٿي سگهي! تياري ٿي ۽ وزير شادي ڪري پاڻهن وٽي گهر آيو.

پهرين رات آزمودي ونڻ لاءِ، وزير ترار وچ ۾ رکي سمهي رهيو. زال ڪجهه نه ڪچيو؛ ٻان جو اڇي صبح ٿيو. ڏينهن سڄو چرچن پوگن ۾ گذري ويو. رات ٿي ته وزير وري به ترار رکي سمهي پيو. ائين بي رات به گذري ويئي. ٽيءَ رات وزير وري به ترار رکي ستو ته چوکريءَ ترار پري ڪندي پڇيو ته: جيڪڏهن توهان جي دل ۾ غير هو ته پوءِ شادي چو ٿي ڪيوَ؟ وزير پڇيس ته : تو پهرينءَ رات ترار چو نه ڪنئي؟ زال جواب ڏنس: مون سمجهيوته شايد توهان جي رسم اها آهي. وزير پڇيس ته: مون جڏهن اڇي تنهنجي دروازي تي هٿ هنيو هو، تڏهن تو چيو هو ته بابو ويو آهي مٽي، مٽيءَ سان گڏڻ، ۽ امان ويئي آهي مٽيءَ مان مٽي جدا ڪرڻ ـ ان جي مراد ڇا هئي؟ زال جواب ڏنو ته: اسان جي ڳوٺ ۾ ان ڏينهن هڪ ماڻهو گذاري ويو هو، سو بابو ويو هو مقام تي ـ ماڻهو مٽيءَ جي پيدائش آهي، تڏهن چيم ته بابو ويو آهي مٽيءَ ۾ مٽي گڏڻ. وري اُن ڏينهن ڳوٺ ۾ ڪا مائي سُوريّنٽ هئي، امان ويئي هئي ان کي ٻار جڻائڻ ـ اهو آهي مٽيءَ مان مٽي جدا ڪرڻ.

وزير کي شادي ڪئي ۽ ٽي ڏينهن مس گذريا ته هڪڙي ڏينهن نئينءَ زال کي چيائين ته: بادشاهه مون کان سوال پڇيو آهي ته هينان ٽالهي تنهن تي گدرو، ان تي ڪاتي ـ گدرو وڍبو يا نه وڍبو؟ مونکي ٽن مهينن جي مهلت مليل آهي، جيڪڏهن مون پورو جواب نه ڏنو ته بادشاهه ڦاسي چاڙهائي چڏيندم. هاڻي تون انهيءَ سوال جو جواب ٻڌاءِ ته بادشاهه کان جند چڏايان. زال جواب ڏنس ته بادشاهه کي جواب ڏج، ته سائين ! اڄ نه وڍيو ته سڀان وڍبو. وزير پڇيس ته: سو ڀلا ڪيئن؟ زال چيس ته: ڪجهه ٿون به ويچار ڪر ... وقت آيو ته آءٌ ٻڌائيندیسئين . وزير خيال ڪيو ته هڻڻيءَ ڏاهي زال لاءِ چو نه جدا محلات ٺهرايان. سو رازن ۾ ڪمين کان رات ڏينهن ڪم ونی محلات تيار ڪرائي نئين زال کي آڻي ان ۾ رهايائين. پين اميرن ۽ وزيرن جو ٻڌو ته وزير اوچتو شادي

ڪري آيو آهي؛ سي اچي پريشان ٿيا ته ٽئين مهيني ٿو وزير ڦاسي چڙهي، هاڻي جو شوق ٻئي هي شادي ڪري آيو آهي، سو ان ۾ راز الائي ڪهڙو آهي!

ڏينهن گذرندي ويرم ئي ڪانه ٿي. مهلت پوري ٽيڻ ۾ جڏهن ٿي ڏينهن اچي بچيا، تڏهن وزير پنهنجيءَ زال کان پڇيو ته: هاڻي ٻڌاءِ ته ڪيئن ٿي ڇڏين ته اڄ نه وڍيو ته سپاهان وڍبو؟ زال جواب ڏنس ته: ٿالهي آهي دنيا، گدرو آهي انسان، ۽ ڪاتي آهي موت ــ سو اڄ نه آيو ته سپاهان ضرور ايندو. ٽن ڏينهن بعد وزير به سهي سنبهي اچي ڪچهريءَ ۾ وينو. بادشاهه، وزير کان پڇيو ته: وزير! هينان ٿالهي، تنهن تي گدرو، ان تي ڪاتي ــ ٻڌاءِ ته گدرو وڍبو يا نه وڍبو؟ وزير عرض ڪيو ته: جئين سائين، اڄ نه وڍبو ته سپاهان وڍبو. تنهن تي بادشاهه پڇيس ته: ڪيئن ٻلا؟ وزير جواب ڏنو ته: سائين! ٿالهي آهي دنيا، گدرو آهي انسان، ۽ ڪاتي آهي موت ــ سو انسان تي اڄ نه آيو ته سپاٽي ضرور ايندو! بادشاهه کي جواب ڏاڍو وٹيو، سو وزير کي انعامن اڪرامن سان ڏئي ڇڏيائين.

ٻيا امير۽ وزير، جي هن وزير سان ٺهندائي ڪين هٿا، سي بادشاهه جو هن وزير تي ايڏو راض ڏسي اندر ۾ سڙڻ لڳا: آخر پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته: هيءُ عقل وزير جو ڪونهي، پر جيڪا نئين زال آندي اٿس، ان جو عقل آهي. هاڻ ڪنهن طرح سان بادشاهه جا ڪَن پري وزير کان اها زال ڦرايون. سو بادشاهه کي آڏيون اُبتيون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا ته: وزير جيڪا زال آندي آهي، سا جهڙي آهي سهڻي، تهڙي آهي عقل واري. اها توهان جي محلات ۾ سونهي، نه وزير جي گهر ۾. بادشاهه، امير ن کي چيئيو ته: وزير منهنجو پچو آهي، آئيندي لاءِ اهڙي ڳالهه ڪڏهن به منهنجي اڳيان نه ڪجو. بادشاهه جي چيئپ، بدخواهن کي هيڪاري پڙڪائي ڇڏيو. سي اتكل سان بادشاهه کي روز روز نيون

ڳالهيون ٻڌائي وزير جي خلاف برغلائڻ لڳا. ٻلا دانگيءَ هينان ٻيئي باهه برندي تہ، تپندي نہ تہ ٻيو ڇا ڪندي! سو نيٺ هڪڙي ڏينهن بادشاهہ ٻہ ريجهي ٻيو، ۽ پڇيائين تہ: ٻلا، ڪهڙي طريقي سان ٻانهن هٽ ڪجي. اميرن کي تہ گهربي اها ڳالهہ هئي، تن چيو تہ: سائين! اهو تہ سولو ڪم آهي. هاٿي هيٺ ڪريوجو وزير کي حڪم ڏيو تہ سپاٿي اسين درياءَ جو سير ڪنداسون - ان ڪري اسان جي ملڪ ٻہ جيڪي ٻہ ناڪا آهن، انهن کي حڪم ڏي تہ سپاٿي سج اپرئي کان اڳ بندر تي حاضر رهن. ٻوءِ توهين جنهن ٻيڙيءَ ٻہ سوار ٿيندا، تہ وزير ٻہ ان ٻيڙيءَ ٻہ چڙهندو: جڏهن ٻيڙي وچ سير ٻہ اچي، تڏهن توهين پنهنجيءَ آڏر مان شاهي مهر واري هنڊي گهرڪائي ڪٽي پاڻيءَ ٻہ ڇڏجو، جيئن ٻيو ڪو ٻہ نہ ڏسي؛ ٻوءِ حڪم ڏجو تہ ٻيڙين جو لنگر هٽو ۽ ٽوٻا لهي منڊي ڳولين. سائينجن ٻوءِ ڳولا جو ڪم وزير جي حوالي ڪري ڪنڌيءَ تي موٽي اچن، ۽ هُن کي حڪم ڏين تہ منڊي ڳولائي ڪٽي اڇ .. جي نہ، تہ ڦاسيءَ چڙهندين! منڊي درياءَ مان هونءَ ٻہ ڪانہ لپندي، ۽ وزير ڦاسيءَ تي چڙهي ويندو. انهيءَ طريقي سان نانگ ٻہ مرندو ۽ لڻ ٻہ ڪانہ پڇندي. ٻوءِ ٽوهين هن جي زال سان ڪٽي شادي ڪجو! اها صلاح بادشاهہ کي ڏاڍي پسند آئي.

ٽوريءَ دير ڪانپوءِ وزير ٻہ ڪڇريءَ ٻہ آيو. بادشاهہ حڪم ڪيس تہ: اسان جي حڪومت ٻہ ويجهڙائيءَ ٻہ جيڪي ٻہ ٻيڙائتا آهن، انهن کي حڪم پهچاءِ تہ هو سپاٿي سج اپرڙ ڪان اڳي پنهنجي ٻيڙن سان بندر تي حاضر رهن، جو اسين پنهنجن ماڻهن سان گڏ درياءَ جو سير ڪنداسين. وزير اهو حڪم ٻڌي "حاضر سائين" ڪري گهوڙي تي چڙهي بندر ڏي روانو ٿيو. سپني ناڳئن کي حڪم ڏنائين تہ: سپاٿي سج اپرڙ کان اڳ پنهنجن ٻيڙين سان بندر تي حاضر رهجو، جو بادشاهہ سلامت پنهنجي اتالي سان درياءَ جو سير ڪندو. توهان مان جيڪي هتي نہ آهن، انهن کي ٻہ جيئن رات جي پٺيت ٻہ اهو حڪم پهچي.

جيڪڏهن شاهي حڪم جي ڪنهن پوئواري نہ ڪئي آهي تہ ان کي ڏيهہ نيڪالي ڏني ويندي. حاڪم جي حڪم ڪان ۽ ظالم جي ظلم کان سڀ ڪنبي ويا. ناڪئن انهيءَ مهل ئي پنهنجن پائرن ڏانهن ماڻهو دوڙايا. ٻئي ڏينهن بندر تي ٻيڙين جون ٻَهيرون لڳي ويون. بادشاهہ ۽ پنهنجي اتالي سان اڇي ٻيڙين ۾ سوار ٿيو. خاص درباري امير ۽ وزير بادشاهہ سان گڏ چڙهيا. سير ڪندي بادشاهہ پنهنجو هٿ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندو ڇنڊا هٽندو آيو. ٻيڙيون جڏهن وچ سير ۾ پهتيون، تڏهن اوچتو حڪم ڏنائين تہ ٻيڙين کي اتي لنگر هڻي بيهاريو ... منهنجي منڊي هن هٿ ڪري پئي آهي، يڪدم ٽوٻا لهي منڊي ڳولين.

حڪم ملڻ شرط ٽوٻا لهي پيا. گهٽئي ٽپيون هنيائون، پر منڊي نہ لڌي. بادشاهہ ٽوري مهل ترسي، ڪنڌيءَ ڏي واپس وريو ۽ وزير کي حڪم ڏنائين تہ: تون اتي ترسي، منڊي ڳولائي ڪٽي اڇ، جيڪو بہ خرچ ايندو، سو شاهي خزاني مان ڏنو ويندو. جيڪڏهن منڊي ڳولائي نہ آڻيندين تہ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندين! بادشاهہ حڪم ڏيئي، پنهنجن ٻين اميرن وزيرن سان واپس وريو. رستي ۾ اميرن صلاح ڏنيس تہ: وزير کي اڄ هونءَ ئي ڦاسي ايندي، ان ڪري توهين وزير جي محلات ۾ وڃو، ۽ هن جي زال کي ڏسي، ساڻس خبرچار تہ ڪري اچو! بادشاهہ وري بہ اميرن جي چئي لڳي، وزير جي محلات ڏي آيو. جڏهن دروازي تي پهتو، تڏهن پنهنجي اندر واري جٽ ڦٽ ڪيس تہ: بادشاهہ رعيت جو ابو ۽ رکوال آهي. ٻيا ماڻهوائين سمجهندا تہ وزير کي تہ ڏوهہ ۾ ڦاسي ملي، پر توکي ۽ خدا کي معلوم آهي تہ وزير کي ٽوئي هٽ سان مارايو. نيٽ بہ اڳتي هلڻو اٽئي ــ اُتي ڪهڙو جواب ڏيندين؟ اهو خيال ايندي ئي بادشاهہ يڪدم پنهنجو گهوڙو ورايو. خيال ڪيائين تہ وزير منهنجو ٻچو آهي، ۽ ان جي لڄ منهنجي نياڻي آهي. ٽورو آرام ڪري ڪوٽوال کي موڪليان ٿو تہ وڃي وزير کي درياءَ تان سڏي اڇي ... اهڙي منڊي ٻي بہ

ٿي سگهندي. اهي خيال ڪندو اڇي پنهنجي محلات ۾ پهتو ۽ سمهي رهيو. هوڏانهن درياءَ تي ٽوبا ويچارا ٽپيون ڏيئي ٽڪجي پيا هئا. پلا اُتي منڊي هجي ته ليپي! بادشاهه منڊي الاجي ڪٽي ڪٽي اڇلائي هئي؛ تڏهن وزير کي عرض ڪيائون ته: سائين! هاڻي اسان کي بڪ بيحال ڪري ڇڏيو آهي، موڪل ڏيوتہ ماني ڪائي، پوءِ وري منڊيءَ جي ڳولا ڪريون. وزير ڪجهه ڏڪو، ڪجهه انعام جي لالچ ڏنين ۽ ڪجهه ميڙ منٽ ڪين. نيٺ ٽوپن کي مانيءَ جي اجازت ڏنائين. ٽوپن ماني تيار ڪئي، پر ماني رُکي هئي، جنهنکري درياءَ ۾ هڪ اڏ مڇي ڦاسائڻ لاءِ رڇ وڏائون. خدا جي قدرت، جو پهرينءَ ست هڪ ٽلهو آڻو جرکو اڇي رڇ ۾ پيو. جرکي کي وڌيائون ته ان جي پيٽ مان منڊي نڪري پيئي. يڪدم وزير کي مبارڪون ڏنائون. وزير منڊي ڏسي خوش ٿيو ۽ خدا تعالىٰ جو شڪر بجا آڻي، ان وقت جيڪي به حاضر هوس سو ٽوپن کي ڏنائين. پوءِ انهيءَ مهل ئي لُڪَ کي هِير ۽ ڪاڙهي کي جمُڙ سمجهي گهوڙي کي اڙي هنيائين ۽ خوشيءَ مان مينهن واچ ڪندو، سڌو اڇي پنهنجي محلات جي دروازي تي پهتو.

وزير پنهنجي محلات جي دروازي تي بادشاهه جي گهوڙي جا پير ڏسي، ڏڪ ۽ غيرت ۾ چيلهه تي هٿ رکي بيهي رهيو. هن کي اهو خيال اڇي وينو ته منهنجي زال بادشاهه سان قتل آهي، منهنجي مارائڻ جي هيءَ اٽڪل به شايد منهنجيءَ زال ئي بادشاهه کي ڏني آهي ــ نه ته ٻئي ڪنهن کي هيترو عقل ئي ڪونهي. انهيءَ ڏڪ ۾ وزير محلات ۾ آيو. خوشيءَجو پکي دل مان اُڏامي چڪو هو، مانيءَ جا گرهه وهَ جا ڳنڍا ٽي لڳس. جيئن تيئن ڪري به چار گرهه هٽي. بڪ جي باهه اجهايائين. پوءِ منڊي کڻي بادشاهه ڏانهن روانو ٿيو. ۽ اُها آڻي هن جي اڳيان رکيائين.

بادشاهه منڊي ڏسي تمام خوش ٿيو، ۽ وزير کي آفرين چئي

وري به انعامن سان ڍڪي ڇڏيائينس. ان ڏينهن کان وٺي بادشاهه ۽ وزير
کي ڏاڍو پانڌ لڳو. پر وزير کي جو اچي شڪ جاڳيو هو، سو
سمجهيائين ته هاڻي بادشاهه مٿي تان هٿ گهمائي، ڪنهن نه ڪنهن
ڏينهن ضرور مارائيندو، تنهنڪري سڄو وقت ملول رهڻ لڳو. گهر ۾ به
نه پورو ڳالهائي نه اڳيئن محبت ڏيکاري. سندس زال عاقل هئي، سا
سمجهي ويئي ته وزير ڪنهن شڪ جو شڪار ٿيو آهي؛ پر هوءَ ويچاري
خود منجهيل هئي، جو ڪائنس ڪا به اهڙي غلطي ڪانه ٿي هئي، جيڪا
وزير جي ڏمر جو سبب ٿئي. مان ڪان سواءِ ڪو چارو ڪونه سجهيس،
سو سيکجهه خدا تي رکي چپ ڪري ويهي رهي.

وزير کي شاديءَ ڪُئي ڇهه مهينا اچي ٿيا، پر ان وچ ۾
چوڪريءَ جي مائٽن مان ڪا به پهر هن وٽ گهمڻ ڪانه آئي، ۽ نڪي
چوڪري مائٽن وٽ ويئي. هڪڙي ڏينهن وڏيري کي سندس زال چيو ته:
ڳالهه ٻڌي اٿئي ـ پاڻ نياڻي پرڻائي ڏني، پر ڏيڳي يا مينهن ڪانه هئي،
جو هميشه لاءِ وزير کي وڪڻي ڏنيسين، ۽ ان جي پڇا به ڪانه ڪبي.
نياڻيءَ کي وئي خير سان ڇهه مهينا اچي ٿيا آهن، پر خبر ڪانه ورتي
اٿئي ته سُکي آهي يا ڏکي! وڏيري جواب ڏنو ته: ڳڻتيءَ جو ڪو ضرور
ڪونهي، پڪ آهي ته وزير جي گهر ۾ آهي، سا ضرور سکي هوندي.
تنهن کان سواءِ هوءَ خود عقل واري آهي، سا ڏک کي به سک بنائيندي.
باقي رهيو گهمڻ جو سوال، سو اولاد آهي، ضرور هن وٽ وڃندو، پر
هينئر ٻنيءَ ٻاري جو ڪم آهي، جنهنڪري آءٌ نڪريو نٿو سگهان،
چوڪري کي موڪليون ٿا ته وڃي پيٽس وٽان گهمي اچي. اها صلاح
بيهاري، ٻئي ڏينهن چوڪري کي سنيرائي، سوڪڙيون ياڪڙيون ڏيئي
روانو ڪيائون.

چوڪرو پڇائيندو پڇائيندو اچي وزير جي محلات ٽي پهتو.
دروازي تي هٿ هنيائين، ٻانهي نڪري آئي، ان کي چيائين ته: منهنجو

نالو فلاڻو آهي، وڏير سان ملندس. وزير ان وقت ڪچهريءَ ۾ ويل هو. ٻانهيءَ اندر وڃي اطلاع ڏنو. وزير جي زال چيو ته: اهي پار ته جهڙا منهنجي پاءُ جا، هاڻي آءٌ دروازي جي اوٽ ۾ ٿي بيهان، تون ساڻس ڳالهاءِ ــ آءٌآواز سڃاڻنديس. ٻانهيءَ حڪم موجب ڳالهايو: چوڪريءَ آواز سڃاڻي اندر گهرايس. پاءُ ۽ پيٽ هڪٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. يڪدم وزير ڏانهن ماڻهو موڪليائون. وزير جي زال، ٻانهيءَ کي سمجهائي چڏيو ته: پائُوءَ جي ماني تمام سٺي ناهج، پر ان ۾ لوڻ صفا نه هجي، چاڪاڻ ته اسان جي ملڪ ۾ لوڻ جو رواج ڪونهي. آءٌ به جڏهن هتي پرڻجي آيس، تڏهن مونکي ماني کاڻ وٽندي هئي، پر پوءِ نيٺ هري ويس. ٻانهيءَ حڪم موجب مائي تيار ڪئي. وزير به ڪچهريءَ مان آيو ۽ پنهنجي سالي سان ملي خوش ٿيو. گڏجي ماني کائڻ وينا، پر چوڪري کي جدا ماني ملي. مانيءَ ۾ جو لوڻ ڪونه هو، سو هن کي مانيءَ کَشُ نه ڏنو. به گرهه کاڌا نه کاڌي جهڙا، ڪٽي هٽ ڪيائين، ۽ دل جو سور دل ۾ رکي، سمجهيائين ته شايد هتي لوڻ جو رواج ڪونهي. ٻئي ڏينهن ترسيو پر بيزار ٿي پيو. تنهنکري سگهوئي پيٽ کان موڪلائي، سوڪڙيون پاڪڙيون وٺي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو.

ڳوٺ پهچي ماءُ پيءُ کي سوڪڙيون ڏنائين، ۽ چيائين ته: ادي ڏاڍي سکي هئي. ٻانهيون ۽ ٻانها حڪم ۾ هئس، جيڪو به سڪ چئجي سو سپ اديءَ کي هئو. پر ڳالهه ٻڌي اَڻوَ ... ٻئي دفعي آءٌ جڏهن وڃان، تڏهن مونکي لوڻ ٻڌي ڏجو ته ڪنيو وڃان، ڇو جو اتي کاڌي ۾ لوڻ وڃهن ئي ڪونه! زال وڏيري کي چيو ته: ڏٺئي! اهو منهنجي ڏيءَ نياپو موڪليو آهي ته، سڪ ته گهٽوئي اٿم ــ کاڌا پيتا به سپ اٿم، پر لوڻ بنان .... هروپرو ڪو وڏن ۽ شاهوڪارن جي گهرن ۾ سڪ ڪونهي! هاڻي تون وڃي خبر لهي اچ. وڏيري چيو ته: جي هينئر ئي ويندس ته وزير کي شڪ پوندو ته شايد پاڻس کي چوري موڪليائين،

جنهن وجي پيءُ کي موڪليو آهي. ائين هيڪاري وزير رنج ڏيندو، تنهنڪري ٻڌي ڏينهن سهي پوءِ ويندس.

خير سان ٻڌي ڏينهن به گذريا ــ وڏيرو سهي سنيڑي اچي وزير جي محلات ۾ پهتو. هن پنهنجي سهري جو چگو آڏر پاءُ ڪيو ۽ پاڻ سان گڏ ماني گارايائينس. جڏهن پيءُ ۽ ڏيءَ خلاصا ٿيا، تڏهن هن ڏيءَ کان پڇيو ته: وزير توسان راس آهي يا نه؟ ڏيءَ جواب ڏنو ته: خبر ناهي ته ڪهڙي ڳالهه تان ڦريو آهي، جو اڳين محبت نه ، باقي رسمي طرح پيو هلي. آءٌ خود سمجهان ٿي ته دل ۾ ڪا ڳالهه اٿس، نڪي آءٌ ٿي پڇان، نڪي پاڻئي ٿو ڇُلي. پيءُ چيس ته: آءٌ فيصلي ڪرڻ لاءِ آيو آهيان، ڏسج متان ڪَچي ٿي پوين! ڏيءَ جواب ڏنو ته: بابا! مون کي پڪ آهي ته مون کان ڪابه ڪچي ڪانه ٿي آهي. وڏيري تَسلائي ونی ڳالهه دل ۾ رکي. ٻئي ڏينهن وزير، سهري کي نيرن پاڻي ڪرائي، ڪچهريءَ ڏي روانو ٿيو. ان ڏينهن الٻت وزير کي دير ٿي ويئي، سو بادشاهه پڇيس ته: دير چو ڪيئي؟ وزير جواب ڏنو ته: سائين! منهنجو سهرو آيل هو، ان جي خدمت چاڪريءَ ۾ دير ٿي ويم. بادشاهه چيس ته: پوءِ ونی نٿي آئينس؟ هاڻي وڃ، ۽ ونی اچينس. وزير 'حاضر سائين' چئي ٻاهر نڪتو، پر هيڪاري شڪ جاڳيس ته سهرو، زالۂ بادشاهه ٿيئي هڪ ڏوريءَ ۾ آهن: اڄ تنهنجي قسمت جو فيصلو ٿيندو. وزير گس ۾ ئي اها پڄ گهڙ ڪندو اچي گهر پهتو، ۽ سهري کي چيائين ته: بادشاهه سلامت توهان کي گهرايو آهي. وڏيرو اڳيئي تيار هو، سو هن سان گڏ اُٺي روانو ٿيو. وزير کي هٿا ڳٽتين جا گهر، سو وڏيري منهن مان ئي سهي ڪري ورتس. قصو ڪوتاهه، هلندا اچي ڪچهريءَ ۾ پهتا ... بادشاهه وڏيري جي تمام گهڻي خاطري ڪئي، پر چوندا آهن ته "گمان بي ايمان آهي" سو وزير کي سڄي دنيا دشمن پئي ڏسجڻ ۾ آئي.

وڏيرو اڳيئي عقل وارو هو، ورِي جو ڪچهريءَ ۾ توري تَکي

گفتگو ڪيائين، سو بادشاهه کي وڻي ويو. تان جو ڪچهريءَ جو وقت پورو ٿيو. پيا سڀ امير وزير موڪلائي ويا، باقي بادشاهه، وڏيرو ۽ وزير اڇي رهيا. وڏيري، بادشاهه کي ٻڌايو ته جيئندا قبلا! آءٌ پنهنجي راڄ جو چگو مڙس آهيان، ڏٺيءَ جو شڪر آهي جو پنهنجي مڇيءَ مانيءَ وارو آهيان. مون پنهنجي زمين جي ٽڪري ۾ هڪ باغ رکيو. ان ۾ ڀانت ڀانت جا گل رکيم، جن جو هڪاءُ ڪنهن بادشاهي باغ ۾ ڪوليو ملندو. وزير کي ۽ انهن جو واس آيو. ايترو چئي وزير ڏي نهاريائين. بادشاهه ۽ ڪالهه کي سمجهي پڪ ڪرڻ لاءِ وزير ڏانهن نهاريو. وزير ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو: هائو سائين. تڏهن وڏيري وري ڪالهه شروع ڪئي ته جيئندا قبلا! پوءِ وزير مون کان قلم گهريو، جو کيس ڏنم. ايترو چئي وزير ڏانهن ڏنائين، جنهن چيو: هائو سائين. تڏهن وڏيري اڳتي چيو ته: بادشاهه سلامت! وزير اهو قلم گهر ۾ هنيو. جڏهن ان قلم جي ڦٽڻ جو وقت ٿيو، تڏهن وزير ان جو پاٽي بند ڪري ڇڏيو. هاڻي منهنجو داد ٿئي. بادشاهه وزير ڏانهن نهاريو. وزير وري ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڪاوڙ مان جواب ڏنو ته: سائين! هي شخص جيڪي چئي ٿو، سو سچ آهي. مون جڏهن ان وڻ هيٺان شينهن جو پير ڏٺو، تڏهن اڇي خوف ٿيم، پوءِ برابر ان وڻ جو پاٽي بند ڪري ڇڏيم، ان لاءِ ته پلي اهو وڻ سگي وڃي.

بادشاهه، وزير جو اشارو سمجهي ويو. هاڻي هو ڪهڙيءَ طرح وزير جي دل تان شڪ لاهي. آخر ٿوري دير ترسي وڏيري کي چيائين ته: اڄ تنهنجي ماني اسان وٽ آهي، پر جيستائين ماني تيار ٿئي، تيستائين اچو ته چوپڙ راند ڪريون. وڏيري عرض ڪيو ته: سائين! چوپڙ راند ۾ چار جڻا کپن. پاڻ فقط تي آهيون. ان ڪري منهنجي صلاح آهي ته راند هلي وزير جي محلات ۾ ڪريون. بادشاهه هن جي صلاح تي آمنا چئي اُٿي ڪڙو ٿيو. وڏيري، وزير کي اشارو ڪيو ته 'تو اڳ ۾ هلي تياري ڪر' وزير اڳواٽ اڇي سمورو بندوبست ڪيو ۽ پنهنجيءَ زال کي ۽

پڌايائين تہ بادشاهہ هتي چوپڑ راند ڪرڻ لاءِ اچي ٿو. وزير جي زال يڪدم هارسينگا، ڪري تيار ٿي ويئي. وزير کي زال جي هارسينگار هيڪاري شڪ ۾ وجهي ڇڏيو. سو غيرت وچان زال کي مارڻ تي هو تہ بادشاهہ ۽ وڏيرو اچي محلات ۾ گهڙيا. وزير پنهنجن ئي خيالن ۾ ٻڏي ويو تہ اڄ هي ٿي ڇٽا، آءٌ هڪڙو، موت ضرور مٿي تي آهي.

وڏيري ڏيءَ کي چيو تہ: اما! چوپڑ ڪٽي اڄ تہ راند ڪريون. چوڪريءَ چوپڑ ڪٽي آڻي وچ ۾ ٿي رکي. وڏيرو ۽ سندس ڏيءَ سامهون وينا، بادشاهہ ۽ وزير هڪٻئي کي سامهون وينا. چوڪريءَ چوپڑ پکيڑي، تہ وڏيري يڪدم ڏارا هٿ ۾ ڪٽي چيو تہ:

مون ڏني هئي وٽ، پر تنهن مان ڪڍيئون ڪچ،
در ڏي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

ڏارو سولو پيو، ساري آزاد ٿي ۽ وڏيرو چال هليو. ان کان پوءِ وزير ڏارو ڪٽي چيو تہ:

بہ شينهن ٻيلو هڪڙو، ايءُ پٽ غير گذر،
در ڏي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

ڏارو نہ اٽليو ۽ ساري آزاد نہ ٿي .... وزير ڏند ڪرٽ لڳو. هن کان پوءِ سندس زال ڏارو ڪنيو، ۽ چيائين تہ:

پاٽيءَ هوندي ماڙيءَ ۾، منڊ نہ مٿو ڏوءِ،
در ڏي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

ڏارو سولو پيو، ساري آزاد ٿي، ۽ چال هلي. چوڪريءَ کان پوءِ بادشاهہ ڏارو ڪٽي چيو تہ:

ٻائرن ۽ پاڃاين جو، سڃو آهي سِيرُ،
در ڏي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.


بادشاهہ جو ڏارو بہ سولو پيو ۽ ساري آزاد ٿي.

وزير دل ۾ چيو تہ: بادشاهہ ڪوڙ ڳالهائي ويو. وڏيرو، وزير جي

مُنهن جو رنگ لهندو ڇڙهندو ڏسي، سمجهي ويو ته هن جي دل اڃان صفا نه ٿي آهي، تنهن وري بہ ڍارو ڪٽي چيو ته:

مون ڏٺي هئي وَٽ، پر تنهن مان ڪيئون ڪچ،
ڪي سالڪ سمجهن ڀَالهه ڪي ته ڪوڙ آهي يا سچ!
ڍر ڏي ڍارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

وڏيري جو ڍارو سولو پيو ۽ ساري اڳتي هلي. وري وزير ڍارو ڪنيو ۽ چيائين ته:



بہ شينهن ٻيلو هڪڙو، اِيءُ پڻ غير گذر،
اُت چيتو چَنبو چا جهلي، جِت ڪيهر ڪٽي ڪَرُ!
ڊر ڏي ڊارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

وزير جو ڊارو وري بہ سولو نہ پيو، مات ڪري ويهي رهيو. دل ۾ سمجهائين تہ ڳالهہ ۾ ڪو رولو آهي. هن ڪان پوءِ سندس زال ڊارو ڪنيو ۽ چيائين تہ:

پاٽي ءَ هوندي ماڻيءَ ۾ منڌ نہ مٽو ڏوءِ،
هيءَ ڳالهہ ڳجهارت جهڙي، پر سمجهڻ وارو هوءِ!
ڊر ڏي ڊارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

وزير جي زال جو ڊارو سولو پيو، ۽ ساري اڳتي هلي. ان کان پوءِ بادشاهہ ڊارو ڪنيو. هو وزير جي ڳالهہ سمجهي ويو هو تہ هاڻي سڀ بار منهنجي مٿان آهي، پر وزير جو شڪ حق تي آهي... سڄو مانڌاڻ منهنجي گهوڙي جي پير وڏو آهي، تنهن ڊارو اُڇلندي چيو تہ:

پائرن ۽ پاجاين جو سڄو آهي سِيرُ،
هجيس تڄ ٽٽن ۾ تہ ڪلي پيانس ڪِيرُ!
ڊر ڏي ڊارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

بادشاهہ جو ڊارو بہ سولو پيو ۽ پنهنجي ساري هليو. اتي وڏيري چوپڙ راند ورائي ڪٽي ويڙهي. وزير جي مُنهن ۾ نهاري پڇيائين تہ: هاڻي ڪيئن؟ تڏهن وزير، منڊيءَ ڪان وني محلات جي دروازي تي گهوڙي جي پير واري سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. باقي ڳالهہ بادشاهہ سربستي ڪري ٻڌائي. هاڻي ڳالهہ اڇي تي، وزير جو شڪ لٽو، ۽ ٻئي زال مڙس اڳئين وانگر ڪير ڪنڊ تي ويا. پوءِ سيني گڏجي ماني ڪاڌي. بادشاهہ بہ مبارڪون ڏيئي ويندو رهيو. پوءِ وڏيرو ٻني ڏينهن ترسي، خوشيءَ سان موڪلائي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو.

•••



۱۸ـ عقلمند چوڪري *

هڪڙو بادشاهه چاندوڪيءَ رات ۾، محلات جي اڳڻ ۾ ستو پيو هو. خواب لڏائين ته هڪڙيءَ ٽالهيءَ ۾ باغ بنيل آهي، ان باغ ۾ ڪيترائي گل ۽ ميوا آهن، هڪڙو آرائين آهي جو انهيءَ باغ مان گل ۽ ميوا، ڪچا توڙي پڪا پيو پَٽي؛ ڪيس روڪڻ وارو آهيئي ڪونه. بادشاهه چرڪ پري ننڊ مان سجاڳ ٿيو. وڏي ويچار ۾ پئجي ويو، ۽ لڏل خواب کي دل ۾ هنيائڻ لڳو. پهه پچائيندي پچائيندي مٿان اچي صبح ٿيو. بادشاهه ڏَنڊ پاڻي ڪري، جڏهن دربار ۾ آيو، تڏهن پنهنجن وزيرن سان خواب جي ڳالهه چوريائين ۽ کين حڪم ڪيائين ته: جلدي خواب جو تعبير ٻڌايو. وزير ويچارا شش پنج ۾ پئجي ويا ته خواب جو تعبير ڪهڙي نموني ڪريون! ٿوري ساعت رکي بادشاهه هنن کان پُڇا ڳاڇا ڪئي، پر ڪنهن به وزير خواب جو تعبير ڪونه ٻڌايس، جنهن تي بادشاهه کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. وڏي وزير کي حڪم ڏنائين ته: جي مهيني اندر خواب جو تعبير نه ٻڌائيئي ته ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندين!

---

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي ڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان ملي.

وزير ويچارو منجهي پيو، سو بادشاهه کان موڪلائي گهر آيو، ۽ گهوڙي تي سنج رکي، ناٽي سان خرزين ۾ري، وٽي جهنگ مُنهن ڪيائين. وات تي جيڪو ٽي واٽهڙو مليس،تنهن کي خواب ٻڌائي، اُن جو تعبير ٽي پڇيائين؛ پر کنهن به ماڻهو تعبير کونه سليس. آخر هلندي هلندي هڪڙي ماڻريءَ ۾ وڃي پهتو. پري کان ٻکرين جي هڪ واڙ نظر آيس. چا ڏسي ته هڪ نينگري وينڊي آهي، جا ٻکرين جي ڦرن کي پيئي پاڻي پياري. وزير به هو اُچايل سو نينگريءَ کان پاڻي گهرياٽين، جنهن کيس ڪٽولي تي ويهاري، پاڻيءَ جو وٽو ڀري، اُن ۾ ٽورا ڪک وجهي آڻي کيس ڏنو. وزير کي ڳالهه خراب لڳي، پر اُڄ سبب ڪڇيو ئي کين. ڪکن کي آهستي آهستي ڀري کندو، ڊُڪ ڊُڪ ڪري پاڻي پيڻ لڳو. جڏهن پي ڏؤ ڪيائين، تڏهن چوڪريءَ کان پڇيائين ته: پاڻيءَ ۾ ڪک چو وجهي ڏنئي؟ نينگريءَ چيو ته: توهان کي اُڄ هئي گهٽي، تنهنڪري تکڙ ۾ پاڻي گهٽو پي وڃو ها، پر ڪکن وجهڻ سان توهان ڊڪ ڊڪ ڪري پيتو، جي ائين نه ڪريان ها ته شايد توهان پاڻي گهرج کان وڌيڪ پي وڃو ها ۽ تڪليف ٿئيوَ ها.

وزير کي هن چوڪريءَ جو اهو جواب ڏاڍو وٽيو. دل ۾ چيائين ته چوڪري جهڙي صورت ۾ سهڻي آهي، اُهڙي وري ڪا سيرت ۾ گهٽ هجي، سو ته ڪوڙوئي نڻو لڳي؛ سو گهوڙي تان لهي ساٽس ڪڇهري ڪرڻ وينو. پوءِ چوڪريءَ کان پڇيائين ته: پلا تنهنجو ٻيو به ڪو مٽ مائٽ آهي يا هٽي جهنگ ۾ اڪيلي ٽي رهين! چوڪريءَ جواب ڏنو ته: آءٌ هٽي پنهنجي پيءُ ماءُ سان گڏ رهان ٽي، پر هينئر بابو ويو آهي ڏوڙ، ڏوڙ سان ملائڻ، امان ويئي آهي ڪوڙ مان سچ ڪرڻ، ۽ ادو ويو آهي مٽيءَ مان ماڻڪ پيدا ڪرڻ.

وزير چوڪريءَ جون ڳالهيون ٻڌي، وڌيڪ حيرت ۾ پئجي ويو، دل ۾ چيائين ته: جيڪڏهن خواب جو تعبر ڪندي ته اها چوڪري

ڪندي، نہ تہ خير ئي خير. هاڻي خواب جو تعبير پوء پچان، پهريائين سندس مائٽن بابت تہ پچان تہ اهي ڪيڏانهن ويا آهن! سو چيائين تہ: نياڻي! تو مونکي ٽيئي ڳالهيون مام ۾ ٻڌايون آهن، هاڻي انهن جا جواب بہ ٿون ئي ڏس ، مون کي تہ خبر ڪانہ ٿي پوي تہ تو چا چيو؟ چوڪريءَ ورندي ڏنيس تہ: جي اوهان مون کي نياڻي ڪري ٿا سڏيو، تہ آءٌ بہ اوهان کي پنهنجي پيءُ برابر ٿي ڄاڻان، ڇڪو هاڻي ٻڌو ... مون ڇيو تہ بابو ويو آهي ڏوڙ ڏوڙ سان ملائڻ ، جنهن جو مطلب هيءُ آهي تہ اڄ ڳوٺ ۾ هڪڙو ماڻهو فوت ٿيو آهي، جنهن سان بابو ڪاندي ٿي دفنائڻ ويو آهي، يعني ڏوڙ ڏوڙ سان ملائڻ ويو آهي. ٻيو تہ اسان وٽ ٻڪرين جو ڏڻ آهي، جنهن جو ڪير ڏُهي، ڏڌ ڄمائي ولوڙيندا آهيون، جيڪو مکڻ ٿئي سو ڪائون، باقي ڏڌ ويئي آهي امان ڪپائڻ. ڪير سچ آهي ۽ ان جي پيٽ ۾ ڏڌ ڪوڙ آهي، تڏهن چيم تہ امان ويئي آهي ڪوڙ مان سچ ڪرڻ. وري چيم تہ ادو ويو آهي منڊيءَ مان ماڻڪ پيدا ڪرڻ. سو هيئن جو زمين کي هر ڏينهن ۽ ٻج ڇڏڻ مان آخر فصل ٿيندو، ۽ ان مان اسان کي انّ داڻا ملندا، جي ماڻڪن کان بہ زياده قيمتي آهن. چوڪريءَ جا جواب وزير کي واهہ جا وٺيا. پوء کيس پنهنجي بادشاهہ جو لڏل خواب ٻڌائي ان جو تعبير پڇيائين.

چوڪريءَ وزير کي چيو تہ: توهين فڪر نہ ڪريو، گهڙي ساعت آرام ڪريو تہ توهان کي اها پرولي بہ سلي ٿي سڪايان. مگر وزير زور پريس تہ: مون کي تيسين آرام ڪرڻو ناهي، جيسين خواب جو تعبير نہ ٻڌائيندينءَ. چوڪريءَ وزير کي تسلي ڏني ۽ چيائينس تہ: ڇڪو ٻُڌ. ٽالهي آهي هيءَ دنيا، باغ آهي مخلوقات الاهي، گل ۽ ميوا آهن جاندار شيون ۽ آرائين آهي ملڪ الموت، جو روزانو وٽي خدا جي حڪم سان نندن ۽ وڍن جا روح قبض ڪندو. وزير کي ٻينگريءَ جو نصيحت پريو جواب ڏاڍو وٺيو. تنهن وچ ۾ چوڪريءَ جا مائٽ بہ اچي ويا هئا، جن بہ

وزير جي دل جان سان خدمت چاڪري ڪئي. ڏينهن ۽ هاڻي موت ڪاڏي هئي، ۽ شام ٿيڻ واري هئي. نيٺ وزير هنن کان موڪلائي، اچي بادشاهه وٽ پهتو ۽ سمورو بيان ڪري ٻڌايائينس. وزير جي سربستي ڳالهه ٻڌي، بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حڪم ڏنائين ته: اها ٻڪرار جي ڏيءَ مونکي ڏيڪار، جنهن تو جهڙي کي گس لاتو آهي.

ٻئي ڏينهن بادشاهه ۽ وزير گهوڙن تي چڙهي، شهر کان ٻاهر اُن ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا، جتي ٻڪرار رهندو هو. پهر اڌ ۾ وڃي ٻڪرار جي جهوپڙيءَ وٽ پهتا. ٻڪرار، بادشاهه ۽ وزير جي گهٽي خدمت چاڪري ڪئي. بادشاهه نينگري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻڪرار کان اُن چوڪريءَ جو سڳ پنهنجي وڏي شهزادي لاءِ گهريائين. ٻڪرار هو غريب، تنهن دل ۾ چيو ته 'سوني ٿالهيءَ ۾ ڪير نه ٻڪيا وجهندو!' اسين زال مڙس آهيون غريب، سو جي بادشاهه سان سڳ ڳنڍيندا سين ته نياڻي وڃي سُکي ٿيندي. اها ڳالهه ڳٽيندي هن بادشاهه سان انڪار ڪونه ڪيو. پوءِ ٿوري گهٽي ڏينهن ان عقلمند چوڪريءَ جي شادي وڏي ڌام ڌوم سان وڏي شهزادي سان ٿي. بادشاهه، ٻڪرار کي ڏاڍا انعام ڏيئي ڏني ڇڏيو.

•••

۱۹ـ ٹکي ۾ عشق *

هڪڙي شهر ۾ ڪو غريب ڇوڪرو رهندو هو، جنهن جو پيءُ ننڍي هوندي مري ويو هو؛ تنهن هڪڙي ڏينهن پنهنجي ماءُ کي چيو تہ: امان! مون کي ٹکو ڏي تہ وڃي عشق ڪمايان. ماءُ چيس تہ: ابا! پاڻ غريب، هن وقت ٹَکو ڪٹان آيو؟ وڃي بادشاهہ کان ٹکو وٺ. ڇوڪرو سڌو بادشاهہ وٽ آيو. هن کي چيائين تہ: بادشاهہ سلامت! مونکي هڪڙو ٹَکو ڏيو! بادشاهہ حيران ٿي پڇيس: ڇوڪرا ! ٹکي کي ڇا ڪندين؟ جواب ڏنائين تہ: سائين! عشق ڪمائنيدس. بادشاهہ مُرکي چيس تہ: ٹکي ۾ عشق ڪمائيندين! چيائين تہ: ها سائين ٹکي ۾! بادشاهہ ڇوڪري جي چالاڪيءَ تي حيران ٿي ويو، خيال ڪيائين تہ ٹکي ۾ هيءُ عشق ڪيئن ڪمائيندو؟ سو ڪيس ٹکو ڏيئي ، هن جي پويان پنهنجو ماڻهو ڇڏيائين، تہ اهو اچي ٻڌائي تہ ڇوڪري ٹکي ۾ عشق ڪيئن ڪمايو.

ڇوڪري ٹکي مان پائيءَ جي ڪار، پائي جي گُلي، ۽ پاڻ جو صابڻ ورتو، ۽ باقي ٻہ پايون ڪيسي ۾ وجهي، وڃي ڪپڙا ڌوئڻ لڳو. شام جي وقت اهي ڌوتل ڪپڙا پائي ٽاڻ تي، شهر جي چڪر تي نڪتو. رات جي مانيءَ ڪائڻ بعد گهمندو ڦرندو وڃي هڪڙي سوداگر جي ماڙيءَ هيٺ بينو؛ ٿوري دير بعد بيهي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي پڪ ڪري تہ ڪو ماڻهو تہ ڪونہ ٿو ڏسي، پوءِ پٽ ۾ ڪلا هٹندو ماڙيءَ تي چڙهي ويو. بادشاهہ کي سندس ماڻهوءَ وڃي خبر ٻڌائي، سو انهيءَ وقت ئي ماڙيءَ جي هيٺان اچي بيهي رهيو ۽ ڇوڪري جي موٽڻ جو انتظار

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان ملي.

ڪرڻ لڳو.

ماڙيءَ ۾ ڪنهن سوداگر جي زال پنهنجي ٻانهيءَ سميت رهندي هئي. سوداگر، سوداگريءَ تي ويل هو. ٻانهيءَ جي جو چوڪري تي نظر پيئي، تنهن پنهنجيءَ سائنڍ کي ٻڌايو. هن ٻانهيءَ کي چيو تہ: مهمان جي وڃي خدمت ڪر. ٻانهي چوڪري وٽ آئي ۽ چيائين تہ: هن پلنگ ۾ هٽ وڇاءِ تہ هيٺ پرو ڪريونس. چوڪري چيس تہ: پنهنجيءَ سائنڍ کي سڏ ڪر، اهو ڪم ان جو آهي. ٻانهي موٽي وڃي سائنڍ کي چيو تہ: سائنڍ! هي چوڪرو تہ ڏاڍو سياڻو ٿو ڏسجي. پلنگ ۾ تہ هٽ نہ وڌائين، پر ڏاڍي بيپرواهيءَ سان چيائين تہ: پنهنجيءَ سائنڍ کي سڏ ڪر! اها ڳالهہ ٻڌي هن ٻانهيءَ کي چيو تہ: چڱو، گرم سرد پاڻي وڃي ڏينس تہ هٽ منهن ڌوئي. ٻانهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي. اڃي ڏسي تہ چوڪرو پلنگ تي بالم ٿيو وينو آهي. پاڻ پاڻي ڇڏي ويندي رهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ اڃي ڏسي تہ پاڻي جهڙو آهي تهڙو پيو آهي. پڇيائينس تہ: تو اجان تائين هٽ منهن ۾ نہ ڌوتو آهي! چوڪري چيس تہ: پاڻي تون ملائي ڏي تہ هٽ منهن ڌوئان! ٻانهيءَ اهي لفظ ٻڌي يڪدم سرد گرم پاڻي ملايو، تڏهن هن اڃي هٽ منهن ڌوتو. سائنڍ وري ٻانهيءَ کي چيو تہ: هيءَ عطر جي شيشي ڪٽي وڃي ڏيئس، ۽ ڏس تہ چا ٿو ڪري! ٻانهيءَ چوڪري کي عطر جي شيشي آڻي ڏني. هن چا ڪيو جو اها وٺي پلنگ جي چٽي پاون هيٺان هاري پلنگ تي چڙهي ويهي رهيو. ڪجهہ دير بعد ٻانهي هڪڙو گدرو ۽ ڇُري چوڪري کي ڏيئي موٽي ويئي. هن چا ڪيو جو گدري تان کل لاهي، ڳنڍرا ڪري ٽالهيءَ ۾ رکي ڇڏيائين، ۽ ٻانهيءَ جي اڇٽ تي اها ٽالهي ڳنڍرن سوڌي واپس ڪيائين. ٻانهي اها ٽالهي ڪٽي سائنڍ وٽ آئي، جنهن وري هڪ ليمو ۽ سُئي چوڪري ڏانهن ڏياري موڪلي. ٻانهيءَ کان اهي شيون وٺي، هن چا ڪيو جو سُئي ليمي ۾ ٽنبي، ورائي سُئي پلنگ جي سيراندي ۽ اري پائي ۾

ٽنبي ڇڏيائين. اها حالت ڏسي، ٻانهيءَ پنهنجي سائنڊ کي چيو ته: هيءُ ڏسڻ ۾ سو چوکرو آهي، مگر عقل جو ويري آهي. سوداگر جي زال سيني ڳالهين ۾ ان کي پرکي، پوءِ هارسينگار ڪري هن وٽ آئي، ۽ سڄي رات رهاڻ ڪندي گذاريائون.

پوئين رات جو چوکرو ماڙيءَ تان لٿو. بادشاهه به هيٺ هن جي انتظار ۾ لڪو بينو هو، تنهن هن کي ڏسي ورتو. چوکرو ته پنهنجي گهر هليو ويو، مگر بادشاهه کي ڏاڍي حيراني هئي. ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آيس ته چوکرو ماڙيءَ ۾ سڄي رات ڪيئن رهيو. بادشاهه پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو. آخر ڏينهن ٿيو. سارو ڏينهن بادشاهه مونجهاري ۾ گذاريو، نه ته دربار جو خيال نه بادشاهيءَ جو سوال. تان جو متان اڇي رات پيئي. جڏهن منهن اونداهي ٿي، ۽ لوڪ لقاءُ وجي آرامي ٿيو، تڏهن بادشاهه چمڙا پوش ڪري سوداگر جي ماڙيءَ ڏانهن روانو ٿيو. چوڪري جا هنيل ڪلا ماڙيءَ جي پٽ ۾ لڳا پيا هئا. بادشاهه انهن تان چڙهي، ماڙيءَ تي ويو. پيرن جي آواز تي ٻانهي هوشيار ٿي. بادشاهه کي ڏسي پنهنجيءَ سائنڊ کي اطلاع ڪيائين. هن چيس ته: مهمان جي خدمت چاڪري ڪر. ٻانهي بادشاهه وٽ آئي ۽ چيائينس ته: هن پلنگ ۾ هٽ وڇهه ته هن پاسي ڪري رکجي. بادشاهه هڪدم پلنگ ۾ هٽ وڏا ۽ اتان کٽي ٻئي هنڌ رکيائين. ٻانهيءَ وجي سوداگرياڻيءَ کي ٻڌايو، جنهن وري پاڻي ڏيڻ لاءِ چيس. ٻانهي گرم سرد پاڻي جدا جدا کٽي، آڻي بادشاهه جي اڳيان رکيو. بادشاهه يڪدم اٿيو، ٽڏو ڪوسو پاڻي ملائي، هٽ منهن ڏوئي پلنگ تي چڙهي ويهي رهيو. ايتري ۾ ٻانهي عطر جي شيشي کٽي آئي. بادشاهه ان مان ٻڙو پري کن ۾ وڏو، ڪجهه کپڙن تي ۽ ڪجهه هنڌ تي ڇٽڪاريائين. ٻانهيءَ ساري حالت وجي سوداگرياڻيءَ کي ٻڌائي؛ جنهن وري گدرو ۽ چري ڏياري موڪليس. بادشاهه گدري کي وڏي اڌ پاڻ ڪاڏو ۽ اڌ بچائي سوداگرياڻيءَ لاءِ رکيائين. ٻانهي وري ليمون

۽ سُئي ڪٽي آئي. بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته هي ڪهڙا نه بيوقوف آهن- هاٿي ليمي ۽ سُئيءَ جو ڪهڙو ضرور هو؟ سو ڇا ڪيائين جو سُئيءَ سان ليمي کي ٽنگ ڪري، ان جو رس چوسڻ لڳو. ٻانهيءَ پنهنجيءَ سائنڍ کي وڄي چيو ته: هڻو آنائي مون نه ڏنو. هاٿي جيڪا تنهنجي مرضي. اتي سوداگرياٿي ۽ ٻانهي گڏجي بادشاهه وٽ آيون. بادشاهه هنن کي ڏسي مرڪڻ لڳو ته هاٿي سوداگرياٿي اچي پَر ۾ ويهندي، پر هنن ايندي شرط اچي موچڙن جي مار وڌيس. پوءِ ته زناني مار، خبر نڪا چار. بادشاهه ويچارو موچڙا ڪائي، جتان آيو هو اوڏانهن روانو ٿيو ۽ ساري رات اکين ٽي ويهي گذاريائين.

بس صبح ٿيندو ويو ۽ بادشاهه پڪدم ماٺهو موڪلي چوڪري کي گهرايو. سپاهين گهڙيءَ ۾ چوڪرو پڪڙي آٿي بادشاهه جي روبرو ڪيو. بادشاهه خلاصيءَ جاءِ تي وٺي وڄي ويهاري پڇڻ لڳس ته: اڙي چوڪرا! تو عشق ڪمائڻ لاءِ مون کان ٽڪو ورتو هو. سو ڪمايئي؟ چوڪري ورندي ڏني ته: هائو سائين. بادشاهه پڇيس ته : مونکي ٻڌاءِ ته ڪيئن؟ چوڪري وراٽيو ته: سائين! ٻڌائيندس ڪڏهن به ڪونه. بادشاهه چيس ته: چوڪرا! مون کان ڪابه ڳالهه ڳجهي ڪانهي، جي نه ٻڌائيندين ته ڦاسيءَ چاڙهائي چڏيندوسئين. چوڪري چيس ته: سائين! اها توهان جي مرضي، ڦاسي چاڙهيو ته پلي، باقي ٻڌائيندس آءٌ ڪڏهن به ڪونه. بادشاهه چيس: مونکي ايتري خبر پئي آهي ته تون رات فلاٿي سوداگر جي ماڙيءَ تي ويو هُئين، ۽ ساري رات اتي گذاري هيئي. پوءِ به تون مون سان ڪوڙ پيو ڳالهائين! ڏاهو ٿي سچي کر ته ڳالهه ڪيئن آهي، ۽ ته ڪهڙيءَ طرح عشق ڪمايو ؟ چوڪري ورندي ڏني ته: بادشاهه سلامت! توهين الاجي ڇا ٿا چئو؟ ڇا لڳان آءٌ، ڇا لڳي سوداگر جي ماڙي! توهان ماٺهن جي ڳالهين تي نه لڳو. مونکي انهيءَ قصي جي ڪابه خبر ناهي. بادشاهه تپي باهه ٿي ريو. پلا رات وارا

موڇڙا ياد ٻيٺا هئس، سو پئي اندر ۾ سڙيو ته ڪنهن ٻه نموني اهو راز ظاهر ٿئي ته هيءُ چورو - جنهن جي گهر ۾ رڳي ٻه سَگهي ڪانهي - سو ساري رات سوداگرياڻيءَ سان گذاري آيو، ۽ آءٌ شهر جو بادشاهه، سو انهيءَ ساڻئي هنڌان موڇڙا ڪائي آيو آهيان! آخر آهي ڇا؟ سو چوڪري ڪي وري ٻه مٺ محبت سان سمجهائڻ لڳو ته من ڪنهن طرح سان اُن ڳالهه جو سبب ظاهر ٿئي. پر چوڪري جيئن 'نه' ڪئي، تيئن 'ها' جي ٻولي نه ٻولياٸين. اتي بادشاهه پنهنجي ماڻهن ڪي حڪم ڏنو ته: هن ڪي هڪڙي هفتي لاءِ جيل ۾ بند رکو. ان بعد جي هن سچي حقيقت ٻڌائي ته وٺهه، نه ته قاسيءَ تي لٽڪايو ويندو! سپاهين پوءِ هن چوڪري ڪي وڃي جيل ۾ بند ڪيو.

هوڏانهن سوداگرياڻيءَ ڪي چوڪري جي جيل ۾پوڻ واري ساري حقيقت معلوم ٿي. آخر هفتو پورو ٿيو، پر چوڪري سچي ڪانه ڳئي. تنهن تي بادشاهه حڪم ڏنو ته: هن چوڪري ڪي قاسيءَ تي چاڙهيو. اها خبر ٻڌ سان سوداگرياڻيءَ ڪي ڏاڍو ويچار ٿيو. نه ماني وٺيس نه ٽِڪي. پنهنجي ٻانهيءَ ڪي خبر چار ونڻ لاءِ موڪلياٸين ته: شهر ۾ وڃي ساري حقيقت وڃي اڇ ته هو قاسيءَ تي ڪيڏيءَ مهل چڙهندو. ٻانهيءَ سموري خبر چار وڃي آئي ته چوري ڪي هينئرئي قاسي تي ٿا چاڙهين. بادشاهه هلندي مهل ٻه چوڪري ڪي گهٽوئي سمجهايو ته: چو ٿو پنهنجي جواني وڃائين! ڪٽي سچي ڪر. پر چوڪري جو اهوئي جواب ته: بادشاهه سلامت ! ڪهڙي سچي ڪريان؟ مونکي جي خبر هجي ها ته پهريائين ٻڌايان ها. هاڻي دير نه ڪريو، هلي قاسيءَ تي چاڙهيوم. اتي بادشاهه پنهنجن ماڻهن ڪي حڪم ڏنو ته: هن ڪي وڃي قاسيءَ تي چاڙهيو، پر جي مهلت گهري ته قاسي نه ڏجوس، موٽائي مون وٽ وڃي اڇجوس.

چوڪري ڪي قاسيءَ واري جاءِ ڏانهن وٺيو پئي ويا، ته هوڏانهن

اها خبر سوداگر جي زال کي پئي، تنهن چا ڪيو، جو ڪير جو وٽو ۽ مگن جي لپ ٻانهيءَ کي ڏئي چيو تہ: چوڪرو ٻيگناهہ ٿو ڦاسي چڙهي، تنهنڪري هاٽي ڪيس بچائجي؛ تون هيئن ڪر جو مگن جي لپ سندس اڳيان اُڇلي ۽ ڪير جو وٽو هاري تون هلي اچ؛ پوءِ جي حياتي هوندس تہ بچي پوندو. ٻانهي مينهن واءُ ڪندي آئي، ڏسي ڪٽي تہ ويچاري چوڪري کي ڦاسيءَ جي تختي تي بيهاري، هاٽي ڦاسي ڏيڻ جو سعيو پيا ڪن. تيستائين هيءَ بہ ڊوڙي اچي رسي. ايندي شرط مگن جي لپ هن جي پيرن ۾ اُڇلي، ڪير جو وٽو هاري، پوئين پيرين رواني ٿي. چوڪري ٻانهي سڃاڻي، جلادن کي چيو تہ: مون کي بادشاهہ وٽ وٺي هلو تہ ڳالهہ ٻڌايانس. جلادن هن کي وٺي آڻي بادشاهہ جي اڳيان حاضر ڪيو.

بادشاهہ چوڪري کي ڏسي چيو تہ: اڙي چوڪرا! نيٺ مرڻ کان ڊڄي وئين نہ! .... چگو هاٽي ٻڌاءِ اصل حقيقت. چوڪري چيو تہ: سائين! جي اجازت نہ ملي ها تہ هر گز ڪوڙہ ٻڌايان ها. جڏهن ڏرُ ڏٽيڻ کان اجازت ملي اٿم، تڏهن ٿو ٻڌايان ... هاٽي ٻڌو - توهان ٽکو ڏنو، مون اُن مان صابڻ، کار، گُلي وٺي، ڪپڙن کي ڌوئي صاف ڪيو، ۽ رات جو هڪڙي سوداگر جي ماڙيءَ تي ڪلا کوڙي چڙهي ويس. ماڙيءَ ۾ وڃڻ بعد مون وٽ هڪڙي ٻانهي آئي، جنهن مون کي اتي پيل پلنگ هڪڙي هنڌان ڪٽائي پئي هنڌ رکائڻ لاءِ چيو، مون انڪار ڪري چيومانس تہ: پنهنجيءَ سائنڻ کي سڏ ڪر. بادشاهہ پڇيس تہ: چو تو هن کي نہ ونايو؟ چوڪري جواب ڏنو تہ: سوداگر جي زال انهيءَ طرح منهنجو امتحان ٿي ورتو تہ آءٌ ڪنهن خانداني گهراڻي جو آهيان، يا خسيس ماڻهو آهيان. اهوئي سبب هو جو مون پلنگ ونائڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ ٻانهيءَ گرم ۽ سرد پاڻي ڪٽي آئي، ۽ اڇي چيائين تہ، هٿ منهن ڌوئي آرام ڪر. مگر مون ان پاڻيءَ کي بہ انهيءَ لاءِ هٿ نہ لاتو، جو انهيءَ طريقي سوداگر جي زال اهو ٿي پڇيو تہ: جيڪڏهن گرمي سردي

سر تي اڇي وڃئي ته اها سهي سگهندين يا نه؟ مون ان مام کي سمجهي اهو پاڻي ملائڻ جو ڪم به ٻانهي هٿان ڪرايو. پوءِ هٿ منهن ڌوئي ٻالم ڏي ويهي رهيس. يعني قبول ڪيم ته ڪهڙي به تڪليف هوندي ته سر تي ڪٽندس. اڃان ٿورو وقت گذريوئي ڪين ته وري ٻانهي عطر جي شيشي ڪٽي آئي. مون ان شيشيءَ کي ڪولي پلنگ جي چئني پاون هيٺ ورڇي ڇڏيو. بادشاهه پڇيس ته: ٻلا عطر تو پاون هيڻان ڇو پوريو؟ هن جواب ڏنو ته: سوداگر جي زال پڇيو هو ته سردين گرميون ته برابر سهي ويندين، پر هيءَ اهڙي ڳالهه آهي، جا عطر جي خوشبوءِ وانگر ڇوڙاري پکڙجي ويندي. مون اُن جو جواب ڏنو ته: اها خبر منهنجي دل ۾ ائين قابو رهندي، جو ٻاهر ٻاڦ به نه نڪرندي. بادشاهه پڇيس ته: پوءِ ٻلا چا ٿيو؟ ڇوڪري ڇيو ته: ٿوريءَ دير بعد ٻانهي وري هڪڙي ٿالهه ۾ گدرو ۽ ڪاتي ڪٽي آڻي منهنجي هٿ ۾ ڏنا. سوداگر جي زال اها به پڇي پڳ ٻڌي ته تون لڪائيندين، پر ڪاتي ڪنڌ تي اڇي وڃيئي ته تون چا ڪري سگهندين؟ مون ان جو جواب اهو ڏنو، جو گدري جي کل لاهي، باقي ڳچ جا ٽڪر ٽڪر ڪري، ٿالهه ۾ وجهي ڏيارو موڪلياماانس .... يعني ته بدن جي کل لهي ويندي، ڳٽرا ڳٽرا ٿي ويندس، پر ڪچندس اصل ڪونه. ان ڪان پوءِ وري مون ڏانهن هڪڙو ليمون ۽ سئي ڏيارو موڪليائين. ان ۾ اهو سوال پڇيائين ته: جي سوريءَ تي توکي چاڙهيو وڃي ته پوءِ؟ مون جواب ۾ ليمون، سئيءَ ۾ ٽنبي ڪٽ جي پائي ۾ هٽي ڇڏيو، جنهن جو مطلب اهو هو ته سوريءَ تي ٻڌندين. بادشاهه سلامت! انهي ۽ پڪ پڪاٽيءُ کان پوءِ سوداگر جي زال هار سينگا رڪري آئي، ۽ اسان ٻنهي جڻن ساري رات رهاڻ ۾ گذاري. بادشاهه پڇيس ته: پوءِ اها ڳالهه تو مون سان ڇو ڪئي؟ ڇوڪري ورندي ڏني ته: هائو سائين! جنهن وقت توهان جا ماڻهو مونکي ڦاسي ڏيڻ تي هئا، ته اوچتو اها ساڳي ٻانهي ڊوڙندي آئي ۽ مڱڻ جي لپ منهنجي

پيرن ۾ اڇلائي، ڪير جو وٽو اڳيان هاري هلي ويئي، جنهن جو مطلب هيءُ هو ته سوداگر جي زال چوائي موڪليو ته: وات ۾ مڱ چو پيا اٿئي؟ اڇي ڪير جهڙي ڳالهه ڪري ڏي! سو بادشاهه سلامت! جي پاڻ اها اجازت نه ڏئي ها، ته آءٌ ڪڏهن به اها ڳالهه توهان کي نه ٻڌايان ها...قاسيءَ چڙهي وڃان ها پر ڳالهه منهنجي پيٽ ۾ هجي ها.

بادشاهه مڱن ۽ ڪير وارو قصو پنهنجي سپاهين کان پڇيو، جن به شاهدي ڏني، پوءِ بادشاهه، چوڪري کي چيو ته: اڙي چوڪرا! برابر تو ٽڪي ۾ عشق ڪمايو ۽ تون واقعي عقل وارو آهين، اڄ ڏينهن کان پوءِ تون منهنجي خاص ماڻهن ۾ شامل آهين. ائين چئي هن کي گهٽو ئي انعام ڏيئي روانو ڪيائين.



۲۰ـ وزيرزادو ۽ سوداگرياڻي *

هڪڙو بادشاهه هو، سو هڪڙي ڏينهن اچي پنهنجي وزير سان هوڏيو. بادشاهه چئي تہ، علم وڏو، وزير چئي تہ، عقل وڏو. وزير بادشاهه کي کيترائي مثال ٻڌايا، پر بادشاهه پنهنجيءَ تان لهي ئي نہ. چئي: جنهن وٽ علم آهي، تنهن کي عقل جي کهڙي گهرج؟ وزير چيو تہ: جيئندا قبلا! برابر علم بہ سنو آهي، پر جي ان علم واري شخص وٽ عقل نہ هوندو، تہ اُن جو علم ئي اجايو آهي. تنهن ٽي بادشاهه چيو تہ: چگو انهيءَ ڳالهہ جوآزمودو کنداسين... جي تنهنجي ڳالهہ کوڙي نڪتي تہ، وزيريءَ تان هٽايو ويندين. وزير اها ڳالهہ مڃي. بادشاهه چيو تہ: تون پاڻ کي عقلمند ٿو سمجهين تہ تنهنجو اولاد بہ ضرور عقل وارو ٿيندو. هاڻي تنهنجي گهر اميدواري آهي. جي تو کي پٽ ڄائو تہ پوءِ ان کي اهڙي هنڌ نپائبو، جتي نہ پڙهي سگهندو، ۽ نہ وري پڙهيل ماڻهن سان کڇري ڪري سگهندو. پوءِ ڏسنداسين تہ کيئن ٿو عقلمند ٿئي! وزير اها ڳالهہ قبول کئي.

خدا جي قدرت سان، ٿوري گهٽي ڏينهن وزير کي هڪڙو سدا ملوڪ پٽ ڄائو. بادشاهه حڪم کيو تہ: وزيرزادي کي محلات ۾ اڻ پڙهيل داين جي حوالي کيو وڃي! حڪم جي تعميل کئي ويئي. ڏينهن پنيان ڏينهن گذرندا ويا. وزير زادو اڃ ننڍو سيان وڏو، نيٺ اچي سمجهہ پريو ٿيو. کيس نہ پڙهايو ويو، ۽ نہ وري پڙهيلن جي صحبت ۾ رکيو ويو. قصو کوتاهہ - جڏهن جوان ٿيو، تڏهن دل ۾ خيال پيدا ٿيس تہ، آخر مون کهڙو ڏوهہ کيو آهي، جو هن بند ۾ سزا پوڳيان؟ اهو

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي شهداد پور) مان ظفر بلوچ کان ملي.

ويچار ڪندي ڪندي پڇڻ جون اٽڪلون ڳولڻ لڳو. نيٺ هڪڙيءَ رات وڃڻ ڏسي اُتان کسڪي هليو ويو.

انهيءَ شهر ۾ هڪڙو وڏو سوداگر رهندو هو، جو واپار سانگي پيو ولايتون وڻجندو هو. هن پنهنجيءَ زال کي چئي ڇڏيو هو ته: حياتيءَ تي پروسو ڪونهي، قضا پڇي ڪانه ايندي آهي، آءٌ جي بن سالن اندر نه اچي سگهان ته پوءِ توتي فرض آهي ته منهنجي حق ۾ سال ويهي پوءِ پلي ٻيو حق ڪجانءِ. اها ڳالهه چئي جيئن سوداگر ويو، تيئن ۾ سال گذري ويا هئا. سندس زال به ائين ڪيو، جيئن هن چيو هوس- سال عدت ۾ ويني، ۽ جنهن رات وزيرزادو جند ڇڏائي پڳو هو، تنهن رات سندس عدت جو مدو پورو ٿيو هو. سو پنهنجي هڪ ٻانهيءَ کي چيائين ته: ٻهاني سان ڪنهن ماڻهوءَ کي هتي وٺي اچ. مڃاڻ کو بادشاهه به کو چمڙا پوش ڪيو پريان پئي آيو. ٻانهي يڪدم هن کي سڏي چيو ته: ادا! آءٌ رن زال آهيان، منهنجي ڍڳي سَنڌوڙي ٻيٺي آهي، پلائي ڪري هلي ڏُهي ڏي! بادشاهه کي ان تي قياس اچي ويو، سو هن سان گڏجي گهر ويو. ٻانهيءَ هن کي وٺي وڃي گهر ۾ ويهاريو۽ سوداگرياڻيءَ کي جاڻ ڪيائين. ان وري سندس عقل پرکڻ لاءِ ٻه چار ڳجهارتون ٻاهي رکيون هيون، سو پهريائين ٻانهيءَ هٿان هڪ ٽالهه ۾ ٻه گدرا - هڪ ڪچو هڪ پڪو - وڃي بادشاهه ڏانهن موڪليائين. بادشاهه يڪدم ڳاڙهو پڪل گدرو ڪٽي کائي ڇڏيو، ۽ ڪچو گدرو ڇڏي ڏنو. ٻانهيءَ وڃي سوداگرياڻيءَ کي ڳالهه ٻڌائي، جنهن چيو ته: پلو ڪم ٿيو. هائي ٽئو ۽ ڪوسو پاڻي جدا جدا ٽانون ۾ وجهي، وڃي اڳيان رکينس. ٻانهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي. بادشاهه ٽئو پاڻي پيتو ۽ ڪوسي پاڻيءَ سان هٿ منهن ڌوئي ٽانو خالي ڪري واپس ڪيا. ٻانهيءَ وري به وڃي سوداگرياڻيءَ کي حقيقت ٻڌائي. تنهن وري ٿوري مشڪ ڏنيس ته بادشاهه کي ڏيئي اچي، ٻانهيءَ مشڪ کڻي وڃي بادشاهه کي ڏني، جو

ڪپڙن ۽ بدن کي مکي بالم ٿي ويهي رهيو. بانهيءَ اها خبر بہ سوداگرياڻيءَ کي وڃي ٻڌائي. تڏهن بانهيءَ کي چيائين تہ: هن پُرڪ کي باهر اماڻي، ڪو ٻيو ماڻهو وٺي اچ. بانهيءَ در کولي، بادشاهہ کي ڏکا ڏيئي باهر ڪري ڇڏيو.

بانهي وري بہ اچي باهر بيٺي. ايتري ۾ پريان وزيرزادو سهڪندو سفکندو پئي آيو. بانهيءَ ان کي سڏي ساڳيءَ طرح چيو تہ: ابا! آءٌ رن زال آهيان، ڏڳي سنڌوڙي بيٺي اٿم، سا هلي ڏُهي ڏي. وزير زادي بيهي، خيال ڪري جواب ڏنس تہ: امڙ! ڏڳي ڏهڻ مون کي بہ ڪانہ اچي، پر هل ... ڪوشش ڪنداسين. بانهي هن کي وٺي اندر ويئي. بادشاهہ بہ اڃان اتي ئي پر پاسي ۾ بيٺو هو، تنهن خيال ڪيو تہ: هي ڇا آهي؟ ڏڳي ڏهڻ جو بهانو ڪري سيٺي کي اندر پيئي وٺي وڃي! سو ڇا ڪيائين جو لکي لکي، اندر گهر ۾ گهڙي ويو ۽ ڪنڌ پاسو وٺي ويهي رهيو.

بانهيءَ وزيرزادي کي بہ ساڳيءَ طرح بہ گدرا آٽي ڏنا. وزيرزادي ڇا ڪيو جو ڪچي ۽ ڳاڙهي گدري جون ڏڳريون ناهي، ڳاڙهي جي ڏڳري ڪچي ۾، ڪچي جي ڳاڙهي ۾ هٽي، ٽالهہ واپس ڪٽي بانهيءَ کي ڏنو، جو هن وڃي سوداگرياڻيءَ کي ڏنو. وري ڪوسو ٽڏو پاڻي آيو. وزيرزادي ڇا ڪيو جو ٻئي پاڻي گڏي، واپس ڏياري موڪليائين. وري مشڪ آئي، وزيرادي وري بہ ڇا ڪيو جو سموري مشڪ، ڪٽ جي پائي هينان ڪڍ ڪوٽي پوري ڇڏي. بانهيءَ موٽي وڃي سوداگرياڻيءَ سان ڳالهہ ڪئي. جنهن تي هن چيس تہ: چگو ٿيو. هاڻي هن کي وڃي چئو تہ: تون هينئر وڃ، اسين پاڻهي ٽوڪي ڳولي لهنداسين! وزيرزادو يڪدم باهر نڪري هليو ويو.

بادشاهہ بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو، تنهن کي اچي چورا ڪورا ٿي تہ انهيءَ ۾ مڙئي ڪو راز لکل آهي، سو ڪا اٽڪل ڪري معلوم ڪرڻ

گهرجي. نيٺ وڪ ڪٽي وڃي وزيرزادي کي جهليائين ۽ ۽ پڇيائينس ته: چوڪرا! ڪير آهين، ۽ هن بيگاهه وقت ۾ ڇو پيو رلين؟ وزيرزادي دل جهلي چيس ته: آءٌ غريب مسڪين آهيان، ڪنهن ڪم ڪار سانگي نڪري پيو آهيان. بادشاهه کي ته ڪنهن به صورت ۾ هن کي جهلڻو هو، سو هڪدم ڪٽي هٿڪڙيون هنيائينس - چئي: تون چور آهين. پوءِ سڏو وڃي قيد ۾ هنيائينس ۽ چوڪيدارن کي حڪم ڪيائين ته: سياڻي صبح جو دربار ۾ حاضر ڪجوس. صبح جو وزيرزادو دربار ۾ پيش ٿيو. وزير پنهنجو پٽ ڏسي ڪامي ويو، پر ڪري ڪجهه به نٿي سگهيو. ايتري ۾ بادشاهه هڪل ڪيس ته: چوڪرا! ڪر خبر، رات ڏڳي ڪيئن ڏڏي! وزيرزادي نهه پهه جواب ڏنس ته: جيئن توهان ڏڏي! بادشاهه چيو ته سو وري ڪيئن؟ سچ ٻڌاءِ نه ته قاسيءَ تي چاڙهبئي. وزيرزادي چيو ته: بادشاهه سلامت! قاسيءَ چاڙهين ته پلي چاڙهه، پر ڏڳي جيئن تو ڏڏي، تيئن مون به ڏڏي! بادشاهه حڪم ڪيو ته: يڪدم قاهيءَ تي ٽنگيوس! سپاهي هن کي قاسي واري هنڌ تي وٺي ويا. بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته پاڻهي موت جي پڙ کان سچي ڪندو، پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پٽ.

هوڏانهن وري سوداگرياڻيءَ کي ٻانهيءَ وڃي ٻڌايو ته: چوڪرو ٽو قاهي چڙهي، ويل هيءَ اٽيئي، نه ته مڙس ٽو وڃي! تڏهن هن پنهنجي نوڪرن کي هڪڙو ٽالهه سونين مهرن جو ڏيئي، قاسيءَ واري جاءِ ڏي موڪليو، ۽ چيائين ته: وڃي چئو ته انهيءَ چوڪري کان اسين مهرون پرڪائيندا سين، ته سچيون آهن يا ڪوڙيون! نوڪر ڊوڙندا ڊوڙندا قاسيءَ گهاٽ تي پهتا، ۽ آزيون نيزاريون ڪري قاسي روڪايائون. وزيرزادي کي جڏهن مهرون ڏيکاريون ويون، تڏهن هن چيو ته: ميان! هي مهرون آهن ته سچيون، پر هن بادشاهيءَ ۾ نه هلنديون! نوڪرن اهو جواب اڇي سوداگرياڻيءَ کي ٻڌايو، جنهن وري مڱڻ جي لپ ۽ ڪير جو وٽو نوڪرن کي ڏيئي چيو ته: چوڪري جي هڪڙي پاسي مڱ ۽ ٻئي پاسي ڪير

وڃي هاريو. هنن وڃي ائين ڪيو: تنهن تي وزيرزادي چيو ته: آءٌ سچي ٿو ڪريان، مونکي بادشاهه وٽ وٺي هلو.

چوڪيدار هن کي وٺي بادشاهه وٽ آيا. بادشاهه به هن کي ڏسي خوش ٿيو ۽ چيائين ته: چوڪرا! خسيس ڳالهه لاءِ هروپرو ٽي پنهنجي جواني وڃايئي. هاڻي سچي ڪر ته ڏڳي ڪيئن ڏڏي؟ وزيرزادي چيو ته: بادشاهه سلامت! جڏهن ڪچو پڪو گدرو مليم، تڏهن ان جون ڏگريون ڪري، ڪچي کي پڪي سان، ۽ پڪي کي ڪچي سان گڏي موڪليم، انهيءَ جو اهو مطلب ٿيو ته ڪَچِي پَڪِي گڏ ڪائينداسون. هن وري ڪوسوءِ ٽڏو پاڻي موڪليو، اهو به مون ملائي موتائي ڏنو- انهيءَ جي معني اها ته ڪوسيءُ ٽڏيءَ ۾ به گڏ گذارينداسين. وري مشڪ ڏياري موڪليائين، جا مون ڪڏ ڪوٽي پوري چڏي. انهيءُ جو مطلب ٿيو ته اها ڳالهه ڳجهه ۾ رهندي ۽ ڪنهن کي به سڏ نه ڪري. پوءِ هنن چيو ته تون وڃ، توکي پاڻهي ڳولهي لهنداسين. ٻاهر نڪتس ته توهين منهن ۾ملڻيا. صبح جو مون کان سوال ڪيو، جنهن مان پڪ ٿي ته اها ڳجهارت توهان کي به مليل آهي. توهان جڏهن مون کان سوال ڪيو، تڏهن سوداگرياڻي سان ڪيل وعدي موجب نه ٻڌايم، ۽ قاسيءَ چڙهڻ لاءِ راضي ٿيس. وري جڏهن اوهان قاسيءُ جو حڪم ڏنو، تڏهن وات تي هن جي ٻانهيءَ مونکي ڏنو، جنهن وڃي سموري ڳالهه ڪيس ٻڌائي. تنهن تي مهرن جو ٽالهه پنهنجن نوڪرن هٿان ڏياري موڪليائين ته هي پرڪي ڏي. مون جواب ڏياري موڪلڻو ته، هي مهرون آهن ته سچيون، پر هن ڏيهه ۾ نه ملنديون. انهيءَ ڳالهه جو مطلب هيءُ ٿيو ته هن چيو ته سپاهين کي مهرون ڏيئي جند ڇڏاءِ. مون جواب ڏياري موڪليومانس ته، هي مهرن مان راضي نه ٿيندا، ڇاڪاڻ ته بادشاهه کان ڊڄن ٿا. تنهن تي هن مڳ ۽ کير موڪليو، جو سندس نوڪرن آڻي ٻنهي پاسن کان هاريو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته: هن چوائي موڪليو ته وات ۾ مڳ ڇو پيا اٿئي،

کير وانگر اڇي ڳالھ ڪري ڏي! پوءِ مون سپاهين کي چيو تہ، بادشاھ وٽ وڃي ھلوم. ڇو جو ڳالھ ڪولي ٻڌائڻ جي اجازت ملي ويئي اٿم. سو بادشاھ سلامت! انھيءَ نموني ۾ ڏيڻي ڏڏي.

ايتري ۾ وزيرزادي جي ٻانھي ٻہ سھڪندي اڇي دربار ۾ پھتي، ۽ بادشاھ کي چيائين تہ: بادشاھ سلامت! وزيرزادو رات الاجي ڪيڏانھن گم ٿي ويو آھي. تنھن تي وزير يڪدم چيس تہ: انڌي! ڏسين نٿي ھو وزيرزادو ٻيئو آھي! ٻانھيءَ رڙ ڪري چيو تہ: ھائو ھائو. ھيءُ ئي وزيرزادو آھي! اِتي بادشاھ جا ڦ ڦري ويا. تنھن ٿي وزير ياد ڏياريس تہ: بادشاھ سلامت! ڪيئن ٿا پانيو، علم وڏيڪ يا عقل؟ بادشاھ پنھنجي ھار مڃي، وزير کي ڪٽي پاکر پاٽو. پوءِ وزيرزادي جي شادي، سوداگرياڻيءَ سان نھايت ڏام ڏوم سان ڪرائي، کين دولت سان ڏيئي ڇڏيائين.

●●●

۲۱ـ دوستي زال جي يا مرد جي؟ *

هڪڙي بادشاهه جي ڪنهن عورت سان ڏاڍي دل هوندي هئي. هوءَ پنهنجي مڪر فريب سان بادشاهه کي سچي دوستيءَ جو اعتبار ڏيندي هئي، ۽ چوندي هيس ته: منهنجو ساهه به تو تان قربان آهي. هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهجي وزير کي چيو ته: وزير! دوستيءَ ۾ زال ذات ڏاڍي پختي ٿيندي آهي. وزير عرض ڪيو: سائين! دوستي مرد جي...عورت کي دوستيءَ جي ڪهڙي خبر ته دوستي چا ٿيندي آهي! بادشاهه هڪ تي، وزير بيءَ تي، آخر پنهي ۾ شرط ٻڌي، انجام ڪيو ته پنهي مان جيڪو شرط هارائيندو، سو پورا ڇهه مهينا پلنگ تي نه سمهندو.

پهريائين بادشاهه چيو ته: زال جي دوستي آزمائجي. سو وزير کي سانڀ ڪري آيو عورت جي مڪان تي، ۽ ڇوٽ ۾ اچي چيائينس: پلو ٿيئي! سچي بادشاهي مون مان ناراض ٿي پيئي آهي، ۽ ارادو ڪيو اٿن ته راتو رات مونکي ماري، وزير کي ڪٽي تخت تي ويهارين. سو هاڻي بادشاهي ته وڃي ڪڏ ۾ پوي، پر سر ٿو وڃي...هاڻي پلاني ڪر. رات مونکي پنهنجي گهر ۾ لکڻ ڏي، صبح جو پنهنجو ٻنو پ ٻيهي ڪندس. عورت جا حواس ئي گم ٿي ويا-چئي: بادشاهه سلامت! واهه تنهنجي دوستي! پاڻ ته مرين ٿو، پر مونکي به ٿو مارائين؟ سچي جهان کي خبر آهي ته تنهنجي مون سان دوستي آهي، تنهڪري هو مارڻ وارا توکي هتي به ضرور ڳولڻ ايندا. سو سائين منهنجا! هتان کسڪ.

وزير ٻاهر لکو ٻينو هو، تنهن هنن جي سچي گفتگو ٻيني

* هيءَ ڳالهه اُتر (تعلقي اُباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

ٻڌي. جڏهن بادشاهه نا اميد ٿي موٽي آيو، تڏهن وزير چيس تہ: بادشاهه سلامت ! ياري هميشہ مرد جي هوندي آهي، زال جي ڪهڙي ياري؟ هاڻي مون سان گڏجي هلي ڏسو تہ مرد ڪيئن ٿا ياري نباهين! منهنجا ٻي دوست آهن: هڪ حجم، ٻيو چور ۽ ٽيون فقير. هلي ٿا انهن کي آزمايون. بادشاهه اها ڳالهہ قبول ڪري هن سان گڏ روانو ٿيو.

بادشاهه ۽ وزير جڏهن حجم جي گهر وٽ پهتا، تڏهن بادشاهه باهران لکي ٻيٺو، ۽ وزير حجم کي سڏ ڪيو. حجم نڪري آيو ۽ وزير کي ٻاکر پائي اچي مليو. پوءِ خبرون پڇيائينس تہ: ادا! هن وقت ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ وزير ٻڌايس تہ: بادشاهه سلامت ڪنهن ڳالهہ تان مون ٻي ناراض ٿيو آهي، سو سپاٽي موڪي قاسيءَ تي چاڙهيندو. دل ۾ خيال ڪيم تہ سپاٽي متان موقعو نہ ملي-تنهنڪري راتوڏو يارن کان موڪلائي اچان. حجم اها ڳالهہ ٻڌي وزير کي چيو تہ: سائين! پرواهہ نہ ڪر، مان روزانو صبح جو بادشاهه جي حجامت بنائڻ ويندو آهيان. سانجهيءَ پاڪي اهڙي ٿو لائي رکان، جو سپاٽي رڳو بادشاهه جي گردن تي رکڻ جي ڏير ٿيندي، نہ بادشاهه هوندو،نہ توکي قاسي ڏيندو. هاڻي تون ٻلي وڃي مزي سان ننڊ ڪر! بادشاهه اها ڳالهہ ٻڌي عبرت ۾ پئجي ويو. جڏهن وزير گهڙي کن ڪچهري ڪري، حجم کان موڪلائي بادشاهه وٽ آيو، تڏهن چيائينس تہ: سائين! سپاٽي هوشيار رهجو، متان حجامت ڪرائڻ وقت گردن ئي نہ لپي. پوءِ تہ وري ڳالهيون ڪندا، چور جي گهر ڏانهن روانا ٿيا.

چور جي در تي پهچي، بادشاهه وري بہ هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ لڪي ويهي رهيو، ۽ وزير اچي چور کي سڏ ڪيو. سڏ تي هن اندران ئي سڏ جو جواب ڏنو، پر باهر ڪونہ نڪتو. ڪجهہ وقت کان پوءِ وزير وري سڏ ڪيو، مگر چور وري بہ اندران جواب ڏنو، باقي باهر ڪونہ نڪتو. آخر جڏهن ٽيون سڏ ڪيائين، تڏهن هو باهر نڪتو. وزير پڇيس: يار! اڳي تہ

هڪدم ٻاهر نڪري ايندو هئين، اڄ ڇو ايتري دير ڪيئي تڏهن چور ٻڌايس تہ: يار! اڄ تون اويلو آيو آهين، خيال ڪيم تہ متان پنيان کو دشمن نہ هجيس، تہ پوءِ هٿين خالي ڇا ڪندس. تنهنڪري ٽرار ڪلهوتي مان ڪڍيم، وري اُن تان ويڙهيل اڳڙيون ٽڪڙيون لاٿم، تيسين دير ٿي ويم. ڏاڍي حڪم تنهنجو! سر ٻ حاضر آهي ۽ هٿيار ٻ هٿ ۾ آهي. وزير چيس تہ: ادا! اڄ خير ڪونهي، بادشاهہ سلامت مون تي ڏاڍو ناراض ٿي پيو آهي، سو سپاٽي مونکي ڦاهيءَ چاڙهيندو، ان ڪري چيم تہ رات ئي رات ۾ يارن دوستارن کان تہ موڪلائي ونان! تنهن تي چور چيس تہ: ادا! ڳالهہ ٻ اها؟ مونکي ڏڳو ايترو ٻڌاءِ تہ رات جو بادشاهہ ڪٿي سمهندو آهي؟ رات ئي رات ۾ ٿو سر لاهي اچانس-پوءِ سپاٽي نڪو هوندو، نڪي توکي مارائيندو. هاڻي وڃي بي ڪنڪو ٿي سمهي رهہ! وزير، چور کان موڪلائي جڏهن بادشاهہ سان مليو، تڏهن چيائينس تہ: بادشاهہ سلامت! رات جو خيال ڪري سمهجو! چور آهي منهنجو دوست، مڙندو بنهہ ڪونہ.

اتان ٿي ٻئي ڇٽا باقي ٽئين دوست کي آزمائڻ لاءِ روانا ٿيا. جڏهن فقير جي اوتاري وٽ پهتا، تڏهن بادشاهہ وري ٻ هڪڙي ڪنڌ جهلي بيهي رهيو. وزير وڃي فقير کي سڏ ڪيو. هو سڏ تي قلندري ڏنڊو ڪڇ ۾ ڪري باهر نڪري آيو. وزير کي در تي ڏسي پڇيائينس تہ: وڏير! خير تہ آهي، هن وقت اڄ ڪيئن نڪري پيو آهين؟ فقير کي ادب سان چيائين تہ: فقير سائين! بادشاهہ سلامت جي ڪاوڙ کي سڃاڻين ٿو، هروپرو اڇي ناراض ٿيو آهي، ۽ حڪم ڪيو اٿس تہ سپاٽي مونکي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي. تڏهن خيال آيم تہ چونہ يارن کان موڪلائي اچان. فقير چيس تہ: بس بابا! ڳالهہ ٻ ايتري؟ جي بادشاهہ توکي ڦاهيءَ چاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس تخت تاج ٻ وري اونڌو ڪسند ين. تون مان ڪري رجي سکيو ٿي سمهہ، صبح جو مان پاٽيهي اڇي ڦاسيءَ

واري جاءِ تي حاضر ٿيندس...جي بادشاهه نه مُڙيو ته شهر ئي اونڌو هوندس. فقير کان موڪلائي وزير اچي بادشاهه سان مليو ۽ چيائينس ته: سائين! يار آهن ٿيئي سچار- خيال ڪجو، متان جهڳوئي نه سڄ ٿي وڃي.

بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته سپاٽي جا ياڳ سپاٽي سان. رات جو ڪو بندوبست ڪجي، سو چا ڪيائين جو گهوڙن جي سئيس کي اُتاري پنهنجي جاءِ تي سمهاريائين اُن کي تاکيد ڪيائين ته: نند هرگز نه ڪج-نه ته سر سلامت نه رهند ئي؟ سئيس گهٽيئي ڪَن تار ڪئي ته: سائين! مان اوهان جي هنڌ تي ڪيئن سمهان؟ پر بادشاهه چيس ته توکي حڪم مڃڻو آهي. پوءِ ته هڪ سئو سپاهي پنهنجي هنڌ تي پهريدار ٻهاري، پاڻ وڃي سئيس جي هنڌ تي سمهي رهيو.

چور به هئُو مَئو ٽاري، اچي بادشاهه جي محلات ۾ پهتو، پر سخت پهرو ڏسي منجهي پيو. سڄي رات انهيءَ تاڙ ۾ رهيو ته ڪنهن طرح پهري وارا ڪجهه غافل ٿين، ته پوءِ بادشاهه جو سر لاهيان. آخر جڏهن اَسر ٿيو، تڏهن پهري وارن کي نند جا گهيرٽ اچڻ لڳا. هيءُ مڙس به وجهه وٺي، پهري وارن سان رلجي ويو، ۽ آخر وڃي بادشاهه جي پلنگ تي پهتو، ۽ يڪدم ڪيندي ترار ٽڪاءُ جو ڪٽي ڪري، ته سئيس جو سر ڌڙ کان جدا ٿي وڃي پلنگ کان هيٺ ڪريو. پوءِ لڪي لڪي محلات کان ٻاهر هليو ويو.

صبح جو بادشاهه اچي ڏسي ته سئيس جو سر ڌڙ کان ڌار آهي. ڏٺيءَ جو شڪر ڪيائين جو پاڻ بچي ويو هو. دل ۾ خيال ڪيائين ته، وزير جو هڪ دوست ته سچو نڪتو، باقي ٻيا ڏسجن. اجان انهيءَ خيال ۾ بينو هو ته حجم به سامان سميت اچي حاضر ٿيو. بادشاهه کي رات واري ڳالهه ياد ٻيني هئي، سو حجم کي چيائين ته: مان اڄ حجامت ڪونه ڪرائيندس، تون سپاٽي اڇ. حجم عرض ڪرڻ لڳو ته: جيئندا

قبلا! هي عاليشان پاڪي، مان ڏاڍيءَ محنت سان تيار ڪري آيو آهيان، اوهان حجامت ڪرائي ته ڏسو! پر بادشاهه صاف انڪار ڪيو. تڏهن وري حجام چيس ته: سائين! سياڻي مان ٻاهر ويندس، تنهنڪري توهين اڄ ضرور حجامت ڪرايو. بادشاهه کي اڇي پنهنجي خوف ورتو، هوڏانهن حجم کي اهو خيال ته 'متان قولئون نه ڪوڙو ٿيان،... سو پاڪي ٻاهر ڪڍي حجامت ڪرائڻ لاءِ بادشاهه کي مجبور ڪرڻ لڳو. بادشاهه کي پڪ ٿي ته هاڻي خير ڪونهي - تنهن ڪري وارن سپاهين کي حڪم ڏنو ته: هن حجم کي يڪدم هتان لوڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

نيٺ اهو وقت آيو جو بادشاهه، وزير کي گهرائي ڦاسيءَ جو دڙڪو ڏيڻ لڳو. فقير به هڪڙي ڪنڌ جهلي اڇي وينو هو، تنهن بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيڪڏهن وزير کي ڦاسيءَ تي لٽڪائيندين ته تخت بخت سڀ اونڌو ٿي ويندءِ! ايتري چوڻ سان يڪدم تخت کي هڪ معمولي لوڏو آيو، ۽ بادشاهه، تخت سميت ٽاپڙجي وڃي پريِ ڪريو. تڏهن بادشاهه کي يقين آيو ته واقعي هي فقير به ڪو پهتل شخص آهي، سو يڪدم وڃي فقير جي پيرن تي ڪريو ۽ اُن کان معافي ورتائين. پوءِ وزير کي گهرائي چيائين ته: ٻيشڪ تنهنجا دوست سچا آهن، ۽ دوستي به واقعي مرد جي .. زال جي ياري ٻي اعتبار آهي.

پوءِ وزير جي دوستن کي گهرائي، ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيائين، ۽ پاڻ به اُنهن سان دوستي ڳنڍيائين. تنهن کان پوءِ اُن عورت کي گهرائي، تمام بيعزتو ڪري شهر نيڪالي ڏيئي ڪڍي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح وزير شرط ڪٽي، جنهنڪري انجام موجب بادشاهه پورا ڇهه مهينا پلنگ تي نه سُتو.

●●●

۲۲ـ سچ چوڪرو *

هڪڙو هو چوڪرو - ان جو نالو ته الاجي ڪهڙو هو، پر هو هميشه سچ ڳالهائيندو هو. تنهنڪري هن کي سڏيندائي "سچ چوڪرو" هئا. ان چوڪري جا ماءُ پيءُ مري ويا هئا، فقط پوڙهي ناني هيس، جا به اک ڪان ڪاڻي هئي. چوڪرو روزانو ڪانيون ڪري آڻي نانيءَ کي ڏيندو هو، جا اُهي ڪانيون وڪڻي ان مان پنهنجو ۽ ڏُهٽي جو گذران ڪندي هئي. ٿورا گهڻا ڏينهن خدا جا گذريا، ته هڪڙي ڏينهن ٻڌڙيءَ چا ڪيو، جو هار سينگار ڪري، ڪپڙا لٽا پهري ويهي رهي. ان وقت سچ چوڪرو به ڪانيون ڪري گهر آيو. نانيءَ جو هار سينگار ڏسي، ڪانئس ان جو سبب پڇيائين. نانيءَ چيس ته اڳ ۾ ٻڌاءِ ته مونکي سرمون ڏهي ٿو يا نه؟ سچ چوڪري چيس ته: سڄيءَ اک ۾ سرمون ڏهي ٿو، پر ڪاڻيءَ اک ۾ نٿو ڏهئي! بس، پوڙهي ڪاوڙ ۾ باهر ٿي ويئي. يڪدم هن کي چيائين ته: نڪر ماريا گهر مؤن! چوڪري به چا ڪيو، جو بوچڻ ڪلهي تي رکي ٿيو راهي، ۽ وڃي هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ نڪتو. ويچاري گهٽئي حيلا ڪيا ته ڪو روزگار ملي، پر پرديسي هجڻ سبب ڪنهن به ماڻهوءَ هن تي اعتبار نه ڪيو. سڄو ڏينهن رُلي رُلي ٽڪجي پيو هو، سو شهر کان ٻاهر اچي، هڪڙي هنڌ ويهي رهيو ۽ اُتي گڏڙي کوڙڻ لڳو. اوچتو اُتان بادشاهه جو وزير اچي لنگهيو. جنهن چوڪري کان پڇيو ته: چا ٿو ڪرين؟ چوڪري وراڻيو ته: جيڪو ڪڏ ڪٽي، سو پاڻ پوي. وزير کي هن جو گفتو وڻيو ۽ پڇيائينس ته: توکي چا کپي؟ چوڪري چيو ته: آءٌ بکيو آهيان، موٽکي ماني کاراءِ. وزير کيس

* هيءَ ڳالهه اُتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

گهر وڃي وڃي ماني کارائي. آخر جڏهن چوڪري سمورو احوال ڪري ٻڌايس، تڏهن هن کي ٻُڌيلو ڪري پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيائين. هيءُ روزانو وزير جي پٽ سان گڏ مڪتب ويندو هو. هڪڙي ڏينهن جيئن هي ٻئي ڇوڪرا مڪتب مان پڙهي گهر موٽيا، تہ ڏٺائون تہ وزير اوندي منجي ڪري سمهيو پيو آهي. وزير زادو پيءُ کي هن حال ۾ ڏسي، بنان پڇڻ ڇي هليو ويو، پر سڄ ڇوڪرو اڇي مٿان بينس، ۽ پڇيائينس تہ: هيءُ حال ڇو ڪيو اٿوَ؟ وزير ڪيس ٻڌايو تہ: بادشاهہ جي گهوڙيءَ کي انين اٽين ڏينهن پيٽ ۾ سور پوندو آهي. هو علاج ڪري ڪري ڪ ٿي پيو آهي اڄ مونکي گهرائي چيائين تہ، جيڪڏهن گهوڙيءَ جي پيٽ جو سور لاهي نہ ڏيندين، تہ جيئري گڏهہ جي پيٽ ۾ سبائي ڇڏبئي. انهيءَ مونجهاري ۾ هي حال ڪيو اٿم. ڇوڪري ڪيس دلجاءِ ڏني، ۽ چيائينس تہ: توهين بادشاهہ ڏي وڃي ٻڌايو تہ انين ڏينهن انهيءَ جو جواب ڏيندس. وزير وڃي بادشاهہ سان اها ڳالهہ ڪئي، جنهن هن کي انن ڏينهن جي مهلت ڏني.

انين ڏينهن گهوڙيءَ کي پيٽ ۾ سور پوٽو هو، ان ڏينهن وزير، سڄ ڇوڪري کي گهوڙي تي چاڙهي بادشاهہ وٽ وٺي ويو. اڃان وينا ئي مس تہ گهوڙيءَ کي پيٽ ۾ اهڙو سور پيو، جو زمين تي ڦهڪو ڪيائين، ۽ اتي ئي ڦٽڪ لڳي. تنهن تي بادشاهہ چيو تہ: هُون! هُون! وزير چيو تہ: جئين قبلا تون! هيءُ ڇوڪرو جواب ڏيندو. سڄ ڇوڪرو اُٺي بيهي بادشاهہ کي چوڻ لڳو تہ: بادشاهہ سلامت! گهوڙيءَ جي پيٽ ۾ بہ قر آهن... هڪ سامونڊي ۽ ٻيو سينڊو. اهي ٻئي پاڻ ۾ وڙهن ٿا، جنهن ڪري گهوڙيءَ کي پيٽ ۾ سور پوي ٿو. جيڪڏهن منهنجيءَ ڳالهہ تي ويساهہ نہ ڪريو، تہ هن جو پيٽ چيرائي ڏسو. تنهن تي بادشاهہ سيني اميرن وزيرن جي آڏو گهوڙيءَ جو پيٽ چيرايو تہ برابر هن جي پيٽ

مان هڪڙو سامونڊي ۽ ٻيو سينڊو ڦر نڪتا. بادشاهه چوڪري جي عقل تي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هن کي ڏاڍو انعام ڏنائين.

قصو ڪوتاهه - چوڪرو، وزير سان گڏجي روزانو بادشاهه جي دربار ۾ ايندو هو. بادشاهه به هن جون عقل واريون ڳالهيون ٻڌي، هن تي ڏينهون ڏينهن راضي ٿيندو ويو. آخر وزير کي اچي ڊپ لڳو ته متان بادشاهه مون کان وزيري کسي هن چوڪري کي ڏئي؛ تنهنڪري هن کي مارائڻ جا گهاٽ گهڙڻ لڳو. آخر هڪڙي ڏينهن پنهنجي رازدار ڪاسائي کي چيائين ته: سپاٽي چوڪرو گوشت ونڻ ايندو، ان کي لڪائي ڪُهي هلائي چڏجانءِ. ٻئي ڏينهن وزير، سچ چوڪري کي گوشت ونڻ لاءِ روانو ڪيو. هو اڃان ٻاهر نڪتو، ڏسي ته پريان وزير جو پٽ روئندو ٻيو اچي. سچ چوڪري پڇيس ته: چو ٿو روئين؟ هن چيو ته: ٻارن منهنجون ڪوڏيون کسيون آهن. تنهن تي سچ چوڪري چيس ته: چڱو، تون گوشت ونڻ اڃ، ته مان تو تنهنجون ڪوڏيون ٻارن کان ونڻي اڇان. هو جڏهن ٻارن کان ڪوڏيون ونڻي گهر جي دروازي وٽ آيو، تڏهن وزير مليس. جنهن هن کي جيئرو جاڳندو ڏسي، حيرت مان پڇيو ته: گوشت آندءِ؟ سچ چوڪري چيس ته: ادي کي موڪليو اٿم. اتي وزير ٻئي هٿ کٽي سٽرن تي هنيا. چوڪرو سمجهي ويو، تنهن کٽي اڳتي پنڌ چڪيو، ۽ وڃي ڪنهن ٻي بادشاهيءَ ۾ نڪتو.

ان ڏينهن شهزادو سير ڪرڻ لاءِ ويو. جڏهن درياءَ تي پهتو، تڏهن اتي ٻيڻل غوراب ۾ هڪڙي عورت ڏسجڻ ۾ آيس، جنهن شهزادي کي ڏسي کٽي ڏندن تي هٿ رکيا، پوءِ اکين تي، ان کان پوءِ ٻانهن تي ۽ دُن تي هٿ رکي غائب ٿي ويئي. شهزادو هن جي حسن جو تاب نه سهي، اتي ئي ڏندڻجي ڪري پيو. اتفاق سان بادشاهه جا سپاهي اتان اچي لنگهيا، جن شهزادي کي کٽي گهر آندو، ڪيترائي ڏس پنڌ ۽ علاج

ڪيائون، پر شهزادو انهيءَ حالت ۾ رهيو. اتي بادشاهه، وزير کي چيو ته: اڳ به گهوڙيءَ جو سور تو لڏو هو، هاڻي شهزادي جو علاج به تون ئي ڪر.

وزير، بادشاهه کان گهوڙو ناڻي جو وڃي راهي ٿيو. هڪليندو هڪليندو وڃي انهيءَ بادشاهيءَ ۾ نڪتو، جنهن ۾ سچ چوڪرو رهيل هو. وزير شهر ۾ پئي گهميو ته چوڪري جي مٿس نگاهه وڃي پيئي. دل ۾ چيائين ته وزير مون سان ڪهڙي چگائي ڪئي هئي جو وڃانس؟ پر پوءِ خيال ڪيائين ته هن جو ڪجهه وقت نمڪ ڪاڏو اٿم: تنهنڪري هلي وڃي هن کان حال احوال ورتائين. وزير کيس ٻڌايو ته: شهزادو بيمار ٿي پيو آهي. ڪچي پچي کونه ٿو: رڳو اکين تي هٿ ٿو رکي، پوءِ ڏندن تي، وري ٻانهن ۽ دُن تي ٿو هٿ رکي. اها ڳالهه ڪنهن کي به سمجهه ۾ نٿي اچي. بادشاهه جي حڪم سان انهيءَ بيماريءَ سمجهڻ لاءِ ڪري پيو آهيان، جي ڪٿان به شهزادي جو علاج نه ٿيو ته مري ويندس. سچ چوڪري خيال ڪيو ته ڳالهه سولي آهي، وزير مون سان چگائي ته ڪانه ڪئي آهي، پر آڻ ساڻس پلائي ڪريان. پوءِ وزير سان گڏجي موٽ ڪاڏائين. سڏو شهزادي وٽ آيا، جو پلنگ تي پيو هو. چوڪري اشاري سان خبر چار پچيس. شهزادي پهريائين ڏندن تي هٿ رکيا، پوءِ اکين تي هٿ رکيا، وري ٻانهن تي هٿ رکيائين ۽ پوءِ دُن تي. تنهن تي سچ چوڪري بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! شهزادي کي ڪنهن عورت ڏيکائي ڏني آهي ۽ شهزادي کي پنهنجا پار پتا ڏيئي وئي آهي. جڏهن هن عورت ڏندن تي هٿ رکيا، تڏهن مام ڏنائين ته آڻ ڏاندار شهر جي رهاڪو آهيان. وري جڏهن اکين تي هٿ رکيائين، تڏهن چيائين ته منهنجو نالو نيٽان ٻاڻي آهي. وري جڏهن ٻانهن تي هٿ رکيائين، تڏهن چيائين ته مان چوڙيگر جي ڌيءَ آهيان، پوءِ وري جڏهن دُن تي هٿ رکيائين، تڏهن چيائين ته آڻ وچ شهر ۾ ويني آهيان. سچ چوڪري اڃان

ڳالھ پوري ئي کانہ کئي تہ بادشاھ جو پٽ آڻي کڙو ٿيو، ۽ پيءُ کي چيائين تہ : بابا! آءٌ شادي ڪندس تہ انھيءَ سان! بادشاھ پڙھو گھمايو تہ جيڪو ماڻھو اھا عورت منھنجي پٽ کي ملائيندو، ان کي اڌ راج ۽ اڌ پاڻ جو ۽ وڏھر ڏيءَ جو سڳ ڏيندس. ٻئي ڏينھن بہ اھا ھام ٿہ ھنئي، تنھن تي سچ چوکرو شھزادي کي تيار ڪري، خرزين ناڻي جي پرائي گھوڙي تي چڙھي ڏاندار شھر ڏانھن روانا ٿيا.

ٿورن گھٽن ڏينھن کان پوءِ اچي ڏاندار شھر ۾ نڪتا، ۽ ھڪ آرائڻ وٽ وڃي ٽڪيا. آرائڻ کي ھڪ مُنِ مھرن جي ڏنائون، جنھن ھنن کي رات ٽڪايو. صبح جو آرائڻ گل ڪٽي نڪتي. تنھن تي سچ چوکري پڇيس تہ: مائي! ڪيڏانھن تي وڃين؟ آرائڻ چيو تہ: وڃان ٿي چوڙيگر جي ڏيءَ کي گل ڏيڻ. تنھن تي سچ چوکري چيس ٿہ: اسان جو نياڻڙو بہ ڏيندينءَ؟ آرائڻ "ھائو" ڪئي. ھن چيس تہ: جڏھن گل ڏيئي موٽين، تڏھن چوڙيگر جي ڏيءَ کي رڳو ايترو چئجئين تہ: جيئي ساريئي، سيئي آيئي. جڏھن آرائڻ گل ڏيئي موٽي، تڏھن نيڻان ٻائي کي چيائين تہ: مائي! جيئي ساريئي سيئي آيئي. نيڻان ٻائي کي جا آئي ڪاوڙ، تنھن ھن کي ٻانھين کان جھلائي، ھن جي منھن، ھٿن ۽ پيرن کي چيٽو مَلي چڏي ڏنو. آرائڻ اچڻ سان ئي سچ چوکري ۽ شھزادي کي آڻي سگڻ تي ڪنيو. آخر جڏھن ڪاوڙ ڊري ٽيس، تڏھن ھنن کي سربستي ڳالھ ڪري ٻڌايائين. سچ چوکري سونين مھرن جو ٽالھ آرائڻ کي ڏنو، جا خوش ٿي ويھي رھي. جڏھن شھزادي، سچ چوکري کان پڇيو تہ: ادا، چا چيائين؟ ھن چيو تہ: ادا، چيو اٿس تہ ترسو، مسافريءَ جو ٽڪ پچو. ٻئي صبح تي وري بہ آرائڻ گل ڪٽي ھلي، تہ سچ چوکري ساڳيو نياپو ڏياري موڪليس. جڏھن آرائڻ گل ڏيئي موٽي، تڏھن نيڻان ٻائي کي چيائين تہ: مائي! جيئي ساريئي، سيئي آيئي. ھن وري بہ آرائڻ کي پڪڑي، ٿڌو گھمائي مُنھن ڪارو ڪري روانو ڪيس. آرائڻ بہ گھر ۾ گھڙڻ سان ئي

اچي مهمانن کي گارين جا دٻ چاڙهيا. سڄ چوڪري هن کي وهنجاري سهنجاري، وري به ٽالهه مهرن جو پري ڏنو، جنهنکري هوءَ خوش ٿي ويهي رهي. شهزادي سڄ چوڪري کان پڇيو ته: ادا! ڪهڙو حال آهي؟ هن جواب ڏنس ته: جواب مليو آهي ته في الحال ماني کائي تازا تواتا ٿيو ته پوءِ ملنداسين. ٽئين ڏينهن وري به آرائڻ گل ڪٽي هلي. سڄ چوڪري کيس وري به ساڳيو نياپو ڏنو. آرائڻ مهرن جي لالچ ٿي کانه ڪڍي. جڏهن گل ڏيئي موٽي، تڏهن ساڳيو نياپو ڏنائين. نيٽان ٻائيءَ وري به هن کي پڪڙي ڏاڍي مار ڪيي. پوءِ ٽالهه ۾ اٽي جا ٿي چاٽا رکي، انهن مان هڪڙي جي چوٽي ڏاهي، ٽالهه ڪٽي آرائڻ کي ڏنو. آرائڻ اهو ٽالهه آڻي سڄ چوڪري کي ڏنو. شهزادي پڇيو ته: اڄ چا چيائين؟ هن جواب ڏنو ته: چيو اٿس ته مقام ۾ ٿي قبا آهن، انهن مان جيڪو ٻٽو قبو آهي، اڄ رات ان ۾ ملنداسين. ٽپهريءَ جو سڄ چوڪرو، شهزادي کي فقيراڻو ويس ڪرائي، وڃي ٻٽي قبي ۾ سمهاري آيو. ان ڏينهن ڏاندار شهر جي ٻانيڻ، پوٽي پٽي ڏنو ته اڄ رات جو چوڙيگر جي ڏيءَ جو لڪيو، هڪڙي مسلمان سان ٻٽي قبي ۾ ٽيندو. ان وقت ئي چوڙيگر ڏي ماڻهو آيو، جنهن کي ٻانيڻ واري سڃي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. ٻانيڻ وري پنج ماڻهو چؤنکيءَ تي بيهاريا، چار ٻٽي قبي جي چئني طرفن کان، ۽ هڪڙو قبي واري وات تي.

جڏهن رات ٿي، تڏهن نيٽان ٻائي شراب سان چُوريءَ جو ٽالهه تيار ڪيو. پوءِ پڙو پائي پيرن ۾ چيرپون ٻڌي، قبي ڏانهن هلي. جڏهن قبي وٽ آئي، تڏهن چوڪيدارن کيس هڪل ڪئي ته: ڪير آهين؟ چي: ابا! ما سوناري جي ماءُ آهيان. منهنجو پٽ جهلجي ويو هو، سو هاٿي چُٽِي آيو آهي، هن جي سُڪان باسي هيم ته جڏهن چُٽِي ايندو، تڏهن رات جو ٻٽي قبي تي سُڪا ڏيندیس. هاٿي هيءُ ٽالهه چُوريءَ جو آندو اٿم. توهين ڪٽي ڪائو ته آءٌ هلي وڃان. چوڪيدارن اهو ٽالهه ونی کائڻ

شروع ڪيو. ڪائيندا ويا ۽ نشي ۾ چُور ٿي ڍهندا ويا. تڏهن نيٽان ٻائي قبي ۾ وڃي شهزادي سان ملي، ۽ آڏي رات جو واپس هلي آئي.

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ٻانيڻ پوٽي پٽي ڏني ته رات، شهزادي جو نيٽان ٻائيءَ سان لکيو پڙجي ويو. اها خبر وڃي بادشاهه سان ڪيائين، جنهن حڪم ڪيو ته: نيٽان ٻائيءَ کي يڪدم ڏاڳهه ٿي چاڙهيو وڃي. اها حالت ڏسي شهزادي، سچ چوکري کان پڇيو: هاڻي ڇا ڪجي؟ سچ چوکري ڇيس ته: لُنگ ڪڍي، مٿيءَ ۾ پيوت ٿي، ماٿهن جي انبوهه ۾ وڃي ڏاڳهه وٽ بيهه. جڏهن نيٽان ٻائي ڏاڳهه وٽ اچي، تڏهن ڪيس چئو ته: نيٽان ٻائي! چري ٿي آهين ڇا جو ڏاڳهه ٿي ٿي چڙهين؟ ائين ٿي فعا ڇڪج. پوءِ هوءَ ڏاڳهه تان پاڻهي ٽپي پوندي. جڏهن نيٽان ٻائي ڏاڳهه وٽ پهتي، تڏهن شهزادي پيوت ٿي اچي ٻانهن کان ورتس، ۽ چيائينس ته: نيٽان ٻائي! چري ٿي آهين ڇا جو ڏاڳهه ٿي ٿي چڙهين؟ اتي ٻانيڻ چيو ته: هيءَ هاڻي جُوني ٿي آهي. ڏارئي مذهب واري هٽ لاتو اٽس، تنهنڪري هاڻي اها اُن کي ڏيئي ڇڏيو ته ونڃي وجيس. شهزادو، نيٽان ٻائيءَ کي ونڃي هلڻ لڳو. پنيان سچ چوکرو به گهوڙا ڪاهي اچي پهتن ... پوءِ ٽيئي جڻا گهوڙن تي چڙهي اچي پنهنجي بادشاهي ۾ نڪتا. پير تي ڏونکو لڳي ويو. واهواهه ٿي ويئي. شهر ۾ پڙهو گهُمي ويو ته: بادشاهه سياڻي اڌ راڄ اڌ پاڳ جو، ۽ وڏهر ڏيءَ جو سڳ سچ چوکري کي ڏيندو. ٻئي ڏينهن بادشاهه پنهنجي ۽ سچ چوکري جي وهاڻ جو جوڙجڪ ڪيو. پر وهاڻ به کڻڻو! ڏسو ته کجريون پيون کُسن، ٻڪريون پيون نچن. ڍاڳ ڍڳڻيءَ جو نڪاءُ پيو پوي، ٻوڙ پلاءُ جا ڪڙيا پيا وهن، رک چپ تي ته چَپ پيٽ ۾. ڪاڇ خير سان پورو ٿيو. ڪالهه ڏُناسين ته ڏاڍا خوش وينا هئا.

●●●

۲۳ـ سوداگر ۽ وزيرزادي *

ڪنهن ملڪ جو هڪڙو بادشاهه هو، جو سخاوت ۽ انصاف ۾ پنهنجو مَٿ پاڻ هو. رعيت جو ايترو ته خيال هوندو هوس، جو روز رات جو چمڙاپوش ڊڪي، ملڪ جو واڍ سڻاءُ لهندو هو. هڪڙيءَ رات هميشه وانگر هو چمڙاپوش ڪري، جيئن محلات کان ٿورو اڳتي هليو، ته ڏسي ته ڪو نوجوان شخص، وزير جي محلات هيٺان بينو آهي. بادشاهه به لڪي بيهي ڏسڻ لڳو ته هي ڇا ٿو ڪري.

حقيقت ۾ اهو نوجوان هڪڙو سوداگر هو، جو وزير جي ڌيءَ تي عاشق هو، ۽ روزانو رات جو هن سان ملڻ لاءِ وزير جي محلات ۾ ايندو هو. اڄ به هميشه وانگر پهرين هن محلات تي ڪمند اڇلايو، پوءِ پٽ تي چڙهڻ لڳو. پر انهيءَ کان اڳ - جو هو پٽ ٽپي محلات ۾ داخل ٿئي - بادشاهه هن کي هڪل ڪئي ته: متا مٿي چڙهيو آهين! هڪل ٻڌڻ سان سوداگر يڪدم هيٺ لهي، ماڻ ڪري بيهي رهيو. بادشاهه هن کي اڇي پاڻهن کان جهليو ۽ پڇيائينس ته: ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين، ۽ هن بيگاهه وقت جو وزير جي محلات تي چو ٿي چڙهئين؟ ڏڌهن سوداگر چيس ته: پهرين تون ٻڌاءِ ته ڪير آهين، ۽ مون کي چو جهليو اٿئي؟ بادشاهه چيس ته: مان هن شهر جو ڪوتوال آهيان. منهنجو ڪم ئي آهي چورن ۽ بدمعاشن کي جهلي، بادشاهه اڳيان حاضر ڪرڻ. تون به ڪو چور ٿو ڏسجين، ان ڪري صبح جو توکي به بادشاهه وٽ حاضر ڪندس. ائين چئي بادشاهه هن کي ونيِ اڳتي هلڻ لڳو.

---

* هن ڳالهه جون ٻي روايتون: لاڙ (تعلقي ٽنڊي) مان عبدالله گندري، وچولي (تعلقي شهداد پور) مان ظفر بلوچ ۽ اتر (تعلقي لاڙڪاڻي) مان عبدالحق کان مليون.

ٿورو اڳتي هلي نوجوان سوداگر، بادشاهه کي عرض ڪيو ته: ڪوٽوال صاحب! خدا جي واسطي هن وقت مون کي ڇڏ، آءٌ صبح جو پاڻيهي اچي تو وٽ حاضر ٿيندس. جڏهن بادشاهه اها ڳالهه نه مڃي، تڏهن وري چيائينس ته: مان فلاڻي سوداگر جو پٽ آهيان، جيڪڏهن تو کي مون تي اعتبار نه ٿو اچي، ته مون سان گڏجي هل - مان توکي پنهنجو پيءُ ٿو ضامن ڏيان. پهرين ته اها ڳالهه به بادشاهه نه ٿي مڃي، پر پوءِ جڏهن سوداگر تمام گهٽيون منٿون ڪيس، تڏهن اُن سان گڏجي هن جي پيءُ وٽ آيو. سوداگر جو پيرسن پيءُ نيڪ انسان هو. تنهن کي جڏهن بادشاهه ٻڌايو ته: تنهنجي پٽ کي رات جي وقت وزير جي محلات ۾ ٿيندي گرفتار ڪيو اٿم، تڏهن هن ضامن پوڻ کان انڪار ڪيو ۽ بادشاهه کي چيائين ته: مون هن کي رات جو گهمڻ ٽان ڪيترا دفعا منع ڪئي، پر هن نه مڃيو، تنهنڪري هاڻي هن نافرمان کي تون پلي وڻي وڃي بادشاهه وٽ حاضر ڪر، ته کا سيڪٽ اچيس. اهو ٻڌي سوداگر ويچاري جو منهن ئي لهي ويو. بادشاهه به هن کي وري ڳهلي وڻي وڃڻ لڳو.

ڪجهه اڳتي هلڻ بعد وري به سوداگر، بادشاهه کي منٿون ڪري چوڻ لڳو ته: سائين! باقي منهنجو هڪڙو دوست آهي، ان تائين مهرباني ڪري مون سا هلو، پوءِ جي ان به ضامن پوڻ کان انڪار ڪيو ته مان هينئر ئي توسان گڏ هليو هلندس. بادشاهه ڪلي چيس ته: بيوقوف! جڏهن تنهنجي پيءُ ضامن پوڻ کا انڪار ڪري ڇڏيو، تڏهن دوست وري کي مائٽن کان به وڌيڪ آهن چا، جو ضامن پوندا؟ سوداگر چيس ته: تنهنجو چوڻ نيڪ آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن دوست مائٽن کان به وڌيڪ مهربان هوندا آهن. منهنجو دوست به ملڪزادو آهي، اميد اٿم ته هو دوستي جو لحاظ ڪري ضرور منهنجي ضمانت ڏيندو.

خير ٻئي ڇڻا گڏجي ملڪزادي جي در تي آيا. هو پهرئين سڏ

تي هٿ ۾ خنجر ڪٽي ٻاهر نڪتو. ٻاهر اچڻ سان جڏهن پنهنجي دوست کي گرفتار ڏٺائين، تڏهن عجب ۾ پئجي ويو. اتي سندس دوست سوداگر چيس ته: هيءُ شهر جو ڪوتوال آهي، جنهن مونکي ڪنهن ڏوهه ۾ جهليو آهي. هاڻي فقط اڃوڪيءَ رات لاءِ ضامن پئي منهنجي جند ڇڏاءِ. ملڪزادي بادشاهه کي چيو ته: مان پنهنجي يار جي وار وار جو ضامن آهيان، تون هن کي آزاد ڪر ... صبح جو پاڻيهي کيس تو وٽ حاضر ڪندس. تنهن تي بادشاهه ، ملڪزادي جي ضمانت تي سوداگر کي ڇڏي هليو ويو.

بادشاهه جي وڃڻ کا پوءِ ملڪزادي، سوداگر کان خبرون پڇڻ لڳو. بادشاهه ڪنهن اٽڪل سان هنن جي ويجهو لڪي سندن گفتگو ٻڌڻ لڳو. ملڪزادي هن کا پڪڙجڻ جو سبب پڇيو. سوداگر جواب ڏنس ته: ادا! ڇا ٻڌايانءِ ... وزير جي ڏيءَ تي موهجي پيو آهيان، ۽ ان لاءِ من مشتاق اٿم. اسان بنهي جي هڪٻئي سان بلڪل سچي محبت آهي. تنهنڪري هاڻي خدا جي واسطي مون کي صبح تائين اجازت ڏي، ڇو ته وزيرزادي منهنجو انتظار ڪندي هوندي. تنهن کان سواءِ صبح جو خبر نه آهي ته بادشاهه ڪهڙي سزا ڏئيم. متان ڪٽي ڦاسيءَ جو حڪم ڪري ته گهٽ ۾ گهٽ آخري دفعو پنهنجي محبوب جو وڃي ديدار ڪريان، ۽ هميشه لاءِ ڪانئس موڪلائي اچان. تڏهن ملڪزادي چيس ته: يار! جيڪڏهن وزير زادیءَ سان تنهنجي ايتريقدر محبت آهي، ته پوءِ ٽوڪي دل سان اجازت آهي، پلي وڃي محبوب سان مل.

سوداگر دوست کان موڪلائي، وري به وزير جي محلات وٽ آيو، ۽ هميشه وانگر ڪمند اڇلائي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ٽپي محلات ۾ هليو ويو. اندر وڃي ڏسي ته وزيرزادي ننڊ ۾ سُتي پيئي آهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته منهنجي حياتي شايد اڃوڪي رات آهي، سو ڪيئن به محبوب کي جاڳائي، ڪيس سربستو احوال ٻڌايان. اهو

خيال ايندي ئي سُڏڪا پرڻ لڳو. سندس گوڙها جڏهن وزيرزادي ۽ جي گل تي ڪريا، تڏهن هو يڪدم تپ ڏيئي اٿي ويهي رهي ۽ ڪيس روئندي ڏسي پڇڻ لڳس ته: اي محبوب! اڄ تنهنجي دشمن جي اکين ۾ ڇو گوڙها پرجي آيا آهن؟ مان ته تنهنجو انتظار ڪندي ڪندي هينئر اچي ليٽي آهيان. اڄ ايتري دير ڇو ڪيئي؟ سوداگر چيس ته: دلبر دوست! مون سان به اهائي حالت آهي. جڏهن توکي مون کان سواءِ هڪ پل به آرام نٿو اچي، ته مان وري توکان سواءِ ڪيئن سڪ سمهندو هوندس؟ ايترو چئي سوداگر وري سُڏڪا پرڻ لڳو. تڏهن وزيرزادي ڏڪ ۾ پرجي پڇيس ته: منا! اڄ ايتري پريشاني ڇو آهي؟ تڏهن سوداگر پنهنجي پڪڙجڻ جي سچي حقيقت بڌائي ڇيس ته: منهنجي حياتي باقي اڃوڪي رات آهي، صبح جو شايد مونکي قاسيءَ جي سزا ملي. اها ڳالهه بڌي وزيرزادي ۽ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هوءَ به روئڻ لڳي. آخر سوداگر کي چيائين ته: محبوب! تو کان سواءِ منهنجو جيئڻ به محال آهي، جيڪڏهن سپاٽي توکي قاسي اچي ويئي، ته پوءِ آءٌ به هن کوڙيءَ دنيا ۾ توکان سواءِ هڪ پل به نه جيئان! ڪجهه وقت ته ٻئي چٽا ڳراٽڙي پائي روئندا رهيا. جڏهن روئي دل جو بار هلڪو ڪيائون، تڏهن وزيرزادي اٿي وضو ساري ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ ڏٺيءِ تعاليٰ کان دعا پنڻ لڳي ته: اي پالڻهار! تون دلين جو مالڪ آهين، توکي سڀ خبر آهي ته اسان جي پاڻ ۾ سچي محبت آهي، هاڻي منهنجو محبوب پرتو اٿئي.

جڏهن صفا پنيرکو ٿيڻ لڳو، تڏهن سوداگر، وزيرزادي کي چيو ته: مونکي هڪڙي وفادار دوست ضامن ڏئي توسان ملڻ لاءِ مهلت ڏياري آهي، متان هو خيال ڪندو هجي ته الاڇي ڪيڏانهن هليو ويو، تنهنڪري هاڻي مونکي خوشيءَ سان اجازت ڏي ته وڃي ان سان سنمڪ ٿيان. باقي جيڪڏهن تي سگهي ته سپاٽي مرڻ کان اڳ ڪنهن نموني

منهن ڏيڪارجئين. وزير زادي ۽ روئي چيس ته: دلبر دوست! مونکي قسم آهي خدا جو ته هن وقت تون جيڪو حڪم ڪندين، تنهن کي آءٌ ڪيئن به پورو ڪنديس. مان سپاٽي ڪارا ڪپڑا ڪري، گهوڙي تي سوار ٿي اچي قاسيءَ واري ۽ جاءِ جي ويجهو بيهنديس. پوءِ هنن ٻنهي هڪٻئي کان موڪلايو. سوداگر پٽ ٽپي اچي پنهنجي دوست ملڪزادي وٽ پهتو ۽ ڪيس سورن جو سمورو احوال سڻايائين.

هوڏانهن ڪوتوال جي ويس ۾ بادشاهه، وزير جي گهر ۾ ٻنهي عاشق معشوق جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي، سا سڀ لکي ٻيني ٻڌي: سو هنن جي محبت کان ايترو ته ڏڪارو ٿيو، جو هنن جي موڪلاٽيءَ وقت هن کي ٻه اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. آخر دل ۾ پکو ارادو ڪيائين ته: ڇا ٻه ٽئي، پر هنن جي محبت ۾ ڪڏهن ٻه وڇوڙو اچڻ نه ڏيندس. صبح جو بادشاهه ڪوتوال کي حڪم ڏنو ته: 'قاسيءَ جو انتظام فلاڻي ڪليل ميدان تي ڪيو وڃي، ۽ چور کي ٻه جلد حاضر ڪيو وڃي. تنهن کان سواءِ بادشاهه پڙهو ڏياريو ته 'اڄ عام خاص سڀني ماڻهن کي هن قاسيءَ جي ڏسڻ جي اجازت آهي. پر ڪوٽ جي باهران سخت پهرو بيهاري ڇڏيو، جيئن کو ٻه کارن ڪپڑن وارو شخص اندر نه اچي.' حقيقت ۾ بادشاهه کي هنن جي محبت جو امتحان ونڊو هو ته، هي جيڪي چون ٿا سو ڪري ڏيکارينداِ يا نه؟ جيڪڏهن وزيرزادي ۽ جو عشق سچو هوندو ته هوءِ سرَ تان آسرو لاهي ٻ انجام موجب قاسيءَ واري وقت اچي پنهنجي عاشق کي منهن ڏيکاريندي. تنهن کان سواءِ وزيرزادي جنهن سڄي عمر محلات کان پير ٻ باهر نه ڪڍيو، سا گهوڙي تي سوار ٿي هن انبوهه ۾ اچي، پيءُ جي اڳيان پنهنجي محبوب کي منهن ڏيکاريندي؟

ٿوري ۽ دير کان پوءِ ڪوتوال، سوداگرکي آڻي دربار ۾ حاضر ڪيو. بادشاهه حڪم ڏنو ته: هن کي قاسيءَ واري ۽ جاءِ تي وڃي هلو، پر

جيسين مان اچان، تيسين کيس قاسيءَ تي نہ چاڙهجو. قاسيءَ واري هنڌ تي پهچڻ شرط، هن وزيرزاديءَ جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. سڄو ميدان ماڻهن سان پريو پيو هو. ڏالون مڙس، ٽنڊا وڏا اينرا نہ اچي گڏ ٿيا هئا، جو ترِ چڙهڻ جي به جاءِ کانہ هئي.

وزيرزادي به وعدي موجب کارا ڪپڙا ڪري، مشڪي گهوڙي تي سوار ٿي، جڏهن ڪوٽ وٽ پهتي، تڏهن پهريدارن کٽي روڪيس. وزير زاديءَ کوڙ ڪري گهٽئي چين تہ فلاڻي ملڪ جو قاصد آهيان، هينئر بادشاهہ سان ضرور ملڻو اٿم، پر پهريدارن کي جو حڪم هئو، تن هڪڙي به نہ ٻڌيس، ڏکي وڃي پري ڇڏيئونس. سوداگر کي قاسي ڏيڻ جو وقت به اچي ويڃهو ٿيو هو. اهو حال ڏسي وزيرزادِيءَ چا ڪيو جو، ڪڇهہ پر پرو هٿي، تلوار ڪيڊي هٿ ۾ ڪيائين ۽ گهوڙي کي اهڙي ڏڙي هنيائين، جو هو پهريدارن تان ٽپي، ڪوٽ جي اندر هليو ويو. پهريدار هن کي روڪڻ لاءِ ڊوڙيا، پر وزيرزادِي کين تلوار سان هٽائي، گهوڙو هڪلي وڃي وچ پڙ ۾ بيٺي، جتي سوداگر کي قاسي اچٽي هئي. وزيرزاديءَ ڏٺو تہ سوداگر کي قاسي هُنهين اچي ويندي، تنهنڪري چونہ بادشاهہ کي به پورو ڪري چڏجي. سو نہ ڪيائين هم نہ تم - گهوڙو ڊوڙائي وڃي بادشاهہ جي سرِ تي ڪڙڪي، ۽ تلوار الاري اڃان وار ڪرڻ تي هئي تہ پهريدارن کٽي پڪڙيس. وزيرزاديءَ جي مُنهن تي نقاب پيل هو، تنهنڪري کنهن به کونہ سڃاتس. باقي بادشاهہ کي هن جي خبر هئي. بادشاهہ هن جي بهادريءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. اتي بادشاهہ، وزير کي چيو تہ: ڪارن ڪپڙن واري هن بهادر جي منهن تان نقاب لاهي ڏس. وزير جان نقاب کٽي ڏسي ٿہ سندس نياڻي! حيرانيءَ ۾ پئجي ويو.

بادشاهہ وزير کي فڪرمند ڏسي چيو تہ: وزيرا فڪر نہ ڪر، مان توکي جيئن چوان تيئن ڪر، چو تہ مونکي سڄيءَ حقيقت جي خبر آهي. اهو قاسيءَ تي چڙهندڙ نوجوان ۽ تنهنجي ڌيءَ ٻئي سچا عاشق

آهن، مون سندن آزمودي لهڻ لاءِ هيءَ اتڪل ڪئي هئي. هاڻي اهو سوداگر جڻ ته منهنجو پٽ آهي. تنهنڪري تون هتي ئي قاضيءَ کي گهرائي ، هنن جو نڪاح پڙهائي، سندن شادي اتي جو اتي وڏي ڌام ڌوم سان ڪئي وڃي.

وزير کي به بادشاهه جي صلاح ڏاڍي وڻي، سو يڪدم قاضيءَ کي گهرائي، اتي ئي ميدان ۾ ٻنهي جڻن جو نڪاح پڙهائي، ڏاڍي ڌام ڌوم سان سندن شادي ڪرايائين. جيڪي ماڻهو قاسيءَ جو نظارو ڏسڻ آيا هئا، سي سڀ اهو حال ڏسي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ ناچ گاني ۾ لڳي ويا. اهڙيءَ طرح ڏڻي پاڪ هنن ٻن سچن عاشقن جو ميلو ڪيو. ڪالهه ڏناسين ته محلات ۾ خوش وينا هئا.

•••

۲۴ـ سڪ ڪي پنڌ آهي ئي ڪونہ *

هڪڙي سوداگر ڪي هڪڙو سڪيلڏو پٽ هو. ان کان سواءِ ڪيس ٻيو ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. هو پنهنجي انهيءَ پٽ سان بيحد پيار ڪندو هو، ۽ هر وقت هن جو خيال رکندو هو. پٽ جي تربيت شهزادن وانگر ٿي، جنهنڪري هو علم ۽ عقل ۾ تمام اڪابر ٿيو. سوداگر واپار جي سانگي هر سال ٻاهر ويندو هو. هڪ دفعي هو جيئن واپار تي ويو، تہ جتي سندس قافلو لٿل هو، اتي رات جو ڪي ڏاڙيل ڪاهي آيا ۽ قافلي کي ڦري ڪيترائي ماڻهو ماري وڌائون. خدا جي قدرت، جو سوداگر بہ انهيءَ ڦر ۾ مارجي ويو، ۽ سندس مال ملڪيت سڀ ڏاڙيل کڻي ويا. قافلي مان جيڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نوڪر بچيو، تنهن اچي سمورو احوال سوداگر جي زال ۽ پٽ کي ڏنو. بس پوءِ تہ هنن لاءِ ڪاري قيامر ٿي ويئي. آخر روئي پٽي مان ڪري ويهي رهيا. هنن وٽ جيڪا مال ملڪيت هئي، سا بہ آهستي آهستي ڪائنيدي ڪپائيندي خلاص ڪري ڇڏيائون. ٻلاً اپٽ هئي ڪانہ، رڳي ڪپٽ ... ڪاڏي ڪوهہ بہ ڪٽيو وڃن، سو تمام غريب ٿي ويا. آخر اهڙي حالت اچي ٿين، جو هنن کي ويلا پوڻ لڳا؛ رات هجي تہ ڏينهن نہ لڀي، جي ڏينهن کائين تہ رات لنگهڻ ڏين. آخر جايون جڳهيون بہ وڪٽي کائي، لڏي وڃي شهر کا پري هڪڙي ڳوٺڙي ۾ جهوپڙي اڏي ويٺا.

انهيءَ حالت ۾ هڪڙي ڏينهن ماءُ، پٽ ڪي چيو تہ: ابا! آخر ائين پنهنجو ڪيترو وقت گذرندو؟ آءٌ ٽوٽي ڪک بہ ڪونہ ٿي سهي سگهان، پر بک بڇڙو ٽول آهي، جا دانهہ ديوانا ڪريو ڇڏي - تنهنڪري توڻ

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي شهداد پور) مان مير حسن "سڪايل" کان ملي.

ڪجهه نه ڪجهه ڏنڏو ڏاڙي ڪر ته ڪا پيٽ پَرندي ڪريون، نه ته وينِي وينِي بُکن ۾ پاهه ٿي مري ويندا سين. تڏهن ڇوڪري چيس ته: امان! آءٌ سيکجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر سوداگريءَ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ڪم ڪار ڪري سگهندس؟ ڪنهن هوندي به وڃي ٿو ڪوشش ڪريان. ائين چئي هيءُ سهي سنپري گهران نڪتو.

هلندي هلندي هو اچي شهر ۾ پهتو ۽ مزوريءَ جي ڳولا ڪرڻ لڳو. ڪهٽين ۾ گهمندي هڪڙي هنڌ ڏٺائين ته هڪڙو امير ماڻهو، دڪان تان ڪي شيون پيو وڻي. هو اتي بيهي رهيو. امير جڏهن پنهنجو سڀ سامان سڙو وڻي چڪو، تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو: اتي سوداگرزادو به وڏي وڃي ويجهو بيٺس. ڇوڪري کي ڏسي ان شخص مزور سمجهي چيس ته: ڇوڪرا! مونکي هيءُ سامان کٹائي هل ته مزوري ڏيئين. ڇوڪرو هئو مزوري جي ڳولا ۾، سو رکندي پري مٿي تي، ان ماڻهوءَ جي پويان هلڻ لڳو. هلندي هلندي اهو شخص هڪڙي عاليشان محلات ۾ اچي گهڙيو، ۽ ڇوڪري کي سامان اندر کٹي اچڻ جو اشارو ڪيائين. ڇوڪرو پهريائين ته ڪجهه ڏنو، پر پوءِ مانڙي ڪري سامان کٹي اندر هليو. جڏهن اندر پهتو، تڏهن ڏٺائين هڪڙي ملوڪزادي بيٺي آهي، جنهن ان ماڻهوءَ کي سلام ڪيو. هن وري ڇوڪريءَ کي چيو ته: هيءُ سامان وڃي اندر رکاءِ، ۽ ڇوڪري کي ٽڪو خرچي ڏي ته هليو وڃي. هوءَ ڇوڪري کي اندر وٺي ويئي، ۽ هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ هن کان سامان وٺي هٿيڪو ڪري رکي، هن کي ٽڪو ڏيئي روانو ڪيائين. پر هنن جو هڪبئي کي ڏٺو، سي هڪبئي تي عاشق ٿي پيا. ڇوڪرو دل جي ڳالهه دل ۾ رکي، پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو ۽ مزوريءَ وارو ٽڪو اچي ماءُ کي ڏنائين.

ٻئي ڏينهن ڇوڪرو وري به اچي شهر ۾ پهتو، پر ڪيس ملوڪزادي ڏسڻ کان سواءِ آرام نه ٻيو اچي. سو نيٺ ڦِري گهِري انهيءَ

محلات وٽان اچي لانگهائو ٿيو. قدرت سان ان وقت، هن ملوڪزاديءَ بہ محلات جي دريءَ مان بيني بازار جو نظارو ڪيو، سو بنهي هڪٻئي کي ڏسي ورتو. ملوڪزاديءَ چا ڪيو جو مٿان هن چوڪري ڏانهن هڪڙي پائلي اڇلايائين، پر هن اها نہ ڪنئي ۽ مانڙي ڪري هليو ويو. پوءِ شهر مان مزوري ڪري ٽڪو ڪمائي، رات جو اچي پنهنجي گهر پهتو. ٻئي ڏينهن بہ هيءُ ساڳي طرح انهيءَ محلات وٽان اچي لنگهيو. ملوڪزاديءَ وري هن ڏانهن رپيو اُڇلايو، پر هن اهو بہ نہ ڪنيو ۽ اهوئي ٽڪو ڪمائي آٽي ماءُ کي ڏنائين. ٽئين ڏينهن ملوڪزاديءَ هن ڏانهن سونهي مُهر اڇلائي ۽ چوٽين ڏينهن هن ڏانهن هڪڙو موتي اڇلايائين، ۽ اهڙي طرح روز هن ڏانهن موتي اڇلائڻ لڳي... پر چوڪري ڪڏهن بہ ملوڪزاديءَ جي انهن رپين، مهر ۽ موتين کي هٿ نہ لاتو، رڳو پري کان سندس ديدار ڪري، پنهنجي مزوريءَ جو ٽڪو ڪمائي آٽي ماءُ کي ڏيندو هو؛ جنهن مان هو پنهنجو غريباڻو گذر پيا ڪندا هئا.

چوڪرو روزانو رات جو پهر اڌ گهر ۾ رهي، ٻئي ڏينهن ڏڪيءَ جو اڻي پڻڌ پوندو هو، ۽ ديئر ديئر سان اچي شهر ۾ ساڳيءَ جاءِ تي پهچندو هو ... ۽ ملوڪزاديءَ سان سندس ملاقات بہ پري کان پيئي ٿيندي هئي. جڏهن ڪچ عرصو ائين گذري ويو، تڏهن ملوڪزاديءَ کي خيال ٿيو تہ ڪنهن طرح هن چوڪري سان ڳالهايان! اها گالهہ پنهنجي خاص بانهيءَ سان ڪيائين ۽ ڪيس چيائين تہ: ٽون انهيءَ چوڪري جي جاچ ڪر تہ هن جو گهر ڪهاڙ ڪٽي آهي. بانهيءَ ڪولا گهٽئي ڪئي، پر جيئن تہ چوڪري جو ڪوٺ ان شهر کان پري هو، سو بانهيءَ کي هن جي گهر بار جو ڪو پتو پار پڄي نہ سگهيو. ٻئي ڏينهن جڏهن اهو چوڪرو آيو، تڏهن هوءَ اٽڪل دريءَ تي کانہ آئي. چوڪرو ويچارو سڄو ڏينهن اتي بينو رهيو. نيٺ شام جو جڏهن ملوڪزادي دريءَ تي آئي،

تڏهن چوڪري کي سامهون بينل ڏنائين. هوءَ جيترو وقت دريءَ تي هئي، اوترو وقت هو کيس ڏسندو رهيو. جڏهن هن پٺ ڏيئي دري ورائي چڏي، تڏهن هو بہ ٽڏا ساهہ پريندو ڳوٺ ڏي روانو ٿيو. ان ڏينهن جڏهن هو اڏ رات جو گهر پهتو، تڏهن ماٽس ايتري دير ڪرڻ جو سبب پڇيس، پر ماءُ کي ڪجهہ بہ ڪونہ ٻڌايائين. ڇيئن تہ اهو سڄو ڏينهن ملوڪزادیءَ جي انتظار ۾ بيٺي گذريس، تنهنڪري مزوريءَ مان بہ ڪجهہ ڪونہ ڪمايو هئائين، سو ارمان ۾ منهن ويڙهي سمهي رهيو ٻئي ڏينهن دستور موجب جڏهن چوڪرو اتي پهتو تہ ملوڪزادي اڳئين ڏينهن کان بہ وڌيڪ دير ڪئي، تنهنڪري هن ويچاري کي سڄ اتي ئي لهي ويو، پر تنهن هوندي بہ اتي ئي بيٺو رهيو .... تان جو رات گذري ويئي. جڏهن اسر جو ڪڪڙن ڏَس ڏنا، تڏهن آسرو لاهي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

ملوڪزادیءَ ڏٺو تہ هن جي گهر گهاٽ جو تہ پتو ڪونہ پيو، رڳو اها خبر پيس تہ هو روز ٽڪو ڪمائي ويندو آهي، ۽ هاڻي تہ اهو ٽڪو بہ ڪونہ ٿو ڪمائي سگهي. سو سوچيندي رهي تہ هن سان ڪهڙيءَ طرح ملي، هن جو حال احوال پڇجي. آخر هڪڙي ڏينهن جيئن هو آيو، تہ هيءُ گهٽي گهٽي دير کان پوءِ دريءَ تي آئي. ان وقت رات ٻڌجي چڪي هئي، سو ٻانهيءَ کي چيائين تہ: هيٺ وڃ، ۽ چوڪري کي مٺي وڻي اڇ! ٻانهي چوڪري کي مٺي وڻي ويئي. پوءِ هي محبت ۾ريا ماڻهو پاڻ ۾ ملي، هڪٻئي سان دل جو حال احوال اورڻ لڳا. آخرڪار چوڪري ملوڪزادیءَ کي چيو تہ: هاڻي مونکي موڪل ڏي، جو آءٌ ٻنهنجي گهر ويندس. تڏهن ملوڪزادیءَ هن کان گهر گهاٽ جو پتو پڇيو. چوڪري ٻڌايس تہ: فلاڻي هنڌ منهنجو گهر گهاٽ آهي. اتي ملوڪزادیءَ کي ڏاڍو عجب لڳو۽ چوڻ لڳي: مار، تون روزانو ايترو پنڌ ڪري ايندو آهين؟ تڏهن چوڪري چيس تہ: سڄڻ سائين! سڪ کي پنڌ آهي ئي ڪونہ. پوءِ

وري ملوڪزادي پڇيس تہ: پلا، مون روز توڏانھن موتي پئي اُڇلايا، سي اُتي ڇڏيا تو روز وڃي ٽي ٽڪو ڪمايو، سو ڇو؟ ڇوڪري چيس تہ: اھو ان ڪري، جو محبت جو ملھہ ئي ڪونھي!

اھڙيءَ طرح ھنن ڪي روزانو گڏجندي ڪي سال گذري ويا، پر جڏھن بہ ملوڪزادي ھن کي چوندي ھئي تہ: ھي موتي وٺ! تہ ھو اھوئي چوندو ھو تہ: محبت جو ملھہ ئي ڪونھي! وري چوندي ھيس تہ: پلا، اڃوڪا چار پھر ترسي پؤ تہ ھو چوندو ھئس تہ: سڪ ڪي پنڌ آھي ئي ڪونہ.... سپاٽي وري ايندس.

•••

۲۵ـ سوداگرزادوءِ ڇٽيهه لَکٽي ڇوڪريَ*

هڪڙو هو سوداگر، جنهن وٽ مال متاع جي ته ڪمي ڪانه هئي، پر خدا جي قدرت جو ڪيس اولاد بچندو ئي ڪونه هو. سوداگر ويچارو اٽهيءَ پريشانيءَ ۾ ويندو هو ڳرندو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن درويش دعا ڪري چيس ته: توکي پٽ ڄمندو، پر اُن جي شادي ننڍي هوندي ئي ڪنهن ڇٽيهه لَکٽِي ڇوڪريءَ سا ڪري ڇڏيندين، ته پوءِ اولاد بچي پوندئي.

ٿوري گهٽي ڏينهن، سوداگر کي هڪڙو سدا سُهٽو پٽڙو ڄائو. هن فقير جي چوڻ موجب، پُٽ جي شاديءَ لاءِ هڪڙي ڇٽيهه لکٽي ڇوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪئي. ڳولا ڪندي ڪندي هڪڙي ڏينهن، سوداگر اچي ڪنهن شهر ۾ پهتو. شهر جي ٻاهران ڪيترن ئي ٻارن راند پئي ڪئي، جن ۾ هڪڙي ننڍڙي سهٽي ڇوڪريِ به هئي، جا هن کي ڏاڍي وٽي. سوداگر پوءِ شهر ۾ هڪڙي جوتشيءَ وٽ ويو، ۽ اُن کي چيائين ته: انهيءَ ڇوڪريءَ جو پاڻ ٻڌاءِ. جوتشيءَ ڏاڍو هٽي حساب ڪري سوداگر کي ٻڌايو ته: برابر اها ڇوڪري بخت واري آهي. اهو ٻڌي سوداگر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ڇوڪريءَ جي مائٽن کان پنهنجي پٽ لاءِ سڳ ڳهريائين. ڇوڪريءَ جا مائٽ ويچارا غريب هئا، تن خوشيءَ سان کيس سڳ ڏيڻ قبول ڪيو. آخر سوداگر هنن ٻنهي معصومن جو نڪاح پڙهائي ڇڏيو.

سوداگرزادو اڃ ننڍو سيان وڏو، تان جو اچي جوان ٿيو. هڪڙي

---

* هن ڳالهه جون ٻه روايتون: وچولي مان ظفر بلوچ (تعقو شهداد پور) ۽ علي اڪبر لغاري (تعلقو سنجهورو) کان مليون.

ڏينھن ھن ماءُ کي چيوتہ: امان! ھاڻي آءٌ وڏو ٿيو آھيان، منھنجي شادي ڪراءِ! ماٽس اھا ڳالھ سوداگر سان ڪئي، جنھن چيس تہ: چوڪرو ڀلي تہ اڄان وڏو ٿئي تہ پوءِ شادي ڪرايانس. پر سوداگرزادي کي سُک ئي ڪونہ ٿي آيو، سو ھر روز پيو ماءُ پيءُ کي چوندو ھو. نيٺ ھڪڙي ڏينھن پٽس ڪک ٿي چيس تہ: ابا! تنھنجي شادي تہ ننڍي ھوندي ئي ڪرائي ڇڏي اٿم؛ تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر - جڏھن وقت ايندو، تڏھن تنھنجيءَ ڪنوار کي گھر وٺي ايندا سون. چوڪري جو اھا ڳالھ ٻڌي، سو پيءُ کان پڇيائين تہ: جيڪڏھن منھنجي شادي ٿيل آھي، تہ پوءِ منھنجي زال ڪٿي آھي؟ سوداگر چيس تہ: تنھنجي زال فلاڻي شھر ۾ فلاڻي شخص جي نياڻي آھي. تڏھن سوداگرزادي چيس تہ: جيڪڏھن ائين آھي تہ پوءِ اوھين ھلو يا نہ، پر آءٌ وڃان ٿو پنھنجيءَ زال وٽ. پوءِ ھو اوڏانھن وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. ماٽس پٽس گھٽو ئي سمجھايس تہ: ابا! اڃائي تڪڙ نہ ڪر! پر ھن ھڪ بہ نہ ٻڌي ۽ اُٿي اُن شھر ڏانھن روانو ٿيو. اُن شھر ۾ پھچي، ھو پنھنجي ساھراڻي گھر ويو ۽ پنھنجي زال کي ڏٺائين. ڪجھ ڏينھن تہ اُتي آرام ڪيائين، پر پوءِ ساھرن کا موڪلائي، پنھنجيءَ زال کي وٺي وطن ڏانھن روانو ٿيو.

ھلندي ھلندي ھنن کي ھڪڙي جھنگ ۾ رات پئجي ويئي. ھي زال مڙس بہ ڏاڍا ٿڪل ھئا، سو ھڪڙي وڻ جي ھيٺان وڃي ويھي رھيا. مڙس، زال کي چيو تہ: آءٌ ٿورو وقت ننڊ ڪري ٿڪ ٿو ڇان - تون ويھي جاڳ، تہ پوءِ وري آءٌ اُٿي پھرو ڏيندس ۽ تون آرام ڪجانءِ. سوداگرزادو ائين چئي، زال جي گوڏي تي ڪنڌ رکي سمھي رھيو. جنھن وڻ جي ھيٺيان ھي زال مڙس ويٺل ھئا، اُن تي ڪي پکي بہ ويٺا ھئا. جن پنھنجي ٻوليءَ ۾ سوداگر جي زال کي چيو تہ: اي مائي! ھتان ڪجھ پرپرو ھڪ درياءَ اٿئي، اُن ۾ ھڪ لاش لُڙھندو پيو اچي. تون اُن لاش جي چيچ مان منڊي لاھي، اچي ھن وڻ جي پاڙ کي ھڻ تہ ھن ۾ ھڪڙي

دري ٽي پوندي، جنهن جي اندر ستن بادشاهن جو خزانو پوريل آهي. زال پڪين جي ڳالهه ٻڌي، هڙس جو ڪنڌ آهستي آهستي ڪري گوڏي تان لاهي، اُٽي درياءَ ڏانهن رواني ٽي. پنيان اتفاق سان سوداگرزادو به جاڳي پيو؛ تنهن جو زال کي ويندو ڏٺو، سو يڪدم اُٽي هن جي پٺ ورتائين.

سوداگرزادي جي زال جڏهن درياءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتي، تڏهن ڏسي ته برابر هڪڙو لاش لُڙهندو اچي. جڏهن اُهو لاش ويجهو آيو، تڏهن پاڻيءَ ۾ گهڙي اُن کي ٻاهر ڪڍيائين، پوءِ اُن جي چيچ مان منڊي



لاهڻ لڳي. پر منڊي چيچ ۾ سوگهي ڦاٽل هئي، تنهنڪري اجان چڪ وجهي ٽي لاٽائين ته ايتري ۾ سوداگرزادو به اچي ويجهو پهتس. سوداگرزادي جو ڏٺو ته هي ۽ لاش کي پيئي چَڪ وجهي، سو پڪ ٿيس ته هيءَ ڪا ڏائڻ آهي؛ تڏهن منيون پيڙي ونې پوئين پيرين پڳو، ۽ سڏو وڃي گهر ساهه پٽيائين.

سوداگرزادي جي زال جڏهن منڊي لاهي واپس آئي، تڏهن ڏسي ته مڙس آهيئي ڪونہ! اُتي هن ويچاريءَ کي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پيئي؛ پر پوءِ خيال آيس ته شايد مونکي هٽي نہ ڏسي، منهنجي پنيان ويو هوندو، سو اجهو ٿو موٽي اچي. پوءِ هن اها منڊي ڪٽي وڻ جي ٽُڙ کي لاتي، ته اُتي هڪ دري ٿي پيئي، جنهن مان اندر جهاتي پائي ڏسي ته واقعي ستن بادشاهن جو خزانو اندر پيو هو. هيءَ هيترو مال متاع ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ دل ۾ چيائين ته مڙس اچي ته پوءِ گڏجي هي خزانو کٽون؛ پر صبح تائين مڙس جو پتو ئي ڪونہ پيو. مائيءَ مڙس جو گهر ۽ ڪونہ ڏٺو هو، سا لاچار موٽي اچي پنهنجي مائٽن ۾ رهڻ لڳي.

هوڏانهن سوداگرزادي کان جڏهن ماڻس پٽس خبر چار پڇي، تڏهن ٻڌايائين ته: منهنجي زال ڏائڻ آهي ۽ هوءَ مونکي ۽ ڪائي ڪپائي ڇڏيندي؛ اُن ڪري آءٌ ڪڏهن ۽ پنهنجي گهر ڪونہ آٽيندوسانس. مائٽن ڪانئس انڪار جو سبب پڇيو، پر هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ چيائين ته: مونکي سامان جا غوراب ۾ائي ڏيو ته آءٌ واپار ۽ ڪري اچان ۽ ٻيءَ ولايت مان شادي ۽ ڪري اچان. سوداگر گهٽوئي سمجهايس، پر سوداگرزادو پنهنجي ضد تان نہ لٿو؛ آخرڪار سامان جا غوراب ۾ائي، نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، سفر تي روانو ٿيو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سوداگر خيال ڪيو ته چو نہ روبرو وڃي پنهنجي نُنهن جي خبر چار وٺي اچي! اهو خيال ڪري هي سڏو آيو پنهنجي نُنهن وٽ، جنهن کيس سڃي ڳالهہ ٻڌائي. پوءِ سوداگر نُنهن کي دلاسو ڏيئي، وٺي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن اُن وڻ وٽ پهتا، تڏهن سوداگرزادي جي زال، وڻ جي دري کولي، سهري کي خزانو ڏيکاريو. سوداگر جا ايتري ساري دولت ڏٺي، سو خوشيءَ ۾ ئي نہ پيو ماپي! نيٺ ڪجهہ قيمتي هيرا جواهر کٽي، دري بند ڪري، وري اُتي پنڌ پيا ۽ اچي پنهنجي گهر پهتا.

سوداگر زادي جي زال جڏهن گهر ۾ پٺهنجي مڙس کي نه ڏٺو، تڏهن سَسُ کان پڇيائين، جنهن چيس ته: امڙ! مُڙسهين باهر ويو آهي، ۽ ٽورن ڏينهن ۾ واپس اچي ويندو. پر جڏهن گهڻو وقت گذري ويو ۽ سوداگرزادو به واپس نه وريو، تڏهن سندس زال کي هيڪاري ڳڻتي ٿي پيئي. آخر هن کي ڪُڙڪ پئجي ويئي ته هو ٻيءَ زال پرڻجڻ لاءِ ٻيءَ ولايت ويو آهي. اهو ٻڌي هن ويچاريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. سوداگر کي چيائين ته: مونکي به سامان جو غوراب ڀري ڏيو ته آءٌ به واپار ڪري اچان. هن نُنهن کي به گهڻو ئي سمجهايو، پر جڏهن هوءَ به هوڏ تان نه لٿي، تڏهن لاچار هن کي به سامان سان غوراب پرائي ڏنائين. هوءَ مردانو ويس ڪري اُٿي سفر تي روانو ٿي.

سوداگرزادي جي زال منزلون هٽندي، واپار ڪندي هڪڙي ڏينهن ڪنهن بندر تي اچي لنگر هنيو. جڏهن غوراب مان لهي هيٺ ڪناري تي آئي، تڏهن ان شهر جي راڻيءَ جا ماڻهو چوڌاري ڦري ويس، ۽ چيائونس ته: راڻيءَ جو حڪم آهي ته جيڪو به ماڻهو هن شهر ۾ اچي، ٻهروڏو مون وٽ وڻي اچوس ته ٻهريائين مون سان چوپڙ راند ڪري؛ پوءِ جي هو مون کان کٽي ويو ته آءٌ اُن سان شادي ڪنديس، ۽ جي هارايائين ته اُن جو سمورو مال ملڪيت منهنجي حوالي ٿيندو - تنهنڪري اي سوداگر! ٻهريائين هلي راڻيءَ سان راند ڪر! اهو ٻڌي هوءَ ٻهرين ته ڏاڍي حيران ٿي، پر پوءِ ٽورو ويچار ڪري، انهن کي چيائين ته: حاضر، آءٌ اوهان جي راڻيءَ سان راند ڪندس، پر اڄ ڏاڍو ٽڪل آهيان، تنهنڪري اڄ مونکي معافي ملي، باقي سياڻي اول خير ضرور هلندس.

خير، راڻيءَ جا ماڻهو اهو جواب ٻڌي هليا ويا، پر هن ويچاريءَ کي اچي هورا ڪورا ٿي ته آخر اصل ڳالهه ڇا آهي، ۽ ڪهڙو سبب آهي جو راڻيءَ اهي شرط رکيا آهن. تنهنڪري هن ڇا ڪيو جو مٿا موٽا هٽي وڃي راڻيءَ جي هڪ خاص ٻانهيءَ کي هٿ ڪيائين، ۽ اُن کي ڏاڍا

انعام اکرام ڏيئي اھو راز معلوم کيائين. ھانھيءَ ٻڌايس تہ دراصل راڻي راند ۾ ڪا ايتري چالاڪ ڪانھي، پر جڏھن ھوءَ پنھنجي راند ويندي ڏسندي آھي، تڏھن يڪدم پنھنجيءَ سَٽر تان ڪيڙو ھٽائي ڇڏيندي آھي، جنھنڪري راند ڪنڊ جو سڃو خيال اُن طرف ھليو ويندو آھي، انھيءَ وچ ۾ راڻي پنھنجون بگڙيل ساريون سڌيون ڪري ڇڏيندي آھي، اھڙيءَ طرح راڻي راند کٽي ويندي آھي. سوداگرزادي جي زال اھو راز دل ۾ رکيو. ٻئي ڏينھن جڏھن راڻيءَ جا ماڻھو آيا، تڏھن ھيءَ مردانو لباس ڪري، ڏاڍو سھڻو جوان بنجي، اچي راڻيءَ وٽ حاضر ٿي.

راڻيءَ جو ھڙي سھڻي جوان کي ڏٺو، سا مٽس اکين ڇڪن ٿي پيئي ۽ دل ئي نہ پيئي چويس تہ کو ھڙي ملوڪ مرد سان نڱي ڪري. پر جيئن تہ ھوءَ بہ پنھنجي قول کان مجبور ھئي، تنھنڪري ويھي راند ڪرڻ لڳي. سوداگرزادي جي زال انھيءَ راند ۾ ٺورو ھوشيار ھئي. تنھنڪري ھن سارين مان اڪ ئي نہ ڪيي جو راڻيءَ کي سارين بدلائڻ جو موقعو ملي، انھيءَ ڪري ٺوريءَ دير ۾ ھوءَ راڻيءَ کان راند کٽي ويئي. انھيءَ تي راڻي ڏاڍي پشيمان ٿي ۽ پنھنجي ڪيل قول مطابق يڪدم ھن جي اڳيان اُٿي، ھٿ ٻڌي بيھي رھي ۽ چوڻ لڳي: اي سوداگر! ھاڻي ھي سڃي بادشاھي بہ تنھنجي ۽ آءٌ بہ تنھنجي آھيان... جيئن ڪپي تيئن ڪر. سوداگرزادي جي زال چيس تہ: اُھي ڳالھيون پوء ٿيندیون، پھريائين مونکي اِھو ٻڌاءِ تہ جيڪي ٻيا سوداگر ۽ شھزادا تو ڦُري فقير ڪيا آھن، سي ڪٽي آھن؟ تڏھن راڻيءَ چيس تہ: اُھي سڀ ھن شھر ۾ آھن ۽ محنت مزوري ڪري پيا پيٽ گذر ڪن. اھو ٻڌي ھوءَ راڻيءَ سان ٻئي ڏينھن ملڻ جو انجام ڪري ھلي ويئي.

سوداگرزادي جي زال کي پڪ ٿي تہ سندس مڙس بہ ھن راڻيءَ وٽ ڦُرجي فقير ٿيو ھوندو، ۽ ھن ئي شھر ۾ کٽي ھوندو. تنھنڪري ھوءَ مڙس کي ڳولڻ لاءِ شھر جي گھٽي گھٽي ڪري گھمڻ لڳي. آخر

پڇائيندي پڇائيندي هڪڙي ناناري دڪان وٽان اچي لانگهائو ٿي. اندر دڪان ۾ ڪٽي جو نهاري ته سندس مڙس سوداگرزادو، ميرن ۽ قاتلن ڪپڙن ۾ بينو لوهه ڪُٽي. مڙس جي اها حالت ڏسي، هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پوءِ مان ميٺ ۾ هن کي ناناري کان خريد ڪري، پاڻ سان گڏ محلات ۾ وٺي آئي. ڪيس يڪدم عطر عنبير سان تڙ ڪرائي، نوان ويس وڳا پهرائي، اڳي جهڙو اڇو اُجرو بنايائين. سوداگرزادو جڏهن تيار ٿي اچي وينو، تڏهن ڪانئس خبرون چارون پڇڻ لڳي، جنهن هن کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. اِها ڳالهه ٻڌي هن پنهنجي مڙس کي-- جنهن اڃان ڪيس ڪونه سڃاتو هو-- چيو ٿه: تون ڪوبه فڪر نه ڪر، آءٌ تنهنجي شادي هتي جي راڻيءَ سان ٿو ڪرايان. پوءِ راڻيءَ کي گهرائي حڪم ڪيائين ته: تون هن سوداگرزادي سان شادي ڪر. راڻي ڪوبه انڪار نه ڪري سگهي، ۽ ٻئي ڏينهن سوداگرزادي ۽ راڻيءَ جي شادي ٿي.

شاديءَ ٽيڻ ڪان ڪجهه ڏينهن پوءِ سوداگرزادي جي زال، سوداگرزادي کي پنهنجو اڳوٽو سڀ مال متاع واپس ڏياريو ۽ پنهنجي طرفان به گهڻو مال خزانو ڏيئي، راڻيءَ سميت ڪيس غوراب ۾ چاڑهي، پنهنجي وطن ڏانهن روانو ڪيو، ۽ پاڻ راڄ هلائڻ جي بهاني سان، اُتي ئي رهي پيئي. پوءِ جڏهن هن کي پڪ ٿي ته سوداگرزادو وڃي پنهنجي وطن پهتو هوندو، تڏهن هيءَ به بادشاهيءَ جون واڳون وزيرن جي حوالي ڪري، وطن ڏانهن روانو ٿي.

هوڏانهن جڏهن سوداگرزادو اچي ماءَ پيءُ وٽ پهتو، تڏهن پيءُ کي ڏاڍي آڪڙ مان چيائين: بابا! تو به مونکي زال پرڻائي هئي، پر منهنجي هيءَ زال به ڏس، راڻي آهي راڻي! ائين ٻڌي پوءِ هن ٻيون به ڪيتريون ئي ٻڌاڪون ستاڪون هڻي، پنهنجي واڪاڻ پاڻ ڪئي. سوداگر، پٽ جون اِهي ڳالهيون ٻڌي ۽ مال ملڪيت ڏسي، هن جي ڪارنامن تي

ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وڏي ڏام ڏوم سان هڪ وڏي محفل ڪيائين. اُن محفل ۾ شهر جا وڏا وڏا ماڻهو آيا، جي سوداگرزادي جون ڳالهيون ٻڌي سندس واکاڻ ڪرڻ لڳا.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ سوداگرزادي جي پهرين زال به اچي اُن شهر ۾ پهتي، ۽ ڪيترين ئي سوڪڙيون پاڪڙيون ڪٽي آٽي سهري کي ڏنائين. سوداگر جو پنهنجيءَ نُنهن کي ڏٺو، سو ويتر خوش ٿيو ۽ چيائين ته: امان! تنهنجو مڙس به اچي ويو آهي، پر هي زال پرڻجي آيو آهي. انهيءَ تي هن چيس ته: جيڪڏهن هو هي زال پرڻجي آيو آهي ته ڇڏو ٿيو، پر اوهين مهرباني ڪري هن کي مون ڏانهن مون موڪليو، جو ٿه آخر آءٌ به سندس زال آهيان! سوداگر وڃي پٽ کي چيو، هُن ٻڌھ انکار ڪري ڇڏيو، ۽ چيائين ته: ڇا به ٽي پوي، پر آءٌ اُن ڏائڻ وٽ ڪونه هلندس. اُهو ٻڌي هن ويچاري، نُنهن کي سڃي ڳالهه ٻڌائي. اڳي سوداگرزادي جي زال کان ڪل نڪري ويئي، چيائين ته: جيڪڏهن ائين نڻو اچي ته آءٌ مردانو ويس ڍڪي ٿي ويهان ۽ توهين وڃي چئوس ته تنهنجو فلاڻو ڪي فلاڻو دوست ملڻ آيو آهي. سوداگرزادي کي جڏهن اُهو نيايو پهتو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ مهل ئي هن وٽ آيو. پوءِ زال کي دوست سمجهي، هن سان ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳو. ڳالهين مڻان ڳالهيون پئي نڪتيون، سوداگرزادو انهيءَ وچ ۾ الاجي ڪوڙا ڪوڙ بَدوڙ ۽ ٻڻاکون ستاکون هڻي وڃي پار پيو. ايتريقدر جو ائين به چيائين ته: ڪيترن ئي بادشاهن منهنجي ساراهه ٻڌي، مونکي سگ ڏيڻ لاءِ منڻون ڪيون، پر مون ڪنهن کي به مُنهن ڪونه ڏنو، آخر پنهنجي منهن وڃي هڪڙي وڏي بادشاهه جي ڏيءَ سان شادي ڪري آيو آهيان! اُتي زال کان به رهيو نه ٿيو، سو سوداگرزادي کي سچي ڳالهه ڪري ٻڌايائين، ۽ اُهي ڪپڑا- جيڪي ناناڪي دڪان تي پهريل هئس، سي به ڪيڏي ڏيڪاريائينس. اِها حقيقت ٻڌي ۽ پنهنجا ڪپڑا ڏسي، سوداگرزادي شرم

ڪان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. سوداگرزادي جي پيءُ جڏهن هي قصو ٻڌو، تڏهن عجب ۾ پئجي ويو، ۽ پٽ کي چيائين تہ: پُٽ! هيءَ اٿئي منهنجي اڳوٽي نُنهن، جنهن توکي هيترين مصيبتن مان بچايو ۽ خير سلامتيءَ سان هتي پهچايو، نہ تہ مورڳو سِر وڃئي ها. اتي سوداگرزادو ويتر شرمسار ٿيو ۽ زال کان اُتي معافي ونڊ لڳو.

کي ڏينهن تہ هنن جا ائين خوشيءَ سان گذري ويا. پوءِ هڪڙي ڏينهن سوداگرزادي جي زال، مڙس ۽ سهري کي ساڻ ڪري، وڻ جي ٿُڙ ۾ پيل خزانو ڪڍائي کٽي آئي، ۽ پوءِ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍن مزن ۾ گذارڻ لڳا.

•••

٢٦ـ جاڳڻ کي جوان جو*

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن جو پري پري تائين واپار هلندو هو. ان سوداگر وٽ اولاد سان گڏ دولت جي به ڪمي ڪانه هئي. سندس وڏا پٽ ڪائنس جدا، پنهنجي سر پيا واپار ڪندا هئا. رڳو هڪڙو ننڍو پٽ هو، جيڪو هن سان گڏ رهندو هو. جڏهن اهو چوڪرو جوان ٿيو، تڏهن سوداگر خيال ڪيو ته هن کي به سوداگريءَ جي پورهئي تي هيرايان. اهو خيال ڪري هن ڪيترو ئي سامان ڪنو ڪري پُٽ کي ڏنو، ته وڃي ٻين شهرن ۾ واپار ڪري اچي. چوڪرو سوداگريءَ جو سامان ڪٽي، نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، سفر تي روانو ٿيو.

ڪن منزلن کان پوءِ، هڪڙيءَ منزل تي سوداگرزادي وٽ هڪڙو فقير آيو، ۽ هن کي هڪڙي سونهري تختي ڏيکاريائين. سوداگرزادي کي اها تختي ڏاڍي وٹي ويئي، سو فقير کي چيائين ته: اي درويش! اها تختي مونکي ڏي، اُن جي بدران جيڪا به قيمت ڳهرندين، سا توکي ملندي. فقير چيس ته: اي سوداگرزادا! تون هن تختيءَ جي قيمت ڏيئي ڪونه سگهندين، تنهنڪري انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. سوداگرزادي کي تختي بنهه وٹي ويئي هئي، سو چيائينس ته: آءٌ هر ڪا قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. آخر جڏهن هي هٹ تان نه لٿو، تڏهن فقير چيس ته: تون پنهنجي سوداگريءَ وارو اهو سڀ سامان مونکي ڏي ته پوءِ تختي ڏيانءِ. سوداگرزادو زبان ڪري ويٺو هو، تنهنڪري اهو شرط قبول ڪيائين، ۽ فقير کان تختي وٹي، ان جي بدران پنهنجو سڀ سامان ڏئي ڇڏيائينس.

---

* هن ڳالهه جون به روايتون: وچولي (تعلقي شهداد پور) مان مير محمد "سڪايل" ۽ لاڙ (تعلقي ٹنڊي) مان عبدالله گندري کان مليون.

ان کان پوءِ هي نوڪرن چاڪرن سميت پنهنجي وطن موٽي آيو.

پٽس، جو چوڪري کي جلدئي واپس ايندي ڏٺو، سو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ خيال ڪيائين ته: منهنجو پٽ کو ڏاڍو سياڻو ٿو ڏسجي، جو هيترو سارو سامان ٿورن ئي ڏينهن ۾ وڪٽي آيو آهي. پر جڏهن هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ فقير واري تختي بہ ڏيکاريائينس، تڏهن کاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويو، ۽ چيائينس ته: تو ته منهنجي ڪَئِي ڪمائي کُٽ ڪري ڇڏي، هاڻي يڪدم منهنجي گهر مان نڪري وڃ، ۽ خبردار جو وري مونکي پنهنجو منهن ڏيکاريو اٿئي! پٽس جا اهي گفتا ٻڌي، چوڪري کي ڏاڍو ارمان ٿيو، سو مانڙي ڪري، فقير واري تختي ڪٽي روانو ٿي ويو.

گهرمان ٻاهر نڪتو، پر خيال ڪيائين ته ڪيڏانهن وڃان! سو پهرين ته شهر جو چڪر چاڙي هنيائين، پر ڪوبہ يار دوست ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس. آخر تڪجي ٽُٽي پنهنجي پائرن ڏانهن ويو؛ جن هن کي ڏکاري حال ۾ ڏسي، حال احوال معلوم ڪري هن کي سمجهائو ڪري چيائون ته: ادا! تون اسان جي ته اڳين تي، پر بابي کي خبر پوندي ته هو اسان تي بہ کاوڙبو. اهو ٻڌي چوڪرو يڪدم اُٿي پنڌ پيو ۽ هلندي هلندي اچي پيٽ جي گهر وٽان لنگهيو. اتي دل ۾ خيال ڪيائين ته 'ادي وٽ وڃان، من اها کا مدد ڪري!' سو لنگهي ويو پيٽ جي گهر. پوءِ هيءُ ڪيترائي ڏينهن پيٽس وٽ رهيو پيو هو؛ پر آخرڪار پيٽس بہ بيزار ٿي پئي، سو هڪڙي ڏينهن هن بہ ٻهانو ناهيو ته: ادا! منهنجو مڙس الاجي ڇو پيو ڪاوڙجي ... شايد تنهنجي ڪري ٿو ائين ڪري! چوڪري جو اها ڳالهه ٻڌي، سو سهي نہ سگهيو ۽ پيٽ تي ارمان ڪندو، اُتان بہ روانو ٿيو.

پنهنجن جا اهي حال ڏسي، چوڪري کي هڪڙو گهاٽو دوست ياد آيو، جيڪو ٻئي شهر ۾ رهندو هو. تنهنڪري هي ٻيا سڀ خيال لاهي، اُن طرف روانو ٿيو ۽ هلندي هلندي اچي اُتي پهتو. دوست جي در

ٽي پهچي باهران سڏ ڪيائين. دوست هن جو سڏ ٻڌي، يڪدم باهر نڪري آيو ۽ هن سان ڏاڍيءَ حُب مان پاڪر پائي اچي مليو. پوءِ ڏاڍيءَ عزت سان وٺي وڃي گهر ۾ ويهاريائينس. هو ڪيترائي ڏينهن اُتي پنهنجي دوست وٽ رهيو پيو هو، ۽ دوست به انهيءَ عرصي ۾ پنهنجي هوند آهر هن جي ڏاڍي خدمت ڪئي. آخر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ چوڪري خيال ڪيو ته هاڻي دوست کي وڌيڪ تڪليف ڏيڻ مناسب نه آهي، تنهنڪري دوست کان موڪلائي، ڪنهن ٻيءَ ولايت وڃڻ جو ارادو ڪيائين. وڃڻ وقت سندس دوست کيس ڪيترائي پئسا ۽ ٻيون ضروري شيون ڏنيون، پر هن انهن کي هٿ به نه لاتو، ۽ دوست جي مهربانين جا شڪرانا مڃيندو روانو ٿي ويو.

هلندي هلندي هو ڪنهن ٻيءَ ولايت ۾ وڃي نڪتو. شهر ۾ گهڙيو ته کوبه ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه آيس، آخر هڪڙي ڪچي گهر وٽ اچي بيٺو. اتي رات به ٿي ويئي هئي، سو اُن گهر جو دروازو کڙڪائڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو پير مرد اُن جڳهه مان نڪري آيو، جنهن کي چيائين ته: اي بزرگ! آءٌ پرديسي آهيان، مونکي مهرباني ڪري رات جا چار پهر پنهنجي آجهي ۾ پناهه ڏي! پوڙهي کي هن چوڪري تي قياس اچي ويو، سو هن کي گهر ۾ وٺي آيو. چوڪرو اندر اچي ڏسي ته هڪڙو نوجوان ڪنهن ڏاڪ سببان ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي، ۽ اُن جي پرسان سندس پوڙهي ماءُ ويني روئي. چوڪري اهو حال ڏسي، هنن کان اُن جو سبب پڇيو. تڏهن پوڙهي ٻڌايس ته: ابا! هن شهر ۾ هر مهيني هڪڙو راکاس ايندو آهي. جنهن کي هڪڙي گاڏي اَنّ جي ۽ هڪڙو ماڻهو بَکُ طور ڏيندا آهن. اڄ اهو راکاس اچڻو آهي. بدقسمتيءَ سان هن پيري منهنجي پٽ جو وارو آهي. اها ڳالهه ٻڌي چوڪري پوڙهي کي ڪجهه دلداري ڏني ۽ چيائينس ته: بابا! تون ڳڻتي نه ڪر، اڄ تنهنجي پٽ جي پاران آءٌ ويندس. پوڙهي گهٽوئي جهليس ٿه: تون پرديسي آهين، منهنجو فرض آهي ته آءٌ تنهنجي حفاظت ڪريان. پر چوڪري هن جي

هڪ ٻه نه ٻڌي، ۽ ڏس پٽو وٽي، تلوار ڪٽي آتي آيو، جتي اڻ جي گاڏي اڳ ۾ئي بيٺي هئي. اُتي دستور اهو هوندو هو ته اڻ جي گاڏيءَ مٿان ماڻهوءَ کي ويهاري، ان تي پوتي وجهي ڇڏيندا هئا. اڌ رات جو راکاس اچي انهيءَ ماڻهوءَ سوڌو اڻ کائي ويندو هو. چوڪري چا ڪيو جو هڪڙو وڏو بُنڊ هٿ ڪري، اهو اڻ جي مٿان رکي ڇڏيائين، ۽ پاڻ گاڏيءَ جي اوٽ ۾ اڳهاڙي تلوار هٿ ۾ جهلي، لڪي ويهي رهيو.

چوڪري ويچاري سڄو ڏينهن مسافري ڪئي هئي، ۽ هن وقت تائين اڪ پوٽڻ جو ئي موقعو نه مليو هئس... ٻيو وري ان وقت ڏاڍي ٿڌڙي هوا پئي لڳي، سو هن کي جهوٽو اچي ويو، ۽ جهُوٽي ۾ مٿو وڃي گاڏيءَ سان لڳس. اتي وري هوشيار ٿيو، ۽ خيال ڪيائين ته اهڙي ڪا ٿَل ڪجي جو نند نه اچي. ٻيٽ خيال آيس ته، چونه اها تختي ڪيڏي ويهي پڙهان؟ ڏسان ته سهي ته اُن تي چا لکيل آهي! خير، تختي ڪيڏي پڙهيائين ته ان تي لکيل هو: 'پيءُ لَبِي جو، ماءُ بي لَبِي، ياءِ لبي جو، ٻيٽ لَبِي جي، يار مهل جو، جاڳڻ ڪم جوان جو.' اهو پڙهي، چوڪري دل ۾ چيو ته ٻيلي، ڳالهه واقعي سچ ٿي ڏسجي... بابو برابر لَبِي جو هو، جو بنا لَبِي جي گهر مان ئي ڪيڏي ڇڏيائين، ماءُ بيشڪ بي لَبي هئي، جا مون تان ساهه صدقو ڪندي هئي. پائر ۽ ٻيٽ به لَبي جا ثابت ٿيا ۽ دوست به واقعي وقت تي ڪم آيو. پرهاڻي ڏسجي ته جاڳڻ ڪم جوان جو ڪيئن آهي! اهي ئي ڳالهيون سوچيندو خبرداريءَ سان سجاڳ ٿيو وينو رهيو. اوچتو پريان گجگوڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس، ڏسندي ئي ڏسندي، راکاس واڇوڙي وانگر اچي اڻ جي گاڏيءَ مٿان ڪريو. چوڪري چا ڪيو، جو هڪدم پاڻ سنياڻي، ڇڙتيءَ سان راکاس جي ڪنڌ تي زور سان ترار وهائي ڪيڏيائين. ڏڪ لڳڻ سان راکاس جي سسي بُل ڏيئي وڃي پري ڪِري. اهو ڏسي چوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ ته راکاس جي سِسي ۽ پڇ وڍي، پاڻ سان ڪٽي سڏو پوڙهي جي گهر آيو. ۽ لت کوڙي سمهي پيو.

صبح جو پوڙهو اُٿي ڏسي ته چوکرو ته مزي سان اگهور نند ۾ سُتو پيو آهي. هن کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ ساڳئي وقت خوشي به ٿيس، سو چوکري کي نند مان جاڳائي خبرچار ونڻ لڳو. چوکري کيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ راکاس جي سسي ۽ پنهنجي ڏيکاريائينس. صبح سان اها ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي. تان جو وڃي بادشاهه جي ڪن تائين پهتي. ان ڳالهه تي بادشاهه به ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ماڻهو موڪلي چوکري کي پاڻ وٽ گهرايائين، ۽ چيائينس ته: اي چوکرا! مون اهو قول ڪيو هو ته جيڪو ماڻهو ان راکاس کي ماريندو، اُن کي پنهنجي ڏيءَ جو سگ ڏيندس. ان کان پوءِ بادشاهه ڏاڍي ڌام ڌوم سان پنهنجي ڏيءَ جي شادي اُن چوکري سان ڪرائي.

ڪجهه ڏينهن اُتي آرام ڪرڻ کان پوءِ، چوکري بادشاهه کان وطن ورڻ جي موڪل ورتي. هن کين خوشيءَ سان اجازت ڏني. ۽ وڃڻ وقت کين پنهنجي اڌ ملڪيت به ڏنائين. پوءِ ڪيترا نوڪر چاڪر ساڻ گڏي، هٿن کي وطن روانو ڪيائين. چوکرو ڏاڍي شان مان سان منزلون ڪندو، پنهنجي دوست سان ملندو، جڏهن پنهنجي شهر کي ويجهو پهتو، تڏهن شهر جي ٻاهران ئي منزل ڪيائين، ۽ پنهنجي پيءُ ڏانهن نياپو ڏياري موڪليائين. پٽس، جو منزل جي اهڙي ناهه نوهه ڏئي ۽ ايترا نوڪر چاڪر ڏنا، سو پهرين ته اعتبارئي نه پيو اچيس ته ڪو واقعي اهو قافلو سندس پٽ جو ٿي سگهي ٿو، پر پوءِ جڏهن پٽ کي اکين سان ڏٺائين، تڏهن خوشيءَ ۾ وڏي اچي پاکر پاتائين ۽ ڏاڍيون دعائون ڪيائينس. پائرن جو هن جو هيڏو بخت ڏٺو، سي، به مزي اچي پرسان ٻينس. اهڙيءَ طرح چوکري تي پيءُ به راضي ٿيو ۽ پائر به وري هن جا ٿي پيا... پوءِ هو وري سپئي گڏجي گذارن لڳا ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍا سکيا آسودا گذاريائون.

●●●

۲۷ـ املهه ماڻڪ سوداگر*

هڪڙو هو سوداگر، جنهن کي ڏن دولت جي ته ڪمي ڪانه هئي، پر اولاد جي نعمت کان محروم هو. ان ڪري ڏٽيءَ جي درگاهه ۾ ٻاڏائيندو رهندو هو. نيٺ هن کي هڪڙو پٽ ڄائو، جنهن جو نالو رکيائين "املهه ماڻڪ" ۽ کيس ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پالڻ لڳو. هڪڙي پيري سوداگر دستور موجب مال متاع جا ٻيڙا پرائي ڏيسار روانو ٿي ويو ته وات تي غوراب ۽ ٻيڙن کي اچي طوفان وکوڙيو. هنن گهٽئي حيلا هلايا، پر ڪجهه به نه وريو، ۽ سوداگر پنهنجي سموري مال اسباب سميت ٻڏي ويو.

هن واقعي جي خبر جڏهن سندس زال کي پهتي، تڏهن هوءَ ويچاري هيڪر ته بيحال ٿي پيئي؛ پر ڪير ٿو قدرت جي آڏو اچي! نيٺ خدا جي رضا تي راضي رهي، هوءَ پنهنجي پٽ جي پرورش کي لڳي رهي، چوڪري کي علم سان گڏ واپار جو فن به سيکاري پَڌ ڪيائين. ۽ جڏهن هو جوان ٿيو، تڏهن سندس شادي ڏام ڏوم سان ڪرائي، اها آس به پوري ڪيائين. جيتوڻيڪ سوداگر به گهٽوئي مال دولت ڇڏي ويو هو، ته به ڪاڏي کوهه کٽيو وڃن. املهه ماڻڪ سوچيو ته پنهنجي پيءُ جي پونجي به باقي اچي بچي آهي، ويهي کيترو کائبو! ڪجهه لوڇڻ گهرجي ۽ پنهنجي اباڻي ڏنڊي کي شروع ڪرڻ گهرجي.

آخر ماڻُ کان موڪلائي، پنج سئو مهرون ساڻ ڪٽي اتي ڏيسار تي هليو. هلندي هلندي هن کي اهڙيءَ جڳهه تي اچي آڏي رات پيئي، جتي کابو وسنئن ڪانه هئي. ويچارو حيران ۽ پريشان، وڃي سو وڃي

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان الله بچايي جروار کان ملي.

کیڏانھن! نیٹ ہي کا واھ نہ ڏسي منھن سامھون وري اٿي پنڌ پيو. ٽورو گھٽو پنڌ کيائين ته چا ڏسي ته سامھون ھڪڙي سائي وڻ جي ھيٺان ڪو درويش پلٿي ماريو مراقبي ۾ ويٺو آھي. اھو ڏسندي ئي ھن ڪي ٽورو گھٽو ڏڍ ٿيو، ۽ درويش جي ويجھو وڃي ڪجھ پڇڻ گھريائين. ڏاڍا حيلا ھلايائين پر درويش ڪڇي ئي نہ! آخر گھٽين منٿن کان پوءِ، درويش چيو ته: بابا! مھنجي ھر گفتي جي قيمت سئو مھرون آھي، جي ڏين ته توکي ھڪ گفتو ٻڌايان. املھ ماٹک خيال ڪيو ته، سياڻي جي صلاح سئو مھرن ۾ ٻہ سستي، سو ھڪدم سئو مھرون ھمياڻيءَ مان ڪڍي ڪٽي درويش جي آڏو رکيائين. درويش چيس ته: ساڻي جوئي ھجي، سو ٻلو! املھ ماٹک دل ۾ چيو ته، ٻيلي! درويش ته واھ جو گفتو ٻڌايو آھي... چونہ اھڙي الله لوڪ کان ٻيا ٻہ ٻٽي گفتا ٻڌجن! سو باقي رھيل چارئي سئو مھرون ٻہ ڪٽي اڳيان رکيائينس. جنھن تي درويش چيو ته: پرائي گھر وڃڻ، ته چگو آھي جاڳڻ، پرائي پلنگ تي ويھڻ کان اڳ ٻلو آھي پڳھ سنياليٹ، ٻيو ٻلو آھي ته پرائي چوٹ ۽ حرصائڻ تي نہ لڳڻ، سيڀ کان ٻلو آھي پنھنجي ڪاوڙ کائڻ.

املھ ماٹک اھي گفتا ٻڌي، پلاند چنڊي درويش کان موڪلائي اٿي ھليو. درويش جا گفتا دل ۾ ياد ڪندو، جيئن جيئن ھلندو ٻئي ويو، تيئن ھن جو پھريون گفتو اچي دل ۾ وينس ته 'ساڻي جوئي ھجي، سو ٻلو'. خيال کيائين ته ھن بيابان ۽ اونداھيءَ رات ۾ ڪنھن طرح پنھنجو ساڻي ڳولي ھٹ ڪريان. تان جو سندس نظر اوچتو وڃي ھڪ ڇاھي تي پيئي. دل ۾ چيائين ته، بس اڄ منھنجو اھوئي ساڻي آھي. سو چا کيائين جو پٽڪي ڇو پلاند ڦاڑي، ڇاھي جي ڇنگھ ۾ ٻڌي، ھڪ وڻ جي ٽڙ سان اٽڪائي، پاڻ وڃي ان وڻ تي چڑھي ويٺو. ھڪ رات اونداھي، ٻيو رڳو جھنگ، سو جھنگلي جانورن جي رڙين سندس ساھ ئي سڪائي ڇڏيو. ساري رات جاڳندي ۽ ڏکندي گذاريائين. ڇڏھن

ڏينهن ٿيو، تڏهن مس مس وڃي ساهه پيٽ ۾ پيس. لهي جو ڏسي ته ڪيترا نانگ وڻ جي پاڙ وٽ مٿا پيا آهن، جي سڀ انهيءَ جاهي ماريا هئا. پوءِ ته درويش جي سيني گفتن لاءِ هن کي هيڪاري قدر ٿيو، ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، جاهي کي وڻ مان ڇوڙي اڳتي راهي ٿيو.

هلندي هلندي جڏهن منجهند ٿي، تڏهن هڪڙو ته گرميءَ هلاڪ ڪيس، ٻيو اُڃ ۽ بک بيزار ڪيس، سو ساٽو ٿي هڪڙي هنڌ ويهي رهيو. اتي جان ڪٽي ڏسي ته واهواهه! سامهون هڪ عاليشان بادشاهي شهر ٻيٺو آهي؛ سو هو لنگهي ويو ان شهر ۾. ڇا ڏسي ته ماڻهو تمام آسودا، شهر نهايت سهڻو، رستا ۽ بازاريون عاليشان، جتي هر قسم جو واپار عام جام پيو هلي. پر هي ويچارو اهوئي هٿين خالي، ويڳاڻن جيان اتي گهمندو رهيو، ڏانهس ڪنهن نهاريو نه ڪونه. سڄي شهر جون بازاريون ۽ گهٽيون گهمڻ، پر ڪيس ڪنهن ٽُڪر جي به صلاح ڪانه ڪئي. آخر هڪ اهڙيءَ گهٽيءَ ۾ پهتو، جتي دهلن دمامن جو ڏمڙ متو پيو هو، هر قسم جا طعام پئي تيار ٿيا، ۽ ورهايا. ڪيئي دعوتي ڪاڄ ڪايو، خوشيون ڪندا پئي ويا، ۽ ڪيئي پئي آيا. پر هن ڪنهن جي اڳيان ڪڏهن هٿ ڪونه تنگيو هو، سو 'پَلِي بُک پَرم جي، شَل نه وڃي شان' چئي، ڪٽي چُپ ڪيائين. هلندي هلندي جڏهن گهوٽ جي گهر جي دروازي تي پهتو، تڏهن سامهون گهر جي مالڪياڻي ڏٺائين، جا ستر سالن جي پوڙهي هئي. هوءَ ساڳئي وقت ڪِلي به پئي ۽ رُني به پئي. اهو نظارو ڏسي هن کان رهيو نه ٿيو، ۽ ويجهو وڃي مائيءَ کان انهيءَ جو سبب پڇيائين. مائيءَ گهٽوئي نٽايو، پر هن جي ايلازن منٽن تي چيائين ته: ابا! تون ڪو ٻاهر جو پرديسي ٿو ڏسجين. املهه ماڻڪ چيس ته: امڙ! برابر ائين آهي. هاڻي مهرباني ڪري مونکي سڄي ماجرا ٻڌاءِ. مائيءَ چيس ته: ابا! اسين طبيب آهيون... هن شهر ۾ اسان جا ستر

گھر آھن. ھتي جي بادشاھ جي ھڪ سکيلڊي ڏيءَ آھي، جا ڪيترن ڏينھن کان بيمار آھي، ۽ ان جو واري تي اسان جا مڙس ماڻھو علاج ڪندا آھن. پر جيڪو بہ ھن جي مرض جي سجاڻپ نہ ڪري سگھندو آھي، تنھن کي بادشاھ ھڪ گھڙي بہ موت کان مھلت نہ ڏيندو آھي. تان جو اسان جا ڪيترائي وارث قاسيءَ تي چڙھي چُڪا آھن، ۽ اڄ ڏينھن تائين شھزاديءَ جو ڪوبہ ماڻھو مرض سُجاڻي نہ سگھيو آھي. سياڻي منھنجي پوٽي جي علاج ڪرڻ جو وارو آھي، سو متان علاج ڪري نہ سگھي ۽ بادشاھ ڪيس قاسيءَ چاڙھائي چڏي، تنھنڪري اڄ ھن جي شادي ڪرايان ٿي، جيئن اڳوپوءِ سندس مراد اکين سان ڏسي چڏيان! ھاڻي جڏھن ھي شادماڻو ڏسان ٿي تہ ڪلان ٿي، پر جڏھن سندس قاسيءَ وارو موت اکين آڏو ٿو اچيم، تہ اکين مان لڙڪ وھيو ٿا اچن! ائين چئي مائي اچي اوچنگارن ۾ پيئي، ۽ روئڻ کان بس ئي نہ ڪري؛ تڏھن املھ ماڻڪ کي ڪھل اچي ويئي، ۽ مائيءَ کي چيائين تہ: امان! تون ڪو اونو نہ ڪر، تنھنجي پوٽي جي بدلي آءٌ انھيءَ قاسي تي چڙھندس! مائي اھو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ۽ ڪيس وڻي وڃي اندر گھر ۾ ويھاريائين، ۽ ھن جي ھر طرح سان خاطري ڪرڻ لڳي. سڀ ماڻھو سندس احسان ۽ ٿورو مڃڻ، ۽ ھن کي اکين ۾ جاءِ ڏيڻ لڳا. تان جو اھو ڏينھن آيو، جنھن ڏينھن پوڙھيءَ جي پوٽي کي شھزاديءَ جي علاج لاءِ وڃڻو ھو.

صبح جو سوير بادشاھي فرمان جاري ٿيو تہ، حڪيم اچي دربار ۾ حاضر ٿئي! تڏھن املھ ماڻڪ ۽ پوڙھيءَ جي پوٽي بدران وڃي دربار ۾ حاضر ٿيو. بادشاھ جو اھو بہ عھد ھو تہ جيڪو حڪيم شھزاديءَ کي ھن مرض مان چڏائيندو، تنھن کي شھزاديءَ جي ٻانھن ۽ اڌ راج اڌ پاڻ عنايت ڪندس. املھ ماڻڪ دربار ۾ پھتو، تہ بادشاھ ھن کي ساڻ ڪري محلات ۾ وڃي ويو. شھزاديءَ کي ڏسڻ سان املھ

ماڻڪ جا ته حوصلا ئي خطا ٿي ويا.... سندس وار وار ڪنبڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته شهزاديءَ کي بيماريءَ جي شدت سبب ڪابه سرت ڪانه هئي، ۽ هوءَ سُڄي سُڄي ڏُهل ٿي پيئي هئي. هن ويچاري مسافر کي ڪهڙي خبر ته حڪمت ڪهڙي بلا جو نالو آهي. ڪيس فقط هڪ رات جي مهلت ڏني ويئي، ته جيئن هو مرض کي چگيءَ طرح سڃاڻي سگهي ۽ پوءِ سوچي سمجهي ان جو علاج ڪري، پيءُ صورت ۾ هن لاءِ ڦاسي ته اڳي ئي تيار هئي. ڪيس انهيءَ ساڳئي ڪمري ۾ رهايو ويو، جنهن ۾ شهزادي هئي. هن جي اڳي ئي ننڊ ڦٽي ويئي هئي، هيڪاري جو درويش جو گفتو ياد آيس ته 'پرائي گهر وڃڻ، ته چڱو آهي جاڳڻ' - سو هوشيار ٿي ويهي رهيو. جڏهن آڌي رات گذري، تڏهن چا ٿو ڏسي ته هڪ ڪُئو برُ مان نڪري، تاڙي وڄائي چوڻ لڳو ته: ٻيلي! اهڙو ڪو آهي ئي ڪونه، جو پيٽ جي بلائن کي ماري! ائين چئي ڪئو پنهنجي ۾ هليو ويو؛ اتي وري شهزاديءَ جي وات مان هڪ بلا نڪري چوڻ لڳي ته: هي مُئو ڪُئو اسان کي مارڻ جون پيو صلاحون ڏئي، ۽ پاڻ جو هير جواهرن جي ڏيرن تي قبضو ڪيو ويٺو آهي؛ ڪو اهڙو ماڻهو ڪوٺهي جو گرم تيل ڪٽي اُن جي ۾ وجهي ته ماريو مري ڪپي وڃي! بلا ايترو چئي گم ٿي ويئي. املهه ماڻڪ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته: ٻيلي واهه! منهنجو جاڳڻ ته صاب پيو، پر هاڻي پيٽ جي بلائن مارڻ جو نسخو ڪٿان اڇي! ٻئي ڏينهن بادشاهه کي هُن مرض جي سڃاڻپ ٻُڌائي، ۽ چيائين ته: رکو الله تي، شام تائين اهڙو ٿو نسخو تيار ڪري وٺان، جو صبح ٿيندي ئي شهزادي چگي ٻلي ... پر مونکي رڳو گهر تائين وڃڻ ڏيو! بادشاهه کان موڪلائي، پوءِ هو سڌو ان پوڙهيءَ وٽ آيو، ۽ چيائينس ته: امڙ! ڪو پيٽ جي بلائن مارڻ جو نسخو وڌن کان ٻڌل سُئل اٿئي؟ پوڙهيءَ چيو ته: ابا پيٽ جي بلائن مارڻ جا نسخا هونئن ته گهڻا، پر هيءُ هڪڙو سيني ۾ يڪ ٽِڪ نسخو آهي. رَسوَل چَوَڙ، ڪارا مرچ،

نم جا پن ۽ هگ گھوٹي کٹي کارائجن، ته بلا بلا جي ذات ٹکرا ٹکرا ٹي اچي باهر سٹبي. املھ ماٹک اها دوا تيار ڪرائي سڏو اچي بادشاهه وٽ حاضر ٹيو ۽ وڃي شهزادي ۽ کي کارائڻ شروع ڪيائين. قدرت خدا جي، جو پهرئين ئي وزن سان شهزادي ۽ جي پيٽ مان بلائون ٹڪر ٹڪر ٹي نڪرڻ شروع ٹيون، ۽ ٹيندي ٹيندي شام تائين هوءَ چگي پلي ٹي پيئي. بادشاهه ڏانهن هڪدم ماٹهو ويو. جو ڏيءَ کي ڏسڻ لاءِ دوڙندو آيو، ۽ شهزادي ۽ کي چاق چگو پلو ڏسي ڏاڍو خوش ٹيو. پوءِ املھ ماٹک کي ساڻ ڪري، دربار ۾ آيو، جتي ڪيس انعام اڪرام ڏيئي، خلعتون پهرائي انجام موجب هن سان شهزادي ۽ جي شادي جو اعلان ڪيائين. کن ڏينهن پڇاٹان، ڏاڍي ڏام ڏوم سان بادشاهه هن جي شادي ڪرائي، هن کي پاڻ سان گڏ تخت تي کٹي ويهاريو. پوءِ شهزادي ۽ املھ ماٹک پاڻ ۾ خوش گذارڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن ڪئي وارو خزانو به ڪڍي پنهنجي هٹ ڪيائون.

املھ ماٹک جو ايڏو شانُ ڏسي، اڳين وزيرن ۽ امير جي دل ۾ اچي حسد جاڳيو، سي ڳجهه ڳوهه ۾ ڪيس ختم ڪرڻ جون سٹون سٹڻ لڳا. نيٹ هنن چا ڪيو، جو شهر کان پري هڪڙو عاليشان محلات تيار ڪرايائون، جنهن ۾ هڪڙي هنڌ اونهون کوهه کٹائي، ان جي تري ۾ پالا کوڙي، کوهه جي منُهن ٹي اهڙو پلنگ رکائي چڏيائون، جيئن ويهڻ سان ماٹهو وڃي کوهه ۾ ڪري ۽ مري وڃي. اهو بندوبست ڪري هڪڙي ڏينهن املھ ماٹک کي انهيءَ محلات ۾ دعوت ڏنائون. سندس پلنگ انهيءَ کوهه تي کٹي رکيائون. هو اُن ڏينهن تي انهيءَ محلات ۾ آيو ۽ امير وزيرن طرفان بندوبست ڏسي ڏاڍو خوش ٹيو. هن کيس گهمائي ڦيرائي آٹي کوهه واري پلنگ تي ويهاريو ٹي ته کيس درويش جو ٻڌايل گفتو ياد آيو ته 'پرائي پلنگ تي ويهڻ کان پلو آهي پگهه سٹيالڻ' پوءِ پنهنجي پير سان پلنگ کي اجان ٹورو زور ڏنائين ته پلنگ وڃي کوهه ۾

ڪڙڪو ڪيو! اهو حال ڏسي هڪدم واپس اچي بادشاهه سان سربستو احوال ڪيائين. بادشاهه اهو ٻڌي سخت ناراض ٿيو ۽ جيڪي به امير وزير انهيءَ سازش ۾ شريڪ هئا، تن کي شهر نيڪالي ڏيئي ڪڍي ڇڏيائين. املهه ماڻڪ پوءِ اتي سڪ سلامتيءَ ۽ خير خوبيءَ سان گذارينڊو رهيو.

هڪڙي ڏينهن هن بادشاهه ڪي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! مونکي اجازت ڏيو ته آءٌ پنهنجي ملڪ وڃي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اچان. بادشاهه ڪيس خوشيءَ سان موڪل ڏيئي، هن جي سفر جي بندوبست ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. املهه ماڻڪ عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! آءٌ اڪيلو ئي ويندس مونکي فقط هڪڙو گهوڙو ملي. الله ۾ اميد آهي ته جلدي اچي حاضر ٿيندس. ائين چئي موڪلائي توڪلائي، گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي ملڪ روانو ٿيو.

هلندي هلندي هڪڙي ڏينهن، رستي ۾ هڪڙي نوجوان ۽ تمام سهڻي عورت اچي سندس اڳ جهليو، ۽ چيائينس ته: آءٌ تنهنجي زال، تون منهنجو مڙس، پلائي ڪري مونکي پاڻ سان وٺيو هل! هيءُ هَڪو بَڪو ٿي ڪجهه سوچڻ لڳو ته ايتري ۾ درويش جو گفتو ياد آيس 'ته پلو آهي ڏاريئين جي چئي تي نه لڳڻ'. سو جيئن تيئن ڪي هن کان کسڪي روانو ٿيو. ٿورو اڳتي هلي، پٺتي جو نظر ڪري ته اها عورت هڪ ٻئي مسافر کي ورايو بيٺي آهي، ۽ هن به اڳ پوءِ جاچڻ کان سواءِ وٺي ڪٽي پاڻ سان ٻيلهه چاڙهيس. ايتري ۾ پٺيان ڊنبلو گهوڙي سوارن جو اچي مٿن ڪڙڪيو، جن نه ڪئي هم نه تم، تلوار سان مسافر کي تنبي ڇڏيئون، ۽ ان عورت کي گرفتار ڪري، جتان آيا هئا، اوڏانهن ويندا رهيا. پچا ڳاڇا ٿي معلوم ٿيس ته: اها عورت هڪ اميرزادي هئي، جنهن جي زوريءَ ٻئي شادي ڪرايائون، سو بچڻ لاءِ حويليءَ مان ٻچي نڪتي هئي، اهو حال ڏسي هن ڏٺيءَ جا شڪرانا ڪيا ته چگو جو

وات ويندي، اٹواقف ۽ ڏارئين جي چئي تي نہ لڳس، نہ تہ منھنجو حال بہ ھن مسافر جھڙو ٿئي ھا!

اھڙيءَ طرح ھلندي ھلندي جڏھن ڳوٺ پھتو، تڏھن آڏي رات ٿي ويئي ھئي، ۽ پنھنجي دروازي ٿي گھوڙو ٻڌي، اچان اندر گھڙيو تہ گھر جي اگڻ ۾ ڏٺائين تہ سندس ماءُ ھڪڙي ڪٺ تي ڏار سُتي پيئي آھي، پر زال ھڪڙي ڳيرو جوان سان گڏ ستي پيئي آھي . اھو حال ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ دل ۾ چيائين تہ، ھي ڪمينو ڪير، جو ايتري جرئت ڪري منھنجي گھر ۾ اچي ستو آھي؟ ڪيس پنھنجيءَ زال جي چال تي شڪ جاڳيو، ۽ ترار ڪڍي ارادو ڪيائين تہ: ڈڪ ھٽي ٻنھي کي پورو ڪريان، پر پوءِ درويش جو پنجون گفتو ياد پيس تہ: 'پلو آھي پنھنجي ڪاوڙ کائڻ' . يڪدم ترار مياڻ ۾ وجھي، ماءُ کي اُٿاريائين، ۽ ڪانئس پڇيائين تہ: ھيءَ ڪير آھي؟ ماٽس چيس تہ: ابا! ھيءُ ٿنھنجو پٽ آھي، جو تنھنجي وڃڻ کان پوءِ ڄائو - ماءُ پٽ ٻئي گڏ ستا پيا آھن. اھو ٻڌي املھ ماٽڪ ڏاڍو خوش ٿيو. ايتري ۾ سمورا ياتي سجاڳ ٿي، ۽ ھڪٻئي سان ملي ڏاڍي خوشي ڪيائيون.

ٿوري گھڻي ڏينھن، ھو سڀني ياتين کي وٺي، وري وڃي بادشاھيءَ ڀيڙو ٿيو، ۽ سھري جي گذاري وڃڻ تي، سڄي تخت بخت جو مالڪ ٿي، ڏاڍي انصاف سان حڪومت ھلائڻ لڳو.

•••

۲۸ـ پگ ڪنهن جي؟ *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي اولاد ٿيندو ئي ڪونه هو. اولاد جي ڪري، هن هڪ ٻئي پٺيان چار شاديون ڪيون، پر ڪنهن مان به اولاد ڪونه ٿيس. هڪڙي ڏينهن بادشاهه کي خبر پئي ته ڪو ڪامل درويش آيو آهي، جو خدا کان گهري، هر ڪنهن جي دل جون مرادون پيو پوريون ڪري. سو ٻئي ڏينهن هيءُ به اڪيلو ئي اڪيلو، پيرين اگهاڙو اچي اُن درويش وٽ حاضر ٿيو. درويش هن جو ايٿرو عقيدو ڏسي دعا ڪيس. اتي بادشاهه جي دل کي ڪجهه ڏيُ آيو، هو فقير کان موڪلائي، واپس پنهنجي محلات ڏي روانو ٿيو.

قدرت خدا جي، جو سال کن کان پوءِ بادشاهه کي چئني راڻين مان، ساڳئي وقت چار سهٽا شهزادا ڄاوا. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سڄي ملڪ ۾ ڏاڍيون خير خيراتون ڪيائين ۽ خوب جشن ملهايائين. خير خيراتون ۽ خوشيون پورا ڇاليهه ڏينهن پئي هليون. خير، شهزادا به اڃ ننڍا سياڻ وڏا، نيٺ اچي جوان ٿيا. چارئي شهزادا پنهنجيءَ پَر ۾ پڙهي لائق ۽ قابل ٿيا، ۽ هر فن ۾ ڪامل ٿيا. آخر هڪڙي ڏينهن بادشاهه جي عمر جا ڏينهن به اچي پورا ٿيا ۽ هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيائين. جڏهن بادشاهه کي دفن ڪري واپس آيا، تڏهن چئني شهزادن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪئي ته: هاڻي پاڻ مان تخت تي ڪنهن کي ويهارجي چو ته پاڻ چارئي پائر هڪجيڏا آهيون ۽ ڪنهن کي به اها خبر ڪانهي ته پاڻ مان ڪير وڏو آهي! آخرڪار صلاح بيهاريائون ته فلاڻي ملڪ ۾ بابي جو هڪڙو ڳهاڻو دوست قاضي آهي، چو نه هلي ان

* هي ڳالهه وچولي (تعلقي شهداد پور) مان مير حسن "سڪايل" کان ملي.

ڪان صلاح ونجي! اهو ارادو ڪري، هي چار ئي شهزادا سهي سنپري اُٿي اُن ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. منزلون ڪندا، پڇائيندا، اچي قاضيءَ جي گهر پهتا. هو ڪين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڪائنس حال احوال ورتائين. جڏهن شهزادن ڪيس سربستو احوال ٻڌايو، تڏهن هنن کي چيائين تہ: پٽ! اوهين دلجاءِ ڪريو - آءٌ سپاٽي اوهان کي فيصلو ٻڌائيندس، پلي، اڄ آرام ڪريو ۽ مسافريءَ جو ٽڪ ٻجو.

قاضي، شهزادن کي اوطاق تي ونڻي ويو؛ پٺهنجن نوڪرن چاڪرن کي هنن جي خدمت چاڪريءَ جون هدايتون ڪري، پنهنجي گهر موٽي ويو. جڏهن سانجهيءَ جي مهل ٿي، تڏهن وري شهزادن وٽ آيو، ۽ هر هڪ شهزادي کان پڇڻ لڳو تہ: ڪاڏي پيتي يا ڪنهن بيءَ شيءِ جي ڪا خاص ضرورت هجي تہ بي حجاب ٻڌايو تہ اها پوري ڪئي وڃي؟ تڏهن هڪڙي شهزادي چيو تہ: منهنجي رات جي ڪاڏي لاءِ جـ ڪڏهن سڳداسي چانور هجن تہ بهتر. ٻئي شهزادي چيو تہ: منهنجي لاءِ مينهن جو نج ڪير جو جيڪڏهن بندوبست ٿي سگهي، تہ ڏاڍو سُٺو. وري ٽئين شهزادي ڪان پڇيائين، جنهن چيو تہ: مونکي رات جو شراب جو ڏُڪ ملي وڃي تہ چڱو. چوٿين شهزادي چيو تہ: رات جو منهنجي اڳيان ڪا خوبصورت عورت صرف ويندل هجي، ۽ آءٌ رڳو پري کان وينو ان جو ديدار ڪريان!

رات جو قاضي صاحب هر هڪ جي پسند موافق سڳداسي چانور، مينهن جو نج ڪبر ۽ شراب حاضر ڪري ڏنو، پر چوٿين شهزادي جي خواهش تي منجهي پيو تہ اهڙي حسين عورت ڪٿان اچي! نيٺ خيال ڪيائين تہ منهنجي ڏيءَ ويندل آهي، جو نہ اها ونڻي وڃي وٽس ويهاريان... نياٽيءَ جي لج پَت الله رکندو، ۽ هو بہ تہ اشراف شهزادا آهن- تنهن کان سواءِ هن جي رڳو سامهون ويهڻو آهي. پوءِ رات جو پنهنجي ڏيءَ کي ونڻي اچي شهزادي جي سامهون ويهاري ويو. اهڙيءَ طرح هر ڪنهن شهزادي کي پنهنجيءَ پسند جي چيز ملي ويئي، ۽ هو

وڃي آرامي ٿيا.

جڏهن خير سان صبح ٿيو، تڏهن قاضي، شهزادن کان حال احوال ونڊ آيو. پهريائين، پهرين شهزادي کان حال احوال پڇيائين، جنهن چيو ته: سائين منهنجا! منهنجي رات ڏاڍي تڪليف سان گذري - ڇو جو سڱداسي چانور ته ڪونه هئا، رڳو بصرن جي ڪڙهي هئي! اهو ٻڌي قاضيءَ کي ڏاڍو عجب لڳو. خيال ڪيائين ته مون سڱداسي چانور تيار ڪرايا هئا، سا وري بصرن جي ڪڙهي ڪيئن ٿي پئي! خير، هي اهو سوچيندو وري ٻئي شهزادي وٽ آيو. ٻئي شهزادي چيس ته: سائين، حال وري ڪهڙو تا پڇو! مينهن جو ڪير مليو ئي ڪونه، باقي گڏهه جي ڪير جي ڏپ سا گهٽئي هيس! اها ڳالهه ٻڌي، قاضي هيڪاري حيرت ۾ پئجي ويو. وري جو ٽئين شهزادي وٽ آيو ۽ حال احوال پڇيائين ته اُن وري ڳالهه ئي نئين ٻڌايس - چي: شراب ته ڪونه مليو، باقي مساٽن جي مٽيءَ ۾ ملهيل شراب برابر هو! قاضيءَ ڇو اهو ٻڌو، سو مان ميٺ ۾ وري چوٽين شهزادي وٽ آيو، ۽ اڇي پڇيائينس ته: ابا! ڏي خبر - رات ته خير سان گذري يا نه؟ تڏهن اُن ته وري اهڙي ڳالهه ٻڌايس جو پيرن هيٺان زمين ئي نڪري ويس. هن چيس ته: سائين! رات ڪهڙي حبشڻ مون ڏي موڪلي هُيَوَ؟ ننڊ ته ننڊ جي ماڳ، مرڳو ئي سڄي رات طبيعت بيقرار رهي.

قاضي اهي ڳالهيون ٻڌي سڏو پنهنجي گهر آيو ۽ پهريائين چانورن واري مودیءَ کي گهرايائين ۽ اُن کي چانورن واري حقيقت ڪري ٻڌايائين. مودي وري جنهن زميندار کان چانور ورتا هئا، ان کي وڃي آيو. جڏهن قاضيءَ ان زميندار کي اها چانورن واري حقيقت ٻڌائي، تڏهن هن چيو ته: سائين! چانورن ۾ ٻيو ته ڪوبه کوٽ ڪونه هو، باقي ائين سو آهي ته مون پنهنجي مُهڙ واري زمين ۾ - جيڪا اڏ جي منهن ۾ آهي - بصر پوکيو هو، ۽ اُن جي پاسي واري زمين ۾ چانور ... ٻاٽي جڏهن بنيءَ کي ايندو هو ته پهريائين بصر مان ٿي پوءِ سارين ۾ ايندو هو. بس،

حقيقت اها آڻو! قاضيءَ زميندار جي اها گالهه ٻڌي، هُن کي اجازت ڏني ۽ مودي کي به رخصت ڪيائين.

قاضيءَ پوءِ وري ميهار کي گهرايو ۽ چيائين ته: ميان! مون توکي مينهن جي نبار ڪيل لاءِ چيو هو، پر تو ته هٽي منهنجي پَت ڪئي ڏوئي ڇڏي! تڏهن ميهار عرض ڪيو ته: سائين! ڪير ته بلڪل نبار، ٽٽن - مان ڏُڏو هو. قاضيءَ چيس ته: مينهن جو ڪير جي نبار هو ته پوءِ منجهانئس گڏهه جي ڪير جي ڏپ وري ڪيئن ٿي آئي؟ تنهن تي ميهار ورندي ڏني ته: سائين! ٻيو ته گو سبب ڪونه ٿو سُجهيم، باقي ايترو سو ياد اٿم ته اها مينهن، جنهن جو ڪير رات مون اوهان کي ڏنو هو، سا جڏهن اجان وچ هئي، تڏهن جنهن وڻاڻ ۾ ٻڌل هوندي هئي، اُتي هڪڙي گڏهه به ٻڌل هوندي هئي - سا ڪنهن وقت ماٽس جي ٽٽن ۾، ته ڪنهن وقت وري گڏهه جي ٽٽن ۾ مُنهن وجهندي هئي! باقي توهين مون کان قسم ونو، جي ڪو ٻيو ڪوٽ ڪير ۾ هجي! پوءِ قاضيءَ، ميهار جي اها گالهه ٻڌي هن کي به اجازت ڏني.

قاضيءَ پوءِ وري شراب واري مودي کي گهرايو، ۽ چيائينس ته: آبدار! رات وري تو ڪهڙو شراب موڪليو هو، جو پيئڻ سان منجهانئس مساڻ جي متيءَ جي ڏپ پئي آئي؟ اول ته مودي اها گالهه ٻڌي هڪو ٻکو ٿي ويو، پر پوءِ دل جهلي چيائين: سائين! ٻيو ته ڪوبه دغا دولاب ڪونه هو، باقي سچي حقيقت ته هيءَ آهي ته جڏهن شراب جي بڻيءَ هيڻان ٻاهه پئي ٻري ۽ شراب پئي چڪيو، تڏهن اوچتو ڏٺم ته بڻيءَ جون ڪانيون ختم ٿي ويون هيون. اهو حال ڏسي آءٌ ڪانين لاءِ هيڏانهن هوڏانهن سَٽون ڏيڻ لڳس ته جيئن بڻي نري نه وڃي. اوچتو خيال آيم ته پر واري مساڻ ۾ ڪانيون پيل آهن، سو ڇونه في الحال اُتان مهل ڪري ونان! سَٽ ڏيئي مساڻ ما ڪانيون ڪٽي آيس، ۽ اڇي پنهنجو ڪم پورو ڪيم. حقيقت ته اها آڻو، وڌيڪ جيڪا اوهان جي مرضي! پوءِ قاضيءَ انهيءَ کي به واپس وڃڻ جي اجازت ڏني. هاڻي قاضيءَ کي باقي پنهنجي

ڏيءَ جي ڳالهه جي آڇائي ڪرڻي هئي، ڇو ته شهزادي هن لاءِ چيو هو ته 'ڪهڙي حبشڻ ونی آڻي ويهاري هُيو' سو سڏو آيو گهر ۾ زال کي چيائين ته: خبر پُڌ، اڄ مونکي هيءَ حقيقت ملي آهي، سو هاڻي تون سچي ڪر، نه ته پوءِ هيءَ ترار ڏني اٽئي، ڏڪ ئي هڪڙو هٽندوسانءِ. اهو ٻڌي زال يڪدم قاضيءَ جي پيرن تي ڪري پئي ۽ روئي چيائينس ته: سائين منهنجا! سڄي عمر گذري ويئي، پر توهان کجهه به نه ڏٺو... باقي اڄ ايتريءَ تي شڪ ڪيو اٿو- انهيءَ کان ته اڳوپوءِ ماري ڇڏيوم ها ته سنو هو! هاڻي ٻڌو، منهنجي پَڙ ناني، سا برابر نج حبشڻ هئي - سو اُن جي ڪا لڇ هن ندوريءَ ۾ اڇي ويئي هجي ته الله کي خبر! اُها ڳالهه ٻڌي قاضيءَ کي ڏندين آگريون اڇي ويون.

قاضيءَ دل ۾ خيال ڪيو ته شهزادا آهن برابر چارئي عقلمند، پر انهن مان جيڪو وڌيڪ عقل وارو هجي، تخت جو لائق اهو آهي - سو ويهي اِها ڳالهه سوچڻ لڳو. نيٺ اِها ڳالهه عقل ۾ آيس ته پهرين ٽن شهزادن مان هر هڪ، شيءِ جو ذائقو ونڻي، پوءِ اُن جي اوٽائي ظاهر ڪئي، پر سچ پچ ڪمائي، ته اُن چوٽين شهزادي جي آهي، جو رڳو پري کان ڏسڻ سان ايڏي حقيقت پروڙي ويو! سو واقعي هن ۾ ڪا وڏي مٽيا آهي، ۽ پڳ جو حقدار به اهو ئي آهي. دل ۾ اهو فيصلو ڪري، ٻئي ڏينهن چئني شهزادن کي اڇي ٻڌايائين. اها ڳالهه ٻين ٽن پائرن به قبول ڪئي.

پوءِ چارئي شهزادا، قاضيءَ کان موڪلائي پنهنجي ملڪ موٽي آيا، ۽ پڳ وارو شهزادو تخت تي ويٺو. باقي ٽن پائرن مان هڪڙو هن جو وڏو وزير، ٻيو خزاني جو ڪنجيدار، ۽ ٽيون لشڪر جو سپه سالار ٿي ويٺو - اهڙيءَ طرح چارئي پائر پنهنجو راڄ پاڳ سنپالي ويهي رهيا. ڪالهه ڏناسون ته چارئي پائر گڏيا، گهوڙن تي چڙهيو شڪار ڪرڻ پئي ويا.

●●●

۲۹ـ سؤ گھوڙن وارو سوداگر *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي اچي شوق ٿيو ته هڪ رنگا گھوڙا گڏ ڪجن. سو پنهنجي وزير کي حڪم ڪيائين ته: هڪ رنگ جا هڪ سؤ گھوڙا ونڻي اچ، ۽ جيڪو به خرچ ٿئي، تنهن جي توکي اجازت آهي. وزير، گھوڙن جي ڳولا ۾ گھمندي گھمندي اچي هڪڙي سوداگر سان ملاقاتي ٿيو، جنهن وٽ هڪ سؤ سرخا گھوڙا ٻيڙل هئا. وزير هن کي ٻڌايو ته: بادشاهه سلامت کي ساڳي رنگ روپ جا گھوڙا گھرجن... تو وٽ اهڙا گھوڙا ٻيڙل آهن، اُهي ڏي ته کاهي وڃان - انهن جي عيوض جيڪا به قيمت ونندين، سا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. سوداگر چيو ته: اي وزير! هي گھوڙا ائين ئي بيڪار ٻيڙا منهنجو خرچ کائين، تنهنڪري اُهي سڀ بادشاهه کي سوکڙيءَ طور ڏيڻ ٿو چاهيان - انهن جي قيمت اصل نه وٺندس. وزير اُهي سڀ گھوڙا کاهي، اچي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش کيا؛ جن کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪجھ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ تقدير الاهي سان اهو سوداگر ڪُٽي پيو. اهڙو ڪنگال ٿي ويو جو کائڻ لاءِ به نه رهيس. اُن وقت اها ڳالھ ياد آيس ته، فلاڻي بادشاهه کي سؤ گھوڙا بنا پئسن جي سوکڙيءَ طور ڏنا هئم - ان وٽ وڃان، من کا مدد ڪري! اهو خيال ڪري اچي وزير سان مليوءِ ڪيس سمورو احوال ٻڌايائين. وزير کيس مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ وڃھ ونڻي هن کي بادشاهه سان ملايو. وزير، بادشاهه کي ٻڌايو ته: هي اُهو سوداگر آهي، جنهن سائينجن لاءِ سؤ هڪ رنگا گھوڙا تحفي طور ڏنا هئا... هن وقت سندس حالت تمام تنگ آهي، ۽ مدد جي اُميد

* هيءَ ڳالھ اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق کان ملي.

رکي آيو آهي! بادشاهه پهرين ته سوداگر ڏانهن ڪوبه توجهه نه ڏنو، پر پوءِ حڪم ڪيائين ته: سوداگر کي سرڪاري خزاني مان روز هڪ رپيو ڏنو وڃي، جنهن مان مُڄ وٺي. اُن مان واڻ وٺي روز شام جو بازار ۾ نيڪال ڪري اچي. اُن مان جيڪا به پيدائش ٿئي، سا سرڪاري خزاني ۾ آڻي جمع ڪرائي. ان بعد شاهي مهمانخاني ۾ سندس رهڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

سوداگر، بادشاهه جي انهيءَ حڪم تي دل ۾ ڏاڍو رنج ٿيو. چيائين ته بادشاهه منهنجو چگو قدر سجاتو آهي! پر مجبوري تمام بڇڙي شيءِ آهي، جنهن هن کان واڻ وٺڻ جهڙو خسيس ڪم ڪرايو. ٻئي ڏينهن حڪم موجب هو خزانچيءَ کان رپيو وٺي بازار مان مڄ خريد ڪري، ان مان واڻ وٺڻ لڳو. هن اڳ ڪڏهن به واڻ نه وٺيو هو. سو سمورو زيان ڪري ويهي رهيو ۽ جيڪو واڻ وٺيائين، تنهن جي بازار مان پنج ٽڪا قيمت مس ملیس، جا هن سرڪاري خزاني ۾ آڻي جمع ڪرائي. به - ٽي ڏينهن سوداگر جو ساڳيو حال رهيو، پر پوءِ انهيءَ ڪم تي ڏيان ڏيڻ شروع ڪيائين. آهستي آهستي آزمودو ٿيندو ويس... تان جو سندس روزاني پيدائش پنجن ٽڪن مان وڌي اچي پنجاهه ٽڪن تائين پهتي.

ڪجهه وقت کان پوءِ، سوداگر واڻ وٺڻ جو سنو ڪاريگر ٿي ويو، سندس واڻ سهٽو ۽ سنو ٿيڻ لڳو. تنهنڪري پيدائش به وڌندي وڌندي ٻن رپين تائين وڃي پهتي. بادشاهه خزانچي جي معرفت هن جي سموري حساب ڪتاب جي خبر لهندو هو. سوداگر، ماني بادشاهه سان گڏ کائيندو هو، رهڻ لاءِ جدا محلات، ۽ پورهيو واڻ وٺڻ جو ڪرٽو پوندو هئس. هو دل ئي دل ۾ پيو وٽ کائيندو هو ته: بادشاهه واهه جي دوستي نباهي آهي. مونکي ڪُٽي ڪهڙيءَ ڪنيو جو هن وٽ مدد لاءِ آيس. بادشاهه کي خزاني جي ڪهڙي بک؟ جيڪڏهن لک سوا مُهرن جوکٽي

ڏئيم ها ته ڇا ٿي پويس ها؟ ويچارو سوداگر اهي پور پچائيندو، روزانو واڻ وٽي بازار ۾ وڪٽندو رهيو. تان جو اڇي ڇهه مهينا گذريا. آخر هڪڙي ڏينهن جڏهن بادشاهه کي اطلاع مليو ته سوداگر جي ڪمائي هاڻي ٻيٽي ٿي آهي. تڏهن هن کي گهرائي چيائين ته: دوست سوداگر! هاڻي گهر جيڪي گهرٽو اٿئي! هينئر آءٌ هر طرح تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. اتي سوداگر کي هيڪاري حيراني ٿي ويئي، ۽ ڏاڍي ڏک مان بادشاهه کي چيائين ته: بادشاهه سلامت! مون تنهنجي پر پٽ ياري مڃي هئي. دوستي انهيءَ لاءِ رکبي آهي ته ڪا نه مهل ڪنهن جهڙي - هڪ سڃ ۾ پاڙ، وانگر جيڪڏهن کو دوست ڪري پوي ته ان جي مدد ڪري سگهجي. سو آءٌ ۾ تو ۾ اُميد جاڳي مدد لاءِ آيو هئس. پر ارمان آهي جو تو مدد ته مدد جي ماڳ، اُٽلو مونکي اهڙي خسيس ڪم تي ڪٽي ڇڏيو، جنهن کان ڏڻي مرڻ بهتر هو. پر هڪڙو پرديس، ٻيو پاڻ ڏاڍي سان دوستي، ٿيون مسڪيني حالت، تنهنکري سُور پي، توهان جي حڪم جي تعميل ڪندو رهيس. تڏهين چاهيو ها ته منهنجي اُن وقت ئي مدد ڪري سگهو ها، پر ڇهه مهينا بيڪار ويهاري پوء مدد ڏيڻ، اُن جو سبب خبر ناهي ته ڪهڙو؟ تڏهن بادشاهه، ڪلي جواب ڏنس ته: دوست! مون ۾ تنهنجي پر پٽ ياري مڃي هئي. جڏهن تون دتڑيل حالت ۾ مون وٽ پهتين، تڏهن سمجهيم ته پاڳ تو وٽان موڪلائي ويو آهي. انهيءَ وقت آءٌ توکي ڪٽي سڃي بادشاهي ڏيان ها ته ۾ تنهنجا اهي ئي ساڳيا حال وجي ٿين ها. تنهنکري خيال ڪيم ته جيستائين تنهنجو پاڳ وري، تيستائين توکي هٽ ۾ خزانو نه ڏيان ته چگو. هاڻي تنهنجي بخت جي خبر ڪيئن پويم ته ڪڏهن ٿو وارو وريئي- تنهنکري اها اٽڪل ڪيم ته تون مُڃ وٽي، واڻ ناهي وڪٽين. جيستائين توتي نياڳ جو اثر هو، تيستائين پئي نقصان پيو، جڏهن ڏٺم ته هاڻي تنهنجو پاڳ سٽائو ٿيو آهي، ۽ جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندين،

تنهن مان فائدو ئي فائدو ٿيندو، تڏهن توکي چوان ٿو ته جيڪي گهرڻو اٿئي سو گُهر! اها سموري حقيقت ٻڌي سوداگر، بادشاهه جو تمام شڪرگذار ٿيو ۽ چيائين ته: بادشاهه سلامت! جيڪڏهن هاڻي منهنجو ياڳ وريو آهي، ته الله تعاليٰ اڳتي پنهنجي مان ئي گنج ڪري ڏيندو. آءٌ اوهان جي هاڻي مدد ونڻ نٿو گهران. ايتري ۾ سوداگر ڏانهن قاصد آيو ته: اوهان جو سامان سميت جيڪو جهاز توائي ٿي ويو هو، سو لڏو آهي. ٿوريءَ دير بعد وري ٻيو قاصد آيس ته: فلاڻي حساب ۾ ليکي جي چُڪ هئي، جا لڏي آهي؛ اُن مان تنهنجا هيترا پئسا وريا آهن. مطلب ته سوداگر لاءِ رنگ لڳي ويا. پوءِ بادشاهه ۽ وزير کان موڪلائي، پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو، ۽ وري پنهنجي ڪاروبار کي لڳي ويو.

••••

۳۰ـ سامُون سوداگر *

سامون نالي هڪڙو سوداگر ڪنهن ولايت رهندو هو، جنهن کي ٻه جوان پٽ هئا. ٻنهي جي شادي ڪيل هئي، پر ننڍي جي زال تمام سهڻي هئي، جنهن جي هاڪ مُلڪان ملڪ پکڙيل هئي. هي ٻئي زال مڙس ٻه هڪٻئي تي اَڪن ڇڪن هوندا هئا، ۽ وسئون هڪٻئي کان جدا نه ٿيندا هئا. هڪڙي ڏينهن سامون سوداگر، پنهنجي ٻنهي پٽن کي سڏائي چيو ته: بابا! الله جي فضل ڪرم سان پنهنجي گهر ۾ مال ملڪيت سيڪجهه آهي، ايتري قدر جو اوهان جي سڄي ڄمار لاءِ ڪافي آهي؛ پر تڏهن ٻه ڪاڏي ڪوهه ڪٽيو وڃن، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته ڪا اهڙي ڪِرت شروع ڪريو، جنهن مان ڪجهه اُپراسو ٻه ٿئي. اها ڳالهه ٻڌي ننڍي پٽ دل ۾ خيال ڪيو ته بابو سچ ٿو چوي، سو هڪدم بارهن غوراب ڪٽوريءَ سان پرائي، ڏورانهن ملڪن ڏانهن واپار لاءِ روانو ٿي ويو.

ڪجهه ڏينهن جي سفر کان پوءِ، هن جي غورابن وڃي ڪنهن ملڪ جي ڪناري سان لنگر هنيو. انهيءَ ملڪ جي بادشاهه کي جو خبر پيئي ته ڪي جهاز ڪٽوريءَ سان پرجي آيا آهن، سو پنهنجي وزير کي موڪليائين ته سودو ڪري اچي. جڏهن ٻئي ڏريون واپار ۾ نهي آيون، تڏهن سوداگرزادو اُهي سڀ جهاز ڪٽوريءَ جا بادشاهه کي وڪرو ڪري، پنهنجي ملڪ موٽيو. جيئن ته هن واپار مان تمام گهٽو نفعو ٿيو هوس تنهنڪري ڏاڍو خوش هو.

هوڏانهن هڪڙو ديو هو، جنهن ننڍي سوداگرزادي جي زال

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽڻي) مان عبدالله گندري ڪان ملي.

ڪنهن طرح ڏسي ورتي هئي ۽ ان تي اڪن چڪن ٽي پيو هو. تنهن جو ڏنو ته هينئر سوداگرزادو ڪونهي، سو هڪڙي ڏينهن وڃه وڻي، فقيرن جو ويس ڪري، سڏو اچي سامون سوداگر جي در تي صدا هنيئين. ننڍي سوداگرزادي جي زال فقير جي صدا ٻڌي، جيئن خيرات ڏيڻ لاءِ ٻاهر نڪتي، تيئن ديو وڃه وڻي هن کي ڪٽي اڏامي ويو. جڏهن سوداگرزادو ڏيساور کان پنهنجي گهر موٽي آيو، تڏهن خبر پيس ته سندس زال ته کو ديو ڪٽي ويو آهي. اها ڳالهه ٻولهه ٻڌي ڏاڍي وسواس ۾ پئجي ويو. نيٺ نوڪرن چاڪرن کان پڇا ڳاڇا ڪيائين ته: ڪنهن ديو کي ڏنو ته هو ڪهڙي پاسي ويو؟ پوءِ هن جوان به گهوڙي تي چڙهي وڻي ڪٽي اوڏانهن رخ ڪيو.

ڪجهه ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ هيءَ هڪڙي باغ ۾ اچي پهتو. ڏسي ته باغ سڄو سڪو پيو آهي، ۽ هڪڙو سامي فقير آهي، جو اَلُوٽ ننڍ ۾ ستو پيو آهي. هن چا ڪيو جو گهوڙي تا لهي ٽڪ ڀڳائين، ۽ پوءِ انهيءَ باغ ۾ رهي پيو. مڃاڻ فقير کي ڇهه مهينا سمهندو هو ۽ ڇهه مهينا جاڳندو هو. سوداگرزادي به ڏنو ته خدا جي پاران جيڪڏهن سولي هوندي ته فقير جي هٿان مڙيئي کا مدد ٿيندي. سو ويهي هن جي جاڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. هو ڏينهن جو باغ ۾ محنت ڪندو هو، ۽ رات جو اتي ئي آرام ڪندو هو. ٿوري گهٽي ڏينهن باغ سڄو سائو ٿي ويو، پر سامي فقير اجان ننڍ مان نه جاڳيو. جڏهن پورا پنج مهينا گذريا، تڏهن هڪڙي ڏينهن سامي فقير ننڍ مان سجاڳ ٿيو. ڏسي ته مار! سڄو باغ سائو ٿيو پيو آهي ۽ ڏاڍا گل ڦل ميوا وغيره بيٺا آهن. ايتري ۾ سوداگرزادو به اچي پيرن تي ڪريس. سامي فقير دعا ڪري چيس ته: ٻچا! تون کو ڏاڍو سعادتمند ٿو ڏسجين، هاڻي ٻڌاءِ ته تون هتي ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ اتي سوداگرزادي سڄو حال ڪري ٻڌايس. سامي فقير سڄو احوال ٻڌي چيس ته: ٻچا! دلجاءِ ڪر. خدا

گهريو آهي ته سپ سٹائي ٽيندي. هاڻي اڳتي منهنجو وڏو پاءُ وينو آهي، توکي ان ڏانهن نشاني ڏيان ٿو، اهو تنهنجي مدد ڪندو. سوداگرزادو اها نشاني ونڊي پنڌ پيو.

سوداگرزادو ٿوري گهٽي ڏينهن هڪلیندو اچي هڪڙي باغ ۾ پهتو. ڏسي ته اهو باغ به سڄو سڪو پيو آهي. هڪڙي جهوپڙي آهي، جنهن ۾ سامي فقير ستو پيو آهي. هن کي پڪ ٿي ته اهوئي هن سامي فقير جو پاءُ آهي، سو ساڳيءَ طرح وري به بيهي باغ کي پاڻي ڏيڻ لڳو. ٿوري گهٽي ڏينهن اهو باغ به سائو ٿي ويو؛ ۽ سامي فقير جي سڃاڻ ٽيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. آخر هڪڙي ڏينهن اهو فقير سڃاڻ ٽيو، ۽ باغ کي سائو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. اتي سوداگرزادو به وڃي سامي فقير کي ڏاڍي ادب سان گڏيو. فقير چيس ته: ٻچا! آءٌ تنهنجي محنت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻي ٻڌاءِ ته تون ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ سوداگرزادي هن کي سامي فقير واري نشاني ڏيئي سموري احوال کان واقف ڪيو. سامي فقير اهو احوال ٻڌي چيس ته: مونکي برابر انهيءَ ديو جي خبر آهي - پر اهو تمام خراب ديو آهي، ۽ ان سان هٿ اٽڪائڻ سُنو نه آهي. پر تون منهنجي پاءُ جي نشاني ڪٽي آيو آهين، تنهن کان سواءِ منهنجي به خدمت ڪئي اٿئي، تنهنڪري هاڻي هيئن ڪر، جو مون وٽ ٻارهن مهينا رهي پئو، جو توکي ڪجهه سيکارٽو اٿم. تنهن کان پوءِ توکي اوڏانهن رواڻو ڪندس! سوداگرزادو اهو ٻڌي اتي ويهي رهيو.

سامي فقير هن کي روز ڪجهه نه ڪجهه سيکاريندو رهيو. جڏهن ٻارهن مهينا پورا ٿيا، تڏهن هڪڙي ڏينهن سامي فقير هن کي گهرائي چيو ته: پُٽ! هيئن ڪر، جو تون هي سڌو رستو ونيو هليو وڃ - اڳتي ويندين ته اتر طرف هڪڙي گهٽي نظر ايندئي، اتي هڪڙو لوهار وينو آهي، جو توکي ٽي ڪِلا ناهي ڏيندو. پوءِ اُهي ڪلا ونڊي، تون ايرندي طرف هليو وڃ ... ڪجهه پنڌ کان پوءِ اڳيان هڪڙو سونو

محلات نظر ايندئي. اتي پهچي ٻه ڪلا هيٺ هٽج ۾ ٽيون ڪلو دروازي تي هٽج تہ دروازو ڪلي پوندو. اندر ويندين تہ اتي توکي هڪڙي زال ستل نظر ايندي، پوءِ جيڪا حقيقت ڪرٽي هجئي سا ان سان ڪج! هو اهي ڏس پتا ياد ڪري، سامي فقير کان موڪلائي اوڏانهن روانو ٽيو. ٽوري گهٽي ڏينهن هيءُ لوهار وٽ اچي پهتو، جنهن کان ٽي ڪلا ٺهرائي، اچي ان محلات وٽ پهتو. جڏهن هيءُ محلات وٽ پهتو، تڏهن ديو کي خبر پئجي ويئي، تنهن يڪدم ڪو منتر پڙهي ڪٽي مٿس شوڪاريو، تہ هو ويچارو اتي جو اتي ٻڌ پهڻ ٿي پيو.

هوڏانهن جڏهن وڏي پاءُ ڏنو تہ ننڍو پاءُ اچان ڪونہ وريو، تڏهن سهي سنيري پاءُ جي ڳولا ۾ روانو ٽيو. هو بہ اهڙيءَ طرح سامي فقير واري باغ وٽان ٽيندو، لوهار کان ڪلا گهڙائي اچي محلات وٽ پهتو. پر ديو کي وري بہ خبر پئجي ويئي، تنهن هن کي بہ پاٽس وانگر پنڌ پهڻ ڪري ڇڏيو. هوڏانهن ٽوري گهٽي ڏينهن وڏي سوداگرزادي ڪي پٽ جائو، جنهن جو نالو بانڪو بهادر رکيائون. بانڪو بهادر اڄ ننڍو سياڻي وڏو، ٿيٺ اچي جوان ٽيو. جڏهن هن کي پيءُ ۽ چاچي جي خبر پيئي، تڏهن هي سهي سنيري انهن جي پويان روانو ٽيو. پهريائين هن ڪي بہ سامي گڏيو، جنهن هن کي نشاني ڏيئي پنهنجي وڏي پاءُ ڏي موڪليو، ۽ انهيءَ وري ساڳيءَ طرح لوهار جو ڏس ڏيئي ڇڏيس. هيءُ جوان بہ اتان سڏو آيو لوهار وٽ، ۽ ان کان ٽي ڪلا ونيو، سڏو اچي ديو جي محلات وٽ پهتو. جڏهن محلات کان اڄان پري هو، تڏهن اتي ئي لڪي ويهي رهيو، تہ پلي ديو محلات کان باهر نڪري. جڏهن گهٽيءَ ديرکان پوءِ ديو کي باهر ويندو ڏٺائين، تڏهن هيءُ مان مان ڪري سڏو آيو محلات جي در تي، ۽ سامي فقير جي چوڻ موجب، ٻه ڪلا هيٺ هنيائين ۽ ٽيون در تي - تہ هڪدم دروازو کلي پيو. هن ڏٺو تہ برابر اندر هڪڙي مائي وينی آهي. اها حقيقت ۾ ننڍي سوداگرزادي جي زال هئي،

جا ديو کٹي آيو هو. بانڪي بهادر وڏي وڃي هن کي پيرين پيو، ۽ سموري حقيقت بڌايائينس. سوداگرزادي جي زال بانڪي بهادر کي پاکر پاڻي اڇي روئڻ ۾ پيئي ۽ چوڻ لڳس ته: تون ڇو هتي موت جي منهن ۾ آيو آهين؟ چگو ائين آهي ته تون ديو جي اڇ ڪان اڳ ۾ ئي موٽي وڃ. پر بانڪي بهادر دلجاءِ ڏنيس ته: چاچي! تون ڪوبه اُلڪو نه ڪر، آءٌ خدا جي فضل سان هن موڏي کي ماري توکي آزاد ڪرائيندس؛ پر هڪڙي ڳالهه آهي، جو تون ديو کان ڪنهن اٽڪل سان پڇ ته سندس ساهه ڪٽي رکيل آهي. پوءِ آءٌ پاڻهي ٿو پهچانس. ائين چئي هيءُ وري وڃي ساڳئي هنڌ لڪو. ڏڌهن رات جو ديو موٽي محلات ۾ آيو. تڏهن ڏسي ته سوداگرزادي جي زال ويني روئي، سو ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويو. نيٺ پڇيائينس ته: خير ته آهي جو تون وڌي روئين؟ تڏهن سوداگرزادي جي زال چيس ته: مون اڄ خواب ۾ ڏٺو آهي ته توکي ڪنهن آدمزاد ماري ڇڏيو آهي، تنهنڪري روئان ٿي ته خدا خير ڪري، نه ته توکان پوءِ منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو! ديو اها ڳالهه ٻڌي، ڪِلي جواب ڏنس ته: تون چري آهين جو ايترو فڪر ٿي ڪرين، منهنجو ساهه هڪڙي طوطي ۾ آهي، جو هڪڙي پڃري ۾ بند ٿيو ٻاهر ٽنگيو پيو آهي. انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن بئي بشر کي خبر ڪانهي، تنهنڪري تون ڪنهن به قسم جو الڪو نه ڪر. سوداگرزادي جي زال اهو ٻڌي، مات ڪري سمهي رهي. جڏهن صبح ٿيو ۽ ديو شڪار جي لاءِ روانو ٿي ويو، تڏهن بانڪو بهادر به اتان نڪري سڌو محلات ۾ آيو ۽ اڇي هن کان حال احوال پڇيائين؛ جنهن سمورو احوال ڪري ٻڌايس. هن جوان به نڪا ڪئي هم نڪا تم، سڌو وڃي طوطي جو پڃرو لاٽائين، ۽ ان مان طوطو ڪڍي ڪٽي هٿ ۾ ڪيائين.



هوڏانهن طوطو مٺ ۾ بند ٽيو، ۽ هيڏانهن ديو جو ساهه منجهڻ لڳو. يڪدم مينهن واءُ ڪري اچي محلات وٽ پهتو. ڏٺائين ته پجرو خالي آهي، سو سمجهي ويو ته موت اچي سر تي ڪڙڪيو؛ تڏهن سوداگرزادي کي منٿون آزيون ڪرڻ لڳو - چئي: مڃاڻ تون بانڪو بهادر آهين! بانڪي بهادر چيس ته: صحيح سڃاتو اٿئي، پر جيترا ماڻهو پنڌ پهڻ ڪيا اٿئي، انهن سيني کي اصل حالت ۾ ڪر، ته پوءِ جيئدان مليئي! ديو يڪدم منتر پڙهي شوڪاريو ته سيئي ماڻهو اصلوڪي حالت ۾ ٿي ويا. پوءِ بانڪي بهادر وٽي جو طوطي کي نپوڙيو ته اهو اتي جو اتي مري ويو، جنهن سان گڏ ديو به مري ويو. پوءِ بانڪو بهادر پنهنجي پيءُ ۽ چاچي سان مليو، ۽ پنهنجي چاچيءَ کي بند مان ڪڍي، چاچي جي حوالي ڪيائين، ۽ سڀ خوش خورم پنهنجي ملڪ روانا ٿيا.

•••

۳۱ـ سوداگر ۽ هنس پکي *

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هو، جنهنڪري ڏاڍو غمگين رهندو هو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن فقير کان ڏس ملیس تہ: پکين جي خدمت ڪندو ڪر، ۽ کين روزانو ان ميوو وغيره کارائيندو ڪر، تہ تنهنجا مطلب پورا ٿين. پوءِ هيءُ اولاد جو سڪايل سوداگر روزانو پنهنجي جاءِ جي ڪُڏ تي ڪيترو ئي انّ ۽ ميوو پکين جي ڪائڻ لاءِ رکي ڇڏيندو هو؛ جيڪو پري پري جا پکي اچي ڪائي خوش ٿي ويندا هئا.

هڪڙي ڏينهن ڪنهن ولايت جا ٻہ هنس ٻہ اچي اُتي وينا؛ پر بجاءِ ڪجھ ڪائڻ پيئڻ جي، هڪڙي هنڌ مات ڪري ويهي رهيا. سوداگر اُتي ٻيٺو هو، تنهن کانئن پڇيو تہ: توهين ڇو ڪجھ ڪائو ڪونہ ٿا؟ تڏهن پکين چيس تہ: اسان جي خوراڪ موتي آهن، انّ ۽ ميوو اسين ڪونہ ڪائون، تنهنڪري مات ڪري وينا آهيون. تنهن تي سوداگر يڪدم موتي گهرائي انهن هنس پکين کي ڏنا، جي ڪائي خوش ٿي هليا ويا. هڪڙي ڏينهن سوداگر پنهنجي گهر جي ڪڏ تي ٻيٺو هو، تہ ڏسہ تہ ٻہ نر ماد هنس پکي سندس مٿان ٻيا اُڏامن. ٿوريءَ دير کان پوءِ نر تہ هڪڙي طرف هليو ويو، باقي مادي لهي اچي سندس ڪُڏ جي هڪڙيءَ ڪنڊ ٿي وينی. سوداگر ويجهو اچي هن کان پريشانيءَ جو سبب پڇيو. تڏهن ان جواب ڏنس تہ: اي سوداگر! اسين مسافر آهيون، هينئر اسان جي موٽڻ جي مند آهي. تنهنجي ماڙيءَ جي جاري ۾ منهنجو آنو رکيل آهي - اُهو ڪٽي، اسين وڏي مسافري ڪري نٿي سگهيا سين، تنهنڪري آنو اتي ئي

* هيءَ ڳالھ اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

چئي هليا ويا سين. پر مونکي آني جي ڪشش اڌ واٽ تان موٽائي ورتو - هاڻي آءٌ ته ات ويهي رهيس، پر منهنجو مڙس موٽي وطن هليو ويو - ننڍڪڙي وطن جي ڇڪ ۽ مڙس جي جدائيءَ ۽ ارمان ۾ وينِي آهيان. هاڻي جي تون پلاڻي ڪري منهنجي آني جي سنيال ڪرين ته ڇيڪر آءٌ بي اوني ٿي هلي وڃان! سوداگر جي هائوڪار ڪرڻ تي، ان پکيءَ ڪيس سمجهايو ته: هن آني کي چالیهه ڏينهن صندوق ۾ بند ڪري رکج، پوءِ هن مان هڪڙو ٻچو پيدا ٿيندو؛ ان کي ڇڳيءَ طرح سانڍج ته هو توکي ڪنهن نه ڪنهن وقت ڪم ڏيئي ويندو. ائين چئي، مادي خوش ٿي اُڏامي هلي ويئي.

سوداگر انهيءَ وقت وڃي جاري مان آنو ڪٽي، صندوق ۾ بند ڪري رکيو. چاليهن ڏينهن کان پوءِ ان مان ٻچو پيدا ٿيو، جنهن کي هن ڇڳيءَ طرح سانڍڻ شروع ڪيو. سوداگر سان گڏ سندس زال، ماءُ ۽ پيءُ کي به ان ٻچي سان اهڙو پيار ٿي ويو، جو ان کي پنهنجو پٽ ڪري سڏڻ لڳا. آخر ٿوري گهٽي ڏينهن ٻچو اچي وڏو ٿيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوداگر واپار لاءِ سنيريو. هلڻ وقت زال کي چيائين ته: مان هن پنهنجي پٽ کي به پاڻ سان وٺي ويندس. تڏهن زال چيس ته: هيءُ منهنجي لاءِ هڪڙي وندر آهي، تنهنڪري هن کي هتي ئي ڇڏي وڃ. پر سوداگر نه مڃيو ۽ هنس پکيءَ جي ٻچي کي پاڻ سان وٺي، ٻيڙا هاڪارائي هليو ويو.

واپار ڪندي ڪندي سوداگر کي ٽي چار مهينا گذري ويا. هڪڙيءَ رات خواب ڏٺائين ته، اڄ رات جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر ويندو، ان جي گهر واريءَ کي اميد واري ٿيندي ۽ ان کي اهڙو پٽ ڄمندو، جو روڙانو هڪڙو موتي اوڳاريندو. انهيءَ خواب سوداگر کي ڏاڍو پريشان ڪيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته آخر بن مهينن جي مسافري هڪ ئي رات ۾ ڪيئن ٿي سگهندي؟ هنس پکيءَ هن کي پريشان ۽ غمگين ڏسي،

کائنس ڳٽتيءَ جو سبب پڇيو، جنهن کيس خواب واري ڳالهه ٻڌائي، ۽ چيائينس تہ: جيڪر اڄ رات پنهنجي وطن ۾ هجون ها تہ مونکي به اهڙو پٽ جمي ها. تڏهن هنس پکي دلاسو ڏيندي چيس تہ: سوداگر! نااُميد نہ ٿي، منهنجي ڳچيءَ تي چڙهي ويهہ تہ مان اڄوکيءَ رات ۾ توکي وطن پهچائي ڇڏيان. سوداگر اهو ٻڌي، انهيءَ وقت تيار ٿي هنس پکيءَ جي ڳچيءَ تي چڙهي ويٺو؛ جنهن هن کي اڌ رات کان اڳ اچي پنهنجي گهر پهچايو.

سوداگر پنهنجي زال سان مليو. رات جو وقت هو، جنهنکري سوداگر کي گهر جي ياتين مان کنهن به نہ ڏٺو هو. اسر مهل جڏهن واپس ٿي وريو، تڏهن زال چيس تہ: هڪ به ڏينهن هتي رهي پئو، تہ تنهنجا مائٽ به توکي ڏسن ... جي هينئر ئي هليو ويندين تہ پوءِ جيڪڏهن مونکي اُميد واري ٿي، تہ تنهنجو پيءُ ماءُ مونکي گنهگار سمجهندا. مگر سوداگر نہ مڃيو ۽ چيائينس تہ: مان اڄ ضرور واپس ويندس، ڇو تہ هوڏانهن مون کان سواءِ، منهنجي لکن جي ملکيت تباهہ ٿي ويندي. باقي بابي ۽ امان جي تسليءَ لاءِ تو وٽ پنهنجو لکڻ نشانيءَ طور ڇڏي وڃان ٿو. زال ويچاري مانڙي ڪري ويهي رهي، ۽ سوداگر پنهنجي ماءُ پيءُ سان ملڻ کان سواءِ ئي هنس تي چڙهي واپس هليو ويو.

ستين مهيني سيني کي خبر پئجي ويئي تہ سوداگر جي زال کي اُميدواري آهي. جڏهن سندس سَسُ ۽ سهري کي خبر پئي، تڏهن هن ويچاريءَ تي تپي باهہ ٿي ويا ۽ چيائون تہ: کار مُنهين! کهڙو نڪ ڪٽي هٽي ويئي آهين ... هٽان نڪري وڃ! هن ويچاريءَ گهٽئي دانهون ڪوڪون ڪيون، پنهنجي مڙس جي نشاني ڏيکاريائين، پر کنهن به نہ ٻڌس. هنن نوڪرن کي حڪم ڏنو تہ: هن رن کي ڪٽي وڃي برپٽ ۾ ڦٽو ڪري اڇو. جي هن بيگناهہ کي ونئي جهنگ ۾ ڇڏي آيا. هوءَ ويچاري اتي بربٽ ۾ ٽڪندي رهي. خدا جي قدرت سان ٻئي ڏينهن هڪڙو

بادشاهه اچي انهيءَ برپت مان لنگهيو: جو اتي هڪڙي حسين ۽ نوجوان عورت کي ڏسي لهي پيو، ۽ هن کان خبرون پڇڻ لڳو. سوداگر جي زال پنهنجي سموري حقيقت بادشاهه کي ڪري ٻڌائي. هن جو درد ڀريو داستان ٻڌي، بادشاهه سهي ڪيو ته هن ويچاريءَ سان ظلم ٿيو آهي؛ تنهن قياس آڻي، ڪيس ڏيءَ بنائي، ونڊي آڻي پاڻ سان گڏ محلات ۾ رهايو - جتي ويچاري زندگيءَ جا ڏکيا سکيا ڏينهن بادشاهه جي حفاظت ۾ گهارڻ لڳي.

قصو ڪوتاهه - ڏهين مهينا هن کي هڪڙو خوبصورت پٽ ڄائو، جنهن جي وات مان روزانو هڪڙو موتي نڪرندو هو، جو دائي کڻي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح ست ڏينهن برابر دائيءَ کي موتي ملندا رهيا. ستن ڏينهن ڪان پوءِ، چوڪري جي ماءُ دائيءَ کي چيو ته: هاڻي مان تندرست آهيان، تنهنڪري تنهنجي اچڻ جي ضرورت ناهي. دائيءَ ستن ڏينهن وارا گڏ ٿيل موتي وڃي پنهنجي مڙس کي ڏنا. هو موتي ڏسي اچي لالچ ۾ پيو ۽ پنهنجيءَ زال کي چيائين ته : اهو چوڪرو مونکي آڻي ڏي، نه ته ڏاهو ڪائيندس يا توکي ماريندس. دائيءَ چيس ته: هوءَ بادشاهه جي ڏيءَ ٿي سڏجي. ان جو پٽ مان ڪيئن آڻيان؟ پر جڏهن مڙس نه مڃيو، تڏهن مجبور ٿي هوءَ سوداگر جي زال وٽ آئي ۽ هن کي چيائين ته: آمان! هڪ سونڙ اڃان به رهجي ويو آهي، جو درياءَ جي ڪپ تي ٽيندو؛ ۽ جي اهو نه ٿيو ته توکي ۽ تنهنجي پٽ کي نقصان رسندو. سوداگر جي زال گهٽئي نٽايو، پر دائيءَ نه مڃيو؛ ۽ هن کي پاڻ سان گڏ درياءَ تي هلڻ لاءِ چيائين. سوداگر جي زال لاچار پنهنجو پٽڙو پانهيءَ جي حوالي ڪري، دائيءَ سان گڏ درياءَ ڏانهن روانو ٿي. جڏهن ٻئي ڄڻيون درياءَ تي پهتيون، تڏهن دائي بهانو ڪري چوڻ لڳي ته: مار! سونڙ لاءِ گل آڻڻ ته وسري ويا. چگو... هاڻي تون اتي ئي ترس، ته مان ڊوڙ ۾ گل کڻيو ٿي اچان. ائين چئي دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي، ڊوڙندي محلات ۾

آئي. اتي ٻانهيءَ ويٺي ٻارڙي کي راند ڪرائي. ان کي چيائين تہ: مائي! سوڻ لاءِ گل گهرجن، سو اهو ڇوڪرو مونکي ڏي تہ آءٌ سنيالياں، تون وڃي باغ مان گل ٻڌي اچ. ٻانهيءَ، ٻار دائي جي حوالي ڪري پاڻ ويئي باغ ڏانهن، پڻيان هن رکيو پيرن تي زور. ٻارڙو ڪٽي سڏو مڙس وٽ آئي، جو اڳ ۾ ئي گهوڙا تيار ڪريو، هن جي انتظار ۾ بيٺو هو. پوءِ تہ يڪدم ٻئي زال مڙس گهوڙن تي چڙهي ٻار کٽي اتي هليا، ۽ اها بادشاهي ڇڏي وڃي ٻيءَ بادشاهي ۾ نڪتا.

هاڻي ڏن دولت جي تہ هنن کي پرواهہ ڪانہ هئي، ڇو تہ سوداگرزادو روزانو سچو موتي اوڳاريندو هو. هنن بہ ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ڪنهن ويران هنڌ تي وڃي هڪڙو نئون ڳوٺ ٻڌايو. جو پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ تمام وڏو شهر بنجي ويو. انهيءَ ڳالهہ کي ڪيئن سال گذري ويا. سوداگرزادو بہ اڃي جوان ٿيو هو، سو سمورو مال ملڪيت سنيالڻ لڳو. دائيءَ ۽ سندس مڙس کي ماءُ ۽ پيءُ ڪري سڏيندو هو. هن پنهنجي شهر ۾ هڪڙو وڏو مسافر خانو ٺهرائي ڇڏيو. اتي جيڪو بہ مسافر اچي رهندو هو، ان کان حال احوال وٺڻ ڪان سواءِ نہ ڇڏيندو هو.

هوڏانهن ويچاري سوداگر جي زال جڏهن درياءَ تي بيهي ٽکي، ۽ دائي بہ نہ موٽي، تڏهن واپس پٺهنجي گهر پهتي. اتي پنهنجو پٽ نہ ڏسي اچي روئڻ ۾ پيئي، ۽ پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳي تہ جي ڇڙو هٿ کان نہ ڇڏيان ها، تہ جيڪر ڪيئن وڃي ها. پر هاڻي چا ٿي سگهيو ٿي! بادشاهہ سان حقيقت ڪيائين، جنهن دائيءَ پڻيان ڪيترا گهوڙي سوار موڪليا، پر سڀ نااُميد ٿي موٽي آيا. جڏهن سڀ اميدون ۽ آسرا لٿا ۽ پٽ جو پتو نہ پيو، تڏهن بادشاهہ کان موڪلائي، ويچاري پاڻ اُٺي پُٽ جي ڳولا ۾ نڪتي. چا ڪيائين جو جوڳين وارو مردانو ويس ڪري، ملڪ رلندي، جبل جهاڳيندي، پٽ جي ڳولا ڪندي رهي. اتفاق سان هڪڙي ڏينهن انهيءَ شهر ۾ اچي نڪتي، جيڪو سندس دائيءَ ۽ ان جي

مڙس ٻڌايو هو. دستور موجب هوءَ پٽس جي مسافرخاني ۾ وڃي مهمان ٿي، جتي هن جي خاطرداري ٿيندي رهي. هن ويچاريءَ کي جوڳيءَ جي ويس ۾، ۽ مسافرخاني ۾ رهندي به ٽي مهينا گذري ويا، پر کانئس ڪنهن به حال احوال نه پڇيو. ڇو ته سوداگرزادي جي حڪم موجب جيسين هن کان حال احوال نه ونجي، ٽيسين وڃڻ جي اجازت ملي نٿي سگهي ... تنهنڪري سڄو ڏينهن ڳڻتين ۾ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويني روئندي هئي.

ٻئي طرف جڏهن سوداگر وڃ واپار ڪري واپس ڳوٺ پهتو، تڏهن پنهنجي زال بابت بدراهيءَ جي الزام ڪري هن کي ڳوٺ نيڪالي ڏيڻ جون خبرون ٻڌي، تپي باهه ٿي ويو ۽ ماءُ پيءُ کي چيائين ته: جڏهن مان پنهنجي نشاني به ڇڏي ويو هوس، تڏهن به توهان هن کي گهر مان ڪيئن ڇڏيو! هاڻي منهنجي به الله توهار! مان به وڃان ٿو پنهنجي بيگناهه زال کي ڳولڻ، ۽ جيسين ان کي نه ڳولي لهندس، تيسين واپس نه ورندس.ائين چئي هو به اٿي پنهنجيءَ زال جي ڳولا ۾ روانو ٿيو. هلندي هلندي، خدا جي قدرت سان، هي به اچي ان ساڳئي مسافرخاني ۾ نڪتو، جيڪو پٽس نهرايو هو. سندس زال به جوڳيءَ جي مرداني ويس ۾ اتي ئي رهيل هئي. هو مسافرخاني ۾ رات جي وقت پهتو هو، انوقت مينهن ۽ سردي اهڙي هئي، جو آلامان! تنهنڪري خيال ڪيائين ته جيسين مسافرخاني جي داروغي سان ملان، ۽ کا جدا ڪوني رهڻ لاءِ ملي، تيسين ڇو نه ٻئي ڪنهن سان ئي گڏجي اجوڪي رات ڪٽي گذارجي. اهو خيال ڪري هڪڙيءَ کوني ۾ جو دروازو ڪڙڪايائين. مجاڻ جو ان کوني ۾ سندس زال، جوڳيءَ جي ويس ۾ ٽڪيل هئي، اها باهر نڪري آئي. رات جي وڳڙي سبب، ٻنهي ڇٽن هڪٻئي کي ڪونه سڃاتو. سوداگر ڪيس رات ساڻ گڏ ٽڪڻ لاءِ چيو، پر هن خيال ڪيو ته ڏاڙئي مرد سان ڪيئن رات گذارجي، تنهنڪري انڪار ڪيائين. پر جڏهن

سوداگر منٽون کيس، تڏهن لاچار ساڻ گڏ رهڻ جي موڪل ڏنائين.

خبرون چارون ڏيندي وٺندي هنن بنهي هڪبئي کي سڃاتو، ۽ ائين اوچتو هڪبئي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. سندن پٽ، جيڪو ان وقت درتي ٻينو هو، ۽ سندن سڀ خبرون پئي ٻڌائين، تنهن کي ڪن ڳالهين تي اڃي گمان ٿيو ته منهنجا حقيقي ماءُ پيءُ شايد اهي ئي آهن، پر وري به پک ڪرڻ لاءِ پنهنجو منهن آرسيءَ ۾ جاچيائين، ۽ پوءِ وري سندس نقلي ماءَ پيءُ، دائيءَ دائي سان پيٽيان ... نيٺ جڏهن پک ٿيس ته هي دائي ۽ ڏاڍو منهنجا ماءُ پيءُ نه آهن، تڏهن سڏو آيو دائيءَ وٽ ۽ انهيءَ محل هن کي آڻي، سوداگر ۽ جوڳيءَ جي آڏو بيهاريائين. سوداگر جي زال، دائيءَ کي يڪدم سڃاتو، ۽ هن جا اهڙا اتا پتا ڪڍي ڪٽي ٻاهر ڪيائين، جو هن کي انڪار ڪرڻ جي ڪا واهه ئي ڪانه سُجهي. آخر دائي سيني ڳالهين جو اقرار ڪيو، ۽ هنن جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ چئي: لالچ تي لڳي ڏائڻ ٿيس، پر اوهين پاڻ ڏانهن ڏسو. پوءِ نيٺ هنن ڪا ڳالهه ڳٽي دائيءَ کي معافي ڏني، ۽ بنهي کي اتي ڇڏي سوداگر ۽ سندس زال، پُٽ سميت موتي پنهنجي وطن آيا، ۽ اڃي پنهنجن مائٽن سان مليا؛ جي پڻ هنن کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ باقي عمر جا ڏينهن نهايت خير خوشيءَ سان گذارڻ لڳا.

•••

۳۲ـ سوداگر جي سڃاڻ زال *

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جو ڏاڍو سياڻو ۽ عقل وارو هو. سوداگر جي ڦوهه جواني اچي ٽي هئي، پر شادي ڪانه ڪئي هئائين. جيڪڏهن يار دوست چوندا هئس تہ انهن کي جواب ڏيندو هو تہ: آءٌ ڪنهن پاڻ جهڙي سياڻيءَ ۽ عقل واريءَ زال سان شادي ڪندس. ٽيندي ٽيندي آخر هڪڙيءَ سوداگرزاديءَ جي واکاڻ ٻڌي، ان سان شادي ڪرڻ لاءِ هائوکار ڪيائين. خير سان سوداگر پرٽجي اچي گهر پيڙو ٽيو.

شاديءَ رات ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي زال، مڙس کي چيو تہ: سائين! مرد جي عورت سان پڄت ئي ڪانهي. جيڪڏهن زال ذات پنهنجيءَ تي اچي تہ سيڪجهہ ڪري سگهي ٽي. مڙس جا اها ڳالهہ ٻڌي، وائڙو ٿي ويو، ۽ زال کي چيائين تہ: اها اڻ ٽيٽي آهي. هڪڙيءَ تي زال، ٻيءَ تي مڙس. آخر گهٽي تڪرار کان پوءِ مڙس، زال کي چيو: جي تون ضد ڪرين ٿي تہ ٻڌ، آءٌ هينئر ئي سوداگريءَ جو سامان ٻڌي ٻيءَ ولايت ڏانهن ڪٽي وڃان ٿو، جتي ٻہ سال ڪن رهندس. آءٌ توکي ڪوبہ پئسو ڏوکڙو ڪونہ ٿو ڏيئي وڃان، پر ٻئي سال گهر جو خرچ پکو توکي ڪرٽو آهي، ۽ جڏهن آءٌ واپس اچان تڏهن تو وٽ هڪڙي هزارڻ گهوڙي، مينهن جو وڳُ، ڏيگين جو ڏڻ، ٻڪرين جو ڏڻ ۽ حق حلال جو پُٽ هجي.

---

* هن ڳالهہ جون ٻہ روايتون هڪ لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان محترمہ زيب النساءِ لوهار ۽ ٻي اتر (تعلقي ڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان مليون. هن آکاڻي جا ڪي واقعا، بادشاهن جون آکاڻيون جلد پهريون ۾ آيل آکاڻي "شاهي شاهہ ٻہ جنڊ ماري" سان مناسبت رکن ٿا.

جي تو وٽ اهي شيون نه هوندیون، تہ پوءِ آءٌ تنهنجو وري منهن کين ڏسندس ... پر جي تو ائين کري ڏيکاريو، تہ پوءِ ساري عمر تنهنجو تابعدار ٿي گذاريندس. زال بہ هئي شدتِ، تنهن هکدم کٹي مڙس جا شرط قبول کيا. اها رات جيئن تيئن ويهہ گذاريائون، پئي ڏينهن اڃان صبح ٿيو ئي مس تہ سوداگر سامان سڙو تيار کري، سوداگريءَ جو مال کٹي، سفر تي روانو ٿي ويو.

سوداگر تہ هليو سفر ٿي، پر مائيءَ کي اچي ڳٹٹي ٿي تہ ٹاحق ضد کيم. خير، اڳيون ڳالهيون وساري همت جو سندرو ٻڌائين، ۽ مڙس کي کري ڏيکارڻ جو ارادو کيائين. پوءِ چا کيائين جو نوان پراٹا گهم ڳنا ميڙي، گروي رکي پئسا هٹ کيائين. انهن مان پهرين هکڙي هزارڻ گهوڙي، مينهن جو وڳ، ڏڳين جو ڏڻ ۽ ٻکرين جو ڏڻ خريد کيائين. انهيءَ کم مان واندي ٿي، هکڙي پروسي واري ماڻهوءَ کي سوداگر جي پنيان موکليائين؛ جنهن ٹوري وقت کان پوءِ خبر آڻي ڏنيس تہ: سوداگر فلاڻي شهر ۾ رهيو پيو آهي. سوداگر جي زال بہ چا کيو جو ويس بدلائي، پنهنجي مائٹن مان هکڙي وفادار ٻانهي ساڻ کري، انهيءَ شهر ۾ وڃي پهتي، ۽ هکڙي جاءِ مسواڙ تي ولي اتي رهڻ لڳي.

کي ڏينهن رهڻ کان پوءِ، هکڙي ڏينهن سوداگر جي زال، ٻانهيءَ کي سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي، سوداگر ڏانهن روانو کيو، ۽ چيائينس تہ: سوداگر کي منهنجا سلام ڏي. ٻانهي بہ سوداگر وٽ وڃي پهتي ۽ سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي چيائينس تہ: منهنجي سائٹ جي برابر سهٹي هن ملک ۾ ٻي کابہ ملوکزادي کانهي. اتفاق ساڻ ٹوهان کي ڏسي ورتو اٹس، هاڻي ناهيس ننڊ اکين ۾، ۽ نہ آرام. سو توهان ڏانهن هي سوکڙيون موکليون اٹس، ۽ سلام بہ چيا اٹس. سوداگر سوکڙيون سلام ونی ڏاڍو سرهو ٹيو، ۽ ٻانهيءَ کي ڏاڍي عزت سان ويهاري خبرچار ونڻ لڳو. جڏهن ٻانهي هلڻ لڳي، تڏهن سوداگر بہ کيتريون

ئي قيمتي سوڪڙيون هن ڏانهن موڪليون. اهڙيءَ طرح ڪجھ وقت تائين تہ بنهي ۾ رڳو سلام ۽ ڪلام جو رستو جاري رهيو.

هڪڙي ڏينهن سوداگر وجهہ وڃي، بانهيءَ کي چيو تہ: منهنجي مرضي آهي تہ آءٌ تنهنجي سائنڊ جي مهماني ڪريان؛ تنهنڪري تون هن ڪان ڏائي وڃي اڇ. بانهيءَ اڇي پنهنجي مالڪياڻيءَ سان ڳالهہ ڪئي، جنهن چيس تہ: سوداگر کي وڃي چئو تہ پهرين مونکي پنهنجي منڊي ۽ رومال موڪل تہ پوءِ آءٌ تنهنجي مهماني ڪائيندس - ٻيو تہ آءٌ تو وٽ فقط اڌ پهر رهندس، ٽيون تہ پنهنجي ملاقات اونداهيءَ رات ۽ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ ٿيندي. سوداگر هن جا هي سڀ شرط قبول ڪيا، ۽ پنهنجي منڊي ۽ رومال ڏياري موڪلياٿين. پوءِ چند جي اناويهين رات، سوداگر جي زال ويس بدلائي، هار سينگار ڪري، سوداگر جي گهر ويئي. جيتوڻيڪ رات جو وقت هو ۽ اوندهہ لڳي پيئي هئي، پر ان هوندي بہ هن پنهنجي منهن تان نقاب نہ ڪنيو. سوداگر هن جي منهن ڏسڻ لاءِ فانوس ٻارڻ لاءِ گهٽئي پيرا چيو، پر هن شرط ياد پئي ڏياريس. سوداگر بہ خيال ڪيو تہ اڄ شرم کان منهن نٿي ڏيکاري تہ ٻئي پيري پاڻهي منهن ڏيکاريندي - تنهنڪري وڌيڪ زور بہ نہ ڪيائين تہ متان هوءَ ڪاوڙجي پوي ۽ ٻئي دفعي وري اڇيئي نہ. آخر جڏهن اڌ پهر پورو ٿيو، تڏهن وڃڻ لاءِ اٿي. سوداگر جي مرضي تہ ڪانہ هئي، پر زبان ڪري وينو هو؛ تنهنڪري لاچار هو. وڃڻ وقت پنهنجيءَ زال کي ٻيون بہ ڪيترين ئي سوڪڙيون وغيره ڏيئي روانو ڪيائين.

سوداگر جي زال، سوداگر کان موڪي رات وڃ ۾ ئي ٽپڙ تاڙي ٻڌڻ شروع ڪيا. صبح سان ئي بانهيءَ سميت وطن ڏانهن رواني ٿي. ڪجهہ ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ اڇي پنهنجي شهر ۾ نڪتي. وقت گذرندي دير ڪانہ ٿي ٿئي، نيٺ ڏهن مهينن کان پوءِ سوداگر جي زال کي هڪڙو سهڻو پُٽڙو جائو. هوءَ ويچاري ڏاڍي خوش ٿي، ۽ خدا جا لک

لک شڪرانا بجا آندائين، جو سندس ڳالهه پوري ٿي. اتي سوداگر ڪي به سفر ۾ به سال ڪن اچي پورا ٿيا هئا، تنهنڪري هو واپس ورڻ جا سعيا ڪرڻ لڳو. هن گهر اچڻ کان اڳ زال کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع موڪليو. خير، جنهن ڏينهن سوداگر اچڻو هو، ان ڏينهن جوٽس ڇا ڪيو، جو پُٽ کي نوان ڪپڙا پارائي، ڳچيءَ ۾ رومال ويڙهي، هٿ ۾ منڊي پارائي، پينگهي ۾ ليتائي چڙهائين. وري ويهي سا هزارڻ گهوڙيءَ ۽ ٻئي مال وَجهُ جي به سار سنڀال ونی، گهوڙيءَ جو توبرو داڻي سان، مينهن ۽ ڏڳين جا آهرا ڪتر سان ۽ ٻڪرين جي واڙ تارين سان پرائي چڙهائين.

سوداگر جڏهن گهر ۾ پير رکيو، تڏهن هن جي نظر پهرين وڃي ڪُڙهه، وٽاڻ ۽ واڙ تي پيئي، جتي هزارڻ گهوڙي، مينهون، ڏڳيون ۽ ٻڪزيون بينيون هيون. سوداگر انهن کي ڏسي دل ۾ چيو ته، زال ته ڪا سياڻي ٿي ڏسجي، پر ڏسان ته حق حلال جو پُٽ به آهيس يا نه؟ اهو خيال ڪري اڳتي وڌيو. ڏٺائين ته جوٽس ڪنهن پار کي پينگهي ۾ وينی لوڏي. پار کي ڏسي سوداگر جون وايون بتال ٿي ويون، پر پڪ نه پيئي ٿئيس ته اهو ڪو حق حلال جو پار هوندو. نيٺ زال کي چيائين ته: ڳالهه ٻڌاءِ ته هيءُ تو پنهنجو قول ڪيئن پاڙيو! زال انهيءَ ٿي شروع کان ونی پچاڙيءَ تائين، سڄي ڳالهه مڙس کي ڪري ٻڌائي، ۽ سندس ڏنل سوغاتون، منڊي ۽ رومال ڪيس ڏيکاريائين. سوداگر اهي سڀ شيون ڏسي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ چيائين ته: بيشڪ زال ذات پنهنجيءَ تي اچي ته سيڪجهه ڪري سگهي ٿي. ان کان پوءِ سوداگر پنهنجي انجام موجب سڄي عمر زال سان وفادار ٿي رهيو.

●●●

٣٣ـ سياڻو سوداگر*

ڪنهن سوداگر ڪي هڪڙو سڪيلڙو پٽ هو، جو ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپنو هو. گهر جي سڀني ڀاتين جو هن سان پيار هوندو هو. سوداگرزادو اڃ ننڍو سڀان وڏو، آخر اچي جوان ٿيو. جيئن ته سندس هرڪو انگل پورو ٿيندو رهندو هو، تنهنڪري ڏاڍو هٿ ڦاڙ ۽ عياش ٿي پيو هو. روزانو سوين رپيا کٽي وڃي دوستن کي کارائي پياري ڇڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن سوداگرزادي پنهنجي پيءُ کي چيو ته: بابا سائين! آءٌ هاڻي جوان ٿيو آهيان ... خيال اٿم ته پنهنجي منهن واپار ڪريان، تنهنڪري مونکي ڪجهه خزانو ڏيو ته وڃي قسمت آزمايان. سوداگر کي پنهنجي پُٽ جا افعال ساريا پيا هئا، ته هن کي جيڪي ملندو، سو هڪڙي ئي ڏينهن ۾ کائي کپائي دُف ڪري ڇڏيندو. تنهنڪري خيال ڪيائين ته اهڙي کا اٽڪل ڪجي، جو هن کي پئسن جو قدر ٿئي، ۽ خبر پويس ته ناڻو ڪيڏيءَ نه مشڪلات سان ٿو ڪمائجي. سو چيائينس ته: پُٽ! تنهنجي ڳالهه برابر آهي، پر پاڻ ۾ رواج آهي ته سوداگريءَ تي وڃڻ کان اڳ پنهنجي منهن کو نه ڪو پورهيو ڪري، اُن جي ڪمائي آڻي ڪوهه ۾ وجهبي آهي. تنهنڪري تون به روزانو صبح جو شهر ۾ وڃي ڪماءِ، ۽ شام جو جيڪي ملئي، سو آڻي مونکي ڏج ته هلي ڪوهه ۾ اڇلينداسين.

صبح جو سوداگرزادو، پيءُ جي حڪم موجب شهر ۾ ڪمائڻ لاءِ نڪتو؛ پر جيئن ته هو هريل هو عيش عشرت ۾، ڪڏهن ڪڪ پڇي به ٻيٽو ڪونه ڪيو هئائين، سو شهر ۾ وڃي ڦيريون پائڻ لڳو. ڳالهه ئي

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي ٽنڈي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

سمجھ ۾ نہ پئي اچيس تہ کھڙو کم ڪري پئسا ڪمايان، ۽ وڃي پيءُ کي ڏيان! آخر ڏکا ڪائي وڃي سنگتين ساڻين وٽ نڪتو. سڄو ڏينھن گھمي ڦري شام جو گھر موٽي آيو، ۽ ماءُ کي سموري حقيقت ٻڌايائين. جنھن چيس تہ: ابا! تون ڪاڏ ڳٽتي نہ ڪر، توکي کھڙو لاچار پيو آھي جو تون وڃي پورھيو ڪرين - مون وٽان روز سؤ رپيا ڪٽي وڃي چئجئين تہ ڪمائي آيو آھيان. سوداگرزادو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ماءُ کان سؤ رپيا ونڻي، پٽس وٽ آيو، ۽ ھن کي ٻڌايائين تہ ڪمائي آيو آھيان. پٽس انھيءَ مھل ئي کيس ونڻي، پنھنجي محلات واري کوھ وٽ آيو، ۽ کيس چيائين تہ: اھي سؤ رپيا ھن کوھ ۾ اڇلي ڇڏ. سوداگرزادي اھي رپيا کوھ ۾ اڇلي ڇڏيا، پوءِ ٻئي ڇڻا پنھنجي محلات ۾ موٽي آيا.

اھڙيءَ طرح سوداگرزادو روزانو صبح جو شھر ۾ وڃي سنگتين ساڻين سان چڪر ھڻي، شام جو گھر موٽي ايندو ھو، ۽ ماءُ کان سؤ رپيا ونڻي، پيءُ کي ڏيکاري، کوھ ۾ اڇلي ڇڏيندو ھو. مھيني بن ڪان پوءِ ماڻس وٽان آخر پئسا کُٽي ويا. تڏھن وري پيٽن کان پئسا ونڻ شروع ڪيائين. جڏھن انھن وٽان ٻہ جواب مليس، تڏھن سنگتين ساڻين مدد ڪيس. ھڪڙي ڏينھن نيٺ انھن وٽان ٻہ جواب مليس. ھاڻي اھڙو ڪوبہ ماڻھو ڪونہ ھو، جنھن ڪان ھي ڪجھ پئسا ونڻي آڻي پيءُ کي ٻڌائي تہ 'ڪمائي آيو آھيان.' سوداگرزادو انھن ئي ويچارن ۾ دستور موجب شھر ۾ ھڪڙي ھنڌ ٻينو ھو تہ ايتري ۾ پريان "مزور مزور" جو آواز ڪَن تي پيس. ڏوڙي وڃي ڏسي تہ ھڪڙو ماڻھو تمام گھڻو سامان پٺ تي رکيو، ڪنھن مزور جي انتظار ۾ ٻينو آھي. سوداگرزادي وڏي وڃي سامان کي ڪلھو ڏنو، ۽ ان ماڻھوءَ جي پنيان ھلڻ لڳو. سامان تمام گھڻو ۽ ڳرو ھو. پلا ھن ويچاري ڪڏھن ڪڪ ٻہ ڇُنو ھو، سو بار ۾ ڳھندو، ڪنجھندو ڪُرکندو ويو. اکين اڳيان اَنڌ اچي ويس. آخر مس مس وڃي منزل تي پھتو، اتي سامان لاھي رکيائين. اُن ماڻھوءَ کيس ھڪڙو رپيو مزوريءَ جو ڏنو. سوداگرزادو حيران ٿي ويو، تہ ھيترو

سامان ڪنيم ۽ هيڏي تڪليف ڪاٿيم، پر مزوري فقط هڪڙو رپيو مليو! تڏهن اُن ماڻهوءَ کي چيائين تہ: خدا جا بندا! هيڏي بار جي مزوري فقط هڪڙو رپيو؟ تڏهن هن جواب ڏنس تہ: ميان! مانڙي ڪري هليو وڃ، انهيءَ بار جي مزوري اصل ۾ چار آنا آهي، پر توکي ڪنهن چگي گهراڻي جو ڏسي، رپيو مزوري ڏني اٿم، هاڻي ريڑهه پيڙهه ڇڏ، ۽ وڃي پيو ٻ ڪجهه ڪماءِ!

سوداگرزادو، گهڻي بار کڻڻ ڪري نہ فقط تمام ٿڪجي پيو هو، پر سڄي بدن ۾ ٻ سور ٿي پيو هئس. اهڙو ڪِٽ ٿي پيو هو جو هلڻ ئي نہ پُڄيس - آخر رڙهندو شام ڏاري اچي گهر پيڙو ٿيو، ۽ اُهو رپيو آڻي پيءُ کي ڏنائين. جنهن وري ٻ دستور موجب آڻي کوهه تي بيهاريس، ۽ حڪم ڪيائين تہ: اهو رپيو کوهه ۾ اڇل! سوداگرزادو، جنهن کي هاڻي خبر پيئي هئي تہ ناڙو ڪيڏيءَ نہ مشڪلات سان ڪمائجي ٿو - تنهن هٿ ٻڌي پيءُ کي چيو تہ: بابا سائين! اوهان کي رپيو ڏيان ٿو، اوهين کوهه ۾ اڇليو تہ ڇڪو، باقي آءٌ پنهنجي هٿ سان کوهه ۾ نہ اڇلينديس. سوداگر هن جي مُنهن ۽ ڳالهائڻ مان سمجهي ويو تہ هيءُ اڄ پورهيو ڪري رپيو ڪمائي آيو آهي، سو وڌيڪ ڪيو ئي ڪين، ۽ مانڙي ڪري پٽ کي ساڻ ونيِ محلات ۾ موڪلي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح سان ئي سوداگر، هڪڙو غوراب سوداگريءَ جي سامان سان پرائي، پُٽ جي حوالي ڪيو، ۽ اجازت ڏنائينس تہ: هاڻي پلي وڃي سوداگري ڪري اچ. سوداگرزادي ڳي جو خبر پئي هئي تہ ناڙو ڪيڏيءَ تڪليف کان پوءِ ٿو اچي، تنهن سنيالي ڪفايت سان رهڻ شروع ڪيو. ڪورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ هو بي انداز ناڙو ڪمائي اچي پنهنجي وطن پهتو.

●●●

٣٤ـ چگّي جي چگّائي، مدي جي مدائي *

بادشاهن جو بادشاهه ته پاڻ ڏٺي آهي، پر زمين تي، زمين جي هڪ ٽُڪري تي، هڪڙو بادشاهه حڪومت ڪندو هو. هن جي ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف سان حڪومت هلندي هئي؛ شينهن ۽ ٻکري گڏ پاڻي پيئندا هئا. مگر چون ٿا ته نيڪي ۽ بَدي، ٻئي هڪ هنڌ پيدا ڪيون ويون آهن، ته جيئن ٻنهي جي وچ ۾ فرق معلوم ٿئي؛ تنهنڪري هن بادشاهه جي حڪومت ۾ به چگّا مدا سڀ رهندا هئا.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهنجي وزير کي چيو ته: منهنجي ملڪ ۾ جيڪي به بدمعاش رهندا هجن، تن جا نالا ڏي ته انهن کي ملڪ مان تڙي ڪڍان، ۽ جيئن خلق خدا جيءَ تان رهيو ڪهيو آزار به ٿري وڃي. تڏهن وزير، بادشاهه کي هڪ ٻڌي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! چَگّي جي چگّائي ۽ مَدي جي مدائي. توهين سينءِ سان نيڪي ڪندا رهو، پوءِ جيڪڏهن توهان جي اهڙي نيڪيءَ هوندي به ڪو وجي بَدي ڪندو، ته اُن کان پاڻهي ڏٺي تعاليٰ حساب چُڪائي ونندو. اوهان سڀ ڪنهن سان نيڪيءَ جو برتاءُ ڪندا رهو، ته خدا توهان کي اَجر ڏيندو. مگر بادشاهه پنهنجي هوڏ تان لهي ئي نه، چوي ته: بَديءَ جي جيسين پاڙ نه پٽي ڪيندس، تيسين مونکي اَنّ پاڻي حرام آهي.

وزير دل ۾ خيال ڪيو ته جيستائين حق، حق ٿئي، تيستائين ناحق ۾ ڪئين نپوڙجي ويندا؛ تنهنڪري ڪا اهڙي اٽڪل ڪجي، جو بادشاهه ڪجهه وقت لاءِ انهيءَ ضد تان لهي وڃي؛ تيسين آءٌ سچن پچن بدمعاشن جي تحقيقات ڪري ونان، ته جيئن ڪو غريب ناحق ۾ نه

* هيءُ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽنڈي باگي) مان مائي زيب النساء لوهار کان ملي.

اڙجي وڃي! سو بادشاهه کي چيائين تہ: جيئندا قبلا! هڪڙي ڳالهه آهي، جا توهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران، اجازت ڏيو تہ ٻڌايان! بادشاهه کيس اجازت ڏني. پوءِ هن پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي. چي: هڪڙي شهر ۾ ٻہ دوست رهندا هئا، هڪڙي جو نالو هو 'چگو' ۽ ٻئي جو نالو هو 'مدو'. هنن جي هڪٻئي گهڻ سواءِ سرندي ڪانہ هئي، ۽ هر وقت هڪٻئي وٽ پيا ايندا ويندا هئا، مگر جيئن تہ چوندا آهن تہ هر ڪو ماڻهو پنهنجي عادت کان مجبور هوندو آهي، سو هيءُ ٻئي دوست ٻہ ڪچوڙ ۽ وڇوڙ جي ڳالهه وانگر پنهنجي پنهنجي عادت کان مجبور هئا. چگو هميشه چگائي ڪندو هو ۽ مدو سدائين مدي. بادشاهه، وزير کان پڇيو: اها وڇوڙ ۽ ڪچوڙ واري ڳالهه وري ڪيئن آهي؟ وزير وراڻيو تہ: بادشاهه سلامت! اها ڳالهه هيئن آهي تہ هڪڙي دفعي ڪنهن ڪچوڙ کي درياءَ جي هن پر وڃڻو هو، سو سهي سنيري اُٿي هليو تہ وات تي هڪڙو وڇوڙ گڏيس؛ جنهن چيس تہ: ڏي خبر، ڪيڏانهن تياري ڪئي اٿئي؟ ڪچوڙ جواب ڏنس تہ: مونکي درياءَ جي هن پر وڃڻو آهي، جو اُتي اڄ ڪچن جي پائيچاريءَ جو سڏ اٿم. تنهن تي وڇوڙ چيس تہ: يار! مونکي ٻہ درياءَ جي پار کو ضروري ڪم آهي، پر پتڻ آهي ئي ڪونہ؛ هاڻي مهرباني ڪري مونکي ٻہ پاڻ سان هُن پر وٺي هل، تہ تنهنجو شڪر گذار رهندس. ڪچوڙ چيس تہ: ٻيلي! هن پر وٺي هلڻ لاءِ تہ آءٌ تيار آهيان، پر تون آهين بچڙو جيت، توتي ڪهڙو اعتبار! وات تي ڏنگ هڻي ڪڍين تہ پوءِ توکي ڪير جهلي؟ تڏهن وڇوڙ وراڻيس تہ: يار! تون مون سان مهرباني ڪرين ۽ آءٌ وري توکي ڏنگيان؟ ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو! آخرڪار ڪچوڙ، وڇوڙ کي پنهنجي پٺيءَ تي چاڙهي، درياءَ مان ترڻ لڳو. جڏهن وچ ۾ پهتو، تڏهن ڪنن تي ڪ ڪ جو آواز آيس. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو تہ هتي وچ درياءَ ۾ ڪ ڪ جو آواز ڪٿان آيو! جان ڪٽي ڪنڊ ورائي ڏسي تہ مار! وڇوڙ پيو سندس پٺيءَ تي

ڏنگ هٽي. وڇونءَ کي چيائين: اڙي وڇون! هي ڇا پيو ڪرين؟ تڏهن وڇونءَ جواب ڏنس تہ: يرا! عادت کان مجبور آهيان. اتي ڪڇونءَ چيس تہ: اهڙي جي تنهنجي عادت آهي، تہ پوءِ تنهنجو جيئرو رهڻ ئي نقصانڪار آهي. ائين چئي ٽپي هٽي وڃي تر ورتائين، ۽ وڇون سندس پُنيءِ تان ترڪي، درياءَ ۾ بڏي ويو.

اها ڳالهہ پوري ڪري، وزير چوڻ لڳو تہ: بادشاهہ سلامت! انهيءَ ڳالهہ وانگر، هي ٻئي دوست چگو ۽ مدو - عادت کان مجبور هئا، مگر دوستيءَ جي ناتي ۾ هڪٻئي سان بدل هئا. خير، خدا جي حڪم سان، هڪڙي ڏينهن چگي، پنهنجي دوست مدي کي چيو تہ: يارا! کيترا ڏينهن ٿي ويا آهن جو پاڻ ڪيڏانهن ٻاهر نڪتا ئي ڪونہ آهيون، هل تہ هلي ڪنهن ولايت جو چڪر هڻي، دنيا جو واءُ سڀاءُ وني اچون. تڏهن مدي چيو تہ: ابا! پاڻ وٽ تہ پائي بہ ڪانهي، باقي تو وٽ ڪي ڏوڪڙ هجن تہ پوءِ هلون؛ نہ تہ پوءِ بڏيءَ کي گاهہ، بڏيءَ کي پاٽي ... اجايو پاٽي نہ ولوڙ. چگي چيس تہ: ٻيلي! ڪي چار ڏوڪڙ هٿ ۾ اٿم، مهيني ٻن جو ٿمر جڙ تہ پاڻ وٽ آهي ... هل تہ ڪي ٻہ چار ملڪ گهمي ڦري اچون. پوءِ تہ اتو ٿمر ساڻ ڪري، هي ٻئي دوست ڳونان نڪتا.

هلندي هلندي هڪڙي بادشاهي ڇڏيائون، ٻي ڇڏيائون، اڇي ٽئين بادشاهيءَ ۾ نڪتا. ان شهر جي بادشاهہ کي ٻيو ڪوبہ اولاد ڪونہ هو، فقط هڪڙي نياڻي هئس. مگر قادر جي قدرت، جو هن ويچاري نياڻيءَ جي جيءَ سان بہ ڪو آزار لڳل هو - ڪيس اهڙي بيماري هئي، جنهن کان هوءَ مرڻ وهيٽي اچي ٿي هئي. ڪئين پير فقير، پڙهيا پنڊت، مُلان موراٽا پچايا هئائون، ۽ ڪئين دعائون، دوائون، ڏاڍا ڦيٽا ڪرايا هئائون، پر بيماري 'جيئن رات تيئن وڏ' وانگر، اڳي کان اڳري ٿيندي ويئي. شهزاديءَ کي چند رات چرڪ ٿيندو هو، ۽ اُن کان پوءِ پهرن جا پهر پيئي لُڇندي هئي. سمورن ماڻهن جو خيال هو تہ شهزاديءَ کي

جنّ لڳل آهي. جنن ڪيڏ وارا پوپا ۽ ڏُوٽايائون، ساز ۽ سرود وڄارايائون، ڪيئي ڏيوائي فقير گهرايائون، مگر هن کي ڪٿان به ڪو فائدو ڪونہ ٿيو. لاچار تي بادشاهہ پڙهو گهمارايو تہ: جيڪو به ماڻهو منهنجي نياڻيءَ جو علاج ڪندو ۽ ڪيس شفايابب ڪندو، تنهن کي اَڌ راڄ ۽ اَڌ پاڳ ڏيندس، ۽ اها نياڻي به ڪيس پرڻائيندس. اهي خبرون ٻڌي چگي چيو تہ: خدا تعاليٰ هن شهزاديءَ کي آزار مان ڇڏائي تہ ڏاڍو سنو! تڏهن مدو مُرکي چوڻ لڳو تہ: پل پيئي لوڙي - انهيءَ به گهٽن کي گهايو هوندو!

خير، جڏهن صبح ٿيو، تہ ٻئي دوست سنپري اُٿي اڳتي هليا. هلندي هلندي اچي هڪڙي رڻ پٽ ۾ نڪتا. اُتي هنن کي اُڃ اچي ٽپايو. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا تہ من کو ماڻهو ڇيٽو گڏجي تہ پاڻيءَ جو پتو پچون. نيٺ هڪڙي پاسي کان هنن کي اُنيون ڏسڻ ۾ آيون. هيءُ به اوڏانهن هلڻ لڳا. گهٽو وقت هلڻ کان پوءِ، مس مس رڙهي اچي اُتي پهتا ۽ ساٽا ٽي ڪري پيا. اُتي اونار کان پاڻيءَ جو پڇيائون، جنهن چين تہ: هو پريان وڏو بڙ جو وڻ پيو ڏسجي، اُن جي هيٺان هڪ کوهہ آهي - باقي هتي ٻيو اٿو پلو. آخر هي وري به رڙهندا رڙهندا اچي اُن وڻ هيٺ کوهہ تي پهتا، پر کوهہ تي پاڻيءَ ڪيڏ لاءِ کوبہ ٽپڙ رکيل ڪونہ هو. اتي اُڃ جي اُساڻ کين بنهہ ساٽو ڪري ڇڏيو، ۽ کنهن کي طاقت کانہ رهي جو کوهہ اندر گهڙي. نيٺ مدي چيو تہ: ادا! مون ۾ تہ کابہ طاقت کانهي، جو ڪٽي هڪ وک به هتان رڙهان يا کوهہ ۾ لهان، باقي تون کوهہ ۾ لهي وڃ. مان تنهنجي چيلهہ ۾ پٽڪو ٻڌان ٿو، ۽ تون پهرين هيٺ لهي پاڻي پيءُ، پوءِ پلاند پٽڪي جو پُسائي مون ڏانهن موڪل تہ آءٌ به ٽڙي سائي ڪريان، تہ ڪجهہ سامت ۾ اچي، توکي ڇڪي باهر ڪڍي ونان. پوءِ چگي سڀ ڪپڙا لاهي ڪٽي مدي کي ڏنا، ۽ چيلهہ ۾ پٽڪو

ٻڌي اندر کوھ ۾ لھي پيو. پاڻي پي ڏؤ ڪري، پٽڪي جو پلاند آلو ڪري، مدي کي ٻاھر ڏنائين، جنھن اُڄ لاھڻ کانپوءِ چاڪيو، جو پٽڪي سميت کٽندي چگي جا ڪپڑا ۽ پئسا، رمندو رھيو. ھن ويچاري گھٽي آھون دانھون ڪيون، پر کوھ ۾ ڪريل جي ڪير ٿو ٻڌي! سو ويچاروسمورو سور سھي، مان ڪري الله تي توڪل رکي، کوھ جي ھڪڑيءَ ڪوپَ ۾ صبر سان ويھي، پنھنجيءَ قسمت جا رنگ ڏسڻ لڳو. ھوڏانھن ھو مدو ڪپڑا لٽا کٽي اُتي ھليو، ۽ سڏو انھيءَ بادشاھ جي ملڪ ۾ آيو، جنھن ۾ شھزادي بيمار ھئي.

ڳالھيون جلدي ٿين، ڏينھن پنھنجي وقت تي گذرن، اوڪيءَ جا پھر ٿورا ٿيندا آھن - الله جي رحمت وڏي آھي ۽ الله جڏھن ورندو آھي، تڏھن ڪئين بھانا بنجي پوندا آھن. اھو بڑ جو وڻ - جنھن جي ھيٺ چگو کوھ ۾ پيو ھو- ھڪڑي رڻ پٽ جي وچ ۾ ھو، جتي ھتي ھُتي جا ماندا مسافر اچي مانجھاندو ڪندا ھئا، چگي کي تسبيحون سوريندي سوريندي اچي سج لٿو. ھو ويچارو ڊپ ۾ ڪوھ جي ھڪڑيءَ کوپ ۾ وينو ھو، تہ اوچتو کا آفت ڏڙام ڪري اچي پاڻيءَ ۾ ڪري، ۽ ترڻ لڳي. چگو جان کٽي ڏسي، تہ ھڪڑو ڪَلانداري، واسينگ نانگ آھي، جنھن جي ڪرڻ سان پنج فوٽ پاڻي مٿي چڑھي آيو. ويچارو چگو اچي ڏنو تہ ھاڻي اجھو ٿو مران، سو تيئن پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، ۽ وڏيڪ سوڙھو ٿي کوپ ۾ ويھي رھيو. ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ، انھيءَ کوھ جي مٿان بينل وڻ مان آواز آيو تہ: ڪلانداري! آھين يا نہ؟ اتي نانگ جواب ڏنو تہ: ھائو، جنّ جبرا، وينو آھيان. جنّ پڇيس تہ: ڏي اجوڪي خبر، چا وھيو چا واپريو؟ نانگ چيس تہ: يار! ڳالھہ ئي نہ



پڇ، اڄ بہ سڀ جوڳين جو جوڙ هو مون تي؛ اچي چيٽن جون ڊڳيون منهنجي آستان جي پاسي ۾ ناهيائون، ۽ پوءِ اچي مرليون وڄائڻ لڳا - بس مُرلين جي مانجهہ منهنجو من ماندو ڪري وڏو. هڪڙي فقير جي ڦُوڪن مونکي اهڙو تہ مستان ڪري ڇڏيو، جو مونکي پنهنجي جاءِ تان اُٿڻو پيو، ۽ آواز جي الستي موج ۾ مونکي پنهنجو جلال ياد آيو. آءٌ بيخود ٿي ويس، ۽ انهيءَ حالت ۾ وٺي جو درد جو دونهون ڪڍيم، تہ چيٽا سڀ برڙ لڳا، ۽ جوڳي پنهنجون مرليون وڄائيندا ٿوَ کان ڇڏا ٿيندا ويا، تان جو وڄي اهڙي هنڌ تي پهتا، جتان مرلين جو آواز جهيڙو پئجي ويو، ۽ منهنجو من بہ آهستي آهستي سانتيڪو ٿيندو ويو..تان جو جوڳين جو جوڙ ڦٽي ويو، ۽ هو مونکي جهلڻ ۾ ناڪام ٿي ويندا رهيا. ان کان پوءِ بہ مان ڪيترو وقت راڳ جي رس ۾ مست رهيس. اي جنّ جبرا! چون ٿا تہ راڳ جي حڪومت دنيا جي هر بشر، پکي پکڙ ۽ جيت جناور تي هلي ٿي. مان بہ راڳ جي هر سُر تي مست، اصل موج ۾ اچي ويندو آهيان.

اها خبر ڪرڻ بعد نانگ، جنّ کان پڇيو تہ: ڏي خبر، توسان چا وَهيو چا واپريو؟ تڏهن جنّ جواب ڏنس تہ:



يار ! اڄ هو چنڊ جو ڏينهن، سو مان بہ ويس بادشاهہ جي وڏي ڪنواري ڏيءَ وٽ، ۽ وجي ڪيومانس بدن ۾ واسو. بس منهنجو واسو ڪرڻ ۽ بانهوڙ ۾ ٽرٽلو مڇ - ڪا پَليتو ڪنيو اڇي تہ ڪا تعويذ پئي ٻڌي، ڪا چنڊو پئي آڻي تہ ڪا ڦيٽو پئي ڪري، ڪنهن عطر ڇٽڪاريو تہ ڪنهن لوبان ٻاريو. ۽ للب تہ سيڪا جتن ڪرڻ لڳي، پر مونکي تہ اڇوکو ڏينهن ضرور رهڻو هو. پلي ڪٽي بادشاهہ پاڻ اڇي بيهي. نيٺ ست سُرندائي گهرايائون، جن اڄ تہ دنگ ڪري ڇڏيو! سُرندن جون ڳٽيون مروڙيندا، تندون تاڻيندا، ويا سُرندن کي سُر ۾ ملائيندا ۽ تندن جو ناڻ ناهيندا. پوء تہ تندن جو ناڻ پورو ناهي. گز کي سهڪُندرو هٽي تيز ڪري، وٽي جو تارن کي گز جو ڇيرو ڏنائون تہ منهنجي بدن مان ڇٽاٽ نڪري ويا. آسُر جي مهل هئي، سو گز جي ڇيرن مونکي اهڙو تہ ڇيڙي وڏو، جو آءٌ بہ بيخود ٿي موج ۾ اچي جهولڻ لڳس؛ ۽ جهولندي

جهولندي مونکي ۽ پنهنجو اصلي جلال ياد اچي ويو، ۽ مان ۽ لئي ۾ لئي ٿي ويس. سُرندائين پاڻ سنڀاليو، ۽ مونکي هاڪا ڏاڪا ڪيائون ۽ نيٺ منٽون ڪيائون ته 'ڇڏي وڃ پرائي نياڻي کي، پيءُ پياڙو، ڪٽي منٽ مڃ، وري نه اچج، شاهه جي ڏوهي اٿئي.' پوءِ وري هڪڙي فقير مٿو اگهاڙو ڪري، وار چوڑي مٿو ڏوٽڻ لڳو. اهو فقير ڏمال ڪندو ڪندو، اچي هڪلون ڪرڻ لڳو - هڪلن ٿي هڪلون ڪندو، ٽپا ڏيندو مون ڏي هليو، ۽ اچي شهزاديءَ کي ڏڪ هنيائين ... پر اڳيان آءٌ ۽ آءٌ هوس. نيٺ اهڙا گوڙ گهمسان ڪري، فقير ۽ هليا ويا. هينئر جڏهن شام ٿي آهي، ته مان ۽ پنهنجو واسو ڪري واپس پيو اچان. اهو اٿئي سمورو حال احوال، اسان جي سموري ڏينهن جو!

ڪجهه وقت ته مان منوڙو ٿي ويو، پر ٿوريءَ دير کان پوءِ، وري نانگ ڳالهائڻ شروع ڪيو. جنّ کان پڇيائين ته: اي جنّ، پلا ڪهڙو علاج آهي، جو تون شهزاديءَ جي بدن مان واسو ڪڍي وڃين ۽ هوءَ چڱي پلي ٿي پوي؟ جنّ چيس ته: جنهن وڻ ۾ آءٌ رهان ٿو، اُن جا پن پتي، ستن ڪوهن جي پاڻيءَ سان ڏوئي، ست ڪنواريون چوڪريون اهو پاڻي شهزاديءَ کي پيارين، ته مان هميشه لاءِ اُن جاءِ تان واسو ڪڍي ويندس. اتي وري جنّ، نانگ کان پڇيو ته: ڪلانداري! پلا ڏي خبر ته تون ستن بادشاهن جي انهيءَ خزاني تان ڪيئن پاسي ٿين، جو اها ملڪيت ڪنهن کي هٿ اچي؟ تڏهن نانگ جواب ڏنس ته: ادا! اهو ته تمام سؤکو ڪم آهي: سُهائي سومر جي ڏينهن، جهنگل مان هڪڙو هرڻ جهلي، اُن کي ستن ڪوهن جي پاڻيءَ سان وهنجاري، پوءِ جتي مان رهندو آهيان، سڏو اچي اُن ڏڙي تي هرڻ کي ڪُهن، ۽ اُن جو رت اُتي هارين ته مان هميشه لاءِ اهو آستانو چڏي ويندس. اهڙيءَ طرح ڳالهين ڪندي ڪندي جڏهن ڪين گهٽو وقت گذري چڪو، تڏهن هو مان ڪري سمهي رهيا. ويچارو 'چڳو'، جو ڪوهه جي ڪوپ ۾ لڪو وينو هو، سو ڏاڙيءَ کي

ستائڻ لڳو تہ: اي ربّ منهنجا! مونکي هن آفتن کان بچائج. سندس آهہ زاري الله ٻڌي، جو صبح تائين هو کوهہ ۾ سلامت رهيو. سج اُپرڙ کان اڳ، نانگ ۽ جنّ هڪ دفعو وري به پاڻ ۾ ڳالهايو ۽ پوءِ ٻئي اُتان هليا ويا.

خدا جي قدرت سان، نانگ ۽ جنّ جي وڃڻ کان پوءِ، هڪڙي ڇڄ اچي اُن وڻ هيٺ لٿي. ماڻهو دلا ڪٽي کوهہ تان پاڻي پرڻ آيا. جڏهن پهريون دلو کوهہ ۾ لٿو، تڏهن 'چگو' ان کي چنبڙي ٻيو ۽ پاڻي پريندڙ کي آڙي نيزاري ڪري چوڻ لڳو تہ: خدا جي واسطي مونکي هتان ٻاهر ڪيو! پاڻي پريندڙ پهرين تہ ڏڃي ويو تہ الاجي ڪهڙي آفت آهي، پر پوءِ هن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين، ۽ کيس پنهنجي اجرڪ گوڏ ٻڌڻ لاءِ ڏنائين. 'چگي' پوءِ سمورن ڄاڃين کي سڃي حقيقت ڪري ٻڌائي؛ جن مان ڪيس ڪنهن پهراڻ ڏنو، تہ ڪنهن پٽڪو ۽ ڪنهن سُٽڻ تہ ڪنهن جُتي ڏنيس؛ ڪن وري ڪجهہ نقدي جي مدد ڏنيس. مطلب تہ جيڪي ڪجهہ مدو ڪٽي ويو هئس، ان کان ٻيٽي رقم ۽ ڪپڙا هن کي ڄاڃين کان ملیا. آخر 'چگو' به انهن کان موڪلائي، اُن وڻ جا پن پٽي، اڳتي هلڻ لڳو ۽ هلندي هلندي اچي انهيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتو، جتي شهزادي بيمار هئي.

بادشاهہ جو روز پيو ڏينرو ڦرندو هو تہ: جيڪو به حڪيم يا طبيب منهنجي نياڻيءَ کي هن بيماريءَ کان نجات ڏيارينڊو، تنهن کي اڌ راڄ، اڌ پاڳ ۽ شهزاديءَ جو سگ ڏينڊس. سو چگو به اهو ڏينرو ٻڌي سڌو وڏي وزير وٽ ويو ۽ سلام ڪرڻ کان پوءِ چيائينس تہ: آءٌ شهزاديءَ جو علاج ڪندس، جي اجازت هجي تہ علاج شروع کريان؟ وزير يڪدم اها ڳالهہ وڃي بادشاهہ سان ڪئي؛ جنهن 'چگي' کي گهرائي علاج ڪرڻ جي اجازت ڏني. چگي، نوڪرن کي حڪم ڪيو تہ: ست ڪورا دلا ۽ ست نوان رسا ڪٽي ستن کوهن جو اُڇت پاڻي پري اڇو. جڏهن

سندس اهو حڪم بجا آندو ويو، تڏهن جنّ واري بَڙ جا پَن، ڏنڊي ڪوندي ۾ وجهي گهوٽايائين. پوءِ اُن ۾ ستن ڪوهن جو آندل پاڻي وجهي، پاڻي چاٽائي باقيءَ مان هڪڙو گلاس پنن جي رس جو تيار ڪري، اُن ۾ ڪير ۽ ماکي وغيره ملايائين. پوءِ حڪم ڪيائين تہ: ست ڪنواريون چوڪريون حاضر ڪيون وڃن. يڪدم ست ڪنواريون چوڪريون حڪم موجب اچي حاضر ٿيون، جي اُهو ستن ڪوهن جو ست سوادو پاڻي ڪٽي شهزاديءَ وٽ آيون. شهزاديءَ بہ بسم الله ڪري پاڻي پيتو. بس، هُن جو پاڻي پيئڻ ۽ تندرست ٿيڻ - ڪيڏانهن ويا جنّ تہ ڪيڏانهن ويا پوت! چوڪري انگور چگي پلي ۽ نئين نِمري ٿي پيئي. ٻئي ڏينهن چگي، وزير کي بادشاهہ وارو قول ياد ڏياريو. جڏهن وزير بادشاهہ سان اها حقيقت ڪئي، تڏهن هن چيو تہ: پلي چند جي چوڏهين رات گذري تہ خبر پوي، تہ برابر بيماري چڏي ويئي آهي يا نہ ... اُن بعد اسين پنهنجو قول پورو ڪنداسين.

ڳالهيون جلد ٿين، ڏينهن پنهنجي وقت تي گذرن - آخر هڪ مهينو گذري ويو، پر شهزاديءَ کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو؛ ٻيو چند، ٽيون چند، ٻئ چوٽون چند بہ گذريو، پر شهزادي خدا جي فضل سان ويتر وڌيڪ نِمري ۽ تندرست ٿيندي رهي. تڏهن 'چگي' وري وزير کي بادشاهہ جي قول جي يادگيري ڏياري. وزير سڏو اچي بادشاهہ وٽ حقيقت بيان ڪئي. بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي پنهنجي محلات ۾ آيو، ۽ راڻيءَ سان اچي حال ڪيائين، جنهن ٻانهيءَ جي معرفت شهزاديءَ کان هائوڪار ڪرائي. پوءِ بادشاهہ، وزير کي گهرائي حڪم ڏنو تہ: شاديءَ جو بندوبست ڪيو وڃي. يڪدم خزانن جا در کلي ويا، عام خاص ماڻهن کي بادشاهي لنگر مان مانيءَ ملڻ لڳي. اهڙيءَ طرح ستن ڏينهن جي خير خيرات کان پوءِ شاديءَ جي رسم ادا ٿي. جنهن کان پوءِ بادشاهہ پنهنجي محلات جي پاسي ۾ هڪڙو جدا محلات نهرائي، پنهنجي ڌيءَ ۽ نانيءَ جي

حوالي ڪيو، جتي هو ٻئي زال مڙس ڏاڍا مزي جا ڏينهن گذارڻ لڳا.

خدا جي قدرت سان، ٿوري گهٽي ڏينهن "مَدو" ۾ رلندي پنندي وري اچي "چگي" جي محلات وٽان نڪتو. جڏهن 'چگي' ڪيس ڏٺو، تڏهن پاڪر پائي ڏاڍيءَ حُب مان اچي مليس. ۽ خوش خيرعافيت پڇڻ کان پوءِ چيائينس ته: واهه ميان واهه! مونکي صفا وساري ڇڏيئي! انهيءَ ڏينهن کان وري کا سار سنڀال به ڪانه لڏيئي ته ڪوهه ۾ لٽل همراهه جو کهڙو حشر ٿيو - جيئرو آهي يا مري ويو! 'مَدو' ڏاڍو شرمندو ٿيو، ۽ پنهنجو ڏوهه قبول ڪيائين. نيٺ چگي ته پنهنجي چگائيءَ جي عادت موجب سندس ڏاڍي آڌر پاءُ ڪئي، ۽ سڄو سارو مهينو پاڻ وٽ رهايائينس، پوءِ به ست وڳا ڪپڙن جا ونڊي ڏنائينس ۽ وڃڻ وقت خزاني جي خرزين به ڀري ڏنائينس.

'مدو' جڏهن 'چگي' کان موڪلائي، مال متاع ڪٽي شهر ۾ پهتو، تڏهن ماڻهن کي چوڻ لڳو ته: توهان کي خبر آهي ته 'چگو' آهي ڪير؟ تڏهن ماڻهن چيس ته: هو بادشاهه جو نائي آهي ۽ پاڻ به بادشاهه آهي! اتي 'مدي' سينهي کي چيو ته: ميان! بادشاهه وري هي ڪٿان آيو؟ هي ته اسان جي ڳوٺ جو چمار آهي، جو هتي اچي طبيب جو پُٽ بنيو آهي، ۽ بادشاهه به ٿو سڏائي. مونکي هيءُ سڀ ٽپڙ انهيءَ ڪري ڏنا اٿس ته آءٌ سندس ڏک ڪيان ۽ بادشاهه کي سچي ڳالهه نه ٻڌايان؛ باقي اٿو چمار جو چمار. ان تي ماڻهن ۾ اچي چُر پر ٿي ته بادشاهه جو نائي چمار آهي! آخر اها ڳالهه وڃي بادشاهه جي ڪن تائين پهتي؛ جنهن پنهنجن وزيرن سان صلاح ڪري 'چگي' کي گهرايو ۽ ڪائنس حقيقت دريافت ڪئي. 'چگي' اُٿي ٻيهي عرض ڪيو: جيئندا قبلا! آءٌ ستن پيڑهين کان بادشاهه آهيان، جي اوهان کي اعتبار نه اچي ته آءٌ ثابتي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. تڏهن بادشاهه چيس ته: جي تون سچو آهين ته پلي ثابتي ڏي. اتي چگي چيو ته: سائين! هڪڙو عرض آهي ته جي جهنگ مان

جيئرو هرڻ جهلائي ڏيو ته مان توهان کي ثابتي ڏيان. بادشاهي حڪم ٿيو، سو بن چئن ڏينهن ۾ ڪئين هرڻ پڪڙي آندا ويا. نيٺ هڪڙو هرڻ پسند ڪري، ان کي ستن ڪوهن جي پاٽيءَ سان وهنجاري. پوءِ اُن کي ونڊي اچي نانگ واري ڏسيل دڙي تي بسم الله ڪري ڪُنائين. هرڻ کي ڪهڻ بعد اُن جو رت سڄي دڙي تي ڇٽڪاريائين، جنهن ۾ خزانو پوريل هو. رت ڇٽڪارڻ سان دڙي واري زمين ڦاٽي پيئي، ۽ هڪ وڏي آفت ڦوڪون ڏيندي، اُن مان نڪري هڪڙي پاسي هلي ويئي. ان کان پوءِ 'چگي' حڪم ڪيو ته : هاڻي هتي کوٽائي ڪئي وڃي! ڏينهن رات جي کوٽائي بعد اُتان ستن بادشاهن جو خزانو هٿ آيو، جو ڪٽائي اچي بادشاهه جي محلات ۾ ڊير ڪرايائين. جڏهن شهزاديءَ، بادشاهه ۽ ٻين ماڻهن ايترو



سارو خزانو ڏٺو، تڏهن سندن شڪ لٿو ۽ سيڻي کي يقين ٿيو ته برابر هي اصلي بادشاهه آهي. پوءِ ته بادشاهه ۽ شهزاديءَ به 'چگي' کان معافي ورتي ۽ سڀ ڪنڌ ڪير ٿي رهڻ لڳا.

ٿورن گھٽن ڏينھن کان پوءِ، مَدو ٻہ وري اچي ان شھر ۾ نڪتو، ۽ دل ۾ اھو خيال ڪري تہ ڏسان تہ چگي سان ڪھڙي جت ڪيائون - سو سڌو رخ رکيائين چگي جي محلات ڏانھن. اچي ڏسي تہ مار! ھيءُ تہ اڳوٽي کان ٻہ اڳرو پيو ھلي. سو نڪا ڪيائين ھم نڪا تہ، سڌو اچي چگي جي پيرن تي ڪريو ۽ آزيون ڪري چوڻ لڳس تہ: دوست! مون توسان سپ برايون ڪيون، پر تو مون سان ھميشہ پئي چگايون ڪيون آھن - مگر ھاڻي مون کي معاف ڪر ۽ خدا جي واسطي ايترو ٻڌاءِ تہ توکي ھيءُ فيض ڪٿان رسيو؟ تڏھن چگي چيس تہ: يار! جي سچ پچين تہ مونکي اھو سھورو فيض انھيءَ ڪوھ مان مليو، جنھن ۾ تون مونکي چڏي ھليو ويو ھئين. وڌيڪ تنھنجي مرضي.

نيٺ مَدي ٻہ چا ڪيو، جو ٿمر ساڻ ڪري، سڌو ويو اُن ڪوھ تي، ۽ ڪپڑا گندیون لاھي اُن ۾ اندر گھڙي پيو. جڏھن سج لٿو ۽ جنّ ۽ نانگ ٻہ پنھنجن آستانن تي پھتا، تڏھن ھميشہ وانگر ھڪئي کي حال احوال ڏيڻ لڳا. پھريائين نانگ ڪوھ مان رڙ ڪري جنّ کان پڇيو تہ: ڏي خبر، پلا تنھنجو ساھہ چا ۾ آھي؟ تڏھن جنّ چيس تہ: يار! اڳئين دفعي ٻہ پنھنجو پاڻ ۾ وينِي اھڙيون ڳالھيون ڪيونسين، تہ شايد ڪو آدمزادو ھتي لڪو ويٺو ھو، جنھن پئي پنھنجي گفتگو ٻڌي؛ پوءِ جيڪو حشر مون سان ۽ توسان ٿيو، تنھن جي توکي پاڻ خبر آھي - تنھنڪري اڄ پھرين اوسي پاسي ۾ جاچ ڪر تہ متان ڪو آدمزاد وينل ھجي! تڏھن نانگ چيس تہ: پھرين تون مٿي وڻ ۾ ڳول تہ پوءِ آءٌ ڪوھ ۾ ٿو ڏسان. جنّ سڄي وڻ ۾ ڳوليو، پر ڪجھہ ٻہ ڏسڻ ۾ نہ آيس - تڏھن نانگ کي چيائين تہ: ھت ڪجھہ ٻہ ڪونھي؛ تون اتي ڪوھ ۾ جاچ ڪر! نانگ جان ڪٽي ڪنڊ ورائي ڏسي تہ برابر ھڪڙو آدمي ويٺو آھي. پوءِ تہ بس ھڪ

ئي وار سان ڪيس پرزا پرزا ڪري، ڪائي ڪپائي ڇڏيائين.

وزير اها ڳالهه پوري ڪري، بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! چگي جي چگائي ۽ مدي جي مدائي - توهين نيڪي ڪندا هلو، پوءِ سڀ ڪنهن جي نيّت جاڻي، پاڻهي پيا اڳتي حساب ڪتاب ڏيندا. اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ وزير کي چيائين ته: برابر، بَدیءَ کي بدلي ڀلائي ڪيي ڏيڻ اسان جي وس ۾ ڪونهي - پر ان سان مقابلو ته اوس هليو هلندو، تنهنڪري بدمعاشن جا نالا مونکي ڏي ... پوءِ انهيءَ ڳالهه کي ڏٺو ويندو.

●●●

۳۵ـ جَريٽ سوداگرزادو*

هڪڙو هو سوداگر، جنهن کي هڪڙو سڪيلڏو پٽ هو. هُن پنهنجي پُٽ کي وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو، پر نينگر جڏهن چوڏهن ورهين جو ٿيو، تڏهن قضا الاهي سوداگر پاڻ گذاري ويو. سوداگر جي زال ۽ سندس پٽ روئي روئي مانڊا ٿي پيا. آخر قدرت جي ڪئي کي ڪير ٿو آڏو اچي! مائي پنهنجي پٽ کي وڏيڪ پڙهائڻ ۽ سڌارڻ لڳي. پر پٽس جو حوصلو هو پورو پُنو، سو جهڙو هو اهڙوئي رهيو. هڪڙو لاڏلو ٿي نپنو هو، ٻيو ويچاري جو عقل پورو سُورو، سو ڪم ڪندو هو چرين جهڙا. انهيءَ ڪري هن کي سڏيندائي هئا "جَريَٽ سوداگرزادو" هڪڙي ڏينهن هن ماءُ کي چيو تہ: امان! چو نہ آءٌ بہ بابي وانگر وڃي واپار ڪريان؟ ماٽس چيس تہ: ابا! ڏاڍو ڇگو... تون جي سياڻو ٿي هلندين تہ پنهنجو وقت پيو سڪيو گذرندو. ڪاڏي ڪوهہ بہ ڪٽيو وڃن، سو تنهنجي پيءُ جي پُونجي بہ اڃي ختم ٿي آهي. هينئر مون وٽ رڳو پنج مهرون وڃي بچيون آهن، جي ڪٽي وڃي وٽج ڪري اڇ.

سوداگرزادو اهي پنج مهرون کٽي هليو وٽج تي. شهر ۾ آيو تہ ڪاسائين وٽ تمام سٽيو ۽ سڻو گوشت ڏٺائين. بس امالڪ وڃي پن مهرن جو گوشت خريد ڪري، چادر جي هڪڙي پلاند ۾ ٻڌائين. وري خيال ٿيس تہ هڪڙو گوشت وري نصيب ٿئي الاڃي نہ؛ سو ٻين پن مهرن جو بہ گوشت ونيِ ٻئي پلاند ۾ ٻڌي، چادر کٽي کلهي تي رکيائين، ۽ باقي هڪڙيءَ مهر مان ٿوم، مرچ، بصر ۽ ٻيا وکر وانا ونيِ، جهوليءَ ۾

* هن ڳالهہ جون بہ روايتون مليون. هڪ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان ۽ ٻي اتر (تعلقي فيض گنج) مان رحمت الله وندير کان ملي.

وڃي گهر ڏانهن روانو ٿيو. وات تي هڪڙي ڪُتي - جنهن پنهنجي لڏي کان بتال ٿي پئي هيڏانهن هوڏانهن نُوسيو - تنهن گوشت جي بوءِ تي پڇ لوڏي ڪٽي هن جي پٺ ورتي. مطلب ته گوشت لاءِ ڪتي کي جيڪي گُر ياد هئا، ۽ جيڪي حيلا هلائڻا هئا، سي پورا ڪري وڃي پار پيو. سوداگرزادي دل ۾ چيو ته: ٻيلي! هي ويچارو ڪتو ڏاڍو بکيو آهي، تنهنڪري هن کي گوشت ڏيڻ گهرجي - باقي رقم، سا سياڻي ڪٽي هن کان وصول ڪندس. اهو خيال ڪري سمورو گوشت ڪٽي ڪتي کي ڏنائين ۽ پاڻ پلاند چنڊي، ٽوم، بصر ۽ ٻيو وکر ڪٽي اڇي ماڻ وٽ ٽڪتو. ماٽس سندس خبر پڏي ٻئي هٿ ڪٽي گوڏن تي هنيا - چي: ابا چريٽ! ڪائڻ لاءِ هٿا ئي اهي ڏوکڙ، سي به وڃي ڪتي کي ڪارائي آئين. ويچارو چريٽ سوداگرزادو، ماڻ جي جُٽ جهلي، منهن ويڙهي سمهي رهيو. صبح ٽيندي ئي سهي سنبري ڪتي کان رقم وصول ڪرڻ لاءِ اُٿي پنڌ پيو.

انهيءَ رات کي آڌاهه چور بادشاهه جو خزانو چوري ڪري پئي ويا، ته پهريدارن کي خبر پئجي ويئي، سي چور چور ڪندا انهن جي پويان ڪاهي پيا. چور اهو مال ڪٽي جيئن ڊوڙڻ لڳا، تيئن اوچتو هڪڙي ڳوٺري ڪانئن گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ ڪري پيئي. اهو ڪتو به ڪو اتي انهيءَ مهل ٻينو هو. سو ڳوٺريءَ ۾ ڇڪ وڇهي، پاسائون ٿي، ان کي پيٽ هيٺان ڪري ويهي رهيو. پهريدار به هليا ويا، پر ڪتو اتي ئي سمهي رهيو. هي چريٽ سوداگرزادو به ڪتي کي ڳولينڊو ڳولينڊو اڇي ان جي مٿان ٻينو. ڪتو هن کي سڃاڻي اٿيو ۽ هن جي اڳيان پڇ لوڏڻ ۽ لولهٽ ڪرڻ ٻيهي رهيو. هن هٿ وڌائي ڳوٺري ڪٽي ورتي، ۽ ڪٽي جو ڪولي ڏسي ته سڃي ڳوٺري هيرن جواهرن سان ڀري پئي آهي. پوءِ هن اها ڳوٺري آڻي ماڻ کي ڏني. ماٽس هئي سياڻي، تنهن سمجهيو ته هيءَ ڳوٺري ضرور شاهي خزاني ما چوري ٿيل آهي؛ سو چا ڪيائين، جو پٺ

کان لڪچوريءَ ڳوٺريءَ مان هڪ لعل کڻي هڪڙي امير ماڻهوءَ جي گهر ڪٽي ويئي، ۽ ان جا پئسا ونڊي بازار مان پري کن کارکن جي ۽ ٻيو کاڌي پيتي جو سيڏو سامان وٺي آئي. جڏهن چريٽ سوداگرزادو ماني ٽڪي کائي رهيو، تڏهن ڇا ڪيائين جو چٽ ۽ فرش تي آهي کارکون هاري، ٿوري وقت کان پوءِ پُٽَ کي اُتاري چيائين تہ: پٽ! اڄ کارکن جو مينهن وَٺو آهي، تون مٿي وڃي اهي ميڙي آءُ، تہ هينان آءٌ تي ميڙيان! هو چٽ تان سپ کارکون ميڙي آيو، ۽ حيرانيءَ مان چوڻ لڳو تہ: کارکن جو مينهن اڄ ڏٺوسين!

سوداگرزادو صبح ٽيڻ تي جڏهن شهر گهمڻ لاءِ نڪتو، تڏهن ڏٺائين تہ سپاهين جو وڏو ٽولو آهي، جي هر هڪ گهر جو جهاڙو پيو ونڊي، ۽ ماڻهن ۾ مارا ڪُٽي ڪٽي وڌي اٽس. هي بہ رڙهي وڃي وٽن ٻيٺو، ۽ احوال وٺڻ لڳو. هڪڙي سپاهيءَ هن کي شاهي خزاني جي چوريءَ جي حقيقت ٻڌائي. تنهن تي چريٽ سوداگرزادي هن کي چيو تہ: يار! اهڙي هڪ ڳوٺري تہ کالهہ مونکي هڪڙي ڪتي کان هٽ آئي، جا مون وڃي پنهنجيءَ ماءُ کي ڏني، جنهن مان هن سيڏو سامان بہ ورتو آهي! اهو ٻڌي سپاهين جو سمورو ڏنبلو سندس پٺيان لڳو. هو سپاهين کي ونڊي سڏو پنهنجي گهر تي اچي ٻيٺو، جن اچڻ سان مائيءَ کي چيو تہ: کالهوکي ڳوٺري ڪٽي بادشاهہ سلامت وٽ هل! مائي اول تہ وائڙي ٿي ويئي، پر پوءِ چيائين تہ: ابا! اوهين الاجي ڇا ٿا چئو؟ وري ٻڌايو تہ آءٌ چڱي طرح سمجهان! سپاهين دڙڪي سان وري کيس ساڳي ڳالهہ چئي. مائي اهو ٻڌي، مشڪي چوڻ لڳي تہ: ابا! اوهين بہ ڪي ڳهلا آهيو، جو هن چريٽ جي چئي تہ لڳا آهيو... هيءُ منهنجو پٽ چريو آهي. چگو اوهين پچوس تہ اها ڳوٺري تو ڪڏهن آندي هئي؟ تنهن تي سپاهين هن کان پڇيو تہ: تو اها ڳوٺري ڪڏهن آندي هئي؟ تنهن تي نهہ پهہ جواب ڏنائين تہ: جڏهن کارکن جو مينهن وٺو هو. بس، پوءِ تہ سپ سپاهي

سندس منهن تڪڙ لڳا. آخر پاڻ ۾ چيائون تہ: برابر هيءُ اڏ چريو آهي .... ڪڏهن ڪارڪن جو بہ مينهن ونو! ائين چئي هو هليا ويا ۽ مائي پت کي گهر وٺي آئي. پوءِ ڪجهہ وقت تہ ٻنهي ماءُ پٽن مزي سان گذاريو.

هڪڙي ڏينهن چريٽ، ماءُ کان پڇيو تہ: امان! عشق ڪيئن ڪمائبو آهي؟ ماءُ چيس تہ: ابا! بادشاهہ جي ڪوهہ تي ڪيترين ئي سهٽيون چوڪريون پاڻي پرڻ لاءِ اڇي گڏ ٽيندين آهن. انهن مان کا سُرائتي ڏسي، پهريائين ان کي اک ڀڃجي، پوءِ ڪو پتر ڪٽي هٽجيس تہ پاڻهي ڳالهائيندي، ۽ محبت ڪندي. شام ٿي تہ چريٽ وڃي کوهہ تي وينو. قضا سان سڀ چوڪريون اڳئي پاڻي پري هليون ويون هيون، پر بادشاهہ جي خاص ٻانهي، باغ جي سير ڪرڻ لاءِ ان وقت اتان اڇي لنگهي. هن ڇا ڪيو جو پڪل سرَ جو اڏڻ ڪٽي ٽڪاءُ ڪرايائينس ڪُڪ ۾... سروٽو لڳڻ سان ٻانهيءَ جو ساهہ نہ تو ڏنو، نہ مون. چريٽ سمجهيو تہ پيار کان منهنجي لاءِ سمهي پيئي آهي. سو مٿان ويهي ڳالهڙيون ڪرڻ لڳس. ماٽس خيال ڪيو تہ چوڪرو الاجي ڪيڏانهن ويو، سو اڇي ان کوهہ وٽان لانگهائو ٿي. ماٽس اهو حال ڏسي، ڪيس چيو تہ: هن کي غش اڇي ويو آهي، تون وڃي باغ مان ڪو گل پٽي اڇ تہ سُونگهائي جاڳايونس. چريٽ جي وڃڻ کان پوءِ ماٽس اهو مڙهہ گم ڪري ڇڏيو، ۽ جهٽ پٽ هڪڙو دُنبو ڪُهي، ان جي مٿان ڪپڙو وجهي ڇڏيائين. چريٽ جي اچڻ تي ان کي ٻڌايائين تہ چوڪري مري وئي آهي، هاٿي وارو ڪر تہ ڪٽي کوهہ ۾ اڇلايونس - نہ تہ بادشاهہ جي سپاهين ڏسي ورتو تہ پوءِ پاڻ کي ڦاهي چاڙهي ڇڏيندا. چريٽ جهٽ پٽ دنبي کي کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو؛ پوءِ ٻئي ماءُ پٽ موتي گهر آيا. ڪجهہ ڏينهن تہ خير سلامتيءَ سان گذريا، پر آخر هڪڙي ڏينهن شهر ۾ ان ٻانهيءَ جي ڳولا لاءِ ونڊ پڪڙ شروع ٿي ويئي. سپاهي هرهڪ ماڻهوءَ کان پڇا ڪندا، گهر گهر جو جهاڙو وٺندا، اچي چريٽ سوداگرزادي جي گهر

پهتا. اتفاق سان ان مهل چريٽ اڪيلو گهر ۾ ويٺو هو. تنهن سپاهين کي ٻڌايو تہ: برابر هڪڙي ڇوڪريءَ کي مون سروٽو هٽي ماريو هو. اُن جو لاش امان ڪٽي کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. سپاهين ورائي ڪٽي سوگهو ڪيس. ايتري ۾ ماٽس بہ اچي نڪتي، جنهن سموري ڳالهہ ٻڌي سپاهين کي چيو تہ: ابا! هي ويچارو آهي چريٽ، سو اوهين هن جي ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪريو، ۽ وجي ڪٽي ٻئي هنڌ ڳولا ڪريو. پر سپاهي ڪٽي ٿا اعتبار ڪن! تن هٽي موڙڻا چريٽ کي ڪيو اڳيان ۽ چيائونس تہ هلي اُهو کوهہ ڏيکار.

ان کوهہ ۾ ويچاري چريٽ کي لاٽائون تہ لاش ڪيي ڏي. جڏهن کوهہ ۾ گهڙيو، تڏهن سندس هٿ وجي دنبي جي سگن کي لڳا. تنهن تي دانهن ڪري سپاهين کي چيائين تہ: يارو! مائيءَ کي سگ ٻہ هئا چا؟ هنن سمجهيو تہ شايد سندس ڳٽيل چوٽين کي هٿ لڳو اٿس، سو اُنهن جا اهجاڻ ٿو ڏئي. تڏهن چيائونس تہ: هائو! سگ ٻہ اٿس. پوءِ وري دنبي جي اُنّ کي هٿ لڳس. وري رڙ ڪري هنن کان پڇيائين تہ: ٻيلي! هن کي اُنّ بہ آهي چا؟ هنن جاتو تہ شايد هن سندس ڪنهن ڪپڙي کي ڇُهيو آهي. تنهنڪري چيائونس تہ: هائو! اُنّ بہ اٿس؛ پر جلدي لاش کي ٻاهر ڪڍ ۽ اسان جو اجايو وقت نہ وجاءِ. اهو ٻڌي هن دنبي کي ڇڪي ڪٽي ٻاهر ڪيو. سپاهين جڏهن دنبو ڏٺو، تڏهن چريٽ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هليا ويا.

ماٽس خيال ڪيو تہ هي ماريو ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن پاڻ کي بہ وجهندو ڪاٽ ۾، ۽ مونکي بہ وجهندو جنجال ۾؛ تنهنڪري ڇڏو ائين آهي تہ لڏي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هلي رهجي. پوءِ چريٽ پُٽ کي ساڻ ڪري، سامان سڙو ڪٽي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وجي نڪتي. جتي حياتيءَ جا باقي ڏينهن مزي سان گذاريائين.

•••

۳۶ـ گُچمُچ راجا ۽ چِچمِچ وزير *

هڪڙي وزير جي پُٽ کي شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪڙي دفعي شڪار ڪندي، ڪنهن ٻيءَ ولايت جي حد ۾ لنگهي ويو. هڪڙو پنڌ اڻ ڏٺل، ٻيو ٿڪ، مٿان وري اُڃ به اچي ڏاڍي لڳيس، سو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته من کو اجهو نظر اچي ته ڪا گهڙي آرام ڪريان. پري کان هڪڙو باغ نظر آيس. سَٽ پائي وڃي اتي رسيو. ڏٺائين ته هڪڙو عاليشان باغ آهي، جنهن جي وچ ۾ کوهه آهي، کوهه تي نارُ پيو وَهي، ۽ ان مان باغ کي پاڻي پيو اچي. هيءُ به سڏو اچي کوهه تي پهتو، ۽ وهندڙ ڪسيءَ مان پاڻ به پاڻي پيٽ لڳو ۽ گهوڙي کي به پاڻي پيارڻ لڳو. اوچتو باغ جي مالهيءَ جي نظر وڃي گهوڙي سوار تي پيئي، تنهن کوڏر کڻي ونِي ڏانهنس لُوهَ ڪئي. ايندي شرط وزيرزادي کي هڪل ڪري چيائين ته: اي گهوڙي وارا! انڌو ته ڪونه ٿيو آهين؟ توکي خبر ڪانهي ته هي راجا جو باغ آهي، ۽ تون وري هن ڪسيءَ مان گهوڙي کي پاڻي پيو پيارين! هاڻي گهوڙي جو هيءُ اوبارو پاڻي باغ ۾ وڃي پيو ته باغ جا سڀ گُل ڪومائجي چٽي پوندا. وزيرزادي جواب ڏنس ته: ميان آرائين! ڪڏهن گهوڙن جي اوباري پاڻيءَ سان باغ جا گل چٽيا؟ اهو پڌڻ سان مالهيءَ کي جا آئي ڪاوڙ، تنهن پَر ڪري جو ڪنڌ واري ڪوڏر هنيس، ته وزيرزادي جي سِسِي وڃي پري پيئي. پوءِ اُها سِسِي ڪڍ ڪٽي پُوري، باقي ڏڙ باهر ڪِچري جي ڊير تي ڪٽي اڇلايائين، ۽ گهوڙو ڪاهي وڃي پنهنجي گهر پڌي ڇڏيائين.

ٻه - چار ڏينهن گذري ويا، پر وزيرزادو گهر نه موٽيو. وزير کي

* هيءَ ڳالهه اُتر (تعلقي اُباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

ڏاڍو انتظار ٿي ڪيو. اُهي ڏينهن هن سخت ڳڻتيءَ ۾ گذاريا. نيٺ پنهنجي راجا کان موڪل وٺي، پُٽ کي ڳولڻ لاءِ روانو ٿيو. هن پاڻ سان ٻه - چار پيري ڪنيا، جي آهوڙ ڏيندا اچي انهيءَ ساڳيءَ ولايت ۾ نڪتا، جتي سندس پُٽ ماريو هو. جڏهن هو انهيءَ باغ جي ٻاهران پهتا، تڏهن ڊير ٿي هڪڙو لاش نظر آيو. وزير سڃاتو ته اهو سندس پُٽ جو لاش هو. باغ جي مالهيءَ کي سڏي پڇا ڪيائين ته: منهنجي پُٽ کي ڪنهن ڪُنو آهي! مالهي ٻڌايس ته: تنهنجو پيوقوف پٽ، پنهنجي گهوڙي کي باغ جي اڏ تان اچي پاڻي پياريو هو، گهوڙي جي جُوٽي پاڻي ملڻ ڪري، راجا جي باغ جا گل چٽي پون ها، تنهنڪري ڏڪ هٽي ماري چڏيومانس... توڪي جيڪڏهن فرياد ڪرڻو هجي ته راجا جي دربار ۾ وڃي ڪر- پاٽيندي اهو تنهنجو نياءُ ڪندو. وزير سڏو وڃي اتي جي راجا جي دربار ۾ فرياد ڪيو. راجا چيس ته: چگو، سپاٽي اچجئين ته تنهنجو فيصلو ڪندا سين.

وزير شهر مان پڇيو ته: راجا جو نالو ڇا آهي؟ ماڻهن ٻڌايس ته "گُچمُچ". وري پڇيائين ته: پلا، هن جي وزير جو ڪهڙو نالو آهي؟ ٻڌايائونس ته: "چچمچ". وزير ٻئي نالا ٻڌي عبرت ۾ پئجي ويو، دل ۾ چيائين ته 'هي ور ي ڪهڙا نالا آهن.' قصو ڪوتاهه - ٻئي ڏينهن وزير دربار ۾ ويو. جتي گُچمُچ راجا ۽ چچمچ وزير ٻئي ويٺل هئا. راجا، فريادي وزير کي چيو ته: فرياد ٻڌاءِ! جنهن تي هن سڃي حقيقت بيان ڪري ٻڌائي. راجا حقيقت ٻڌي، چيوته: هي تمام ڏکيو فيصلو آهي، پر بيهه ته وزير کان صلاح پڇان. گچمچ راجا پنهنجي چچمچ وزير کان صلاح پڇي، جنهن چيو ته: سائين! ڳالهه ته تمام سَوَلي آهي... هيءُ ماڻهو پنهنجي زال هن مالهيءَ کي ڏيئي وڃي. مالهي ان سان شادي ڪري... پوءِ جڏهن انهن کي پُٽ جمي، تڏهن مالهي ان کي نپائي وڏو ڪري. جڏهن اهو ڇوڪرو هن ماڻهوءُ جي مئل پُٽ جيڏو ٿئي، تڏهن هيءُ ماڻهو

پلي پنهنجي زال ۽ پٽ وٺي وڃي. دانهين وزير هيءُ فيصلو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. شهر مان پڇ تي معلوم ٿيس ته هن ولايت جو نالو ئي آهي "بيدادي نگري" ، ۽ هتي اهڙائي انصاف ٿيندا آهن. مائڙي ڪري وزير پنهنجي پٽ جو لاش ڪٽائي ملڪ موٽي آيو. پٽ جي ڪفن دفن ڪان پوءِ هو پنهنجي راجا وٽ ويو، ۽ ڪيس سموري حقيقت ٻڌائي، موڪل گهريائين ته: مونکي ڇڏيو ته پنهنجي پٽ جو ويرِ وٺي اچان. راجا ڪيس اجازت ڏني. هن به ٻيون سيءُ ڳالهيون ڇڏي، بيدادي نگريءَ ڏي ڪٽي رخ رکيو.

ٿورن ئي ڏينهن ڪان پوءِ وزير اچي بيدادي نگريءَ ۾ پهتو. شهر ۾ گهمي ڦري هڪڙو گدام خريد ڪري، اُن ۾ اَنّ جا ڪجهه ٻورا ڪٽي لهرايائين. ان بعد هن شهر ۾ پڙهو گهمايو ته: مان اَنّ جو واپاري آهيان، هن شهر جي اڳهه ڪان اَڻوٽا ٿويا اَنّ جا هڪ رپئي ۾ ڏيندس - جنهن کي اَنّ وٺڻو هجي، سو پنهنجا پئسا اڳواٽ جمع ڪرائي وڃي. شهر جي ماڻهن جو اهو پڙهو ٻڌو، سو پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته هيءَ ته ڏاڍي موج ٿي. سو ٽپڙ ٽاڙي گهه ڳڻا وڪٽي، هڙ موڙي ڪٽي، وٽس پئسا جمع ڪرائڻ لڳا. جڏهن سڄي شهر جا پئسا ۽ زيور هن وٽ اچي پهتا، تڏهن پڙهو گهمايائين ته: اڄ اَنّ هلندو، تنهنڪري سيڪو ماڻهو اچي پنهنجو اَنّ وٺي وڃي. ماڻهن جا انبوهه اچي گڏ ٿيا. وزير اَنّ جو هڪڙو ٻورو ڪولي ڪٽي آڏو رکيو. ماڻهو حيران ٿي ويا ته آخر هيترن سارن ماڻهن کي هيءُ هڪ ٻورو ڪيئن پورو پوندو؟ آخر هڪڙو واپاري پنهنجا ٻورا ڪٽي - اَنّ پرائڻ وينو. جڏهن ڏڙوائيءَ ٿويو اَنّ ۾ وڌو، تڏهن وزير اچي ٻانهن کان جهليس، ۽ چيائينس ته: مون کا سڏن ٿوين پري ڏيڻ ڇي ٻول ڪئي هئي ڇا؟ واپاري حيران ٿي ويا. پڇيائون: تڏهن ڪيئن؟ وزير چين ته: ٿويا پربا اونڌا - جي قبول پَونو ته واهه، جي نه ته هليا وجو ۽ وڃي راجا وٽ فرياد ڪريو. سڄي خلقت حيران ٿي ويئي. پوءِ ته پڳا راجا وٽ -

چي: سائين! ھڙو انڌير؟ گُچمچ راجا چچمچ وزير کان پڇيو تہ: ڪھڙي ماجرا آھي؟ وزير عرض ڪيو تہ: سائين! ھُڪڙو واپاري آھي، جنھن ٻول ڪئي آھي تہ جيترا ٽويا اُنّ ھڪ ريئي جو شھر ۾ پيا واپاري ٽا ڏين، تنھن کان آءٌ انوٽا ٽويا ڏيندس - پر سَنوَن ٽوين پريْ ڏيڻ جي ٻول نہ آھي ... ٽويا پري ڏيندس اونڌا. راجا ھيءَ ڳالھہ ٻڌي منجھي پيو، سو پنھنجي وزير کان پڇيائين تہ: وزير! ھن ڳالھہ جو نيٺ ڪھڙو اُپاءُ آھي؟ وزير چيو تہ: سائين! فيصلو ھن ريت آھي تہ نہ ھنن جا سنوان، نہ ھن جا اونڌا -ماڳھين ٽويا پاسيرا پريا وڃن. گچمچ راجا اھو فيصلو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ھڪدم چچمچ وزير کي حڪم ڏنائين تہ: اھو اعلان ڪيو وڃي. وزير سڃيءَ رعيت ۾ انھيءَ گھڙيءَ اھو اعلان ڪري ڇڏيو.

ھوڏانھن وزير، جنھن جو پٽ ناحق ڪُسجي ويو ھو، تنھن جو اعلان ٻڌو، سو پيرن ھيٺان زمين نڪري ويس. ھن جي ليکي تہ راجا کيس گھرائي پڇندو تہ: ميان! ھي اونڌن ٽوين جو ڪٽان جو وھنوار ٿيو. تہ پاڻ ٻہ راجا کي چوندو تہ: سائين! تڏھن ھيءُ ورڻ ڪٽان جو وھنوار ٿيو تہ پٽ ٻہ ڪسجي منھنجو ۽ زال ٻہ پنھنجي آڻي مالھيءَ کي ڏيان تہ ويھن سالن کان پوءِ پٽ ڇٽي تاتي نپائي وڏو ڪري ڏئيم. پر ھتي ھن گچمچ راجا ۽ چچمچ وزير جي ولايت ۾ تہ ھرڪا ڳالھہ اُبتي! سو ويچارو چپ ڪري پاسيرو ٿي بيھي رھيو. پوءِ چچمچ وزير پاڻ پنھنجي ھٿن سان ويھي ھن جي ھڪڙي ٻوري اُنّ جي مان واپارين ۽ ماٹھن کي پاسيرا ٽويا پري ڏيڻ لڳو. پلا پاسيرن ٽوين تي ٻہ چار داڻا اُنّ جا مس چڙھن، سو سڃي شھر ۾ ماڳھين ھُن جو اھو ھڪ ٻورو اُنّ جو مَس ڪتو.... ۽ پوءِ پٽ جي خون تان ھٿ کڻي، بيداد نگريءَ جي ماٹھن جي سڀ دولت ميڙي، خرزينون پرائي، اڻي ھليو. ڪن ڏينھن کان پوءِ خير سان موٽي اچي پنھنجي ملڪ رسيو، ۽ شڪرانا ڪيائين جو جان بچائي موٽيو ھو، نہ تہ پٽ جي پويان مرڳو سندس ٻہ سر ويو ھو.

●●●

۳۷ـ دولت جو نشو *

ڪنهن بادشاهه جو هڪڙو خاص حجام هوندو هو، جيڪو هونئن ته سنئون سُٻتو ماڻهن جهڙو ماڻهو هو، پر حجامت ڪندي ڪندي، ڳالهين مٽان ڳالهين ۾ جو اچي پوندو هو، ته بس ئي ڪين ڪندو هو.. بادشاهه کي به ايندو هو مزو، سو وينو هن جون اوپاريون لهواريون ڳالهيون ٻڌندو هو. حجام جي هڪڙي ڏاڍي عجيب عادت هوندي هئي، جنهن کان بادشاهه کي ڪاوڙ به ڏاڍي ايندي هئي، پر هن کي عادت ڪان مجبور ۽ چريو سمجهي، ڪٽي مان ڪندو هو. حجام جي عادت هئي ته بادشاهه جي سنوارت ناهيندي ناهيندي، ڪٽان جون ڳالهيون ڪٽان پيو آٽيندو هو، ۽ ائين ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪونه ڪو موقعو ڪڍي بادشاهه کي چوندو هو ته: سائين! منهنجو پٽ به اچي جوان ٿيو آهي، هزارن ۾ هڪڙو آهي... اوهان جي جئي ٻچي وڏي شهزادي به اچي سامائي آهي، جي مهر جي نظر ڪري شهزادي ۽ جو سڳ ڪٽي منهنجي پٽ کي ڏيو ته جيڪر منهنجو پٽ به اڏجي پوي، ۽ شهزادي به وڃي شينهن ڪلهي چڙهي! حجام جي هيءَ ڳالهه ٻڌي، بادشاهه کي ڪاوڙ هڪڙي پاسي ايندي هئي ته ڪل ٻئي پاسي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن هو چرچي ٻوگ جي خيال ۾ هوندو هو، تڏهن ڪلي حجام کي چوندو هو ته: چگو، پر هاڻي ڪجهه مهلت ڏي ته آءٌ راڻيءَ ۽ شهزادي ۽ سان صلاح ڪري ونان.

ڪجهه ڏينهن ته اهو قصو ائين هلندو رهيو. آخر هڪڙي ڏينهن

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي هالا) مان علي اصغر کان ملي.

بادشاهه پنهنجي وزير سان صلاح ڪئي ۽ پڇيائينس ته: وزير، عقل جا ويرا! هيءَ مام ته پروڙي ڏي ته هن حجام مونکي گهٽي وقت کان ايڏو تنگ ڪيو آهي، سو آخر ڪهڙي ڳالهه جي زور تي مون حاڪم کان سگهّ جي گهر ٿو ڪري. وزير، بادشاهه کان ويچار ڪرڻ جي موڪل ورتي.

ٻئي ڏينهن وزير، بادشاهه کي ٻڌايو ته جيئندا قبلا! هيءُ مَئو ته دولت جو ئي ٿي سگهي ٿو، جو حجام بادشاهه کان سگهّ گهري. مگر سوال آهي ته ڪيئن خبر پوي ته هن وٽ ڪيتري دولت آهي، ۽ ڪٿي آهي! آخر وزير، بادشاهه سان صلاح ڪري، حجام جي گهر کي ڏاڙو هٽايو. ڏاڙيل حجام جي گهر کي ٻهاري ڏيئي ويا. وزير ۽ بادشاهه سمجهيو ته هي حجام جو ٻڇڙو هاڻي ايتري جُرت ڪري نه سگهندو. پر ائين نه ٿيو. ٻئي ڏينهن حجام سنوارت ڪرڻ وقت جڏهن تريءَ تي پاڪي کي تکو ڪرڻ لڳو، تڏهن وري بادشاهه کان ساڳيءَ طرح سگهّ جي گهر ڪرڻ لڳو. ان وقت ته بادشاهه وري به ڪلي هن کان مهلت گهري جند ڇڏائي.

ٻيءَ رات وزير ڇا ڪيو جو جنهن فرش مٿان ويهي حجام سنوارت ڪندو هو، اهو رات وچ ۾ ڪوٽايائين. ڇا ڏسي ته مارا! فرش هيٺان خزاني جون ديگيون پوريون پيون آهن. وزير سمجهي ويو ته محلات ۾ اهو پوريل خزانو بادشاهه جي وڏن جو رکيل هو. هاڻي جڏهن حجام سنوارت ناهڻ لاءِ اچي انهيءَ هنڌ ويهندو هو، تڏهن قدرت سان مغز چرخ ٿي ويندو هئس ۽ بادشاهه کان سندس ڏيءُ جو سگهّ گهرندو هو. وري جڏهن انهيءَ هنڌان اُٽندو هو، تڏهن ماٽهن جهڙو ماٽهو. ٻوءِ ته هن اتان سڀ سون رُپو ڪيائي، وري رات وچ ۾ ئي فرش ٻڌائي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن دستور موجب حجام سنوارت ناهڻ آيو، تڏهن بادشاهه سان ڪچيوئي ڪين. آخر بادشاهه چيس ته: تو منهنجي وڏهر ڏيءَ جو سگّ گهريو هو، پلا هاڻي تياري ڪر! حجام کي اچي ٽڙڪٽي لڳي، چپ خشڪ ٿي ويس، ڏڪندي ڏڪندي چيائين ته: بادشاهه سلامت! هي ڇا پيا چئو؟ آءٌ اوهان جي ٻانهيءَ جو ٻار حجام، ڪٿي مان ڪٿي اوهين بادشاهه! مون ائين سائينجن کي ڪيئن چيو هوندو! ائين اڏوگابرو ٻه چار لفظ ڳالهائي، حجام ويچارو بيهوش ٿي ڪري پيو. بادشاهه متس گلاب ۽ عطر ڇٽڪاري کيس هوش ۾ آندو.

ان ڏينهن کان پوءِ وري ڪڏهن به حجام، بادشاهه سان پنهنجي پٽ جي اڏجڻ ۽ شهزاديءَ جي شينهن ڪلهي چڙهڻ جي ڳالهه ڪانه ڪئي. هڪڙي ڏينهن بادشاهه وزير کان پڇيو ته: وزير! اها آخر ڪهڙي ڳالهه هئي؟ وزير عرض ڪيو ته جيئندا قبلا! هيءُ سڀ دولت جو نشو آهي.

•••

the name of the king or any other person who figures preminently in the tale.

A broad division of Sindhi folk-tales into 'classical' and 'popular' may be made for convenience sake. Some of the significant features of the 'classical type', e.g., the nature of the plot, fulfilment of 'conditions' set for the hero and the typical supernatural characters, were briefly described in the 'Preface' to the First Volume published in December, 1960.

This volume includes thirty seven tales mostly of the 'classical type'. The super-natural characters, such as demons, fairies, genii, witches and sorcerers play their part, as also the human characters such as kings, princes, ministers and merchants.

From the point of central idea, these tales may be classified as follows:-

- Adventures and Individual Valour Nos. 1, 2, 12, 14, 27, 30 & 31.
- Romance Nos. 23 & 24.
- A real fairy tale No. 6.
- Fortune and Misfortune Nos. 9 & 29.
- Husband's Wisdom Nos. 10, 17, 19, 20, 22, 28 & 33.
- Wife's Wisdom Nos. 8, 18, 25 & 32.
- Haste makes waste Nos. 3 & 4.
- Punishment for not keeping promise No. 5.
- Folly Nos. 35 & 36.
- True Friendship Nos. 15, 16 & 31.
- Alms giving No. 13.
- Admonition Nos. 7, 11, 26 & 34.

Thirty nine (39) Sindhi folk-tales have been brought to light through the publication of the first volume of this series. With the publication of this second volume, a total number of seventy six (76) tales would have been laid under contribution.

University of Sindh,
Hyderabad.
February 19, 1963

N. A. BALOCH
Director

PREFACE

This is the Twenty-second book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved this 5-year research project (1957-1961) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. It has now ben extended for a further period of three years, 1961-1963.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse and tales is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material in verse and prose is 'folklore' in the sense that it is popular and preserved with the village folk; yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognized as such after it is published.

The initial work on this project was started in January 1957 and the first two years were devoted mainly to the collection of material both from the oral traditions of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of field-workers, one stationed in each taluka. The compilation and publication work commenced from 1959.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore and literature: (*a*) Fables and Fairy tales; (*b*) Pseudo-historical romances; (*c*) Tales of historical nature; (*d*) Folk-poetry; (*e*) Folk-songs; (*f*) Marriage-songs; (*g*) Poems pertaining to wars and other events; (*h*) Riddles; (*i*) Proverbs; (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk customs and superstitions. It is expected that forty basic works will be compiled under the above categories. By now, 12 works have been published, 11 are under print and the rest are under compilation.

Of the seven books planned under the Project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the second book pertaining to what may be called 'the tales of kings, ministers and merchants'. The village folk call all kinds of tales and legends *Kahanyoon* (tales) or *Galhiyoon* (stories), more often qualifying them as *Badshahan jun Kahaniyoon* or *Galhiyoon, the tales or stories of kings*, because most of the tales open with the mention of a king. This may be considered as the general name for Sindhi folk-tales though individual